

شاهڪار لکڻين جي چونڊ
ماهوار
ڪرشما
ڊائجسٽ
”عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن“
امير جليل جي پنهنجي چونڊ ڪهاڻي
باغي فلسفي ”والٽيئر“ جي زندگيءَ جو احوال
”پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟“ هندستان ۾
رهندڙ سنڌي اديب ”گوبند خوشحالاڻيءَ“ جو ناول

ماهوار

# ڪرزما

جلد پهرون، شمارو چوٿون آڪٽوبر 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني

سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي

ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر چنو

ڪمپيوٽر لي آئوٽ : فيصل ميمڻ

صدرالدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز ڪراچي.

فون: 021-2214834 موبائيل: 0300-2800427

قيمت في پرچو : 30 رپيا

ساليانو في : 360 رپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

**سول ڊسٽريبيوٽرس:** (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي کان وٺي نواب شاهه تائين)

موبائيل: 0333-2745033

(2) اختيار علي سولنگي (موري کان وٺي جيڪب آباد تائين)

موبائيل: 0333-7594472

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عرفان علي نوراني**

بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،

ڪلفٽن ڪراچي

موبائيل: 0333-2745033

موبائيل: 0300-9223834

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

ڇپائيندڙ پبلشر مير محمد نوراني القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

16
کرزما پوسٽ
کرزما

22
ڊاڪٽر نورناز جهتيال
باغي

60
امر جليـ
عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن

69
ريٽا شهاڻي
آخر ائين ڇو؟

74
فياض چند ڪليري
آئسبرگ

21
منظور علي عباسي
جون آف آرڪ

85
حسن منصور
بک جو پٽ

109
عزيز قاسماڻي
ڪاري

92
نرتن نوشاد
هڪ عاشق جو بدلو

113
سومرو سرمد
شور

117
رياض بلوچ
رات جو رولو

122
موهن ڪلپنا
تپسيا

128
الطاف شيخ
دهليءَ جو درشن

| صفحو | ليکڪ | عنوان |
|---|---|---|
| 221 | رتن سنگھ<br>سنڌيڪار: نُوربوزدار | هزارن سالن جي ڏگهي رات |
| 162 | محمود تيمور<br>سنڌيڪار: گلزار وليائي | شيخ رائٽر |
| 168 | جيفري آرچر<br>سنڌيڪار: نصرالله عباسي | هابيل ۽ قابيل |
| 233 | محبوب سمون | اصحاب الڪهف |
| 224 | او هينري<br>سنڌيڪاره: بلقيس بانو | فضول خرچ سونارو |
| 200 | ڊاڪٽر منظور ميمڻ | شيطاني جنت |
| 148 | هالب ورليڪنس<br>سنڌيڪار: زاهد راهوجو | ليلي |
| 188 | ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ | سنجو ڪتا |
| 248 | ڊاڪٽر خالد نوراني | مرڻ ڪان پوءِ جا عجب اسرار |
| 274 | گوبند خوشحالاڻي | پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟ |
| 272 | ☆☆☆ | ٺهڪ ٽائم |
| 262 | مترفق | شاعري |

# درخواست

سنڌي ڪتاب تمام ٿورا ڇپجن ٿا.سنڌي رسالا ته بنهه گهٽ آهن.جيڪي ڇپجن ٿا، اهي به اهڙو مواد نه ٿا ڏين.جنهن سان پڙهندڙن ۾ هر مهيني رسالو وٺڻ جو چاهه پيدا ٿئي. جيترو گهٽا ماڻهو رسالن کي پڙهندا، اوترا وڌيڪ رسالا ڇپبا ۽ اوترا وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جا لکندڙ پيدا ٿيندا ۽ اسان جو ادب ترقي ڪندو.

هر سنڌي ماڻهوءَ کي ان ڏس ۾ سوچڻ گهرجي.

هر سنڌي ماڻهو پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري ته سنڌي ادب جو واڌارو ٿي سگهي ٿو. اسان پڙهندڙن کي اڳ به هڪ عرض ڪيو هو ته هو ان ڳالهه جو پڪو پهه ڪن ته هو هر مهيني هڪ اهڙي سنڌيءَ کي ڪرزما وٺرائيندا. جنهن پهرين هي ڊائجيسٽ نه ورتو هجي.انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ٿوري عرصي ۾ هن ڊائجيسٽ جي وڪري ۾ هزارن ۽ لکن جي واڌ اچي سگهي ٿي، جنهن ڪري مختلف ڪمپنيون به اشتهار ڏيئي سگهن ٿيون ۽ ٻيا ماڻهو به سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي فائديمند سمجهي، هن ڪيتر ۾ اچي سگهن ٿا.اميد ته اسان جي هن وينتيءَ تي ٿورو سوچيندا ۽ ان کي هينئن سان هنڊائيندا.

**پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي**

**ع**

**ڊاڪٽر خالد نوراني بنگلو نمبر D,121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834**

**عرفان علي نوراني 0333-2745033**

# پنهنجي پاران

اسان هن صفحي ۾ ڪجهه دل جون ڳالهيون ڪندا آهيون جيڪي سنڌ جي مفاد ۾ هونديون آهن. اسان ئي پنهنجي پياري سنڌ جي باري ۾ نه سوچينداسين ته پوءِ ڪير سوچيندو؟ ۽ هي وقت واقعي سوچڻ، لوچڻ ۽ عمل ڪرڻ جو آهي نه ته جهڙو حال هيئنر آهي، جيڪڏهن ان ڪان به پنتي وياسين ته پوءِ شايد حساس سنڌي پنهنجو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرمندگي محسوس ڪن.

جيڪڏهن اسان ڏسون ته سنڌ ۾ هرطرف مايوسي طاري آهي. ڪو به اميد جو ڪرڻو نظر نه ٿو اچي. هن حڪومت جي حال جي سيني ۽ کي خبر آهي جيڪا سنڌين جي گهٽ پر "هين" جي وڏيڪ آهي. هيءَ وئي ته ڪير ايندو ان جي به سيني ۽ کي خبر آهي. پيپلزپارٽي پهرين به سنڌ ۾ به دفعا حڪومت ماڻي چڪي آهي پر ڇا ٿيو؟ انهن وٽ ته ڪا سوچ ئي ڪانهي. انهن جي وقت ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي پوري عرصي ۾ معطل رکيو ويو ۽ وڏا وڏا عهدا پنهنجن ماڻهن کي ڏنا ويا. نه ڪارخانا هنيا ويا ۽ نه وري ڪا پلاننگ ڪئي وئي ته هن بدنصيب علائقي کي ڪا ترقي ڏيارجي. غريبن لاءِ صرف قربانيون ڏيڻ آهن. سنڌ پيپلزپارٽي ۽ کي بلينڪ چيڪ به ڏنو آهي پر پوءِ به سنڌ سان اهڙا هاڃا ڇو ڪيا ويا. انهن جي وقت ۾ ڪالاباغ ڊيم جي لاءِ پئسا مختص ڪيا ويا. ان جي پيٽ ۾ موجوده حڪومت آهي جنهن ۾ "سدابهار مسلم ليگ" ۽ هڪ نسلي پارٽي آهن. انهن جون پاليسيون هميشه سنڌ مخالف رهيون آهن. ڇا اهي سنڌ ۾ صنعتون لڳائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا؟ ڇا اهي سنڌين کي نوڪرين جي ڳالهه ڪن ٿا؟ ڇا اهي سنڌ جي زراعت کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ جي ڳالهه ڪن ٿا؟ .......نه...نه.... هرگز نه. اهي صرف پنهنجي اقتدار کي دوام لاءِ هر اهو ڪم ڪرڻ تي تيار آهن جيڪو ڀلي سنڌ جي مفاد وٽان نه هجي......

اڄ جو سنڌي منجهيو پيو آهي ته هو ڇا ڪري. ۾ ۾ ٽي ٽي ڊگريون وٺي به ڪيس ماستري نه ٿي ملي. ڳوٺن ۾ روزگار جا ڪي ذريعا نه آهن. شهرن مان اهي ڌڪيا ويا آهن. شهري علائقن جي ڪاڌ ۽ خوراڪ اهي مهيا ڪن ٿا پر ڪين شهرن ۾ ڇٽ سمجهيو وڃي ٿو. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو مايوس ٿي ويا ته پوءِ اهي يا ته تخريبڪار بنجندا آهن يا وري خودڪشيون ڪندا. سنڌ جون اخبارون کڻي ڏسو توهان کي اهي ئي ڳالهيون ملنديون. ان حالتن ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان جو حل اهو آهي ته سنڌي شعور ڌاريون ۽ غلط ۽ صحيح کي پروڙيون. جڏهن هر سنڌي اهو ڄاڻي وٺندو ته ڇا غلط آهي ۽ ڇا درست ته پوءِ ڪنهن به ماڻهوءَ يا سياسي پارٽيءَ کي اها همت نه ٿيندي ته اها سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هڻي سگهي يا ان کي نظرانداز ڪري سگهي. ڪم پاڻ کي ئي ڪرڻو آهي. مٿان ڪي ماڻهو ڪونه ايندا جيڪي اسان کي بچائيندا. جيترو جلد ٿي سگهي، اکيون پٽيون ۽ پنهنجي حقن جي جدوجهد ڪريون. هر سنڌي پنهنجي وجود جي بچاءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪري پوءِ چاهي اهو ۾ اکر لکي يا ماڻهن کي پڙهائي يا وري پنهنجي ڪم ۾ ايمانداري ڏيکاري تڏهن وڃي ڪا ڇوٽڪاري جي راهه ملندي.

# ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي ته پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نه ٿا وٺن. چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ هائوس نمبر B/12LD بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي به موڪلي سگهن ٿا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي ته پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پندرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو ته ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو به عرض آهي ته پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪليندا ته مهرباني ٿيندي. ڇو ته ان صورت ۾ ادارو ساڻن موادلاءِ ترت رابطو به ڪري سگهي ٿو. ڪرزما پڙهندڙن کي اهو به عرض ڪيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن انهن کي ڪرزما جي نئين مهيني جي ڪاپي نٿي ملي سگهي ته اهي پنهنجي علائقي جي ڊسٽيبيوٽرن کان فون ذريعي گهرويلي گهرائي سگهن ٿا. اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ جي خريداريءَ لاءِ ڊسٽيبيوٽرن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ ڊائجسٽ جي آخري صفحي تي رابطي واري فون/موبائيل نمبر لسٽ مهيا ڪئي ويئي آهي.

(ادارو)

---

ڪافي وقت کان وٺي ڪرزما پڙهي رهيو آهيان. سندس سفر پنهنجي ڪاميابيءَ ڏانهن روان دوان آهي. ان لاءِ دعاڳو آهيان. ترجمو ڪيل تحرير موڪليان پيو. اميد ته غلطيون ڪڍي ڪرزما ۾ مناسب جڳهه ڏيندا. ان کان علاوه جيڪر ٻارن لاءِ لوڪ ادب ڪهاڻيون، لطيفن ۽ ٽوڪن هيٺان موڪليندڙ جو نالو ڏيڻ لاءِ غور ڪندا ته بهتر آهي.

**(محمد حنيف نهڙيو ڳاڙهو)**

ادا! اوهان جي ڪهاڻي نثري ٽيم کي موڪلي ويئي آهي. معياري هوندي ته شايع ٿي ويندي. **(ادارو)**

مون کي منهنجي وڏي طفيل مگسيءَ ڪهاڻيون لکڻ جو شوق ڏياريو آهي. مان هي پنهنجي پهرين ڪهاڻي، "دل جي دنيا" اوهان وٽ موڪلي رهيو آهيان. شايع ڪندا.

**(خليق الزمان مگسي بلوچ ڪراچي)**

ادا! توهان جي ڪهاڻي جيڪڏهن معياري هوندي ته پاڻيهي ئي ڇپجي ويندي جيئن توهان جي ٻيءَ جون ڪهاڻيون ڇپجي رهيون آهن. **(ادارو)**

سيپٽمبر ڪرزما ڊائجسٽ ۾ پنهنجي پاران پڙهيم. واقعي ضمير فروشن کي حقيقت جو آئينو ڏيکاريو ويو آهي. ان کان پوءِ ڪرزما پوسٽ پڙهيم. جنهن ۾ ڀاءُ غلام حيدر دايو پنهنجي خط ۾ واقعي سچ لکيو آهي ته ڪرزما ملڻ اسان لاءِ هڪ اسپيشل آفر آهي جيڪو ادب ڪرزما ۾ لکيل هوندو آهي، ان کي رهين يا پئسن سان توري نٿو سگهجي. ڀاءُ قلندر دل کي ڏکوئيندڙ عجيب ۽ اوپري ڳالهه ڪئي آهي. جنهن جي اداري سٺي طريقي سان اصلاح ڪئي آهي. اختر حفيظ جي ڪهاڻي عبرت مگزين جي 15 تاريخ واري شماري ۾ ڇپجي چڪي آهي.

**(ماروي ٽلو مير پور ٽلو)**

منهنجو تعلق پاڪستان آرمي جي ميڊيڪل ڪور AMC سان آهي. آئون ميڊيڪل اسسٽنٽ آهيان. منهنجي ڊيوٽي ڪارگل ۾ آهي. هتي فون جو سسٽم ناهي. ان ڪري اوهان سان رابطو نہ ٿو ڪري سگهان. هتي ڪو بہ سنڌي ماڻهو ناهي. صرف رڃ ۽ رڃ آهي انڊيا جي فوج ۽ اسان جي فوج آمهون سامهون آهن. ان ڪري ٽڪائيندڙ ۽ بور ڪندڙ وقت مهل نواب شاهہ مان هر مهيني سر خريد ڪيل ڪرزما پڙهندو رهندو آهيان. هڪ ڪهاڻي موڪليان پيو شايع ڪندا. مون اڳي بہ اوهان کي خط لکيو هو پر اوهان ڪا بہ موٽ نہ ڏني هئي.
(امداد علي عاقلاڻي، عثمان شاهہ هڙي جهڏو)

ادا! ڪرزما کي دلچسپيءَ سان پڙهڻ جي مهرباني. ڪهاڻي معياري هوندي تہ پاڻيهي ڇپجي ويندي. (ادارو)

مون اوهان جو پهريون پيرو ڪرزما ڊائجسٽ پڙهيو آهي. تمام بهتر لڳو. ادي محبوب علي سمون جي ڪهاڻي "حضرت ذوالڪفل عليہ السلام" ۽ ادي فرزانہ ميمڻ جي ڪهاڻي تمام بهترين لڳيون. شاعريءَ ۾ "بي خود بلوچ"، زيبا لاشاري ۽ مجيب سنڌي دل کي سڪون ڏنو.
(عبدالرحيم لاشاري، ماڪند)

ڪافي مهينن کان خط لکي رهيو آهيان. جون، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر جا شمارا نظرن آڏو رکيا آهن. هر هنڌ سياسي گند ڦهلجي چڪو آهي. هاڻي ڪرزما بہ سياسي رسالو ٿيندو پيو وڃي. پنهنجي پاران ڪالم ڪان وٺي آخري صفحي تائين رڳو سياست سياست ۽ سياست آهي. ڪرزما پوسٽ ۾ بہ باراڻيون ڳالهيون لکيل هونديون آهن. منهنجون موڪليل ڪهاڻيون "رقاصہ راڻي" ۽ "جان قربان" مهرباني ڪري شايع نہ ڪندا.
(آزاد ايم طيب عباسي سانگي تعلقو پنو عاقل سکر)

ادا! خط لکڻ جي مهرباني. اوهان جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اهي ڳالهيون درست ناهن. اسان سينيءَ جو هي ڪرزما ڪو سياسي ڊائجسٽ ناهي ان ۾ مشهور اديبن جون لکيل بهترين ڪهاڻيون ڏنل هونديون آهن. جن کي سنڌ ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي رهي آهي. سائين توهان وضاحت ڪريو تہ توهان جو لکيل ناول "رقاصہ" شايع ڪجي يا نہ اسان ان ناول کي ڪمپوز ڪري چڪا آهيون (ادارو)

ڊائجسٽ هر مهيني خريد ڪندو آهيان ۽ چاهت سان پڙهندو آهيان. خوشي ٿيندي آهي تہ ڊائجسٽ سنڌيءَ ۾ ڇپي رهيو آهي. (راجا اسماعيل ڪٽي بدين)

ماهہ آگسٽ 2006ع جو ڪرزما مون ڪراچي کان سانگهڙ ايندڙ AC ڪوچ مان هڪ هاڪر کان خريد ڪيو. ڊائجسٽ تمام گهڻو پسند آيو. اميد تہ سنڌي قوم کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ توهان ڀرپور ڪوشش جاري رکندا. ڪهاڻين ۾ "پوئتي قدم" "سنڌ جي خوشبو سنڌوءَ جو پيار" بي حد پسند آيون. ان کان علاوه ڊاڪٽر خالد نوراني صاحب جي "مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار" بہ پسند آيو. ڊائجسٽ جي پاليسي مطمئن ڪندڙ آهي.
(منظور جلباڻي جهنڊو مري سانگهڙ)

اوهان جو ماهوار رسالو نظرن مان گذريو جنهن ۾ مختلف قسمن جون ڪهاڻيون نظم گيت ۽ غزل شامل آهن. غزل موڪليان پيو شامل ڪري اسان جي حوصلہ افزائي ڪندا.
(الطاف حسين اداسي ڪشمور)

توهان جي سينگاريل ماهوار ڪرزما ڊائجسٽ سيپٽمبر جو شمارو منهنجي هٿن ۾

آهي. منهنجي ترجمو ڪيل نوبل انعام ڪهاڻي شايع ڪرڻ تي آئون اوهان جو ٿورائتو آهيان. ساڻ هميشه جاري رهندو. **(زاهد علي راهوجو، سکر)**

ڪرزما ڊائجسٽ جو سيپٽمبر جو شمارو مليو. دل ڏاڍي خوش ٿي. هن ۾ امر جليل جي ڪهاڻي "منهنجو پٽ مهدي"، الطاف شيخ جو سفر نامو "دهليءَ جو درشن" کان علاوه ڊاڪٽر خالد نورانيءَ جو لکيل "مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار" ڏاڍا وڻيا. اوهان ڏانهن ڪافي عرصي کان مواد موڪلي رهيو آهيان پر شايع نه ٿو ڪيو وڃي. توهان چوندا آهيو ته ڪرزما پڙهندڙن جو آهي پر ڪم ان جي ابتڙ ڪيو ٿا ۽ غريب پڙهندڙن جو مواد شايع ڪونه ٿو ڪيو وڃي. **(مجبور گهرام علي سومرو بخشاپور ڪندڪوٽ)**

ادا توهان پنهنجي مواد کي ڪجهه وڌيڪ بهتر بڻايو ته ان کي ڪرزما ۾ ضرور شايع ڪيو ويندو. ڪرزما ۾ مواد پڙهندڙن جو ڇاپيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو ڪيترن دوستن کي ته ادارو سڃاڻي به نه ٿو ۽ سندن لکڻيون پوسٽ ذريعي ملن ٿيون پر پوءِ به انهن جي معياري هئڻ سبب ڊائجسٽ ۾ ڇاپيون وڃن ٿيون. **(ادارو)**

گذريل ٻن شمارن ۾ منهنجو ڪو به مواد شايع نه ٿيو آهي. براءِ مهرباني ضرور آگاهه ڪندا. مون کي انهن جي سليڪٽ ٿيڻ جو انتظار آهي. شاعري موڪليان پيو. **(صادق علي لاشاري سڄاول.)**

ادا! اسان کي افسوس آهي ته توهان جون موڪليل ٻئي ڪهاڻيون نثري ٽيم پاس نه ڪيون. توهان جي موڪليل شاعري شايع ڪئي پئي وڃي **(ادارو)**

ماهوار ڪرزما سيپٽمبر ڊائجسٽ سانوڻي مند جيان لڳو. هن رسالي جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. هي رسالو گذريل ٻن رسالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهترين آهي. هن شماري جا سيئي سلسلا من موهيندڙ هئا. ڪهاڻيون سيئي سٺيون هيون. خاص ڪري امر جليل جي "منهنجو پٽ مهدي"، قاسم عادل لغاري جي "وارڊ نمبر 4 "، ۽ ريتا شهاڻي جي "ويجهو ايندڙ پل" بهترين ڪهاڻيون هيون. شاعريءَ ۾ نجمه نور گل بهار باغائي، سرمند چانديو مايا ساگر اوڏ عبدالرحيم عبد ۽ ٻين دوستن سٺو نڀايو. **(عبدالعزيز لغاري باڪوڙو موري سانگهڙ)**

آئون اوهان ڏانهن هر مهيني شاعري موڪلڻ چاهيان ٿو. هي ٻهريون دفعو شاعري موڪلي رهيو آهيان، اميد ته شايع ڪندا.
**(غلام مرتضيٰ ڪيريو سڪرنڊ)**

ادا! پنهنجي واري جو انتظار ڪندا. **(ادارو)**

اوهان ڪرزما ڊائجسٽ تمام بهترين ڪڍي رهيا آهيو. ايتري محنت ڪرڻ تي آئون اوهان کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. ڪهاڻي موڪلي رهيو آهيان اميد ته شايع ڪندا. هڪ ڳالهه ٻي به ڪرڻي آهي ته اسان جي شهر ۾ ڪرزما دير سان پهچي ٿو ٿورو ان ڳالهه تي ڌيان ڏيندا. **(خان محمد احمداڻي تلهار)**

ادا! توهان جي ڪهاڻي نثري ٽيم ڏانهن اماڻي ويئي آهي، جيڪڏهن معياري هوندي ته ڀاڱيهي ڇپجي ويندي. **(ادارو)**

اوهان جو ڪرزما سيپٽمبر جو شمارو مليو ان جي ڪهاڻين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. حسن منصور جي ڪهاڻي "اسپيڊ بريڪر"، نرتن نوشاد جي ڪهاڻي "زندگيءَ ۽ موت

ادا! اسان هر لکڻيءَ کي سندس معيار مطابق ڇپيندا آهيون. ڪافي نون شاعرن جي شاعري ڇاپي وڃي ٿي. توهان جي شاعري کي اسان جو پينل پاس ڪندو ته ضرور شايع ڪئي ويندي. اها ڳالهه ته اوهان به نه چاهيندا ته ڪا غير معياري لکڻي ڇاپي وڃي (ادارو)

مون پهرين زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪا ڊائجسٽ خريد ڪا نه ڪئي هئي. اتفاق سان اخبار جي اسٽال تي ان تي نظر پيم ۽ مواد ڏسي خريد ڪري آيس. پڙهڻ کان پوءِ ان جو ديوانو بنجي ويو آهيان. مهرباني ڪري عظيم سياستدان ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگيءَ جا احوال پڙهائيندا. (عبدالغفار بروهي ڄامشورو)

ڪجهه مهينن کان پوءِ اوهان جي دلي خواهش ضرور پوري ڪئي ويندي ۽ ڀٽي صاحب جي سوانح حيات شايع ڪئي ويندي. (ادارو)

نئين شماري ۾ هر لکڻي پسند آئي. خاص ڪري ڊاڪٽر خالد نورانيءَ جو لکيل مضمون "مرڻ کان پوءِ جا اسرار" ڏاڍو وڻيو. الائجي اهي واقعا سچا آهن يا نه بهرحال اهو ڏاڍو سٺو هو. هن ڪتاب جي سونهن يعني شاعريءَ ۾ بيخود بلوچ، فراخ جانوري، سرواڻ، زيبا لاشاري، رحمت سومرو وڻيا. (پرهه سونهن مورو)

ڊاڪٽر خالد نورانيءَ جو لکيل مضمون "مرڻ کان پوءِ جا اسرار" هڪ نهايت معلوماتي مضمون آهي جيڪو هن جي لکيل ڪتاب "موت کان موٽيل ماڻهن جا مشاهدا" مان ورتل آهي. اصل ۾ هي مضمون ان ڪتاب جو هڪ باب آهي جيڪو روشنيءَ اداري طرفان ڇاپيو ويو آهي. ان ۾ ڏنل سڀئي واقعا سچا آهن ۽ اوله جي ڪيل تحقيق تان کنيل آهن. (ادارو)

غزل موڪليان پيو. توهان نه شاعري ٿا ڇاپيو ۽ نه وري ڪو تبصرو ٿا ڪريو ته اها شاعري سٺي آهي يا نه. مان اوهان جي چوڻ تي هر سنڌيءَ کي ڪرزما جي پڙهڻ جي ترغيب ڏيان پيو. منهنجي ڪوشش سان گهوٽڪي ۾ پنجاه ڪاپيون هٿوهٿ وڪجي وڃن ٿيون نه ته پهرين اتي صرف پنڌرنهن ڪاپيون ايندڀون هيون.
(خان عطاالله خان گبول ڳوٺ امام بخش گبول)

توهان جي مهرباني جو اوهان ڪرزما کي پسند ڪيو ٿا ۽ ان کي وڌائڻ لاءِ ڪوشان آهيو. توهان پنهنجي شاعريءَ کي ڪجهه وڌيڪ بهتر ڪندا ته ضرور شايع ڪندي ويندي. (ادارو)

<u>انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نه هجڻ جي ڪري شايع نه ڪري سگهيا آهيون:</u>

ذيشان شمس روهڙي، ڪلثوم ڪنول گل عباسي واسو ڪلهوڙو ساجن ايم راجه ٽنڊو محمد خان، رستم ڪورائي نوابشاه، سحر سنڌي نوشهروفيروز ڪنول راڻي حيدرآباد، نديم شيخ سکر، اياز علي جمالي دوڙ محمد بخش ڪوري هالا، همت علي ڀٽاڻي دولت پور، اصغر علي چانڊيو ڪشمور، مهر علي ڪلوڙ گهوٽڪي، شمع جماڻي ڪراچي پروفيسر ثابت علي شاه حيدرآباد، مظهر علي ميمڻ بدين، يوسف نوناڙي ٽنڊو رسول بخش سهتو پنج مورو ۽ ٻيا.

فرانس جي تاريخ جو اڻ وسرجندڙ تاريخي ڪردار

# جَون آف آرڪ

منظور علي عباسي

دنيا ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا گذريا آهن، جن جي بهادريءَ ۽ ڪارنامن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. اِهي اُهي ڪردار هوندا آهن جن جا نالا هميشه تاريخ جي سنهري اکرن ۾ لکيا ويندا آهن. انهن منجهان هڪ جَون آف آرڪ به آهي جيڪا اڄ کان پنج سو سال اڳ فرانس جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿي. پاڻ ننڍي هوندي ٻڪريون چارڻ جانورن جو کير ڏهڻ ۽ مال جي خريد ۽ وڪڻ جو ڪم ڪندي هئي. ان وقت فرانس ملڪ جون حالتون انتهائي بگڙجي چڪيون هيون ۽ قابض انگريز فوج فرانس جي ڪيترن ئي شهرن تي پنهنجو قبضو ڪري ورتو هو. اهو فرانس جي تاريخ جو ڪڙي ۾ ڪڙو وقت ليکيو وڃي ٿو. ان وقت حالت اها هئي ته فرانسيسي بادشاهي حڪومت هر محاذ تي شڪست کائي رهي هئي. ان وقت جَون جي عمر 17 سال کن هئي پاڻ عبادت ڪري هئي ته اوچتو هڪ فرشتو ظاهر ٿيو جنهن هن کي چيو ته وڃ وڃي بادشاه فرانس چارلس جي فوج ۾ جنرل جي عهدي تي انگريزن خلاف وڙهه پاڻ سخت حيران ٿي ۽ فرشتي کي عرض ڪيائين ته مان ته سترنهن سالن جي اڃا مس آهيان. اهو ڪيئن ڪر ممڪن آهي ۽ مون کي سپاهي گيريءَ جو هنر به نه ٿو اچي. تنهن تي فرشتي چيس ته تون ڊڄ نه، بس خدا تي ڪامل يقين ڪري وڃي وڙهه

ان واقعي جو هن ڳوٺ ۾ ماڻهن سان ذڪر ڪيو ته ماڻهو هن تي کلڻ لڳا. وڏا جتن ڪري نيٺ هن فرانس جي فوج جي اعليٰ ڪمانڊ سان رابطو ڪيو. جن هن جي شوق جذبي ۽ ولولي کي ڏسي ڪري هن کي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ لاءِ بادشاه فرانس وٽ موڪليو. بادشاه فرانس هن جي ڀرپور آجيان ڪئي ۽ هن بادشاه کي پنهنجو فرشتي وارو خواب ٻڌايو. نيٺ بادشاه هن کي جنرل جو عهدو عطا ڪيو ۽ هن کي ننڍي فوج ڏيئي انگريزن جي قبضي هيٺ شهر آئرلينس جي وري واپسيءَ لاءِ موڪليو. هن پنهنجا وار ڪترايا، لوهي ٽوپلو پاتو تلوار ڪٽي، گهوڙي تي چڙهي قابض انگريزن سان جنگ ڪرڻ لاءِ رواني ٿي. شهر جي چوڌاري، انگريزن وڏا وڏا مينار ٺاهي ورتا هئا ۽ اتان مخالف فوجن تي تيرن جا وسڪارا لائي ڇڏيندا هئا.

فرانسيسي فوج جي هڪ عورت جي ڪمانڊ هيٺ ڏسي انگريز فوج حيران ٿي وئي. تاريخ گواهه آهي ته اها جَون جي پهرين جنگ هئي پر ان ۾ پاڻ ايتري ته بهادري سان وڙهي جو صرف چند ڪلاڪن ۾ ئي شهر کي انگريزن جي قبضي مان نجات ڏياري. ان کان پوءِ جون ڪافي علائقن مٿان علائقا فتح ڪندي وئي. نيٺ انگريزن فوج جي ور چڙهي وئي. اهي هن جي جنگي ڪارنامن مان بيزار هئا. هن کي پڪڙي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هن کي جادوگرائي جو خطاب ڏيئي زنده ساڙڻ جو حڪم صادر ڪيو.

وڏي ميدان ۾ ڍڳ ڪاٺين جو ساڙي هن کي ان ۾ وڌو ويو. فرانس ملڪ ۾ اڄ به هن جي مرڻ واري ڏينهن تي موڪل ڪئي ويندي آهي. 1920ع ۾ ڪيٿولڪ چرچ اهو اعلان ڪيو هو ته اصل ۾ جَون آف آرڪ اصل ۾ هڪ سينٽ (هڪ بزرگ هستي) هئي ۽ اڄ هوءَ Saint Joan جي نالي سان ڄاتي وڃي ٿي.

هي داستان حيات فرانس جي ان مشهور فلسفيءَ جي آهي، جنهن حالتن کان بغاوت ڪئي ۽ سندس لکتن حالتن کي بدلائي ڇڏيو. چيو وڃي ٿو ته " انقلاب فرانس" هن جي ۽ فرانس جي ٺئي هڪ ٻئي جڳ مشهور فلسفيءَ روسو جي تحريرن جي ڪري آيو ۽ بادشاهي ڊهي وئي. پراڻن پڙهندڙن کي ياد هوندو ته مشهور سنڌي رسالي " سهڻي" جي خطن واري حصي مٿان لکيل هوندو ته " آئون توهان جي ان حق جي لاءِ هميشه وڙهندو رهندس ته توهان مون سان اختلاف ڪري سگهو." اهو جڳ مشهور جملو والٽيئر جو آهي. هن عظيم فلسفيءَ جي داستان حيات جو ٻيون ۽ آخري حصو پيش ڪجي ٿو.

# باغي

آخري حصو

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

## اهو فلسفي جنهن کي سندس وقت ۾ ٺئي باغي ڪوٺيو ويو

ان تحريڪ فطري مذهب ۾ والٽيئر جي دلچسپي وڌائي ڇڏي ۽ هن کي ڪيترائي دليل پڻ ڏنا. هن جو پنهنجو لاڙو آزاد خيالي ڏانهن هو.

پر هن وٽ پنهنجن انهن خيالن کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي دليل نه هئا. انگلستان ۾ رهڻ دوران ان تحريڪ جي پروپيگنڊه ۽ مختلف موحدين سان ملڻ کان پوءِ هن کي پنهنجي خيالن جي سچائيءَ تي يقين اچڻ لڳو ۽ هو به توحيدي بنجي ويو. خدا ۽ مذهب بابت جيڪو شڪ هن جي دل ۾ پيدا ٿيو هو، اهو وقت سان گڏ وڌي ويو هو.

هن کي هتي فلسفي لاڪ، روسو ۽ سائنسدان نيوٽن جون لکتيون ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ مليون. انهن لکتين هن جي خيالن کي وڌيڪ روشن ڪيو. روشن خيالي جي ٺپي وارين انهن لکتين ۽ لاديني تحريڪن هن جي دل ۾ اهو خيال وڌو ته خدا جي وجود کي فقط ان لاءِ قبولڻو پوي ٿو جو هن جي موجود نه هئڻ ڪري ڪيترين خراب ۽ اجايون ڳالهيون جنم وٺنديون. هو زور ڏيئي چوڻ لڳو "خدا جو وجود ممڪن آهي پر ان جو ڪو ثبوت ناهي." چڻ هو خدا جي وجود کي فقط فسلفياڻو ۽ ذهني خيال ڀائيندو هو. ايئن هو الحاد کان صرف ٻه ٽي قدم پري هو.

لنڊن ۾رهڻ وارو وقت چڻ هن جي تربيت جو وقفو ثابت ٿيو. هتي هي انگريزي اديبن جي خيالن کان ۽ مذهبي تحريڪن کان واقف ٿيو. هتان جي سماج جي آزادي، عقل ۽ انسان دوستي جو احساس ڪيو. وڏي ڳالهه ته هن انگريزي زبان سکي ورتي.

لنڊن ۾ رهندي هن کي ٽي سال ٿي ويا. هتي هن کي فڪر جي ايتري جلا ملي



جيڪا ڪيس وڏي ڪان وڏي ڪتاب گهر مان به نه ملي ها. هو هتي آيو هو ته فقط شاعر هو، پر هاڻ دانشور به ٿي ويو هو.

هو هتي سکڻ جي عمل مان لنگهندو رهيو. پر اها ڪيس شڪايت به هئي ته هتي هن جو قدر نه ٿي ڪيو ويو. هن پنهنجي ميزبان جو ٿورو مڃيو ۽ پيرس هليو آيو.

هن ڪي ٿي سال اڳ باسٽيل جيل مان ان شرط تي آزاد ڪيو ويو هو ته هو پيرس کان پري رهندو پر هو خلاف ورزي ڪندي پيرس ۾ هليو آيو هو. پيرس ايندي هو لڪي ويو.

نيٺ هن هڪ ننڍڙي لکڻيءَ ذريعي پنهنجي اچڻ جو اعلان ڪيو. هن پنهنجي چالاڪي کان ڪم وٺندي قرون وسطيٰ جي فضول جهيڙن ۽ بحث جو ذڪر ڪيو هو پر هن جا حقيقي نشانو پادري ۽ ٻيا ماڻهو هئا جيڪي هڪٻئي سان وڙهي رهيا هئا.

جلاوطني جا ٽي سال گهارڻ کانپوءِ هن وطن جي ڌرتي تي قدم رکيو ته فردن جي آزادي، سياسي حق ۽ منصفاڻي معيشيت بابت هن جا خيال گهڻو واضح ٿي چڪا هئا. پر هن جي وطن ۾ ڪجهه به نه بدليو هو. اتي اجان حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون هيون.

هن جي روپوشيءَ دوران پادرين جو هڪ اهم اجلاس ٿيو هو . ان اجلاس ۾ هنن ويهه هزار کان وڌ شهرين کي ڪنهن مقدمي کانسواءِ گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ملڪي قانون انهن سان گڏ هو. انهن پادرين کي وسيع پيماني تي گرفتارين جو اختيار هو. والٽيئر بهادري جو مظاهرو ڪندي انهيءَ نازڪ مرحلي تي پنهنجي روپوشي ختم ڪري ٻاهر آيو.

ٻاهر ايندي ئي هن "بروٽس" نالي هڪ سياسي ڊرامو لکيو. پوءِ ٻيو ساڳئي نموني جو ڊرامو "زائري" لکيو. ان ڊرامي کي پنهنجي انگريز واپاري دوست "فالڪنز" جي نالي ارپيو. اهو به بهادري وارو قدم هو. ڇهريون پيرو ايئن ٿيو هو جو ڪنهن فرانسيسيءَ پنهنجي تخليق ڪنهن انگريز کي ارپي هجي. والٽيئر ان ذريعي ٻڌائڻ چاهيو پئي ته هو فرانسيسي هوندي به انگريزن کي ڪيڏي وڏي اهميت ڏئي ٿو. ايئن پئي لڳو ڄڻ هو پنهنجي لکڻين جي ذريعي پنهنجي ديس واسين کي انگلستان بابت واقف ڪرڻ گهريو ٿي. هن "زائري" جو پلاٽ "شيڪسپيئر" جي مشهور ڊرامي "اوٿيلو" مان کنيو هو.

هو لنڊن مان انگريزي زبان سکي آيو هو. هو هاڻ ان جو فائدو وٺي رهيو هو. هن شيڪسپيئر جي ڊرامي "جوليس سيزر" جو فرانسيسي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ پهريون دفعو فرانس کي شيڪسپيئر بابت ڄاڻ ڏني.

هو عجيب اخلاقي بهادري جو مظاهرو ڪري رهيو هو. پيرس جهڙي پابندين ۾ جڪڙيل شهر ۾ رهي ڪري هو انگريزي فلسفي، سائنس، سماجي حالتن ۽ سياست جا ڳڻ ڳائي رهيو هو. هن مهل مذهب بابت هو بيحد محتاط هو، ماٺ هو. ممڪن هو اجان والٽيئر ڪجهه ڏينهن ائين گهاري ها، پر هڪ واقعي هن جي باغي خيالن کي ٻيهر جاڳايو. مشهور

اداڪار "ليڪووردر" جي مرڻ جي خبر هن ٻڌي. هن جلدي ڪارو ماتمي وڳو پاتو ۽ هن جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ان جي جاءِ تي پهتو.

ان اداڪاره جي مشهوري ڏسندي هن کي پڪ هئي تہ ان جي ماتمي جلوس ۾ هزارين ماڻهو هوندا. شهر بند هوندو ۽ سرڪاري سطح تي پڻ هن جو سوڳ ملهايو ويندو.

ان مشهور اداڪاره جا هزارين مداح هئا جن ڪيس روايتي عزت ۽ احترام سان دفن ڪرڻ چاهيو پئي پر والٽيئر کي هن جي جاءِ تي پهچي خبر پئي تہ پادرين ان اداڪاره جي آخري رسمن کي ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ماڻهن کي روڪي ڇڏيو هو تہ ان اداڪاره جي جنازي کي ڪنهن قبرستان ۾ دفن نہ ڪيو وڃي. آخر اداڪاره جي جنازي کي "سين دريا" جي ڪناري هڪ ويران جاءِ ڏانهن نيو ويو. والٽيئر هن جي ماتمي جلوس پنيان هلي رهيو هو ۽ ڪاوڙ مان هن جو رت ٽهڪي رهيو هو. هن کي لنڊن رهڻ مهل سائنسدان نيوٽن جي موت جو منظر ياد اچي ويو. سڄي برطانيہ ۾ ان جو سوڳ ملهايو ويو هو ۽ ڪيس مڪمل عزت ۽ احترام سان اعزاز ڏئي دفن ڪيو ويو هو.

هو پنهنجي خيالن مان ٻاهر نڪتو. اداڪاره "ليڪووردر" کي ڪجهہ سو ماڻهو "سين دريا" جي ڪناري جلدي جلدي دفن ڪري رهيا هئا. پادرين جي ڏپ کان ڪنهن بہ ان اداڪاره جي ساراهہ ۾ ڪو اکر نہ ٿي اڪليو. والٽيئر جي خيال ۾ اها ڳالهہ نہ صرف هڪ عظيم فنڪاره پر فن جي بہ بي حرمتي هئي.

هو موٽيو تہ ٿڪل ۽ وڪريل هو. ٻئي ڏينهن هن جو احتجاج نظم جي صورت ۾ ماڻهن آڏو هو.

" ڇا؟ خدا جا نمائندا، هر ان شيءِ جي سدائين توهين ڪندا رهندا،
جيڪا خوبصورت ۽ نفيس هوندي
ڇا؟ قانون ۽ اخلاق ۾
سدائين
ٽڪراءُ رهندو
فرانس جا ماڻهو ڪيستائين؟
آخر ڪيستائين؟ وهم پرستي ۾ وڪوڙيل هوندا.
ايڊرين ليڪووردر
تون جي پيرس بدران لنڊن ۾ هجين ها تہ
تنهنجو آخري سفر ڪيڏو نہ شاندار هجي ها
تنهنجي موت جو سوڳ ملهائجي ها
توکي مٽي ماءُ حوالي ڪجي ها
نهايت عزت ۽ احترام سان......
تنهنجو ڏوهہ صرف اهو آهي
تون هتي فرانس ۾ پيدا ٿي آهين
جيڪو انگلستان کان ٿوري پرتي آهي. "

ان نظم جو صرف ڇپجڻ هو. عيسائي ڪليسا ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو. اسٽيج تي سوين ماڻهن آڏو نچندڙ ٻبي حيا عورت" لاءِ اهڙن جذبن جي اظهار کي پادرين بي حيائي ۽ ڪفر ڇيو.

☆......☆......☆

والٽيئر کي پيهر باسٽيل جيل ياد

# سعيد بن عاص

سعيد بن عاص جي پاڙي ۾ محمد بن جهم رهندو هو. هڪ دفعو مجبوريءَ تحت هن پنهنجو گهر پنجاهه هزار درهمن ۾ وڪڻڻ چاهيو جڏهن خريدار آيو ته محمد بن جهم ان کان پڇيو ته. "هي گهر خريد ڪرڻ کان علاوه تون سعيد بن عاص جو پاڙيسري ٿيڻ جي عيوض ڪيتري رقم ادا ڪندين؟"

خريدار چيو "ڪٿي به پاڙو به وڪيو آهي ڇا؟

محمد جواب ڏنو "ڇو نه تو وڪامجي. وڪامجي ٿو ۽ نيڪ ناڪ قيمت تي وڪامجي ٿو. توکي خبر آهي سعيد بن عاص جو پاڙيسري ٿيڻ جو مطلب ڇا آهي. جڏهن گهرندين تون حاصل ڪندي چپ رهندي تڏهن به هو تو وٽ اچي تنهنجو ڪيسو پيري ڇڏيندو. برائيءَ سان پيش ايندي. تڏهن به هو احسان ڪندئي... اها خبر سعيد کي پئجي ويئي. هن يڪدم هڪ لک درهم محمد کي موڪليا ۽ چورائي ورتاسين ته "پنهنجو گهر نه وڪڻ. ان ۾ ئي رهه."

اچي ويو. هن پيرس کان پڇي نارمنڊي جي هڪ ڳوٺ ۾ پناهه وجي ورتي.

هو نارمنڊي ۾ هو. جو سندس هڪ ڪتاب "انگريزن بابت خط" ڇپيو. وقت جو تقاضو اهو هو ته اهو ڪتاب ان وقت نه ڇپجي ها . والٽيئر اهو ڪتاب لنڊن مان ڇپرائي ڪجهه دوستن کي ڪاپيون ڏنيون هيون . ڪا ڪاپي ڪنهن پبلشر کي ملي وئي هئي ، جيڪا هن ڇاپي ڇڏي.

ان ڪتاب ۾ سياست ۽ مذهب بابت لکيو ويو هو ۽ نهايت سهڻي نموني يهوديت تي چٿرون ڪندي عيسائيت کي نشانو بڻايو ويو هو ۽ فرانس جي سياسي نظام کي برطانيه سان ڀيٽيو ويو هو. هو پنهنجي ملڪ جي سماجي حالتن، مذهبي جهالت، جبر، تعصب، بي انصافي ۽ غلاميءَ جي خلاف عقل ۽ روشن خيالي جي جنگ وڙهي رهيو هو. هي ڪتاب ڄڻ بارود جو گولا هو جيڪي هو پادرين ڏانهن اڇلائي رهيو هو.

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد اهو هو ته پنهنجي ديس واسين کي انگريزن جي مذهبي رواداري، عقل دوستي ۽ انهن جي آزادي پسند سياسي سماجي نظام بابت ٻڌائي ته جيئن اهي پنهنجي اندر سڌارا آڻي سگهن.

هن برطانيه ۾ مذهبي رواداري جو ذڪر ڪيو هو ۽ لکيو ته اتي هڪ نه پر ٽي مذهبي فرقا آهن پر هو سڀ گڏجي رهن ٿا. اختلاف هوندي به، هڪٻئي جو احترام ڪن ٿا. فرانس ۾ هڪ فرقي جي بالادستي آهي ۽ ان ڪري هڪ "روحاني آمريت" قائم ٿي وئي آهي.

ان ڪتاب ۾ هن عيسائين کي نہ پر يهودين کي ملامت ڪئي هئي، ڇو تہ هو بين توحيدين جيان اهو سمجهندو هو تہ يهودين کي وهم پرست، وحشي ڪري پيش ڪرڻ سان اصل ۾ عيسائيت بہ نشانو بنجي ٿي. ڇڻ هو يهوديت جي اوٽ ۾ پنهنجي عيسائي مذهب تي حملو ڪري رهيو هو.

هن برطانوي سياسي نظام تي بہ لکيو جيڪو بيشڪ ان زماني واري فرانسيسي نظام کان وڌ ترقي يافتہ هو. هن ۾ اهڙيون خوبيون هيون جن جو هو قدردان هو. هن لکيو، " انگريز هارين جا پير ڪڙاون سان زخمي نہ ٿا ٿين ڇو تہ اهي آرام ديده جوتا پائين ٿا. سني ماني کائين ٿا. سندن ڇتيون پڪيون آهن. هنن کي اهو ڊپ نہ آهي تہ اينڊڙ سال ٽيڪس وڌايو ويندو. هو پنهنجي ڌرتي تي آزاد انسانن جيان رهن ٿا."

اهو ڪتاب عام ٿيندي ئي احتسابي ادارا حرڪت ۾ اچي ويا.ڇپيندڙ پبلشر کي گرفتار ڪيو ويو. ڪتاب جون ڪاپيون ضبط ٿي ويون. ڪتاب کي مذهب، اخلاق ۽ امن لاءِ خطرو چئي ساڙڻ جو حڪم ڏنو ويو.

10 جون 1734ع تي هي ڪتاب کلي عام رودن تي ساڙيو ويو.

والٽيئر نارمنڊي ۾ هو ۽ هن کي گرفتار ڪرڻ جو شاهي حڪم جاري ٿيو. هن ڄاتو ٿي تہ پوليس اهو حڪم ٻڌندي نارمنڊي جو رُخ ڪندي. هي ويس بدلائي پيرس هليو آيو. پوليس سوچي بہ نہ ٿي سگهي تہ والٽيئر ڪو پيرس ۾ هوندو. هتي هن کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي ها. هو آرام سان ڪٿي بہ روپوش ٿي سگهيو پئي. پر ڪٿي؟ هو پيرس ۾ گهڙيو ۽ پنهنجي نئين محبوبہ "مادام ايميلي" جي گهر آيو.

☆......☆......☆

ان عورت جو پورو نالو "گيبريل ايميلي دوشاحيليت" هو. هيءَ شادي شده پر مڙس جي محبت کان محروم عورت هئي. هوءَ پيرس جي سماجي زندگي جي سونهن سمجهي ويندي هئي. جسماني ۽ ذهني حسن جو نمونو هئي. اعليٰ تعليم يافتہ هئي. فرانسيسي زبان کانسواءِ لاطيني ٻولي بہ ڄاڻندي هئي. سائنسي علم سان ڏاڍي دلچسپي هئس. رياضي جي بہ چڱي طرح ڄاڻو هئي. هن نيوٽن جي مشهور ڪتاب "اصول رياضي" جو فرانسيسي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ ان جي شرح لکي هئي. والٽيئر کي خبر هئي ان عورت جي عشقن جا قصا پيرس ۾ مشهور آهن پر پوءِ بہ هو هن کان متاثر هو. هوءَ پاڻ بہ والٽيئر جي مداح هئي.

"والٽيئر! تون پيرس ۾ آهين؟ شاهي ڪتا توکي ڳولڻ لاءِ نارمنڊي ويا آهن." ايميلي هن کي ڏسي ڇيو.

"ان لاءِ تو وٽ آيو آهيان. تنهنجو مڙس تہ گهر ناهي. مان هڪ رات تو وٽ رهڻ ٿو چاهيان."

" تنهنجو رقيب ۽ منهنجو مڙس شڪار تي ويل آهي. هو هجي بہ ها تہ ڇا ٿئي ها. تون ڪيترين ئي راتيون مون وٽ رهي سگهين ٿو. ڇو تہ هاڻ منهنجي مڙس منهنجا عشق ذهني طرح قبولي ورتا

آهن."

" جي مان ڪيتريون ئي راتيون هتي رهڻ گهران ته؟" والٽيئر شرارت مان چيو.

" مون کان ته پڇ. مان توکي هڪ رات به رهائي نه ٿي سگهان."

" ڇا منهنجي فلسفي محبوبه تون به مون کان اڪيون ڦيري ورتيون آهن؟"

"مان نه ٿي چاهيان ته تو جهڙو منهنجو ذهين عاشق گرفتار ٿي شهر جي قلعي ۾ بند ٿئي. مان چاهيان ٿي تون منهنجي نيڻن ۾ رهي پئو. بيلجيئم جي سرحد ويجهو " سائري" جي علائقي ۾ منهنجي حويلي آهي. مان چاهيان ٿي تون اتي وڃي رهه."

"مان توکي انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهان. پر تو هتي ۽ مان اتي ؟"

"ها! اها حويلي گهڻي وقت کان بند پئي آهي. ان ۾ ڪجهه مرمت جو به ڪم هوندو. تون اتي پهچي ان جي مرمت ڪراءِ. مان ڪجهه ڏينهن ۾ تو وٽ اتي اچي ويندس."

هو سائري روانو ٿي ويو جت ڪيس دشمنن کان پناهه ملي سگهي ٿئي ۽ ايميلي جي قرب جو به آسرو هو.

☆......☆......☆

1734ع جي سال جو گهڻو وقت والٽيئر جو ان حويلي جي مرمت ۾ گذريو. ايميليءَ جي هدايت مطابق هن حويلي کي اهڙي طرح سينگاريو جيئن ان ۾ سائنسي تجربا به ٿي سگهن ته لکپڙهه جو ڪم ۽ مهمانن لاءِ عياشي جو سامان به هجي. شراب خاني کان وٺي هر شيءِ اتي موجود هئي.

ڪجهه مهينن کان پوءِ ايميلي آئي ته حويلي جي سجاوٽ ڏسي والٽيئر جي سليقي ۽ ذوق کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نه سگهي. ڪيس جنهن ماحول ۽ جنهن شيءِ جي ضرورت هئي، اها هر شيءِ حويلي ۾ موجود هئي.

ايميليءَ جي اتي پهچندي ڇڻ خواب حقيقت ۾ بدلجي ويا. والٽيئر جيان هوءَ به مجلسي عورت هئي. شام کي رنگين بڻائڻ جو هنر هن کي ايندو هو ۽ والٽيئر کان ڪجهه وڌيڪ ايندو هوس. حويلي ۾ دوستن جو ميلو لڳي ويو. هر شام دوست گڏ ٿيندا هئا. شراب ۽ ناچ جو دور هلندو هو. ٺهڪ وڪرندا هئا.

والٽيئر انهن محفلن لاءِ ڪيترائي قصا ۽ لطيفا لکي رکيا هئا. جڏهن هو انهن کي پڙهندو هو ته ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارا واٽڙا ٿي ويندا هئا. اها هئي زندگي جنهن کي هو پسند ڪندو هو ۽ اڪثر چوندو هو، " مون کي عياشي پسند آهي. مان هن وقت ڄڻ جنت جي اندر آهيان."

هو جيتوڻيڪ زميني جنت ۾ رهندو هو پر هن اتي به پنهنجو مشن (مقصد) نه وساريو هو. هي عياشيون ڪيس ان مشن کان پري وٺي وڃي نه سگهيون هيون. ايميلي به هن جهڙي هئي. عياشي هوندي به هن علم کي نه وساريو هو. هوءَ پاڻ به لکپڙهه ڪندي هئي ۽ والٽيئر جو حوصلو به وڌائيندي هئي. والٽيئر، ايميليءَ بابت ڪيترائي نظم لکيا. هن لاءِ اسٽيج ڊراما ڪيا ۽ ڪيترائي املهه علمي ڪم ڪيا.

"سائري" ۾ رهڻ دوران هن تاريخ کي گهڻو پڙهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو

جو هن "لوئي چوڏهين جي صدي " ۽ "رسمن تي مقالو" نالي بہ ڪتاب لکيا.

سائري جي خوابن جي دنيا، بادشاهن جي دسترخوان جيان هن آڏو سينگاريل هئي. آگسٽ 1736ع ۾ ڪيس پروشيا جي شهزادي فريڊرڪ جو خط مليو. نوجوان شهزادو فن، ادب ۽ والٽيئر جو مداح هو. هن جا خيال والٽيئر سان ملندا هئا. هو شاعر بہ هو. هو شهزادي جيان ڪيس اهو هٺ هو تہ " هو عظيم شاعر آهي، جي والٽيئر هن تي ڌيان ڏي تہ هو عظيم بنجي سگهي ٿو."

فريڊرڪ والٽيئر کي خط ۾ لکيو، "سائين! توهان سان منهنجي ذاتي ڄاڻ سڃاڻ تہ نہ آهي پر مان توهان جي ڪتابن جي حوالي سان توهان کي سڃاڻان ٿو. توهان جا ڪتاب ذهانت ۽ علم جو خزانو آهن."

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ فريڊرڪ جو ٻيو خط آيو، " اهو خيال دل ۾ نہ آڻجو تہ مان توهان وانگر خدا جي وجود ۾ شڪ رکان ٿو . مثال طور منهنجو ايمان آهي تہ خدا هڪ آهي ۽ دنيا ۾ والٽيئر بہ هڪ آهي."

فريڊرڪ ڪيس ان وقت دوست بڻائڻ پئي چاهيو جڏهن والٽيئر پنهنجي ملڪ ۾ ڏوهاري سمجهيو پئي ويو. پوءِ هو شهزادي جو ٺورائتو ڇو نہ ٿئي ها.

والٽيئر بہ سندس خط جو جواب محبت سان ڏنو- ٻنهي ۾ رابطو عروج تي هو. ايميلي کي ڪاوڙ اچي وئي. ٿي سگهي ٿو هن کي اهو خيال آيو هجي تہ والٽيئرڪيس ڇڏي نہ وڃي. هوءَ بالڪل گهريلو عورتن جيان منهن سڄائي ويهي رهي.

" تون تہ ايئن ٿي سڙين جهڙو اهي خط شهزادي نہ پر ڪنهن ڇوڪريءَ مون کي لکيا هجن."

"ڪا ڇوڪريءَ لکي ها تہ مون کي پرواهہ نہ هجي ها. ڏک تہ اهو آهي جو شهزادو توکي خط لکي رهيو آهي. اڄ هو شهزادو آهي. سڀاڻي بادشاهہ ٿي توکي پنهنجي دربار ۾ گهرائيندو. دربار جي زندگي توکي تباهہ ڪري ڇڏيندي. اسان ڪيڏا منصوبا ٺاهيا آهن. ڪيڏا ڪم اڌورا پيا آهن. تنهنجو ذهن علم ۽ ادب ۾ ڪيڏو انقلاب آڻي سگهي ٿو. تو کي خبر ئي ناهي."

"عورت ڪيڏي بہ ذهين هجي، اها عورت ئي رهندي آهي. توکي ان بابت ڏهري ٿيڻ جي ضرورت ناهي. مان تنهنجي دربار مان نڪري ڪنهن ٻئي دربار ۾ نہ ويندس."

"مان توکي وڃڻ بہ نہ ڏيندس."

هن ڪنهن طرح ايميلي کي مطمئن ڪيو ۽ اڌ ۾ ڇڏيل لکڻيون پوريون ڪرڻ ۾ رڌجي ويو. هو تاريخ پڙهي رهيو هو ۽ ان نتيجي تي پهتو هو مسلمان مؤرخ "ابن خلدون" تاريخ کي باقاعده علم جي صورت ۾ آڻي چڪو آهي پر يورپ ان کان سبق ناهي سکيو. هي ماڻهو اڄا ٽائين پهرين صدي جي يوناني مؤرخ "پلوٽارڪ" کي نمونو ٺاهي وينا آهن، جيڪو تاريخ کي صرف شخصيت نگاري بڻائي ٿو. والٽيئر مطابق تاريخ کي نہ قصيدو هئڻ گهرجي نہ خوشامد. پر مؤرخ کي تحقيق جي گهرائين

هئي. هن جو محبوب ڪيس ڇڏي هڪ بادشاهه سان ملڻ هليو ويو هو. هن والٽيئر جي مجبورين کي سمجهيو پئي. هو جلاوطني واري زندگي گهاري رهيو هو. جنهن پڪيءَ جو ڪو آڪيرو نه هجي اهو ڪٿي به واهيرو ڪري سگهي ٿو. ايميليءَ سوچيو ته "جيڪڏهن والٽيئر جو ڏوهه معاف ٿي وڃي ۽ ڪيس پيرس اچڻ جي اجازت ملي وڃي ته ٿي سگهي ٿو هو پروشيا جي بادشاهه فريڊرڪ اعظم کي ڇڏي هن وٽ هليو اچي. هن پنهنجي لاڳاپن جو فائدو ورتو ۽ والٽيئر کي پيرس اچڻ جي اجازت ڏياري."

والٽيئر مهيني ڪانپوءِ برلن کان "سائري" هليو آيو. فريڊرڪ تخت تي ويهندي رنگ متائڻ شروع ڪيو. پهرين هو فلسفين ۽ شاعرن جو مداح ۽ امن جو حامي هو. پر تخت تي ويهڻ کان پوءِ هن بدلجڻ شروع ڪيو. هن هڪ سال ڪانپوءِ آسٽريا تي حملو ڪري ظلم جو بازار گرم ڪيو ۽ آسٽريا تي قبضو ڪري ورتو. آسٽريا سان فرانس جي پراڻي دشمني هئي. جڏهن هن آسٽريا تي قبضو ڪيو ته فرانس ۾ ماڻهن خوشيون ملهايون. والٽيئر به انهن ۾ هڪ هو. فريڊرڪ جي ان حرڪت ڪري فرانس جي حڪومت اهو سمجهي ورتو ته فريڊرڪ طالع آزما حاڪم هو جنهن کان جنگين ۾ مدد وٺي سگهجي ٿي.

فرانس جو دربار اهو ڄاڻڻ لاءِ آتو هو ته ڇا انگلستان خلاف ويڙهه ۾ فريڊرڪ کان مدد ملي سگهي ٿي؟ انهن کي هڪ اهڙي ماڻهو جي ڳولا هئي جيڪو پروشيا جي دربار ۾ وڃي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪري. جڏهن ان بابت سوچيو ويو ته سندن نظر والٽيئر تي پئي، اها ڄاڻ هوندي به ته هو فرانسيسي دربار ۾ هڪ ناپسنديده شخصيت هو. پر دربار ۾ سڀني کي اها خبر هئي ته فريڊرڪ هن جو مداح هو، ان ڪري فرانسيسي دربار کي اهو ڪڙو ڍڪ پيٽو پيو. اهي ساڳيا فرانسيسي حاڪم هئا جيڪي والٽيئر کي آزاد ڏسڻ پسند نه ڪندا هئا. هن جي هر عمل کي ناپسند ڪيو ويندو هو. هن جا علمي ڪم ساڙيا ويا هئا. پر هاڻي ڪيس احترام سان دربار ۾ سڏيو ويو. والٽيئر به ان موقعي مان فائدو وٺڻ پئي چاهيو ۽ فريڊرڪ سان ملڻ لاءِ خفيه مشن تي روانو ٿي ويو.

فريڊرڪ اعظم فلسفي والٽيئر جو پرجوش آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪيس اهڙي محل ۾ رهايو جت پادرين کي به اچڻ جي اجازت نه هئي. ڪيس سندرين سان ملايو ويو جن لاءِ نوجوان بادشاهه عشقيه نظر لکيا هئا. راڳ رنگ جون محفلون مچايون ويون. سنجيده علمي بحثن ۾ مذهب ۽ ان جا نيڪيدار زير موضوع هوندا هئا.

ڪجهه ڏينهن جي مهمانوازي ڪانپوءِ آخرڪار والٽيئر پنهنجي مقصد تي اچي ويو. هن فريڊرڪ کان سوال ڪيو."ڇا فرانس، انگلستان خلاف هن جي فوجي مدد تي ڀروسو ڪري سگهي ٿو؟"

فريڊرڪ جواب ڏيڻ بدران جواب ۾ ڪجهه شعر پڙهيا.صاف ظاهر هو ته هن والٽيئر جي سوال جو جواب ڏيڻ نه ٿي چاهيو. والٽيئر اهڙي سنجيده سوال جي

جواب ۾ شعر ۾ پڙي پنهنجي وطن موٽي ويو.

☆......☆......☆

والٽيئر جي مهم ناڪام ٿيڻ تي پر اقتدار تي ويٺل حاڪم هن کي ذميدار ماڻهو سمجهڻ تي مجبور ٿي ويا. ڪجهه دوستن جو خيال هو ته والٽيئر هيسيتائين ڪافي ڏڪا ڪائي چڪو آهي. اهل علم هوندي به هو دربدر گهمي رهيو آهي. هن کي دربار ۾ ڪو اهم رتبو ملي ويو ته هو ڪيترا اهم ڪم ڪري سگهي ٿو.

انهن ڏينهن ۾ فرانسيسي دربار ۾ هڪ پادري "ايم ڊي آرگنس" کي عروج حاصل هو. هو شاگردي واري زماني ۾ والٽيئر جو دوست رهيو هو. هن جي خواهش هئي ته والٽيئر هن سان گڏ دربار ۾ اچي ڪم ڪري.

والٽيئر جي عمر هاڻ پنجاهه سال هئي. جواني جو جوش ۽ ولولو ختم ٿي رهيو هو. کيس اهو احساس کيس شدت سان ٿيڻ لڳو ته ڪيترائي ڪتاب، ڊراما ۽ نظمون لکندي به فرانس جي بااثر ادارن اڄ تائين کيس مڃيو ناهي. تاريخ جي علم تي سندس علمي ڪم ڏسي کيس شاهي مؤرخ مقرر ڪيو ويو. اهو بادشاهه ۽ اميرن طرفان هن تي وڏي اعتماد جو اظهار هو. ان عهدي جو مطلب هو ته شاهي دستاويز هن جي حوالي ان اعتماد سان ڪيو ويو ته فرانس جي تاريخ لکندي هي ڪا اهڙي ڳالهه نه لکندو جيڪا بادشاهه جي شان جي خلاف هوندي.

شاهي مؤرخ جي عهدي تي مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ بادشاهه (پندرهين لوئي) کيس پنهنجي ڪارنامن جي تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ چيو. ان ڪانسواءِ والٽيئر پنهنجي زماني جي جنگين، سترهين صدي جي فرانس ۽ روس جي پيٽر اعظم تي پڻ ڪتاب لکڻ لاءِ سوچيو. پيٽر اعظم تي لکڻ لاءِ هن سينٽ پيٽرس برگ ۾ فرانسيسي سفير کي لکيو ته هو پيٽراعظم جي ڌي ملڪ الزبيٿ سان رابطو ڪري پڇائي ته آيا هوءَ پنهنجي پيءُ جي زندگيءَ بابت مواد کيس ڏيندي. روسي چانسلر ان منصوبي کي رد ڪري ڇڏيو. هن جو مؤقف هو ته پيٽراعظم جي تاريخ سينٽ پيٽرس برگ جي اڪيڊميءَ کي لکڻ گهرجي جيڪا اصل ۾ پادرين جي قبضي ۾ هئي.

سترهين صدي جي يورپ ۾ تاريخ نگاريءَ تي مذهب جو قبضو هو. انهي رويي ڪري لکجندڙ تاريخ آخرڪار مذهبي چاڻ جي تاريخ ٿي ويندي هئي.

والٽيئر ان تجربي ڪانپوءِ تاريخ جي مذهبي تصور خلاف آواز بلند ڪيو ۽ ان کي ختم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. هن طئه ڪيو ته عظمتن جا جيڪي ڪوڙا دعويدار تخت نشين آهن، هي انهن کي ڪيرائيندو ۽ انهن جي جاءِ تي تاريخ جي تخت تي انهن ماڻهن کي ويهاريندو جيڪي سچ پچ به عزت ۽ احترام لائق آهن.

هو جيسيتائين انهي شاهي مورخ جي عهدي تي رهيو، هن پنهنجي نظريي تي عمل ڪيو. هن آڏو تاريخ بادشاهن جي زندگين ۽ ڪارنامن کان وڌ عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين سان گڏوگڏ اخلاق، ادب ۽ علمن جي وڌڻ ويجهڻ ۽

لکيڙهہ ۾ هئي. هن ڪنهن بہ پراڻي خيال جو احترام نہ ڪيو. هن تحقيق ۽ تنقيد ڪان ڪم ورتو. جيڪا ڳالهہ ويساھ جوڳي نہ هئي ان کي بيدرديءَ سان رد ڪري ڇڏيائين. هو ڪڏهن بہ ان زعم ۾ نہ آيو تہ وڏا وڏا عالم هن جي پٺڀرائي ڪن ٿا يا نہ. هن ڪجھ اهڙين ڳالهين کي بہ تاريخ ۾ آندو جيڪي منع ٿيل هيون، جيئن مذهب جو تقابلي مطالعو ۽ ٻين تهذيبن جو غير معتصبانہ تجزيو.

دربار ۾ رهڻ ڪري هن کي بهترين سهولتون ميسر هيون. معلومات جو خزانو هن وٽ هو. روزگار ڪان بي فڪر هو جنهن ڪري هن ڪيترا اعليٰ ڪتاب لکيا. هن نہ فقط تاريخ تي ڪتاب لکيا پر تاريخ نگاري جا اصول بيان ڪرڻ لاءِ پڻ ڪتاب لکيا. جنهن سان نہ فقط هن جي نظريي جي وضاحت ٿي پر يورپ ۾ تاريخ نگاريءَ جي لاءِ رستو کلي ويو.

هن جي اها خواهش بہ پوري ٿي وئي هئي تہ هو فرانس جي دربار جو اهم رڪن بڻجي. هاڻ هن فرانسيسي اڪيڊميءَ جو ميمبر ٿيڻ چاهيو پئي. اها هن جي بي وڏي خواهش هئي. هو ان جو اهل بہ هو پر اڪيڊميءَ تي مذهبي ماڻهو ڇانئيل هئا. والٽيئر پنهنجي لکڻين ۾ مذهب ۽ مذهبي هستين تي ڇٿرون ڪري چڪو هو. هو بي دين سمجهيو ويندو هو. اتي پهچڻ لاءِ "ايمان جو اقرار نامو" لکڻ لازمي هو. هن پنهنجي فطرت تي جبر ڪيو ۽ اهو بہ ڪيائين. هن اڪيڊميءَ جي سربراھ جي نالي خط لکيو جنهن ۾ هن معافي گهرندي لکيو تہ هن جيڪو اڄ تائين ڪيو

## بي شڪ جادو آهي

هڪ يحيلي بن معاذ رازيءَ کي چيو. "توهان کي دنيا تمام پسند آهي."

هن چيو "ٻڌائي. آخرت فرمانبرداريءَ سان حاصل ٿي سگهي ٿي يا معصيت ڪان؟"

هن جواب ڏنو "فرمانبرداريءَ سان."

رازي وري پڇيو. "هاڻي ٻڌاءِ. فرمانبرداري ۾ زندگي ممڪن يا موت؟"

هن جواب ڏنو. "زندگي."

زاري وري پڇيو. "نيڪ آ. هاڻي ٻڌاءِ. زندگي قوت ڪان ويتر طاقت ٿيندي آهي يا بغير طاقت جي."

هن جواب ڏنو: "قوت سان."

زاري پڇيو "نيڪ آ. هاڻ ٻڌاءِ. طاقت دنيا ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي يا آخرت ۾."

هن جواب ڏنو. "دنيا ۾."

زاري پڇيو. "پوءِ مون کي دنيا ڇو نہ پسند هجي."

پوءِ وري چوڻ لڳا. "دنيا ۾ مون کي طاقت ملي سگهي ٿي. اتي مون کي زندگي ملي سگهي ٿي جنهن سان فرمانبرداري حاصل ڪري سگهان ٿو... ۽ بغير انهن ڳالهين جي مون کي آخرت نہ ٿي ملي سگهي."

※......※......※

آهي ان تي لچي آهي. هاڻ هو مذهب جو احترام ڪري ٿو. عيسائي فرقي سان واڳيل آهي ۽ ان فرقي جي سيني رسمن جو دل و جان سان قائل آهي."

ان خط کي قبول ڪيو ويو. هن کي معافي ملي وئي ۽ ان سان گڏ اڪيڊمي جي ميمبر شپ بہ.

☆......☆......☆

هاڻ هو ظاهري طرح ڪامياب زندگي گذاري رهيو هو. هڪ پاسي هو دربار سان واڳيل هو تہ ٻئي پاسي فرانسيسي اڪيڊمي جو ميمبر پڻ هو. ڪيس محبوبہ ايميليءَ جو قرب بہ حاصل هو تہ شاهي خاندان جو بہ. ڪيس دنياوي اعزاز حاصل هئا. پنهنجن اصولن کي وڃائڻ ڪانپوءِ هن کي فتح حاصل ٿي هئي پر شڪست جو احساس هن تي حاوي هو. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائي ۾ هن کي پنهنجي ڪمزور هئڻ جو ڏاڍو احساس ٿيندو هو. هو سوچيندو هو." اهو سڀ ڪرڻو هو تہ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن خوار ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هو اقتدار تي ويٺلن سان وڙهندو رهيو هو ۽ آخرڪار هارائجي ويو هو. مذهب وارن سان وڙهندي بہ هن شڪست مڃي ورتي هئي. هن ڪجهہ سهولتن لاءِ پنهنجا اصول وڪڻي ڇڏيا هئا."

"سائري" حويلي ۾ هن کي سڀ ڪجهہ حاصل هو جيڪو ڇڏي هو هت هليو آيو هو. هن بهادرن جيان سفر ڪري بزدليءَ ڏانهن هليو آيو هو. ڇا هاڻ مان حق جي ڳالهہ ڪري سگهندس؟ ان احساس ڪيس ذهني ڇڪتاڻ ۾ آڻي ڇڏيو. ڪڏهن هو پنهنجي نظرن کان ڪري پوندو هو تہ ڪڏهن سوچيندو هو اها ڳالهہ مصلحت جو تقاضا هئي. انهن سوچن جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پاڻ کي فريب ڏيڻ لاءِ اقتدار ۽ اقتدار وارن کي گهٽ سمجهڻ لڳو. اهو چئي پاڻ کي تسلي ڏيڻ لڳو "مان هنن کان برتر آهيان. وقت جي ڳالهہ آهي. مون کي هنن آڏو جهڪڻو پيو آهي نہ تہ هي ان لائق ڪٿي؟" هونئن بہ هن اهو ناہ دل سان نہ ڪيو هو. اهو صرف مٿان جو ڏيکاءُ هو جيڪو هڪ ڏينهن پورو ٿيڻو هو.

اهي احساس اهڙا نہ هئا جو هو ظاهر ڪري ها پر هڪ ڏينهن هو ان جو اظهار ڪري ويٺو. فرانس جي بادشاهہ جي محل ۾ والٽيئر ۽ ايميلي فرانس جي ملڪ سان تاش راند ڪيڏي رهيا هئا. محفل عروج تي هئي. ملڪ جون ڪجهہ ٻانهيون ۽ ڪجهہ وزير تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. ايميلي لاڳيتو هارائي رهي هئي. والٽيئر هن جي حالت محسوس ڪري رهيو هو. هن ايميليءَ جو حوصلو وڌائڻ لاءِ سرباڻ ڪيو." دل ننڍڙي نہ ڪر. تون لوفرن سان ڪيڏي رهي آهين."

هن اهو جملو انگريزي ۾ چيو هو. بدقسمتي سان اهو ٻڌو ويو ۽ سمجهيو بہ ويو. ملڪ تاش جي پتا هيٺ رکي ڇڏيا. محفل ۾ مانار ڇانئجي وئي. والٽيئر سمجهي ويو تہ کيل بگڙي ويو آهي. هڪ دفعو ٻيهر باسٽيل جيل هن آڏو اچي ويو. هو ۽ ايميلي ٻئي اتان اٿي آيا پر صبح تائين انتظار ڪري نٿي سگهيا. هنن اونداهيءَ جو فائدو ورتو ۽ پيرس مان ڀڄي

سونهن وڌي وئي.

☆......☆......☆

"لورين" ۾ فرانس جي ملڪ جو پيءُ ۽ پولينڊ جو اڳوڻو بادشاهه "سيٽن سلاس ليڪزلنسڪي" پنهنجو ننڍڙو دربار سجايو ويٺو هو. هن پنهنجي آمدنيءَ جي حساب سان درٻاري به گڏ ڪيا هئا. "ميناؤ" نالي پادري کي ان درٻار ۾ وڏي اهميت حاصل هئي. جڏهن کان هڪ عورت "دي بوفلز" اتي آئي هئي ۽ اها بادشاهه جي منظور نظر ٿي وئي هئي، تڏهن کان ان پادري جو اقتدار تي اثر گهٽجي ويو هو. اها عورت ۽ پادري هڪ ٻئي جي تاڙ ۾ هئا ته ڪيئن به ڪري ٻئي کي اتان ڪڍائجي. دي بوفلز جهڙي چالاڪ ۽ خوبصورت عورت سان پادري مقابلو ڪري نٿي سگهيو.

چڪتاڻ وڌي وئي. هاڻي پادري کي اهو فڪر هو ته ڪٿي دي بوفلز کي ڪڍڻ جي چڪر ۾ هن کي درٻار مان نه نڪرڻو پوي.

مادام ايميلي جي مشهوري سڄي فرانس ۾ هئي. مردن جو دل کٽڻ هن جي ڏائي هٿ جي راند هئي. هن کي ان ڪم کان عار به نه ٿي سگهي ها. پادري سوچيو جيڪڏهن ايميلي درٻار ۾ اچي وڃي ته "دي بوفلز" کان جان ڇٽي ويندي. بادشاهه کي شيشي ۾ لاهڻ لاءِ ايميلي ڪو نه ڪو رستو ڪڍي وٺندي. هن هڪ دعوت نامو تيار ڪيو ۽ ايميليءَ ڏانهن "سائري" واري ايڊريس تي ڏياري موڪليو. ان دعوت ۾ ايميليءَ ۽ والٽيئر کي "لورين" جي درٻار ۾ اچڻ جي دعوت ڏنل هئي. ان کان سواءِ ايڏي ته لالچ ڏنل هئي جو والٽيئر ۽ ايميلي ٻئي ڄڻا ان تي سوچڻ تي مجبور ٿي ويا.

"ان ننڍڙي درٻار مان اسان کي ڇا ملندو؟"

" اهو به ته سوچ. اهو فرانس جي ملڪ جي پيءُ جو درٻار آهي. اتي پهچي اسان محفوظ ٿي وينداسين. فرانس جي ملڪ چاهيندي به اسان کان بدلو نه وٺي سگهندي. اسان جڏهن چاهينداسين اتان پڄي وينداسين."

ٻنهي سوچي سمجهي فيصلو ڪيو ۽ سائري کان لورين پهچي ويا. ايميلي ۽ والٽيئر پهتا ته انهن هن درٻار کي به اهڙو ئي تفريح جو نمونو پاتو جهڙو "سيڪوڪس" جي درٻار کي ڏٺو هو. والٽيئر انهن درٻارن ۾ رهڻ جو طريقو سمجهي ويو هو. هن ايندي لطيفا ۽ ٻهاڪا ٻڌائي دل وندرائڻ شروع ڪيو. ايميلي، ڊي بوفلز سان رلي ملي وئي. هن کي لڳو ڄڻ هن جي روح جو ڪجهه ڀاڱو مادام دي بوفلز جي جسم ۾ هليو ويو هجي. "جهڙا روح تهڙا ختما" وارو قصو ٿيو ۽ ٻنهي وچ ۾ ساڙ بدران گهاٽي دوستي ٿي وئي. پادريءَ جي چال بيڪار وئي. هاڻ هو پهرين کان وڌيڪ بي وس هو.

☆......☆......☆

ايميلي، دي بوفلز جي جاءِ ته نه والاري سگهي پر هن پنهنجي پاڻ لاءِ هڪ الڳ جڳهه ٺاهي ورتي. ان دوران هن جي ملاقات "سيان لاميريت" نالي هڪ فوجي نوجوان سان ٿي. اهو نوجوان فوج جي هڪ ريجمينٽ ۾ ڪيپٽن هو. هڪ ڏينهن هو درٻار ۾ آيو ته ايميليءَ کيس ڏٺو. هن

## ننڊ

چيو وڃي ٿو تہ ننڊ ڦاهيءَ وقت بہ اچي سگهي ٿي. هڪ ڏينهن مان هڪ مني بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس. بس جو ڊرائيور مڪمل ننڊ واري حالت ۾ گاڏي هلائي رهيو هو. هو صرف ان وقت جاڳندو هو جڏهن ڪنڊيڪٽر گاڏي جي دروازي تي ٺڪ هڻي گاڏي روڪڻ لاءِ هن کي آواز نہ ڏيندو هو يا وري ڪو اسپيڊ بريڪر ايندو هو تہ گاڏي مٿي اڇلجندي هئي تہ ڊرائيور جهٽڪي سان اٿي پوندو هو. مون ڪنڊيڪٽر کي ان ڳالهہ طرف توجهہ ڏياري هن مون کي اطمينان ڏياريندي چيو "توهان فڪر نہ ڪريو. اها هن جي عادت آهي. هر رات جو بستي تي جاڳندو آهي ۽ ڏينهن جو اسٽيرنگ تي سمهندو آهي.

مان جيئن تہ اهڙي خطرناڪ صورتحال کي ڏسڻ جو عادي نہ آهيان. ان ڪري مون گاڏي روڪرائي مسافرن جي سلامتيءَ لاءِ دعا ڪندي پنهنجي منزل کان پهرئين ئي لهي ويس. حيرت جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ڪنهن بہ مسافر ڊرائيور جي ننڊ تي ڪو بہ احتجاج نہ ڪيو. اها ئي تہ اسان جي قومي بي حسي آهي.

"مون کي معاف ڪر والٽيئر."

" مان ڪو تنگ نظر پادري تہ ناهيان."

والٽيئر خوش ٿي ويو. ايميلي جي دل مان هن جي محبت نہ نڪتي هئي. نوجوان سيان لاميريت بہ هن جي جاءِ والاري نہ سگهيو هو. آخرڪار هو ايميليءَ سان گڏ سائري ڏانهن موٽڻ لاءِ راضي ٿي ويو. هو دل ئی دل ۾ ايميليءَ جو ٿورائتو هو جيڪا هن جي ڪري درباري زندگي ۽ نئون دوست پنهنجي کي ڇڏي رهي هئي. هو هڪ دفعو ٻيهر خوش ٿي ويو.

سائري پهچندي ئي ايميلي هڪ عجيب حرڪت ڪئي. هن پنهنجي مڙس کی اتی بهانو ڪري گهرائي ورتو. والٽيئر حيران هو تہ هن ايئن ڇو ڪيو. پر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو. هو هن جو مڙس هو. ٻن ٽن هفتن کانپوءِ ايميليءَ جو مڙس موٽي ويو. هن جي ويندي ئي ايميليءَ اعلان ڪيو تہ هوءَ ماءُ ٿيڻ واري هئي. والٽيئر جی دل ڇڻ کو هٿن ۾ مهٽي رهيو هجي. هاڻ کيس ايميليءَ جي چال سمجهہ ۾ اچي رهي هئي. ٻار کي پيءُ جو نالو ڏيڻ لاءِ هن مڙس کي گهرايو هو ۽ اهو سبب پيدا ڪرڻ ۾ هوءَ ڪامياب ٿي وئي هئي.

والٽيئر کي هن جي چالاڪي تي ڪاوڙ ڏاڍي آئي پر هو هن جي ذهانت جو قائل بہ ٿي ويو. ان ڳالهہ جو بہ شڪر ڪيو تہ هو بدنامي کان بچي ويو هو. ايميلي پنهنجي مڙس کی نہ گهرائي ها تہ هن سان گڏ هو بہ بدنام ٿئي ها.

☆......☆......☆

ايميلي ٻار ڄمڻ جي انتظار ۾

هئي. انهيءَ دوران بادشاهه فريډرڪ اعظم طرفان والٽيئر کي گهرايو ويو. هن چاهيو ٿي والٽيئر هن جي درٻارسان واڳيل هجي. والٽيئر نہ ٿي چاهيو تہ ايميلي جيان هو بہ بي وفا ڪوٺيو وڃي ۽ ايميلي کي اهڙي حالت ۾ ڇڏي هو برلن هليو وڃي. هو بهانا ڪندو رهيو.ايسيتائين ٻار جي ڄمڻ جو وقت اچي ويو. حويلي جي هڪ ڪمري کي ميٽرنٽي هوم ٺاهيو ويو.

ايميلي ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو پر موت هن پنيان هئي. ٻار جي پيدائش جي ڇهين ڏينهن هوءَ بيمار ٿي پئي ۽ ترت مري وئي. اهو 10 سيپٽمبر 1749ع جو ڏينهن هو. والٽيئر ايميلي جي سيراندي وٺو هو. ڏک کان بي حال ٿي ڪري پيو.

"سيان لاميريت!" والٽيئر چيو،

نوجوان دوست تو ايميليءَ کي ماري وڌو. مان فقط پنهنجي محبوبہ کان ٿي نہ پر پنهنجو اڌ وجائي ويٺو آهيان. مان ان ذهن کان محروم ٿي ويو آهيان جنهن لاءِ منهنجو ذهن ٺهيو هو. گهڙي پل ۾ ويهہ سالن جي دوستي ختم ٿي وئي."

هو ڪجهہ ڏينهن سائري جي حويلي ۾ سوگ ڪندو رهيو. پوءِ هو پيرس هليو آيو. فريډرڪ جا خط ڪيس هٿ بہ ايندا رهيا. پوءِ فريډرڪ ڪيس هڪ خط ۾ عجيب جملو لکيو. هن لکيو، "هن کي والٽيئر جي اچڻ جي اميد مسيح جي اچڻ جي اميد کان بہ گهٽ آهي."

ايميلي جي موت هر بهانو ختم ڪري ڇڏيو. هاڻ هن چاهيو پئي تہ هو ايميليءَ جي يادن کان دور هليو وڃي. هن فريډرڪ جي خط جو جواب مثبت ڏنو ۽ برلن هليو آيو.

هو ايڏين منٿن ڪرڻ ڪانپوءِ ويو هو جو بادشاهہ بہ اڳتي وڌي سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. اڄ تائين ڪنهن درٻاري جو اهڙو آڌرڀاءُ پهرين نہ ٿيو هو. جيڪو والٽيئر جو ٿي رهيو هو. بادشاهہ هن کي هٿ کان وٺي تخت تائين ويو ۽ پنهنجي پاسي ۾ ڪيس جاءِ ڏني. گهڻي دير تائين ڪائنس سفر جو احوال وٺندو رهيو ۽ سندس محبوبہ ايميليءَ جي موت تي ڏک ڪندو رهيو. ڪيس رهڻ لاءِ شاندر محل ڏنو. ڪيس سائري ۾ گهاريل ڏينهن "غربت جا ڏينهن" لڳڻ لڳا. ڪيس ايميلي ڏاڍي ياد آئي جيڪا هنن عيش وارن ڏينهن ۾ ساڻس گڏ نہ هئي. هوءَ هجي ها تہ اهو ڏسي ها تہ يورپ جو سڀ کان طاقتور بادشاهہ والٽيئر جي مهمان نوازي ڪيئن ڪري رهيو هو.

ٻئي ڏينهن هو درٻار ۾ بادشاهہ سان ملڻ ويو تہ بادشاهہ اٿي ڪري ڪيس هٿ کان وٺي پنهنجي جاءِ ڏانهن وٺي ويو، جيئن هن پهرين ڏينهن ڪيو هو.

"مون توهان کي درٻاري ڪري هتي ناهي گهرايو. توهان درٻاري آدابن کان آجا آهيو. ٻيو جڏهن توهان چاهيو مون وٽ اچي سگهو ٿا."

"فريډرڪ اعظم جي ان عنايت کي مان ڪڏهن نہ وساريندس." والٽيئر چيو.

"مان پاڻ کي ڪڏهن معاف نہ ڪندس جو مون توهان کي دير سان سڏيو آهي."

"دير تہ مون ڪئي. توهان تہ وقت تي سڏيو هو."

"ٻهر حال هاڻ بہ ڪجهہ گهڻي دير

ناهي ٿي. اسان پنهنجو گهڻو وقت علمي ڪمن ۾ گذاريندا آهيون."

"مان فريڊرڪ اعظم لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"

"ڪيترا نظم اصلاح لاءِ پيا آهن. مان چاهيان ٿو توهان انهن جي اصلاح ڪيو."

منهنجي عزت افزائي جي ان کان وڌ ٻي ڪا ڳالهه ٿي نه ٿي سگهي."

سچ به اهو والٽيئر لاءِ اعزاز هو. پنهنجي وطن ۾ هن جو ڪو قدر نه ٿيو هو، هيڏانهن فريڊرڪ اعظم جهڙو عظيم بادشاهه هن کي پنهنجو استاد هئڻ جو اعزاز بخشي رهيو هو. هن ان اعزاز کي ٻنهي هٿن سان سنياريو ۽ بادشاهه جي نظمن کي سنوارڻ ۾ جنبي ويو.

☆......☆......☆

درٻار ۾ والٽيئر جي ايندي ئي بادشاهه تي شهزادگيءَ واري دور موٽي آيو. درٻار ۾ سندرين جي ڪا کوٽ نه هئي. هر سندريءَ تي هڪ نظم روز لکڻ بادشاه جو ميمول بنجي ويو. والٽيئر جو ڪم وڌي ويو. هو جلدئي بادشاهه جي خلوت ۽ جلوت جو ساٿي بنجي ويو.

شاعري هر وقت ته نه ٿي سگهي پر ڳالهيون ته هر وقت ٿي سگهن ٿيون. بادشاهه پاڻ به فلسفي هو جنهن ڪري سندن هاڻ گهڻو وقت علمي بحث ۾ گذرندو هو. بادشاهه ڪو نه ڪو سوال ڪندو هو ۽ والٽيئر جي بحث مان مزو ماڻيندو هو.

"خدا وجود رکندو آهي؟ جي خدا جو وجود آهي ته انسان سان هن جي لاڳاپن جي نوعيت ڇا آهي؟" هڪ ڏينهن بادشاهه سوال ڪيو.

"ان ڳالهه کي قبول ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته خدا وجود رکي ٿو پر ان ڳالهه کي قبولڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو به ته نه آهي." والٽيئر گول مول جواب ڏنو ۽ پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندي چيو." خدا جي وجود جي عقيدي کي برقرار رکڻ کپي. انساني سماج کي ان جي ضرورت آهي."

"جيڪڏهن توهان خدا جي وجود کي ايترو مڃو ٿا ته پوءِ ڪنهن لکتي ۾ خدا جي وجود کي ثابت ڇو نه ٿا ڪيو؟"

"مان فلسفي آهيان. پر فلسفين جي طور طريقن کان پري رهان ٿو. ان لاءِ مون کي منطقي طريقن سان خدا جو وجود ثابت ڪرڻ نٿو اچي."

" ته پوءِ توهان وحي ۽ خدا جي طرفان نازل ٿيل ڪتابن تي به يقين رکو ٿا؟" فريڊرڪ بحث اڳتي وڌايو.

"مان وهم پرستي ۽ عيسائي ڪليسا جي خلاف آهيان."

"توهان جواب ٽاري ويا آهيو."

"مان فقط ايترو چئي سگهان ٿو ته تنگ نظريءَ جي خاتمي ڪانسواءِ سٺو انسان ۽ سٺو سماج نٿو ٺهي سگهي."

" پوءِ ته توهان تي الحاد جو الزام صحيح آهي."

"توهان مون کي ان الزام سان ڪڏهن ٿا نوازيو؟"

"فڪر نه ڪيو. مان پاڻ فلسفي آهيان."

اهڙا بحث اڪثر ٿيندا هئا. ڪڏهن

تاريخ تہ ڪڏهن فلسفي تي. ڪڏهن سائنس تي تہ ڪڏهن روشن خيالي جي تعريف ۾. راتيون وهامي وينديون هيون. انهن بحث مباحثن والٽيئر کي بادشاهہ کان بي ڊپو ۽ ڪافي ڳهاٽو ڪري ڇڏيو هو.

☆......☆......☆

هو حاضر جواب هو. جڏهن دربار ۾ ايندو هو تہ هين سينيءَ تي ڇانئجي ويندو هو. ٻيا درٻاري جيڪا ڳالهہ وات منجهہ روڪي وٺندا هئا، اها ڳالهہ والٽيئر بنا ڊپ چئي ڏيندو هو. ٻيا کيس ڏسندا رهجي ويندا هئا. هوريان هوريان هن خلاف گروپ ٺهي ويا. سازشون ٿيڻ لڳيون. هن جي خلاف بادشاهہ جا ڪن ڀريا ويندا هئا. هيسيتائين بادشاهہ جن ڳالهين کي نظرانداز ڪيو هو، اهي ڳالهيون هاڻ کيس محسوس ٿيڻ لڳيون. والٽيئر جون شرارتون کيس بي ادبي لڳڻ لڳيون. ان هوندي بہ بادشاهہ ضبط ڪيو. والٽيئر ان ڳالهہ کان بي خبر پنهنجي حال ۾ مست هو. هو اهو بہ وساري ويٺو هو تہ بادشاهہ پهرين بادشاهہ هوندو آهي پوءِ ٻيو ڪجهہ. هو سياسي ڳالهين ۾ بہ دخل ڏيڻ لڳو جيڪو هن جو ڪم نہ هو. بادشاهہ اهو بہ نظرانداز ڪري ويو هڪ دفعي تہ حد ٿي وئي.

شاهي محل ۾ نچڻ ڳائڻ جي دعوت هئي. ان دعوت ۾ روس جي سفير ڪانسواءِ برلن ۾ رهندڙ سيني پرڏيهي سفيرن کي دعوت ڏني وئي هئي. ان دعوت لاءِ روسي سفير کي ڄاڻي واڻي نظر انداز ڪيو ويو هو. اها هڪ سياسي چال هئي. فريڊرڪ پنهنجي ان حرڪت سان روس جي ملڪ کي چڙ ڏيارڻ چاهي ٿي. والٽيئر اهو سمجهيو تہ روسي سفير کي ڀل ڪري ناهي سڏيو ويو. جت ٻيا سفير آيا ها، هن کي سڏڻ ۾ ڪهڙو نقصان هو؟ ايسيتائين تہ ٺيڪ هو، هو جيڪي بہ سمجهي ها، ماٺ ڪري ويهي رهي ها. هن کي ان سان ڪو واسطو نہ هجي ها تہ ڪير ان دعوت ۾ آيو يا نہ آيو. هو نہ بادشاهہ هو نہ وري اها دعوت هن جي گهر ٿي هئي. هن اڻچاڻائيءَ ۾ بادشاهہ جي ڀل جو ازالو ڪرڻ چاهيو. ٻئي ڏينهن هو روسي سفير وٽ ويو. والٽيئر جو سيڪريٽري هن سان گڏ هو. والٽيئر سفير کي چيو، "هو ان ڪوتاهيءَ کي برداشت ڪندي ڀل سمجهي معاف ڪري. هو اها ڳالهہ ملڪ تائين نہ پهچائي. ان جو ازالو ٻئي دعوت ۾ ڪيو ويندو."

اها ڳالهہ ايتري هلڪڙي هئي جو والٽيئر کان ان جي اميد نٿي ڪري ٻئي سگهجي پر هن ان اعتماد سان ڳالهہ ڪئي جو ڄڻ کيس پڪ هئي تہ بادشاهہ مٿس نہ ڪاوڙبو. هو پنهنجي گهر آيو پر ايسيتائين بادشاهہ جا ڪن ڀرڻ وارن پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو هو. والٽيئر پنهنجي پوزيشن صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر بادشاهہ فريڊرڪ هن سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ اهو وقت هو جڏهن فريڊرڪ کيس چيو هو تہ هو جڏهن چاهي ساڻس ملي سگهي ٿو يا وري هي وقت هو جو والٽيئر هن سان ملڻ لاءِ سفارشون ڳولي رهيو هو.

ملڻ بدران بادشاهہ هن کي خط

عامي حوالي سان نہ پر نهايت چسي طريقي سان. والٽيئر ماٺ رهيو. پنهي ۾ رابطو هلندو رهيو. والٽيئر هاڻ ڪنهن ويڙهه جي موڊ ۾ نہ هو. گذرندڙ عمر کي سڪون سان ساوڪ تي گهمندي چلندي گهاري رهيو هو.

☆......☆......☆

پورچوگال جي شهر "لزبن" ۾ هڪ مذهبی ڏڻ ملهايو پئي ويو. شهر جا گرجا عبادت ڪندڙن سان پريل هئا. ڌرتي پاسو ورايو ۽ جايون لڏڻ لڳيون. زلزلي جي جهٽڪي قيامت آڻي ڇڏي. ڪا عبادت، ڪا دعا ڪم نہ آئي. پل پر ۾ ملبي جي ڍير ۾ ٽيهہ هزار ماڻهو دبجي مري ويا.

انساني مصيبت جي اها دل سوز داستان سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو. والٽيئر پڌو تہ رڙيون ڪري چوڻ لڳو، " هي ڪهڙو خدا آهي جيڪو بي نيازيءَ سان مخلوق کی چيپاٽي ماري ٿو." هن اها ڳالهہ چوندي اهو بہ نہ سوچيو تہ هن جو هڪ پاڙيسري جيڪو "ڪٽر عيسائي " هو، هن پرسان ويٺو هو.

پاڙيسري اهو جملو ٻڌي چيو، " والٽيئر تون ڪفر پيو بڪين."

"جيڪڏهن خدا محافظ آهي تہ پوءِ اها ناانصافي ڇو؟"

"تون هن مهل جذباتي ٿي رهيو آهين."

"تون تہ هوش ۾ آهين تون ڇا ٿو چوين؟"

" لزبن جي تباهيءَ سان خدا تي منهنجو ايمان اجان وڌيڪ مضبوط ٿي ويو آهي."

ان حادثي کانپوءِ ڪيترائي رد عمل سامهون آيا. هڪ انگريز شاعر اليگزينڊر پوپ جو هي بيان سامهون آيو. "قطرت جون خرابيون فطرت جو حصو آهن. ان خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ ان جي مذمت ڪرڻ فضول آهي. هيءَ دنيا جت اسين رهون پيا، ڪائنات ۾ موجود سيني امڪاني دنيائن کان بهتر آهي. ان لاءِ خالق ڪائنات جو شڪر ڪرڻ گهرجي ۽ مڃڻ گهرجي. جيڪو ڪجهہ هت ٿئي پيو، صحيح آهي."

مذهبي ماڻهن جو بہ اهو ئي موقف هو. ڪجهہ ماڻهن جو نقط نظر بالڪل ان جي ابتڙ هو. اها هانوَ ڏاريندڙ تباهي ڏسي ڪجهہ ذهنن ۾ خدا جي موجود هئڻ بابت شڪ پيدا ٿيا. اهي بي دين ماڻهن جا خيالات هئا. والٽيئر جي دل ۾ بہ اهو وسوسو پيدا ٿيو. هن ڪائنات پنيان ڪنهن منظم طاقت جي موجود هئڻ ۽ خدا جي انصاف کان انڪار ڪري ڇڏيو.

اجان ان حادثي کي هفتو نہ گذريو هو، هن ڪاوڙ هئڻ ڪري هڪ نظم لکيو "لزبن جي آفت تي نظم." اجان سندس ڪاوڙ لٿی نہ هئي. هن کي جيڪو آيو لکندو ويو. ان نظم ۾ هن اهو مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ دنيا ۾ جيڪو ٿي رهيو آهي، نيڪ ٿي رهيو آهي. هن ان نظريی کي ڏکن جي توهين چيو. هن ڪليسائي دانشورن کي چئلينج ڪيو تہ هو ٻڌائين تہ "جيڪڏهن خدا اسان جي هن دنيا کی ٻين امڪاني دنيائن کان بهترين بڻايو آهی تہ پوءِ انسانن تي ظلم ڇو پيو

ٿئي. هزارين معصوم انسان خدا جي عبادت ڪندي پل پر ۾ ڇو مري ٿا وڃن؟ خدا سپرپاور آهي ۽ قادر مطلق آهي تہ پوءِ دنيا ۾ ظلم ۽ بدي ڇو آهي؟

اهو ٻساري ويئو تہ ڪجهہ ذميداري انسانن جي بہ آهي. هو اهو ياد بہ ڇو رکي ها. هن کي تہ مذهب جي مخالفت ڪرڻي هئي. هن جا دلي جذبا بي قابو ٿي نظم جي لائنن ۾ وکرندا ويا.

هن نظم جي آخر ۾ اليگزينڊر پوپ جو نالو وٺي ڇيو، " ڇا پوپ جيڪڏهن لزبن ۾ هجي ها تہ بہ اهو چئي ها تہ هت جيڪو ٿي رهيو آهي اهو نيڪ ٿي رهيو آهي؟"

ان نظم ۽ زلزلي هن جي ۽ روسو جي وچ ۾ اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا. والٽيئر اجان تائين "روسو" سان نہ مليو هو. سندن هڪٻئي سان صرف خطن ذريعي رابطو هو . روسو هن جو هڪ خط هن کان پڇڻ کانسوءِ ڇاپي ڇڏيو. اهو خط ٻن ادبي دوستن جي وچ ۾ ٿيندڙ ذاتي بحث بابت هو. ان ۾ اهڙيون ڪجهہ اخلاق کان ڪريل ڳالهيون ۽ لفظ هئا جيڪي والٽيئر نظم ۾ بہ چئي نہ سگهيو هو.

اڃا سندس نظم تي مذهبي اڳواڻ غور ڪري رهيا هئا جو ان خط ذريعي هن جا اصل خيال ظاهر ٿي ويا. شهر جي پادرين جو اجلاس ٿيو. هن کي ڪافر ۽ ملحد چيو ويو. هن خلاف مهم شروع ٿي وئي. جنيوا جي ڪليسائن ۾ هن خلاف وعظ ٿيڻ لڳا.

هو اهو صدمو بہ سهي وڃي ها ۽ سندس نظم کي "شاعريءَ جي بڪواس" چئي نظر انداز ڪري سگهجي ها، پر شايد بدنصيبيءَ هن جو گهر ڏسي ورتو هو. هن انسائيڪلوپيڊيا لاءِ جنيوا شهر تي مقالو لکيو. ان مقالي ۾ هن پروٽيسٽنٽ پادرين جي ساراهہ ڪئي. جيڪي هن جي چواڻي موحد هئا ۽ بائبل دوزخ تي ايمان نہ رکندا هئا. والٽيئر جو خيال هو تہ هو پادرين جي ساراهہ ڪري رهيو آهي ۽ پادري ان منجهان خوش ٿيندا پر ان جو اثر ابتڙ ٿيو. پروٽسٽنٽ فرقي جا ماڻهو ڇتا ٿي ويا ۽ هن جي خلاف شهر نيڪالي جي مهم هلائڻ شروع ڪري ڏني. هڪ دفعو ٻيهر هن جي نظم ۽ روسو جي نانءُ واري خط بابت بحث ٿيڻ لڳا.

والٽيئر عادت مطابق پاڻ کي بچائڻ جا ڪيترا دليل ڏنا.مجبور ٿي هن ايترو بہ چيو تہ "هن جي خط جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون ڪوڙيون چيون ويون آهن، جيڪي هن اصل ۾ لکيون ئي ناهن." پر هن جو آواز طاقتور عيسائي ڪليسا هيٺان دٻجي ويو. هاڻ هو ڊنڊ ڪناري پنهنجو گهر وڪڻي ڪنهن ٻئي پاسي وڃي رهيو هو. ڪنهن سازگار ماحول طرف.

☆......☆......☆

هو هاڻ بہ وڏن شهرن جي ڳولا ۾ هو. ڪيس سائري جو پرسڪون ماحول ياد اچي رهيو هو. وڏن شهرن ڪيس ڏکن کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏنو هو. هاڻ هن وڏن شهرن خاص ڪري پيرس کان پڇي وڃڻ چاهيو ٿي. سندس خواهشن جي ابتڙ هن جي ڀاڻيجي ؤڏن شهرن جي پاسي ۾ رهڻ تي زور ڏيئي رهي هئي. والٽيئر کي هن جي خواهش آڏو جهڪڻو پيو. هو جنيوا

برلن کان نکرڻ کانپوءِ درباري والٽيئر جو ڪردار ختم ٿي ويو هو. هاڻ هو آزاد به هو ۽ خودمختيار به. هت شهرن جيان رش ۽ سياست نه هئي. هاڻ هو کليل نموني ظلم ۽ ڏاڍ خلاف پرزور طريقي سان احتجاج ڪري سگهيو پئي.

اجا تائين هن جي طبيعت ۾ چلولائي هئي پر فاغني ۾ اچڻ کانپوءِ هو سنجيده ٿي ويو هو. چڻ سمجهي ويو هو ته هو گهڻو وقت وڃائي چڪو هو. هاڻ جيڪو وقت بچيو هو، ان جو سٺو استعمال ڪجي. هو ڪراڙو ٿي ويو هو. ڪمزور ۽ بيمار شروع کان هو پر هن جي ذهني طاقت جيئن جو تيئن موجود هئي. فاغني جي اڪيلائيءَ ۽ ماحول ان لائق هو ته والٽيئر ان جو فائدو وٺي پنهنجي صلاحيتن جي بهترين اظهار ڪري سگهي.

هو مٽان کان هيٺ ڏاڪڻ تان لهي رهيو هو. ڏرتي لڏڻ لڳي. هو ڪرندي ڪرندي بچيو. اصل ۾ ڌرتي نه لڏي هئي پر هن کي دماغي چڪر آيو هو. هن کي پورچوگال جي شهر لزبن ۾ آيل زلزلي جو خيال آيو. ڪيس اها به ذلت ياد آئي جيڪا ڪيس اتي ملي هئي. هن کي پنهنجي نظر به ياد آئي جيڪا پادرين کي نه وڻي هئي.

انهن ڏينهن ۾ هو جرمن فلسفي "ليبنز" کي پڙهي رهيو هو، جنهن جي دعويٰ هئي ته ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه وجود ۾ اچي ٿو اهو پهرين کان طئي ٿيل ۽ سوچيل سمجهيل منصوبي جو نتيجو آهي. ان جو مطلب ته جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو اهو اڻ ٽر آهي. ليبنز بيو تصور اهو ڏنو هو ته اسان جي دنيا سيني امڪاني دنيائن کان بهتر آهي.

والٽيئر ... انهن ٻنهي تصورن جي مخالفت ڪري چڪو هو. زلزلي بابت هن جي لکيل نظم ۾ اهي سوال اٿاريل هئا. اها نظم هئي، ان ۾ هو ايڏي وضاحت سان انهن سوالن جا جواب نه ٿي ڏيئي سگهيو. هو انهن نظرين کي ايڏو اهم به نه سمجهندو هو جو انهن تي ڪو ڪتاب لکي ها. زلزلي جا جهٽڪا اجا تائين هن جي ذهن ۾ گونجي رهيا هئا. هو زلزلي جي پس منظر ۾ ناول لکڻ ويهي رهيو. ان ناول ۾ شعوري طرح "اميدپرستي" جي هن کي مخالفت ڪرڻي هئي.

ان ناول جو هيرو هڪ نوجوان هو، جنهن دنيا ڏٺي هئي، سفر ڪيا هئا ۽ ماڻهن سان مليو هو (ٿي سهي ٿو اهو پاڻ والٽيئر هجي. هو به سدائين سفر ۾ رهيو هو). هن هر جاءِ اهو ڏٺو ته زندگي جو ڪو قدر نه هو. جتي ڪٿي منافق، خود غرض ۽ جانورن جهڙا ماڻهو هئا.

ٻيو ڪردار هڪ ڊاڪٽر جو هو، جيڪو "اميد پرستي" جي فلسفي تي قائم هو. اهو ڪردار جرمن فلسفي ليبنز جي نمائندگي ڪري رهيو هو. هن جو عقيدو فقط اهو نه هو ته جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي نيڪ ٿي رهيو آهي، بلڪ ان جو ايمان اهو به هو ته اسان جي هن زميني دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو، اهو سٺو ٿئي پيو.

هن جي ناول جو هڪ اهم ڪردار مارٽن نالي ماڻهو هو، جيڪو مايوس هو. ان ڪتاب ۾ والٽيئر نه ڊاڪٽر جي حمايت ڪري ٿو ۽ نه مارٽن جي مايوسيءَ کان بهتر آهي.

جو ... والٽيئر اهو ڇٽي ناول ختم ڪري ڇڏيو تہ اسان کي پنهنجي باغ جي ضرور سنڀار ڪرڻ گهرجي. سنڀار جي ضرورت ختم نہ ٿي ٿئي. سنڀار ان شئي جي ڪجي ٿي جنهن ۾ اميد هجي. ڇڻ والٽيئر اختلاف ڪندي بہ ان فلسفي کي پوري طرح رد نہ ڪيو هو. سنڀار جي ضرورت ان لاءِ آهي تہ ڪجھ برائيون آهن تہ سنڀار جي گنجائش آهي. اهو والٽيئر جو خيال ۽ اهوئي هن جو مشن هو. معاشري جون خرابيون ختم ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي وطن کان پري فاغني ۾ رهڻ تي مجبور هو.

اهو ناول پورو ٿيو تہ ان جو نالو هن "ڪنڊيڊ" رکيو.

( والٽيئر جو هي ناول سنڌي ادب بڪ بورڊ جو ڇاپيل آهي) ۽ ان کي ادبي دنيا جي حوالي ڪري ٻين لکڻين ۾ رڌجي ويو.

"سائري" جي رنگينن ۽ پروشيا جي مصروفيتن ڪري هن جا ڪيترائي ڪم اڌ ۾ رهجي ويا هئا. هن وٽ ڪيترن ڪتابن جا خاڪا هئا پر اجا تائين ڪاغذ خالي پيا هئا. هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪيس واندڪائي هئي. هاڻ هن جي عمر اهڙي نہ هئي جو مستين ۾ جهومي ها. هن جو هٽ ونڊائڻ لاءِ سيڪريٽري ۽ دل وندرائڻ لاءِ دوست پادري ۽ هٽ پيرن کي زور ڏيڻ لاءِ مادام ڊينس هئي.

هن پيٽر اعظم جي زماني جي روس جي تاريخ مرتب ڪرڻ شروع ڪئي. خالي وقت ۾ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. هو ڪهاڻين ذريعي ڪيترن طبقن تي ڇٽر ڪرڻ جو فرض سرانجام ڏيئي رهيو هو.

"جينوئٽ ۽ ڪولن" ۾ هن اميرن جي طبقي کي نشانو بڻايو.

هن هڪ ڪهاڻيءَ " چاليھ سڪا رکڻ وارو ماڻهو" لکي، جنهن ۾ معاشي مسئلن تي بحث ڪيو.ان ڪانسواءِ "جيني جي تاريخ" ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ وندر ۽ نصيحتون هيون. هو سچي زندگي جا تجربا هلڪي ڦلڪي انداز ۾ انهن ڪهاڻين ذريعي پنهنجي دور جي حوالي ڪري رهيو هو.

هن عوام تائين پهچڻ لاءِ ٻيو رستو ڳوليو. ڪيس خبر هئي تہ ڪتاب هر ڪو نہ ٿو پڙهي ۽ هر ڪو نہ ٿو سمجهي ۽ ڪنهن هڪ موضوع تي ڪتاب لکڻ لاءِ گهڻو وقت گهرجي ٿو ۽ ان هوندي بہ اهو ڪتاب صرف هڪ ئي موضوع جو احاطو ڪري ٿو. هن مختلف موضوعن تي ننڍڙا ننڍڙا پمفليٽ لکي ڦهلائڻ شروع ڪيا. آزادي، انصاف، وهم پرستي، سياسي جبر، مذهبي تنگ نظري، عدم برداشت، ظلم ۽ ايذائڻ خلاف پمفليٽ شايع ڪري ڇڻ طوفان آڻي ڇڏيو. انهن پمفليٽن ڪري عوام ۾ شعور تڪڙو بيدار ٿيو.

☆......☆......☆

مارچ 1762ع جا آخري ڏينهن هئا. هڪ نوجوان والٽيئر جو در ڪڙڪايو. والٽيئر جي سيڪريٽري هن کي والٽيئر تائين پهچايو. ان وقت والٽيئر پنهنجي دوست فادر ايڊم سان شطرنج کيڏي رهيو هو. هو ان وقت تائين ڪا ڳالھ نہ ٻڌندو هو، جيسيتائين جو فادر ايڊم جي چال کان تنگ اچي ڪري بازي نہ ڦٽي ڪري ڇڏي. پر نوجوان جي منهن تي اهڙو

مصيبت جو داستان لکيل هو جو والٽيئر کان کيڏڻ وسري ويو. هو هن نوجوان کي هٽ کان وٺي اسٽڊي روم ۾ هليو آيو.

" مان کيترن ڏينهن جو سفر ڪرڻ کانپوءِ توهان تائين پهتو آهيان." اهو چوندي نوجوان روئڻهارڪو ٿي ويو. "مان فقط ان اميد تي آيو آهيان ته توهان مون کي انصاف ڏياريندا."

"مان پاڻ انصاف جي ڳولا ۾ هٽ پيو آهيان. بهرحال تون ٻڌاءِ. مان تنهنجي مدد جو وعدو ڪيان ٿو."

"مان ڪيلاس خاندان مان آهيان، جنهن بابت شايد توهان ٻڌو هوندو."

"اهو ڪيلاس خاندان جنهن بابت هلندڙ مقدمي ملڪ ۾ ڇڻ طوفان کڙو ڪري ڇڏيو آهي؟"

"جي ها!"

والٽيئر اهو ٻڌي اٿي بيٺو. " مون کي اڳ ۾ ئي شڪ هو ته ڪا ڳڙ ٻڙ آهي. مذهبي تنگ نظري بابت ٿيندڙ هڪ ٻي واقعي ۾ واڌارو ٿيو آهي. هاڻ تون آيو آهين ته مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته منهنجو شڪ ٺيڪ هو."

" مسٽر والٽيئر مان دربدر جا ڌڪا کائي توهان تائين پهتو آهيان."

" مون کي ان سان دلچسپي ناهي. تون صرف پنهنجي خاندان تي ايندڙ مصيبت بابت ٻڌاءِ."

نوجوان، والٽيئر کان پڇڻ کانسواءِ ميز تي رکيل جڳ مان پاڻي جو گلاس ڀري پيتو. والٽيئر ڏک ۽ افسوس مان هن جي گهٻراهٽ جو مشاهدو ڪري رهيو هو.

"اسان جي خاندان جو تعلق فرانس جي ضلعي طولوس سان آهي. اها هڪ منحوس شام هئي. منهنجي پيءُ پنهنجي هڪ دوست کي ماني جي دعوت ڏني هئي. اجان هو ماني کائي واندا ٿيا هئا ته اوچتو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. ڪنهن منهنجي پيءُ زان ڪيلاس کي ٻڌايو ته سندس نوجوان پٽ (منهنجي ڀاءُ مارڪ انطوني) آپگهات ڪري ڇڏيو هو. اسان ڪمري ڏانهن ڊوڙياسين. مارڪ جو لاش رسيءَ ۾ لٽڪيل هو. منهنجي پيءُ اسان سڀني کي هدايت ڪئي ته خاندان جي عزت ڪري ڪنهن کي به نه ٻڌايون ته انطوني آپگهات ڪيو آهي. ٿوري دير کانپوءِ پوليس آئي. گهر آڏو ماڻهو گڏ هئا. ڪنهن رڙ ڪري چيو "انطوني کي هن جي خاندان قتل ڪيو آهي جو ته هو پنهنجي اباڻي مذهب پروٽسٽنٽ کي ڇڏي ڪيٿولڪ ٿي ويو هو."

توهان کي حيرت ٿيندي ان گمنام آواز کي شهادت سمجهي اسان سڀني کي قتل جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو. لاش کي پادرين پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڪيٿولڪ رسمن مطابق دفن ڪيو، اها تحقيق ڪرڻ کانسواءِ ته هو ڪيٿولڪ ٿيو هو يا نه؟"

"نوجوان! مان تو کان اهو پڇندس ته انطوني آپگهات ڇو ڪيو ؟" والٽيئر چيو.

"منهنجي ڀاءُ کي وڪيل ٿيڻ جو شوق هو. توهان کي ته خبر آهي فرانس جي قانون مطابق قانون جي تعليم اهو ئي حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو ڪيٿولڪ هجي. جڏهن مارڪ وڪيل ٿي نه سگهيو ته هن مايوس ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو."

" تہ اها ڳالھہ هئي." والٽيئر ٿڌو ساھ کنيو." ڳالھہ اتان شروع ڪر جتان پوليس توهان سينيءَ کي گرفتار ڪيو."

"طوطوس جي عدالت ۾ مقدمو هليو. هي عجيب غريب مقدمو هو. عدالت اسان جي موقف کي ٻي دلي سان ٻڌو ۽ ميڙ مان ايندڙ آواز جي چوڻ تي فيصلو ٻڌايو. منهنجي پيءُ کي موت جي سزا ۽ اسان سيني کي جلاوطن ڪرڻ جي سزا ٻڌائي وئي." نوجوان ڪجھہ دير ساھ کڻڻ ڪانپوءِ چيو. "بابا کي ڏنل موت جي سزا تي عمل ايئن ٿيو جو لوهي سيخ سان هن جون پاسيريون ڀڃيون ويون ۽ اذيتناڪ موت ڏني وئي. مٿانهس ڏاڍو ظلم ڪيو ويو. مان ان جو بدلو وٺندس. مون کي انصاف گهرجي." هو رڙيون ڪرڻ لڳو.

"صبر ڪر. ٻارڙا صبر. مان اهڙو دل سوز واقعو زندگي ۾ پهرين ڪڏهن ناهي ٻڌو. مان پهرين ئي رڙيون ڪري چئي رهيو آهيان تہ هن اڏوهيءَ کاڌل نظام کي بدليو. تعصب جون پٽيون ڪيرايو. پر منهنجي ڪير بہ نہ ٿو ٻڌي تہ تنهنجي ڪير ٻڌندو."

"تہ چا مان ماٺ ڪري ويهان. ائين ٿي نہ ٿو سگهي. مان انهن ججن مان ڪنهن هڪ کي ضرور قتل ڪندس."

"ان سان چا ٿيندو؟ مان تنهنجي پيءُ کي زندگي تہ نٿو ڏيئي سگهان. پر توکي انصاف ضرور ڏياريندس. مان دنيا تي اهو ثابت ڪندس تہ ججن جو اهو فيصلو غلط هو."

هن نوجوان سان وعدو ڪيو هو. ان وعدي کي پورو ڪرڻ لاءِ طولوس جي عدالت جي انهن ستن ججن خلاف اٿيو، جن اهو ظالماڻو فيصلو ڏنو هو. هن دوستن جي مدد سان بچاءُ جي ڪاميٽي جوڙي. فرانس جي هڪ وڏي وڪيل جون خدمتون حاصل ڪيون. پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو ۽ سڀ خرچ پاڻ برداشت ڪيو.

هن کي ڪيلاس خاندان سان دلچسپي تہ هئي پر ان کان وڌ ڪيس ان ڳالھہ جي فڪر هئي تہ ان مقدمي ۾ جلدي فتح حاصل ڪري دنيا کي فرانس جو اصل چهرو ڏيکاري ۽ فرانس جي ماڻهن کي قائل ڪري سگهي تہ اهي هن نظام خلاف احتجاج ڪري انقلاب آڻين.

هن جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ فرانس جي اعليٰ عدالت مرحوم زان ڪيلاس کي بيگناھ قرار ڏنو ۽ فيصلو ڪندڙ ستن ئي ججن کي قانون جي خلاف ورزي ڪندڙ چئي ڏوهي چيو.

زان ڪيلاس کي تہ زندگي نہ ملي سگهي پر جيڪي زنده هئا انهن کي حوصلو ٿيو." انصاف اجا مئو ناهي. يا اجان بہ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي انصاف کي زندگي ڏيئي سگهن ٿا." والٽيئر اجان تائين هڪ فلسفي هو پر ماڻهو هاڻ هن کي پنهنجي آزادي ڏياريندڙ سمجهي رهيا هئا.

☆......☆......☆

والٽيئر کي ان مقدمي سندس ڊرامن، نظمن، ڪتابن کان وڌيڪ مشهوري ڏني. ڏسندي ئي ڏسندي هو ملڪ جو مشهور ترين ماڻهو ٿي ويو. هن جي حق پرستي ۽ جرائت کي ساراهيو ويو.

ان موقعي تي هن هڪ پمفليٽ "رواداري تي مقالو" لکي پنهنجي مشهوري ۾ اجان واڌارو ڪيو. ان پمفليٽ ۾ هن لکيو ته ماڻهن کي هر اهو عقيدو رکڻ ۽ ان جي اظهار ڪرڻ جو حق آهي، جنهن کي هو صحيح سمجهي ٿو، پر شرط اهو آهي ته سندس هلت چلت ماڻهن جي امن ۾ رڪاوٽ نه وجهي.

فرانس ۾ خوشيون ملهايون پئي ويون. چراغ ٻاريا پئي ويا. پر والٽيئر ڪاوڙ ۾ ٻري رهيو هو. عيسائي مذهبي پادرين خلاف هنن جي جذبن ۾ اجان واڌارو ٿيو. ڪيلاس خاندا سان ٿيندڙ واقعو ڪو پهريون واقعو نه هو. هو پاڻ به پادرين جي ظلم جو نشانو بڻيو هو. هاڻ والٽيئر ان نتيجي تي پهتو ته ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇوٽڪاري لاءِ پادرين ۽ گرجا کان ڇوٽڪارو ضروري هو. مذهبي تنگ نظري، تشدد ۽ ظلم خلاف عملي جنگ وڙهندي هن کي اهو خيال آيو ته هن کي هڪ اهڙو ڪتاب لکڻ کپي جنهن ۾ هو پنهنجا خيال مختصر انداز ۾ لکي. هي ڪتاب ڊڪشنري جيان هجي. جهڙي طرح ڊڪشنري ۾ گهڻن لفظن جون معنائون تين تيون اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ به مختلف موضوعن تي لکيل هئڻ کپي ۽ هڪ ئي ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي گهڻا موضوع ملن. هن ان ڪتاب جو نالو "فلسفياڻي ڊڪشنري" رکيو ۽ ڪم شروع ڪيو.

هن ان ڪتاب جو نالو "فلسفياڻي ڊڪشنري" ضرور رکيو هو پر اهو ڪتاب ڪو روايتي فلسفي بابت نه هو. والٽيئر آڏو فلسفي جو مطلبُ هو روشن خيالي، عقل پرستي ۽ جڏهن هو انهن بابت ڳالهيون ڪندو هو ته مذهب رستي ۾ اچي ويندو هوس. مذهبي ڪتابن ۾ لکيل واقعن بابت پادرين جو چوڻ هو ته جيڪي واقعا مذهبي ڪتابن ۾ لکيل آهن، انهن جو لغوي طرح صحيح نه هجڻ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي. انهن جي نوعيت بالڪل علامتي آهي.

روشن خيالي جو تصور عام ڪرڻ لاءِ ڪيترن مذهبي واقعن کي تنقيدي نگاه سان لکڻ والٽيئر جي مجبوري بنجي وئي. هن انهي ڊڪشنريءَ ۾ الحاد، ملحد، تقرير جي آزادي، روح، انساني عقل جون حدون، تعصب، بيوقوفي، جنت، دوزخ، حضرت موسيٰ، حضرت سليمان، حضرت ابراهيم ۽ بت پرستيءَ جي موضوعن تي لکيو.

سچائيءَ کي جانچڻ لاءِ والٽيئر اهو طريقو اختيار ڪيو ته تاريخ يا مذهب بابت هڪ واقعو لکيو ۽ پوءِ اهو سوال اٿاريو ته آيا اهو واقعو حقيقت ۾ رونما ٿيو هو يا نه؟ هن بائبل ۾ لکيل واقعن بابت سوال اٿاريا ۽ انهن کي غلط ثابت ڪيو. هو ان ڪتاب کي انسائيڪلو پيڊيا جي طرز تي مرتب ڪري رهيو هو.

☆......☆......☆

الزبٿ سرون هڪ چريَ ڇوڪري هئي. هڪ دفعو هوءَ گهران ڀڄي نڪتي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پروٽسنٽ فرقي سان تعلق رکندڙ هن جي پيءُ کي شهر جي ڪيٿولڪ سربراهه جي محل ۾ گهرايو ويو. جتي هن جي ڌيءَ پناهه گهري هئي.

پادري ڪيس چيو، " هن جي ڌيءُ

واڌارو ڪيو. هو فلسفياڻي ڊڪشنري مرتب ڪري رهيو هو. ان ڊڪشنري جي مواد ۾ ڪاوڙ ڪري اجان وڌيڪ ڪڙاڻ اچي وئي.

هن ڪي اهڙن واقعن کي منهن ڏيڻو پوندو هو. هو ڪاوڙ جي زهر سان پنا پريندو رهيو. هن ان لکيل صفحن کي پڙهيو ته ڪيس اندازو ٿيو ان ڪتاب جو ڇا حشر ٿيندو. والٽيئر ان ڪتاب کي ڇپرائڻ نٿي چاهيو. هن احتياط ڪري ان تي پنهنجو نالو نه لکيو. هن جو مقصد سچائي پکيڙڻ هو، پوءِ ڀلي اهو ڪتاب ڪنهن جي به نالي سان ڇو نه هجي.

ڪتاب ڇپيو ته فقط نالي جي ڪشش ڪري ڪتاب هٿوهٿ وڪجي ويو. جيئن ئي حڪومت ان ڪتاب جي مواد کان واقف ٿي، ان ڪتاب کي ضبط ڪري پيرس ۽ ٻين شهرن جي روڊن تي ساڙيو ويو.

ان ڪتاب تي ڪنهن جو نالو لکيل نه هو. رڳو موضوع ٻڌائي رهيا هئا ته ان پنيان والٽيئر آهي. هن کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو اهو ڪم ڪري نٿو سگهيو.

جڏهن هن جو نالو مشهور ٿيو ته هن کي پنهنجي گرفتار ٿيڻ جو ڊپ ٿيو. هن وضاحتي بيان ڏنو، جنهن ۾ چيل هو ته" اهو ننڍڙو نفرت وارو ڪتاب منهنجو ناهي. اهو ڪتاب ته ڪنهن شيطان جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو."

اها هن جي پراڻي عادت هئي. احتساب کان بچڻ لاءِ هو اڪثر لکڻين تي پنهنجو نالو نه لکندو هو پر ڪتاب ۾ ڪو نه ڪو اهڙو اشارو ضرور ڏيندو هو جو پڙهڻ وارو سمجهي ويندو هو ته اهو والٽيئر جو لکيل هو.

هو پنهنجي ان اٽڪل ڪري پاڻ ته بچي نڪتو پر سندس ڪتاب کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو. حڪمرانن پنهنجي ڪاوڙ ته لاٿي پر جيڪو ڪتاب هڪ دفعو ڇپجي ٿو انجا پڙهندڙ به پنهنجو پاڻ پيدا ٿين ٿا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن ڇپيو. اهو به ضبط ٿي ويو. پوءِ ته اهو ڪتاب مسلسل ڇپجندو رهيو ۽ ان ڪتاب کي پڙهڻ جا شائق ان کي پڙهندا رهيا. انهن سيني اهو ڪتاب پڙهيو. هن جي هم عصرن ان لاءِ پڙهيو جو اهو والٽيئر لکيو هو جيڪو هنن جي ترجماني ڪري رهيو هو. مخالفن ان لاءِ پڙهيو ته جيئن ڏسن ته آخر ان ۾ لکيو ڇا ويو آهي؟ حڪمرانن ان لاءِ پڙهيو ته جيئن ڪين والٽيئر مٿان الزام هڻڻ ۾ سولائي ٿئي. پادرين ان لاءِ پڙهيو، جيئن جواب ڏيڻ ۾ آساني ٿئي.

باهه ڏيڻ لاءِ ماچيس جي هڪ تيلي ڪافي هوندي آهي. هڪ ڪتاب به سڙڻ کان رهجي وڃي ٿي ته طوفان آڻڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. هن ڪتاب جا ايڊيشن ڇپجندا رهيا ۽ ائين والٽيئر سيني کان وڌيڪ پڙهڻ وارو ليکڪ بنجي ويو. هن جا خيال چوڏاري پکڙجندا رهيا.جيڪي فرانس کي ڪنهن به وقت انقلاب طرف وٺي وڃي سگهيا ٿي.

☆......☆......☆

هو ايڏو نادان نه هو جو پنهنجي سچي ذهني ۽ جسماني طاقت مذهبي نمائندن جي خلاف صرف ڪري ڇڏي ها.

هن ان کان وڌيڪ ڏکيو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. ان مهل سماج تي ڪليسا ( پادرين ) جو راڄ هو. ڪليسا جو عمل دخل ختم ڪرڻ ڪانسواءِ معاشري کي آزاد ڪري نٿي سگهجيو. "فڪر" جا فائدا ان مهل حاصل ٿي سگهيا ٿي جڏهن سوچڻ جي اجازت هجي. ان جو احساس ڪليسا جي نمائندن کي به هو. ان لاءِ اهي سڀ والٽيئر جي خلاف هئا. والٽيئر جنهن انداز سان هنن جو مقابلو ڪيو هو، ان سان هنن پادرين جو ڪافي زور ٽٽي ويو هو. جيتوڻيڪ اهو ضروري ڪم هو، پر والٽيئر جي سوچ مطابق ٻيا به ڪي اهم ڪم هئا. والٽيئر دنيا کي ٻڌائڻ چاهيو ٿي ته دنيا ۾ ڪيئن رهي سگهجي ٿو.

هن انهن خيالن کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي نمونو ناهيو. هن فاغني جي آس پاس وڻ لڳرايا ۽ ماڻهن کي زراعت لاءِ راضي ڪيو. اهڙا پمفليٽ لکيا جنهن ۾ ٻڌايو ته عام فرانسيسي هارين جي حالت آمريڪا جي ڪارن غلامن کان گهٽ ناهي. اهڙي طرح هن فرانس جي هارين کي اهو ٻڌائڻ چاهيو ته اهي ان غلامي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ۽ پنهنجو حق وٺن.

هن هڪ ٻيو انقلابي ڪم فاغنيءَ ۾ محنت ڪندڙن مزدورن لاءِ گهر ٺهرايا ۽ انهن کي اهي قسطن تي ڏنا. ماڻهن جي تفريح لاءِ ٿيٽر پڻ ٺهرايو.

هن جو علائقو زراعت لاءِ نامناسب هو. صنعتي ترقي جا وسائل نه هئا. اهو ڪم حڪومت جي تعاون کان سواءِ ممڪن نه هو. پر حڪومت هن جي چو ٻڌي ها.

هن سوچيو ، "جي هٿ جي هنر تي ڪم ڪجي ته وقت سان گڏوگڏ هن جو علائقو صنعت ۽ زراعت ۾ مشهوري ماڻي سگهي ٿو."

جڏهن هو سوئٽزرلينڊ ۾ هو ته هن اتي واچن جي صنعت جا ڏاڍا سٺا نمونا ڏٺا هئا. اتان جي معشيت ۾ واچن جي ڪارخانن جو اهم حصو هو. واچن جو ڪم گهر گهر پکڙيل هو. هن پنهنجي سيڪريٽري ۽ مادام ڊينس سان ڳالهايو.

"جي واچ ٺاهيندڙ ڪاريگر هت اچن ته هي علائقو تمام جلد ترقي ڪري سگهي ٿو."

"اهو ته نيڪ آهي، پر هن ننڍڙي علائقي ۾ ڪير اچي رهندو؟"

"اسان انهن ماڻهن کي مفت رهائش ۽ سٺو پگهار ڏينداسين ته گهڻا ماڻهو هيڏانهن اچي سگهن ٿا."

"ان مان نقصان به ٿي سگهي ٿو."

"مون انگلستان ۾ پنهنجي واپاري دوست سان رهي واپار جا گر سکيا آهن. مون کي خبر آهي نفعو ڪيئن ڪمائجي. اهو سڀ مون تي ڇڏي ڏيو. جڏهن جنيوا جا واپاري پنهنجن ڪارخانن جو مال ٻين جاين تي وڪڻي منافعو ڪمائي سگهن ٿا ته پوءِ اسان جو نه ٿا ڪمائي سگهون. جڏهن ته اسان جي اها نيت نه آهي ته اسان دولتمند ٿيون پر اسان چاهيون ٿا ته هي علائقو ترقي ڪري."

"ڏاڍو عجيب ٿو لڳي ته توهان جهڙو فلسفي واچن جو واپار ڪري. توهان کي دولت جي ضرورت ناهي. توهان وٽ ته جهجهو ڌن آهي."

" منهنجي پيءُ چيو هو ته اديب

احترامي جلوس ڪڍيو ويو. ماڻهو انهن نشانين کي ڏسي احترامن ڪنڌ جهڪائي بيهي رهيا.

هڪ بازار مان لنگهندي پادرين ڏٺو ته نوجوان نشي ۾ ذت گيت ڳائي رهيا هئا. انهن کي اها پرواهه نه هئي ته ماڻهو مقدس نشانيون کڻي لنگهي رهيا هئا. اهي نوجوان ڪنڌ جهڪائڻ ته ٺهيو پر انهن نشانين کي اک کڻي به ڏسي نه رهيا هئا. هن جلوس وارن کي پڪ ٿي وئي ته صليب کي نقصان پهچائڻ وارا ماڻهو اهي ئي نوجوان آهن. جلوس سان گڏ هلندڙ پوليس انهن ٽنهي کي گرفتار ڪيو. هڪ نوجوان ته ان مهل ئي ڀڄي ويو. ٻيو پادرين سان ملي ويو ۽ ان پنهنجي ان دوست خلاف گواهي ڏني جنهن جو نالو شولي باري هو ته "اهو مشهور ملحد والٽيئر جو ڪتاب "فلسفياڻي ڊڪشنري" پڙهندو آهي ۽ ان صليب کي ٽوڙڻ وارو ڪم ڪيو آهي."

ان الزام کانپوءِ ڪنهن شهادت جي ضرورت نه هئي. ڏوهاريءَ تي وحشياڻو تشدد ڪري هن جو ڪنڌ ڪپيو ويو. والٽيئر کي به سزا جو ڊپ هو پر پادري هن کي سولائيءَ سان هٿ نه پيو لائي سگهن. حڪمران والٽيئر جي خلاف هئا پر عوام هن سان گڏ هو. فرانس کان ٻاهر هن جي مشهوري وڌي رهي هئي. هن جي مشهوري هاڻ پوري يورپ کنڊ ۾ پکڙجي وئي هئي. هو هاڻ هڪ اهم هستي بنجي ويو هو. آزدي ۽ انصاف جي علامت بڻجي ويو هو. هن جي حويلي شعور رکندڙن جي زيارت گاهه بنجي وئي هئي. ماڻهو هن جو ديدار ڪرڻ لاءِ پري پري کان ايندا هئا ۽ اسي سالن جي هن پوڙهي کي حيرت مان ڏسندا هئا. جيڪو جيتوڻيڪ هڏن جي مٺ هو، پر انهن هڏن ۾ ڄڻ بارود ڀريل هو.

يورپ جا بادشاهه تائين هن عظمت جا ڳڻ ڳائيندا هئا. اهو پيرس جت سالن کان هن جو وڃڻ بند هو، جت هن جي نانءُ تي ڪنڌ ڪپيا ويندا هئا، اتي عوام بي ڊپائيءَ مان هن جي عظمت جا ترانا ڳائي رهيا هئا. اهي هن جو شاندار مجسمو ٺاهڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. روس، جرمني، پولينڊ ۽ ڊنمارڪ جي بادشاهن هن جي مجسمي لاءِ چندو ڏنو.

هن جي مشهوري ڏسي ڪلهه جا دشمن اڄ، هن جا دوست ٿي ويا هئا. فريڊرڪ بادشاه جنهن هٿان والٽيئر کي ايڏي بي عزتي سهڻي پئي هئي جو ان ڪيس فرينڪفرٽ ۾ پنهنجي ڀاڻيجيءَ سان گڏ گرفتار ڪيو هو، اهو هاڻ هن ڏانهن دوستي جو هٿ وڌائي رهيو هو. والٽيئر به گذريل ڏينهن کي وساري هن جي دوستي قبول ڪئي ۽ ٻيهر خط ڪتابت شروع ڪئي.

فاغني جي حويلي مهمانن سان ڀريل هوندي هئي. يورپ جا اديب، فنڪار، ڊرامه نگار، سفارتڪار، شهزادا، فوجي جرنيل هن سان ڳالهائڻ جو اعزاز حاصل ڪرڻ لاءِ فاغني ايندا هئا.

☆......☆......☆

گهڻو ڪجهه بدلجي ويو هو پر فرانس جا بادشاهه ۽ حڪم نه بدليا هئا. پيرس جت هو ڄائو هو، پڙهيو هو، جتان جي هڪ هڪ روڊ رستي تي هن جون

يادون چانيل هيون، اهو هن لاءِ منع ٿيل شهر هو. بادشاهه لوئي پندرهون جنهن هن جي پيرس اچڻ تي پابندي لڳائي هئي، اهو مري ويو هو. پر ڪليسا جي عمل دخل ڪري اهي پابنديون والٽيئر تي اجان برقرار هيون. بيا ماڻهو هن جي ڪارنامي تي فخر ڪري رهيا هئا پر هن جي ملڪ جو دربار هن تي فخر ڪرڻ جي سعادت کان محروم هو.

شهر جي آزاد خيال دانشورن، اديبن ۽ شاعرن هن کي پيرس اندر ڏسڻ چاهيو ٿي، جو ته والٽيئر جي عمر ٺياسي سال ٿي وئي هئي ۽ نه ڄاڻ هو ڪڏهن هن دنيا مان هليو وڃي ۽ اهو داغ هميشه فرانس جي سيني تي لڳل هوندو ته هن جو فرزند پيرس کان ڏور گذاري ويو. عوام جو زور وڌندو ويو . هاڻ والٽيئر جي مشهوري اهڙي هئي جو هو پيرس ۾ اچي ها ته حڪمرانن جا حڪم ناما جيئن جو تيئن پيا هجن ها ۽ حاڪم ڪجهه به ڪري نه سگهن ها. پر والٽيئر کي چيو ويو هو ته هو پيرس کان پري رهي ۽ هو پيرس کان پري هو.

مداحن جي زور تي جڏهن هن جي پياري ڀاڻيجي جو ضد به اچي ويو ته هو انڪار ڪري نه سگهيو. هن ڪجهه ڏينهن ۾ پيرس وڃڻ جو ارادو ڪيو. هن جي صحت اهو سفر سهي نه سگهي ها. ڇئن پنجن ڏينهن جو ڪٺن سفر هن لاءِ سولو نه هو. پوءِ به هن سفر جي تياري شروع ڪئي.

1778ع ۾ فيبروري جو مهينو شروع ٿيو. پهرين هفتي ۾ مادام ڊينس فاغني مان نڪتي ته پيرس وڃي اها خوش خبري سيني کي ٻڌائي ۽ ضروري انتظام ڪري. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ والٽيئر به پيرس لاءِ سفر تي نڪتو.

هن زندگي ۾ گهڻائي سفر ڪيا هئا يا ايئن ڪٽي ڇئجي ته هو مسلسل ڊوڙندو رهيو هو. اهو سفر به هن لاءِ يادگار هو. هو ننڍپڻ جي يادن ڏانهن موٽي رهيو هو، لڪڻ لاءِ نه .... پر مداحن جي جلوس ۾ وڃڻ لاءِ. اهو سفر شرمندگي لاءِ نه پر سرخرو ٿيڻ لاءِ هو ... هو اڌ مئل حالت ۾ ڇاڻو هو. ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا جيئندو ۽ مرندو رهندو هو. ايتري عرصي ۾ ڪنهن کي به اميد نه هئي ته هو ڪو جيئرو بچندو. پر اڄ ٺياسي سالن جي عمر تائين نه فقط جيئرو هو پر هن عمر ۾ به ڪم ڪري رهيو هو. سندس عمر ان ڳالهه جو ثبوت هئي ته حوصلا عمر وڌائيندا آهن.

جڏهن هو پيرس جي ويجهو پهتو ته ڪسٽم وارن ڪيس روڪي ورتو، " توهان وٽ ڪا اهڙي شيءِ ته ناهي جنهن تي بادشاهه پابندي لڳائي هجي."

"مون وٽ!" والٽيئر حيرت مان چيو، " مون وٽ مون کان سواءِ ڪا پابندي مڙهيل شيءِ ناهي."

ڪسٽم وارا انهي ڳالهه تي لاجواب ٿي ويا. ڪو اهڙي عمر ۾ مشڪرو ۽ حاضر جواب ٿي سگهي ٿو. هو ڪيس پري تائين ويندي ڏسندا رهيا.

هن جي اچڻ جي خبر هن جي پهچڻ کان اڳ پيرس پهچي وئي. هو شهر ۾ آيو ته سڄو شهر روڏن تي نڪري آيو. ميلي

واري حالت هئي. ٻار ۽ عورتون قطار ناهي بيٺا هئا. سڄو شهر هن کي ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ آتو هو. ڪليسائن ۾ سوڳ ڇانيل هو. هن جا مخالف هن آڏو جهڪيل هئا. هن کي پاڻ خبر نه هئي ته ماڻهو ڪيس ايڏو چاهين ٿا. اصول اهو آهي ته جدوجهد جي راهه ۾ ڪو پهاڙ به بيهي نٿو سگهي. مشڪلن جو هر پهاڙ، ميدان ۾ بدلجي ويو هو. پيرس ۾ رهندڙ پرڏيهي سفير هن سان ملڻ لاءِ هن جي جاءِ تي پهتا. هن جي مهمانن ۾ "جان ايڊمز" به هو جيڪو ڪجهه سالن ڪانپوءِ آمريڪا جو صدر ٿيو.

☆......☆......☆

پيرس وڏو شهر هو. فرانس جي گادي جو هنڌ هو. جنهن ڪري روز ڪو نه ڪو فنڪشن ٿيندو هو. اهو فيشن ٿي ويو ته هر فنڪشن ۾ والٽيئر کي سڏايو وڃي. والٽيئر جي صحت هن جو ساٿ نه ڏيئي رهي هئي. پر هو مجبور هو. هن اهو چاهيو ته فاغني وارا ڪم هٿ به ڪري پر هٿ لڪڻ ته نهيو ڪيس سوچڻ جو وقت به نه ٿي مليو .هن ڪرندڙ صحت جو بهانو ڪري ماڻهن سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

جڏهن هو گهر ۾ بند ٿي ويٺو ته ماڻهن افواهه ڦهلائڻ شروع ڪيا ته هو موت جي ويجهو آهي. هن جي نازڪ حالت کی عوام کان لڪايو پيو وڃي. ڳالهه ايتري وڌي وئي جو هڪ ڏينهن هن جي مرڻ جي خبر ڇپجي وئي. والٽيئر جي ويجهن دوستن کي ان جي ترديد ڪرڻي پئي.

هن جي بيماري جون خبرون لاڳيتو ڇپجڻ لڳيون ۽ مرڻ جي ڪوڙي خبر ڇپجڻ تي علائقي جي پادرين کي اهو فڪر ورائي ويو ته جي هو سچ به مري ويو ته هن جون آخري رسمون ڪير ادا ڪندو. دين بابت والٽيئر جا خيال مشهور هئا. ان جي روشني ۾ هو انهن مذهبي رسمن جي اجازت به ڏيندو يا نه؟ اجان هو جيئرو آهي، هن کان پڇڻ گهرجي.

راهب گالٽيئر جو هڪ خط والٽيئر کی مليو. هن پادري طور هن جي آخري رسمن لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪيون هيون. ان خط کي پڙهي والٽيئر کي پنهنجو موت سامهون نظر اچڻ لڳو. هو چوراسي سالن جو هو. ڪنهن به وقت مري سگهيو پئي. هن سوچيو ته جيڪڏهن هن ڪليسائی حڪمرانن سان پنهنجا لاڳاپا بهتر نه ڪيا ته هن جي لاش جي به بي حرمتي ڪئي ويندي ۽ کيس ڪنهن قبرستان ۾ جاءِ نه ملندي. هن کي پنهنجي نوجوانيءَ واري دور جي اداڪاره ياد آئی جنهن کي "سين درياءَ" ڪناري هڪ ويران جاءِ تي دفن ڪيو ويو. پادرين ان اداڪاره جي آخري رسمن کي ادا ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ان کان اڳ جو اهڙو وقت اچي، کيس پادريءَ جي اها آڇ قبول ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ضروري هو ته هو پادريءَ آڏو پنهنجي ايمان جو اعلان ڪري ۽ لکت ۾ بيان ڏي. هن هڪ ننڍڙو بيان لکرايو، " مان خدا جي تعظيم ڪندي پنهنجي دوستن سان محبت ۽ دشمنن سان نفرت نه ڪندي ۽ وهم پرستي جي مذمت ڪندي هن دنيا کان موڪلايان ٿو."

هو خدا کي مڃيندو هو. دوستن سان

محبت ۽ دشمنن سان نفرت نہ ڪرڻ هر وڏي ماڻهو کي سونهي ٿو. ڪليسا وارا اهو ڪٿي مڃڻ وارا هئا تہ اهي وهم پرست هئا. ان بيان سان ڪليسائين کي اطمنيان نہ ٿيو. پادري هڪ ڀيرو وري هن خلاف ڳالهائڻ لڳا،" والٽيئر موت جي بستري تي بہ مذهبي رسمن تي ٺٺرون ڪري رهيو آهي. هو ايمان کان ڦري ويو آهي."

والٽيئر اهي ڳالهيون ٻڌيون تہ پريشان ٿي ويو. هن يڪدم ٻيو بيان تيار ڪرايو." هو ڪيٿولڪ مذهب تي هلندي هن دنيا مان وڃي رهيو آهي. هو ان مذهب تي چاڻو هو ۽ ان حوالي سان خدا کان ڇوٽڪاري جو گهرجائو آهي."

پادرين ۽ ڪليسا سندس اهو بيان قبول ڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو ويو تہ هاڻ هو بي فڪر ٿي مري سگهي ٿو. هن جون آخري رسمون ڪيٿولڪ مذهب مطابق ڪيون وينديون ۽ ڪيس عيسائين جي قبرستان ۾ دفنايو ويندو.

هن جي صحت هن سان اس ۽ ڇانو واري راند ڪيڏي رهي هئي. ڪڏهن هن جي حالت خراب تہ ڪڏهن سڌري رهي هئي. هو اهو سوچڻ لڳو موت هن سان راند ڪيڏي رهي آهي. هن کي فاغني واپس موٽي وڃڻ گهرجي. شايد هو اجان مرڻ وارو ناهي.

هن جي حالت ٻيهر بگڙي وئي ۽ آخر سندس موت جو ڏينهن 30 مئي 1778ع اچي ويو. هو سڪرات ۾ هو تہ علائقي جو پادري اچي ويو. هن رسمون شروع ڪري ڏنيون. "توهان مسيح تي ايمان رکو ٿا؟" هن والٽيئر کان پڇيو

"سائين! مون کي سڪون سان مرڻ ڏيو."والٽيئر چيو ۽ هن جو ڪنڌ هڪ پاسي ڍرڪي ويو. اهو سندس آخري جملو هو.

☆......☆......☆

هن جي وفات جي ڏهہ سالن کان پوءِ فرانس ۾ انقلاب اچي ويو. والٽيئر کي انقلاب جي عظيم باني طور مڃيو ويو. انقلاب لاءِ ڪم ڪرڻ وارا ٻيا بہ هئا پر انهن سڀني ۾ والٽيئر ۽ روسو جو نالو سڀني کان مٿانهون هو. والٽيئر ان حوالي سان اهميت رکي ٿو تہ هن رياست ۽ ڪليسا وچ ۾ ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۾ ڪليسا جي مخالفن جي رهنمائي ڪئي هئي. ان جنگ ۾ ڪليسا کي شڪست ملي ۽ هن جي اها حيثيت ختم ٿي وئي، جيڪا بہ هزار سالن کان هلي رهي هئي. ايئن پئي لڳو ڄڻ والٽيئر انقلاب اڳ ۾ ئي آڻي ڇڏيو هو. رڳو اعلان ٿيڻو هو. جنهن ۾ ڏهہ سال لڳي ويا.

انقلاب ڪانپوءِ هن جي چاهيندڙن هن سان ٿيندڙ زيادتين جو ازالو ڪري ڇڏيو. هن جي لکڻين جا اٽڪل بہ سؤ ڪتاب ضخيم جلدن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيا. انهن جلدن ۾ والٽيئر جون لکڻيون ڏيڍ ڪروڙ کان وڌيڪ لفظن ۾ هيون.

ان محنت هن کي عظيم ليکڪن جي قطار ۾ بيهاري ڇڏيو. هاڻ هو انقلاب آڻڻ جي جدوجهد ڪرڻ وارو باغي نہ پر هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ جدا نظر اچي رهيو هو. هڪ اهڙو ليکڪ جنهن جون لکڻيون ٻين کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ هيون........

(ختم شد)

اسان محرم عليءَ جو سسيءَ بنا ڏڙ دفن ڪري ڇڏيو. ميوا شاهه قبرستان کان موٽندي واٽ تي سج لهي ويو. گهر پهتاسين تہ گهر ۾ گگهہ اونده هئي. بتي ٻارڻ جي اجازت نہ هئي. ڪنهن بہ وقت هوائي حملي جو ڊپ هو. موت آسمان مان ڌرتيءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڌرتيءَ جا اسين رهواسي هوائي حملي کان بچڻ لاءِ اونده جا اوچا ڪوٽ ڪڙا ڪري ويهي رهيا هئاسين. حياتيءَ کي اونده جي حوالي ڪري ڇڏيو هيوسين. درن ۾ گهرن ٻاهران قبرن جهڙيون خندقون ڪوٽي

**هڪ سوچ رکندڙ ماڻهوءَ جو تصو جنهن جي سسي لاٿي وئي هئي**

سنڌ جي عظيم ڪهاڻيڪار جي شاهڪار لکت جيڪا هن خود ڪرزما جي هن شماري لاءِ پسند ڪئي آهي. سنڌي ادب ۾ ههڙيون ڪهاڻيون ڪڏهن ڪڏهن ئي لکيون وينديون آهن. وار ڪانڊاريندڙ لکت جيڪا سوچ رکندڙن کي گهڻو ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي

# عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن

امر جليل





چڏيون هيوسين. ڪڏهن خوش ٿي ڪڏهن پشيمان هئاسين ته جيئرا هئاسين. ۽ اونده ۾ وڏيڪ جيئڻ جا جتن ڪري رهيا هئاسين.

اسين محرم عليءَ جا مائٽ مٽ، سوٽ، ماسات ۽ سنگتي ساٿي محرم عليءَ جي گهر پهتاسين ۽ اونده ۾ جذب ٿي وياسين. اونده رهي، اسان جو وجود نه رهيو.

منهنجي پوڙهي مامي، جنهن کي گذريل ويهن سالن کان اڇ رنگو آهي، ۽ اڃا ويهي نه سگهندو آهي. تنهن پڇيو "ابا، پڪ آٿوَ ته سسيءَ بنا ڌڙ محرم عليءَ جو ئي هو ۽ ٻئي ڪنهن شخص جو ته نه هو؟"

ڪجهه دير تائين ماما کي پنهنجي سوال جو جواب نه مليو. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ اونده اسان جي وجود سان گڏ اسان جي آوازن کي به کائي چڏيو هو. مون پنهنجن مائٽ مٽن، سوٽن ماساتن ۽ سنگتين ساٿين کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اونده ۾ مان ڪين ڏسي نه سگهيس. جڏهن گهڻي ڪن ساعتون گذري ويون ۽ ماما کي پنهنجي سوال جو جواب نه مليو تڏهن هن ٻيهر پڇيو "اڙي بابا، پڪ آٿوَ نه، ته ميوا شاه ۾ محرم عليءَ جو ئي لاش دفن ڪري آيا آهيو محرم عليءَ بدران ٻئي ڪنهن شخص جو لاش ته دفن نه ڪري آيا آهيو؟"

تڏهن چيم، "مان سمجهان ٿو ماما، اُهو لاش محرم عليءَ جو ئي هو."

ماما هڪدم چيو "تو ته سڃاتس نه؟"

مان منجهي پيس. هٻڪندي چيم "سمجهان ٿو مون ڪيس سڃاتو هو."

ماما ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيو "سسيءَ بنا ڪنهن کي سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي، پٽ."

ماما جي دل رکڻ خاطر، ۽ ڪيس پڪ ڏيارڻ لاءِ چيم، "مون محرم عليءَ کي سسيءَ بنا به سڃاڻي ورتو هو ماما."

ماما چپن ۾ ڪجهه چيو. سندس لفظ ته ٻڌي سگهيس، پر سندس لفظن جو مفهوم سمجهي نه سگهيس. اصل ۾ هن پاڻ سان ڳالهايو هو. مون سان نه ڳالهايو هو. ماما مون سان يا ٻئي ڪنهن سان جڏهن به ڳالهائيندو آهي، تڏهن وڏي واڪ ۽ چٽي نموني ڳالهائيندو آهي ۽ پوءِ ماما وڏي واڪ ۽ چٽي نموني ڳالهايو. پڇيائين، "پٽ، ڪنڌ مٽڪي وٺان ڪپيو هئائونس، يا ڪرنگهي وٽان؟"

مون بدن ۾ سيسراٽ محسوس ڪيو. سچ پچ ته اسان منجهان ڪنهن به ان طرف ڌيان نه ڏنو هو. هنن مقتل ۾ محرم عليءَ جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري، سندس لاش اسان جي حوالي ڪري چڏيو هو. دستور موجب هنن محرم عليءَ جي سسي اسان جي حوالي نه ڪئي ۽ نه وري اسان ئي محرم عليءَ جي لٽل سسيءَ لاءِ گهُر ڪئي. سڀ ڪجهه ماٺ ميٺ ۽ ٽرٽڪڙ ۾ ٿي رهيو هو.

ڏينهن ننڍو هو. مٿان هوائي حملي جو ڊپ هو. محرم عليءَ جو لاش کڻي اسين گهر نه آياسين. مقتل مان محرم عليءَ جو لاش کڻي اسين سڌو ميوا شاه قبرستان وياسين. ڪيس ڪفن ڏيئي دفن ڪري

ڇڏيوسين. قبرستان جي مسجد ۾ سندس لاش کي غسل بغداديءَ واري حاجي مُلي ڏنو هو.

حاجي ملو سسيءَ بنا ميت ڏسي حيران ٿي ويو هو. هن اسان کان پڇيو هو "هيءُ شخص ڪير آهي، ۽ هن جي سسي ڪٿي آهي؟"

منهنجي ماسات ڪُدوءَ کيس ٻڌايو هو "هيءُ محرم عليءَ جو لاش آهي، حاجي. تون تہ کيس چڱيءَ طرح سڃاڻين نہ!"

حاجي ملو وائڙو ٿي ويو هو. بدني مان لاش تي پاڻي وجهندي، هٿ روڪي ڇڏيو هئائين. ڪجهہ ساعتن لاءِ غور سان محرم عليءَ ڏانهن ڏٺو هئائين ۽ پوءِ ڪلمو پڙهي، پنهنجي سيني تي شوڪارو هڻندي چيو هئائين، "مان محرم عليءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. پر، سسيءَ بنا ڪنهن کي سڃاڻڻ ڏکيو آهي."

حاجي ملي جي ڳالهہ ٻڌي مان بہ شڪجي پيو هوس. مون اِهو نہ ڏٺو هو تہ محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپيل هو يا مٽڪي وٽان. ان ۾ منهنجي لاءِ تيستائين ڪو مفهوم نہ هو. ڪا معنيٰ نہ هئي. معنيٰ هئي تہ فقط محرم عليءَ جي لتل سسيءَ ۾ هئي، ورنہ سڀ ڪجهہ بي معنيٰ هو سڀ ڪجهہ بي مطلب هو.

مان حاجي ملي جي پرسان اوڪڙو ويهي رهيو هوس. محرم عليءَ جو سسيءَ بنان لاش تختي تي رکيو هو ۽ حاجي ملو کيس غسل ڏيئي رهيو هو. هو ڏاڍي پيار، ڏک ۽ صدمي سان محرم عليءَ جي سرد جسم تي هٿ ڦيرائي رهيو هو. رکي رکي ٿڏو ساهہ کڻي لڙڪ پي رهيو هو. هوڏي، سرڪش ۽ ضدي هئڻ جي باوجود محرم علي کيس ڏاڍو وڻندو هو. ڪجهہ عرصي تائين محرم علي سندس ڪتابي رهيو هو. هڪ دفعي سبق وٺڻ کان اڳ محرم علي جڏهن مسيت مان ڀڄي ويو هو تڏهن هن عام ڪتابين وانگر کيس چوڪنيو ٻڌرائي بيد جي لڪڻ سان مار نہ ڏني هئي. هن محرم عليءَ لاءِ دعا ڪئي هئي. اُهي ڏينهن، اُهي شينهن، محرم علي وري ڪتابي نہ ٿيو پر حاجي ملي کي سدائين ياد رهيو. کيس بغداد محمدن فٽبال ڪلب لاءِ کيڏندو ڏسي خوش ٿيندو هو. محرم علي جڏهن بہ گول ڪندو هو حاجي ملو کيس دعائون ڏيندو هو. ڪنهن سماج سڌارڪ هڪ دفعي حاجي ملي کي محرم عليءَ جي هسٽري شيٽ ٻڌائيندي چيو هو تہ، حاجي، اهو محرم علي ڪافر ٿي پيو آهي. نہ رکي روزا ۽ نہ پڙهي نمازون!

حاجي ملي اُن سماج سڌارڪ کي چيو هو "اسين آهيون انسان. هڪ ٻئي جي اندر ۾ ليئو پائي ڏسي نہ سگهندا آهيون. اهو ڪم اللهسائينءَ جو آهي."

پر سماج سڌارڪ نہ مڙيا. گوشہ نشيني ۽ خاموشيءَ جي باوجود سماج سڌارڪ محرم عليءَ جي ڪڍ لڳا رهيا. کيس مقتل تائين پهچائي دم پٽيائون. سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪرائي ڇڏيائون.

غسل ڏيڻ کان پوءِ حاجي ملو محرم عليءَ جي سيرانديءَ کان اچي بيٺو هو. جيتوڻيڪ سندس سسيءَ کي ڌڙ کان ڌار ٿئي ٿي، چار ڪلاڪ گذري ويا هئا، تنهن

هوندي به محرم عليءَ جي ڪپيل نڙگھٽ ۾ رڳن مان رت ٽمي رهيو هو. حاجي ملي چيو "مان سمجهان ٿو هيءُ لاش محرم عليءَ جو آهي. سسيءَ بنا به مون ڪيس سڃاڻي ورتو آهي."

آلاڻ سبب محرم عليءَ جي سيني جا وار ڳوهجي ويا هئا. انيڪ ڪارن وارن ۾ مان هڪ اڇو وار ڳولڻ لڳس. محرم عليءَ هڪ دفعي پنهنجي سيني جو اڇو وار ڏيکاريندي مون کي چيو هو "پيغمبري چاليهه سالن کان پوءِ ملندي آهي. مان چاليهه سالن جو ٿيو آهيان. هيءُ اڇو وار منهنجي پيغمبريءَ جي نشاني آهي.مان خاموشيءَ جو پيغمبر آهيان."

ان وقت چئوطرف روشني هئي- اونده نه هئي. هوائي حملي ۾ موت کان بچڻ لاءِ اسان زندگيءَ تي اونده جي چادر نه چاڙهي هئي. تڏهن اسان محرم عليءَ جي ڳالهه کي اهميت نه ڏني هئي. اسان جو سمورو ڌيان سج ڏانهن ڇڪجي ويو هو جيڪو ڌرتيءَ کان ڏار ٿي رهيو هو. جبلن تي ڪاهه ڪري چوٽيون سر ڪري، اسان سج جي ٻرندڙ گولي کي پاڪر ۾ پري ورتو هو. جسم داغن سان سينگارجي ويا هئا. ٻانهون ڏنين ۾ زخمن سان روشن ٿي پيون هيون.

۽ انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي مائرن اسان کي مٽي تي مِٽي ۽ وڏي ڇمار جي دعا ڏني هئي. تڏهن سج اسان جي ٻانهن مان ڇڏائجي ويو هو- پاڪر مان نڪري ويو هو- ڌرتيءَ کان پري ٿي ويو هو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن چوٽ چڙهندو ٽانڊاڻي وانگر نظر ايندو آسمان جي اونداهيءَ جهنگ ۾ گم ٿي ويو هو ۽ پوءِ هر طرف اونده، انڌوڪار ۽ تاريڪيءَ جو واسو ٿي ويو. انسانن جي دل ۾ هوائي حملي جو ڊپ گهر ڪري ويهي رهيو.

ڪلندڙ روئيندڙ ڳالهائيندڙ ۽ سوچيندڙ ٻار مري ويا. ڪائنات جو دستور بدلجي ويو. ماٿرن انڌن، گونگن، ٻوڙن ۽ موڳن ٻارن کي جنم ڏنو. روشني ڪريو! روشني ڪريو! آسمان جي گنبذن مان آواز ايندو رهيو. روشني ڪريو! مشعلن کي رت جي تيل سان تازو ڪريو! روشني ڪريو! اي ماٿرو سوچن کي جنم ڏيو! اي ماٿرو ڳالهين کي جنم ڏيو! اي ماٿرو ڳالهين کي جنم ڏيو! اي ماٿرو بصيرت کي جنم ڏيو! اي ماٿرو سماعت کي جنم ڏيو! روشني ڪريو!

روشني ٿي هئي، پر ٿورڙي دير لاءِ- گهڙي کن لاءِ ۽ پوءِ غيب مان صوره اسرافيل جو آواز آيو. ماڻهن چيو بتيون وسايو زندگي موت جي اک ۾ آهي. اونده ڪريو! مشعلن جا منهن واريءَ ۾ پوري ڇڏيو! شيلفن تان خليل جبران کي لاهي دلين ۾ سانڍي ڇڏيو. هوائي حملي جو سائرن وڳو آهي. بتيون وسائي ڇڏيو! اونده ڪريو! اونده ۾ جيئري رهڻ جا جتن ڪريو!

اسين سڀئي، مٽ مائٽ، دوست احباب ۽ سنگتي ساٿي اونده ۾ جيئري رهڻ تي راضي ٿي پياسين. اسين سوٽ، ماسات ۽ ماروٽ ۾ پڦات اونده ۾ جيئري رهڻ جو دستور سکي پياسين. اونده ۾ ٺوڪرون، ٿاٻا ۽ ڌڪا کائيندي هٿن پيرن جا ننهن پٽائي ۽ پچائي ويٺاسين ۽ جيئرا

رهياسين.

پر محرم علي اونده ۾ جيئرو رهي نہ سگهيو. هو مري ويو پر پنهنجي مرضيءَ سان نہ. سندس موت جو وقت ۽ ڏينهن آسمانن، زمينن ۽ ڪائنات جي خدا مقرر نہ ڪيو هو. سندس موت جي گهڙيءَ جو تعين ڌرتيءَ جي زورآور خدائن ڪيو هو. هنن اسان کي اڳواٽ اطلاع ڏياري موڪليو هو تہ فلاڻي ڏينهن، فلاڻي وقت محرم عليءَ جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي ويندي. توهين مقتل ٻاهران وقت سر سندس لاش کڻي وڃجو.

ماما جي محرم عليءَ سان ڏاڍي دل هوندي هئي. مون جڏهن ماما کي ٻڌايو هو تہ محرم عليءَ خاموش پيغمبريءَ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ خاموش ٿي ويو آهي، تڏهن ماما چيو هو، "مان محرم عليءَ جي دعويٰ جو مفهوم سمجهي سگهان ٿو. هن کي خليل جبران واري پيغمبر ملي آهي. هو جبران وانگر ڪنهن ميري هيسڪل سان لازوال محبت ڪندو ۽ انيتاليهن سالن جي عمر ۾ مري ويندو."

ڌرتيءَ جي زورآور خدائن جڏهن محرم عليءَ جي موت جي گهڙي مقرر ڪري ڇڏي، تڏهن ماما چيو هو "ڌرتيءَ جي خدائن لاءِ آسمان جي خدا پنهنجي الهامي ڪتابن ۾ لکي ڇڏيو آهي تہ،"مون هنن جي دلين تي تاڪيون چاڙهي ڇڏيون آهن ۽ مون کين پنهنجي هدايت کان هميشہ لاءِ محروم ڪري ڇڏيو آهي."

مقرر ڏينهن تي مون ماما کي چيو "اڄ محرم عليءَ جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري سندس لاش اسان جي حوالي ڪري ڇڏيندا. تون مقتل تائين هلندين، ماما. اسين ايمبولنس جو بندوبست ڪري ونداسين."

"مان انيڪ دفعا مقتل ويو آهيان ۽ انيڪ دفعا مقتل کان موٽي آيو آهيان." ماما چيو هو. "مان اڌ رنگي جو مريض آهيان، هلي نہ سگهندس. توهين مائٽ مٽ، دوست احباب ۽ سنگتي ساٿي مقتل تائين وڃو ۽ محرم عليءَ جو لاش وٺي، ميوا شاهہ قبرستان دفن ڪري اچو."

اسين محرم عليءَ جو سسيءَ بنان لاش ميوا شاهہ قبرستان ۾ دفن ڪري موٽي آياسين. اونده جي ڪوٺن ۾ محفوظ ٿي ويهي رهياسين. الاءِ ڇو ماما کي محرم عليءَ جي ڪنڌ جو فڪر ورائي ويو هو. هن لاءِ اهو ڪافي نہ هو تہ اسان سسيءَ بنا محرم عليءَ کي سڃاتو هو. هن رکي رکي تصديق ڪرڻ پئي چاهي تہ محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپيل هو يا مٽڪي وٽان!

ماما چيو "مان سمجهان ٿو محرم عليءَ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپجي ويو هوندو، ڇو جو محرم عليءَ جو ڪنڌ اڪثر سوچ ۾ جهڪيل رهندو هو."

چيم، "مان سندس ڪپيل ڪنڌ ڏانهن ڏسي نہ سگهيو هوس."

ماما چيو "سوچيندڙ ۽ سرڪش جي سسي ڌڙ کان ڌار ٿيڻ برحق آهي. سوچيندڙ جو ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ۽ سرڪش جو ڪنڌ مٽڪي وٽان ڪپجي ويندو آهي. محرم علي سوچيو هو. سندس ڪنڌ ڪرنگهي وٽان ڪپجي ويو هوندو."

ايندو؟"

تعجب ٿيو. چيم، "محرم عليءَ کي اسين ميوا شاهہ قبرستان ۾ ڇڏي آيا آهيون. بغداديءَ واري حاجي ملي ڪيس غسل ڏنو هو."

ناز پڇيو "پڪ اٿئي تہ سسيءَ بنا جيڪو لاش دفن ڪري آيا آهيو سو لاش محرم عليءَ جو ئي آهي؟"

منجهي پيم.پر چيم "مان سمجهان ٿو نان تہ اهو لاش محرم علي جو ئي هو."

ناز چيو "تہ پوءِ محرم علي ضرور موٽي ايندو."

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. محبت ۾ بدحواسيءَ جون ڳالهيون ڪندي مون اڳ ڪنهن کي نہ ڏٺو هو. ناز سراسر چرياڻپ جهڙيون ڳالهيون ڪري رهي هئي. ميوا شاهہ قبرستان مان محرم عليءَ جي واپسي قطعي ناممڪن هئي.

ناز چيو "ڏسجانءِ، محرم علي ضرور موٽي ايندو."

مون ناز کي چيو "ماما چيو پئي تہ محرم علي توسان اهڙي محبت ڪندو هو جهڙي محبت خليل جبران ميري هيسڪل سان ڪئي هئي."

"مون کي خبر آهي،" ناز چيو "۽ مون کي اِها بہ خبر آهي تہ محرم علي موٽي ايندو."

ناز جي حالت تي مون کي ارمان ٿيو. محبت جي صدمي ۾ هوءَ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺي هئي. مون کي برٽرينڊ رسل جي ڳالهہ ياد آئي، جنهن هڪ دفعي چيو هو تہ. "ٿورڙو يا گهڻو اسين سڀيئي ڪجهہ ڪجهہ چريا ضرور هوندا آهيون."

ناز هلي ويئي.

مان وراندي ۾ وڇي فرش تي ليٽي پيس. پريان کٽ تي ماما پاسيرو ليٽيو پيو هو ۽ حقي مان ٻڙڪاٽ ڪيائي رهيو هو.

۽ پوءِ، اڌ رات ڌاري آسمان مان آبشار اٿلي پيو. ڄڻ نياڳرا جو آبشار هوا ان رات اهڙو مينهن وٺو جو اڳ پنهنجي سانڀر ۾ ڪنهن نہ ڏٺو هو. ائين پئي لڳو ڀانءِ تہ تربيلا جو بند ڀڄي پيو هوا ساوڻيءَ جو سنڌو هو جو ڌرتيءَ بدران آسمانن مان وهي نڪتو هو. گجگوڙ سان گڏ کنوڻ اهڙا تجلا ٿي ڏنا جو ڌرتيءَ جو داغ داغ روشن ٿي پئي پيو. ڌرتيءَ جي سيني تي اسان اڳ ايترا تازا، روشن ۽ جيئرا داغ ڪڏهن نہ ڏٺا هئا. ڌرتيءَ جي ڪراڙي نرڙ تي ايترا ڏنڀ اڳ ڪڏهن نظر نہ آيا هئا. تاريخ جا سمورا زخم آسمان مان وسندڙ پاڻيءَ سان ڌوپجي اُجرا ۽ جرڪندڙ ٿي پيا هئا.

وڄ جي چمڪاٽ ۽ ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ سان ٻاهريون در لڏي ويو.

ماما وڏي واڪ پڇيو "ڪير آهي؟"

ڪنهن جواب ڏنس، "کنوڻ ۽ ڪڪرن جي گجوڙ ۾ در لڏي ويو آهي. هن مينهن ۾ ڪنهن کي ڪتيءَ ڪنيو آهي جو ايندو!"

"ها، تون ٺيڪ ٿو چوين." ماما چيو "پر مان سمجهان ٿو ٻاهر در تي ضرور ڪو آيو آهي_ شايد مقتل مان. ڪو آيو آهي، محرم عليءَ جي سسي موٽائڻ!"

ماما جي دل رکڻ لاءِ ڪنهن اٿي ٻاهريون در کوليو. ٻاهر ڪو بہ نہ هو.هن سڏ ڪري پڇيو "ڪو آهي!" ڪيس جواب نہ

مليو. هن دربند ڪري ڇڏيو. موٽي آيو. چيائين، "ٻاهر ڪو بہ نہ آهي."

آسمان مان آبشار ڪرندو رهيو. وڄ چمڪندي رهي. ڪڪر ڪڙڪات ڪندا رهيا. ٻاهرين در کي اهڙو ڌوڏو آيو جو اسان سيني کان ڇرڪ نڪري ويو. ائين لڳو طاق تي ڄڻ ڪنهن هٿ هنيو هو.

ماما چيو "مان سمجهان ٿو ٻاهر ضرور ڪو آيو آهي."

"ٻاهر ڪو بہ ڪونهي، ماما."

ڪنهن چيو "اڪين وانگر ڪن بہ ڪڏهن ڪڏهن دوکو کائي ويندا آهن."

"نہ نہ، ٻاهر ضرور ڪو آهي." ماما چيو "مان سمجهان ٿو مقتل مان محرم عليءَ جو ڪپيل سر ڪٽي آيا آهن."

اونده ۾ وري ڪو آئيو. ٻاهرين در تائين پهتو. در کولي گگهہ اونده ۾ ڪنڌ ڪڍي هن وڏي واڪ پڇيو "يار ڪير آهي! اسان جي مائٽن، ماروئن، ماساتن، سوٽن، پڦاٽن ۽ دوستن مان ڪو ٻاهر تہ نہ رهجي ويو آهي!"

ڪيس جواب نہ مليو. خاموشيءَ کي ڪنوڻ ڪاٽ هڻندي رهي. ڪڪر ماٺ جو هنياءُ ڏاريندا رهيا. هن ٻاهريون در بند ڪري ڇڏيو موٽي آيو. پنهنجي جاءِ تي ويهندي چيائين، "ڪو بہ نہ هو."

۽ پوءِ ڳچ وقت تائين ڪنهن نہ ڳالهايو. مسلسل مينهن وسندو رهيو۔ ڌرتيءَ جي اُڃ اُجهائيندو رهيو. ڪنوڻ ڪنوندي رهي۔ ذهن جي غفائن کي روشن ڪندي رهي ۽ اوچتو وڏو نڪاءُ ٿيو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ آسمان ڏري پيو هو يا ڪو جبل ڌرتيءَ جي سيني ۾ لهي ويو هو

## لطيفو

هڪ سائيڪل سوار جو ٻار زور زور سان روئي رهيو هو. ڪنهن سائيڪل سوار کان پڇيو "تنهنجو ٻار روئي رهيو آهي ۽ توکي تڪي جي بہ پرواهہ ناهي."

سائيڪل سوار چيو."مون خود هن کي روئاڙيو آهي، ڇو تہ منهنجي سائيڪل ۾ گهنٽي ناهي."

يا ڪٽي ڪو آتش فشان ڦاٽي پيو! ايتري ۾ ٻاهريون در واضح نموني کڙڪي پيو. مان اُٿي ويهي رهيس. ٻاهريون در ورانڊي کان پري نہ هو۔ وڪ کن تي هو. مان در وٽ وڃي بيهي رهيس. ڪائنات جي رنجش جا آواز ٻڌندو رهيس.

پيهر در کڙڪيو. سرٻاٽن جو آواز آيو. مون ڪڙو لاهي ڇڏيو.

ٻاهريون در اسان اڳ بہ کوليو هو. پر، ان لمحي ٻاهريون در کوليندي مون محسوس ڪيو تہ، ڄڻ تاريخ جو اڻ لکيل باب کلي پيو هو.

اونده ۾ مينهن ۾ مان ٻاهر نڪري بيٺس. اوچتو وڄ چمڪاٽ ڪيو. مون پنهنجي سامهون اڇيءَ چادر ۾ ويڙهيل ڪنهن شخص جو اولڙو ڏٺو. تعجب ٿيم. پڇيم، "ڪير آهين؟"

اوچتو هر ڪو آواز بند ٿي ويو. ان شخص جو آواز آيو. چيائين، "مان محرم علي آهيان."

تاريخ جي کليل باب مان منهن ورائي مون مائٽن ۽ دوستن کي چيو. "محرم علي موٽي آيو آهي."

❊.....❊.....❊

"آخر ان جو مطلب ڇا آهي؟"
هن اهو سوال ٻيهر پڇيو.
ڪلپنا بنا جواب ڏيڻ جي چانهه
پائڻ لڳي ۽ چانهه جو ڪوپ هن جي
اڳيان رکي ڇڏيائين.
"مان توکي ڪيڏو پيار ٿو ڪريان!

ڪريان ٿو يا نه؟"
ڪلپنا ڪنڌ لوڏي "ها" ڪئي.
"۽ تون آهين جو توکي ڪجهه ٿئي
ئي نٿو! اسان کي شادي ڪئي ٻه سال ٿي
ويا آهن. اڃا ڪجهه سکين ئي نٿي، ٻيري
ٻيري چوين، وقت ڏيو وقت ڏيو سکي

**ڪهاڻي هڪ زال جي، جيڪا مڙس کي خوش ڪرڻ کان لاچار هئي**

هڪ اهڙي عورت جو قصو جنهن جي نفسياتي مسئلي
ڪري سندس مڙس ناراض هو حالانڪ هن کي اها خبر به
نه هئي ته سندس مسئلو ڇا هو. ان جي خبر ڪيس ڪيئن
پئي ۽ اصل مامرو ڇا هو. تنهن جو احوال هندوستان ۾
رهندڙ هن سنڌي ليکڪا جي ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

# آخر ائين ڇو؟

ريتا شهاڻي



پوندس پر ڪڏهين آخر ڪڏهين؟“

”هون“

”مان توسان ويٺو ڳالهايان يا ٻيٽ سان؟“ هن جو آواز اوچو ٿيندو پئي ويو. ۽ جڏهين هن ڪلپنا ڏانهن نهاريو ته سندس اکين ۾ ڳوڙها ڏسي ٿورو شانت ٿي ويو. پنهنجي هٿ سان هن جو هٿ پڪڙي ٿورو دٻايائينس.

”ڊارلنگ، منهنجو مطلب ائين ڳالهائڻ جو ڪو نه هو پر تون ٿوري ڪوشش ته ڪر نه!“ هن سر مٿيندي پاڻوه وچان چيو.

”مان ڪوشش ڪريان پيئي.“

”جي ڪوشش ڪرڻ سان به ڪجهه نٿو ٿئي ته ڊاڪٽر کي ڏيکار.“

”نه، نه، ڊاڪٽر نه!“ ڪلپنا ڊڄندي چيو.

هن هن جو هٿ اوچتو ڇڏي ڏنو.

ڪلپنا هنجي چهري ۾ اکيون کپايون ها، اتي وري ڪاوڙ جا اهڃاڻ نظر اچي رهيا هئا.

ڪلپنا همٿ ٻڌي چيو ”ڇڱو مون کي هڪڙي مهيني جي مهلت ڏيو اڄ ڏهين تاريخ آهي نه، ٻئي مهيني جي ڏهين تاريخ تائين.“

هو نيرن جي ميز ڇڏي سنان جاءِ ۾ هليو ويو.

اوچتو پريشر ڪڪر جي سيٽيءَ، ڪلپنا کي هن جي خيالي دنيا مان جاڳايو هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ۽ رڌڻي ۾ ويئي هلي. اهڙو اڄ صبوح جهڙو وار تالاپ ڪيترا ئي ڀيرا ٿي چڪو هو پر اهو گهٽو ڪري آڌي رات جو يا سويل صبوح جو هنن جي بيڊروم ۾ ئي ٿيندو هو. هن طرح مهيني جي مهلت به هن ڀهريون ڀيرو ئي گهري هئي.

چانور سوئيندي، باسڻ اگهندي، هر وقت هوءَ پنهنجي مسئلي تي ئي سوچي رهي هئي.

نيٺ اهڙو ڪهڙو ڪارڻ هو جو هوءَ پنهنجي پتيءَ کي سنتوش پهچائڻ ۾ اسمرٿ هئي؟ ڇا هن گهٽ ڪوشش ڪئي هئي؟ پر پوءِ به سڦل ڇو نه ٿي سگهي هئي؟ خبر ناهي هن ۾ ڪهڙي ڪوتاهي رهجي ويئي آهي؟... سريش هن کي ور ور ٻڌائيندو هو ته ٻيون زالون پنهنجي مڙسن سان ڪيئن پيش اينديون آهن، هو هيئن ڪنديون آهن، هو هونئن ڪنديون آهن، هن کي ائين ڪرڻ کپي... پر هن کي خبر ئي ڪا نه پوندي هئي. ته ٻيون زالون ڇا ڪنديون آهن ۽ هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ سريش هن کي ڪيترا ڪتاب آڻي ڏيندو هو. هوءَ پڙهڻ شروع ڪندي هئي پر ٿورا صفحا پڙهڻ کانپوءِ، ڪراهت وچان هوءَ ان کي ڦٽو ڪري ڇڏيندي هئي... هوءَ اهي ڪتاب پڙهي ڪا نه سگهندي هئي. فوٽن وارن ڪتابن سان ته هن کي نهائين وڏيڪ نفرت هئي.

سريش کي شڪايت آهي ته هوءَ هن کي پيار نٿي ڪري. هوءَ سريش کي پيار نٿي ڪري؟ ۽ سريش ائين چوڻ لڳو آهي؟؟ ان کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو مذاق ٿي سگهندو! سريش جنهن سان شاديءَ کان ٻه سال اڳ هن پيار ڪيو هو ۽ مائٽن جي مرضيءَ خلاف پيار جي شادي ڪئي هئي.

## حضرت عمر بن عبدالعزيز رح

هڪ ڏينهن حضرت عمر بن عبدالعزيز رح بيت المال جا صوف آيا.پاڻ ان کي عام مسلمانن ۾ ورهائي رهيا هئا تہ سندس ننڍو پٽ اتي اچي پهتو ۽ صوف کڻي کائڻ لڳو. پاڻ ان وقت ئي هن کان صوف ڦري ورتو. هو روئندو ماءُ وٽ پهتو ۽ شڪايت ڪئي. ماڻس بازارمان صوف گهرائي ورتو.

جڏهن عمر بن عبدالعزيز رح گهر آيا تہ هن صوف جي خوشبو سونگهي ورتي ۽ چوڻ لڳا. "بيت المال جو ڪو صوف تہ اسان جي گهر ۾ تہ نہ آيو آهي؟" سندس زال سچو واقعو هن کي ٻڌايو. تنهن تي پاڻ چيائون. "خدا جي قسم مون پنهنجي پٽ کان صوف ڪو نہ ڦريو هو پر مون پنهنجي دل کان اهو ڦريو هو. مون کي اهو پسند ناهي تہ مان مسلمانن جي حصن مان هڪ صوف جي عيوض پنهنجو پاڻ کي تباهہ ڪري ڇڏيان.

سريش جي مائٽن جي مخالفت هئڻ سبب هنن کي جدا گهر ڪري رهڻو پيو هو. شاديءَ کان اڳ سريش سان هڪ ڏينهن نہ ملندي هئي تہ منجهي ڳنڍيون ڳوڙها ٿي پوندي هئي. شاديءَ کان پوءِ بہ هو جڏهين ٽوئر تي ويندو هو تہ بہ سندس دل گهبرائڻ لڳندي هئي. پنهي جو پاڻ ۾ ايتري پيار هوندي بہ هيءَ ڪهڙو مسئلو اچي سامهون بيٺو هو؟

هوءَ ڇا ڪري؟ بہ راتيون تہ صرف سوچڻ ۾ نبري ويون. پر صرف سوچڻ سان تہ پاڻ هن جو من وڏيڪ ڏانواڏول ٿي رهيو هو ۽ ٽئين ڏينهن اوچتو هن کي خيال آيو. هن جي سامهون واري فليٽ ۾ هڪ پروفيسر سشيلا شڪلا رهندي هئي. هوءَ اڪثر هن کي ڏاڪڻ تي چڙهندي ۽ لهندي ڏٺي هئي. ڪڏهين پنهنجن ڏيئرن سان تہ ڪڏهين اڪيلي. هن جون بہ ننڍڙيون ٻيبيون هيون جن کي هوءَ اسڪول ۾ ڇڏڻ ۽ وٺڻ ويندي هئي. پاڻ واڊيا ڪاليج ۾ سائيڪالاجيءَ جي پروفيسر هئي. ڪلپنا کي مسز شڪلا وٽڻ لڳي هئي. هڪ بہ ڀيرو هوءَ هن وٽ فون ڪرڻ بہ آئي هئي. ڀيري ڀيري هن کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ زور ڀريندي هئي. شام جو ڇئين وڳي هوءَ هن وٽ هن جي پتيءَ جي اچڻ کان اڳ ضرور ويندي. ڪلپنا کي لڳو تہ هوءَ ان سائيڪالاجيءَ پروفيسر سان پنهنجي دل جو حال اوري سگهندي.

مسز شڪلا، ڪلپا کي ڏسي خوش ٿي ويئي. ٿوري هِتي هُتي جي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪانپوءِ هن سوال پڇيو "ڪلپنا مان ڪجهہ ڏينهن کان جاچي رهي آهيان تہ تنهنجي شڪل لٿل آهي؟"

ڪلپنا پنهنجون اکيون جهڪائي انهن تان نيل پالش لاهڻ جي ڪوشش

ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ همٿ ٻڌي چوڻ لڳي.

"ديدي، مون کي هڪڙو پرابليم آهي."

سشيلا پنهنجو ڪم ڇڏي هڪدم هن جي ڀر ۾ اچي ويٺي ۽ چوڻ لڳي، "تون بنا ڪنهن حجاب جي مونکي پنهنجو مسئلو ٻڌائي سگهين ٿي. ٿيو ڪجهه نه ٿيندو ته گهٽ ۾ گهٽ تنهنجو من ته هلڪو ٿيندو نه."

۽ ڪلپنا هن کي شروع کان وٺي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ به سشيلا هن کان سوال پڇيا ۽ هوءَ جواب ڏيندي ويئي. سوال رواجي ۽ سولا هئا.

"تون پنهنجي گهوٽ کي پيار ڪندي آهين؟"

"ها!"

"ڪيترو؟"

"تمام گهڻو؟"

"تون هن کان جدا رهي سگهندي آهين."

"نه، هڪ رات به نه."

"تنهنجي ماضيءَ ۾ ڪا اهڙي گهٽنا ٿي آهي، جنهن جي ڪري توکي جسماني پيار لاءِ نفرت پيدا ٿي هجي؟"

"مون کي ياد نٿو اچي."

"توکي وواهت جيون ۾ ڪهڙي قسم جو پيار پسند آهي؟

"مون کي رڳو هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙڻ، هلڪو پاڪر پائڻ، ٿڏو مٺو پيار پسند آهي."

"ان کان وڌيڪ نه؟"

"نه!"

سشيلا ڪلپنا جون ڳالهيون ٻڌي ٿپيءَ ۾ پئجي ويئي.

ڪلپنا جو به ڳالهائڻ سان ڪجهه من هلڪو ٿيو ۽ ڪيس سوچڻ سمجهڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ مليو.

ٻنهي اهو فيصلو ڪيو ته هر هفتي ۾ ڏينهن هو هڪ ٻئي سان ملنديون، ڪڏهين ڪلپنا جي گهر ته ڪڏهين سشيلا جي گهر ۽ انهن ٻئنڪن جي درميان، ڪلپنا پنهنجي دل کي ٽٽوليندي، سشيلا کي يقين هو ته ضرور ٻالڪپڻ يا جوانيءَ ۾ ڪلپنا اهڙي ڪا ڳالهه ڏٺي آهي، ٻڌي آهي يا پڙهي آهي تنهن هن جي من ۾ سيڪس لاءِ ايتري قدر ڪراهت پيدا ڪري ڇڏي آهي جو هوءَ سيڪس لائيف جو لطف نٿي وٺي سگهي ۽ پنهنجي مڙس کي به شڪايت ڪرڻ جو وجهه ڏنو اٿس. هوءَ هن کان وري وري اهو سوال پڇي رهي هئي.

"توکو اهڙو نظارو ڏٺو؟"

"نه"

"ساهيڙين جون ڪي ڳالهيون ٻڌي من ۾ نفرت پيدا ٿي؟"

"نه"

"ڪو اهڙو ڪتاب پڙهيئه؟"

"نه"

"چڱو پلا وڌيڪ ياد ڪر."

اهڙي نموني ڪجهه ڏينهن پيا به گذري ويا.

سريش ۽ ڪلپنا جو اهو نيم هو ته هو هر ڇنڇر جو ليٽ نائيٽ پڪچر ڏسندا هئا. هن ڇنڇر تي به هو پڪچر ڏسي موٽيا.



# آئس برگ

فياض چنڊ ڪليري

هن ڪهاڻيءَ لاءِ صرف اهو چوڻ ئي ڪافي آهي تہ ههڙيون ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جو احساس ڏيارين ٿيون. هڪ اهڙي ماڻهو جو احوال جنهن سان هڪ وڏو انوکو واقعو پيش آيو جنهن جو هو تصور بہ نہ پئي ڪري سگهيو. خوبصورت ڳالهين سان جڙيل حيرت ۾ وجهندڙ ڪهاڻي. سنڌ مان ڪافي دوستن ليکڪ جي باري ۾ تعارف پيش ڪرڻ لاءِ ڪافي خط لکيا آهن جنهن جي ڪري سندس تعارف اسان پيش ڪري رهيا آهيون. سندس تعارف اهو آهي تہ پاڻ هيل تائين ٽيهہ کن ڪهاڻيون، ست ٽي وي ڊراما، ٻہ سو کان وڌيڪ اخباري ڪالم، ٻہ سو کان وڌيڪ غزلون، نظم وغيره لکي چڪا آهن. کين ويهہ کان وڌيڪ مختلف ايوارڊ مليا آهن، انهيءَ ۾ سال 2005 جو بهترين ڪالم نگار جو وزير اعليٰ ايوارڊ پڻ شامل آهي جنهن ۾ کين سونو ٻلو ڏنو ويو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت نواب شاهہ جو سيڪريٽري، صحافي ۽ سنڌ ٿنڪرز فورم جو چيئرمين پڻ آهن. جيڪي دوست کيس ملڻ چاهين ٿا سي بنگلو نمبر A/7 ، سيڪنڊ اسٽريٽ، تاج ڪالوني، لنڪ 2/2، نواب شاهہ جي ائڊريس تي رابطو ڪري سگهن ٿا. سندن فون نمبر 0244_360078 ۽ 0301_3217137 آهن.

## لڱ ڪانڊاريندڙ ڪهاڻي، جنهن جو انجام اوهان کي ڇرڪائي ڇڏيندو

اها ڊسمبر جي هڪ اٿوسرندڙ شام هئي. آسمان تي ڇانيل بادلن، موسم کي محبوب جي تصور جهڙو خوبصورت بڻائي ڇڏيو هو. آچر جي هر شام جيان ان شام بہ آئون، بخاري بابا جي درگاهہ ٻاهران غازي عباس جي علم جي ساڄي پاسي، گلابن، موتين ۽ سدا بهار گلن جي ڪونڊين پرسان پٽ تي ويهي جهرڪين،



ڪٻرين ۽ درگاهہ جي دادلي مورڪي داڻو چڳائي رهيو هوس.

منهنجي هرآچر جي شام، انهن معصوم پکين جي نانءُ هوندي هئي. انهن سان منهنجو ڄڻ تہ پراڻو ياراڻو ٿي ويو هو. آچر جي صبح ٿيندي ئي مون کي پنهنجي دوست پکين جو اُلڪو اچي ورائيندو هو. ڊاڪٽرس ڪالونيءَ جي پويان، لوئر اسٽاف جي پان بيڙيءَ جي کيبن جهڙن ٻن ڪمرن واري سوڙهي فليٽ ۾ منهنجو ساهہ منجهڻ لڳندو هو. اسٽڊي ٽيبل تي ٽڙيل پکڙيل خاموش ڪتاب بہ منهنجي ملول من کي سهارو ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويندا هئا. ڀاسندو هو، ڄڻ بخاري بابا جي درگاهہ جا پکي منهنجو رستو نهاري رهيا آهن. ڄڻ درگاهہ ٻاهران، ننڍڙي مسجد جي ساڄي پاڪُر ۾، نڪر جي ڪونڊين ۾ رکيل، گلابن، موتين ۽ سدا بهار گلن جا ٻوٽا، ڪيلن جا چار ٻوٽا، سرنهن جو تناور وڻ ۽ ڏاڙهونءَ جو جوان ٿيندڙ وڻ منهنجي هٿان پاڻي پيئڻ لاءِ هوائن کان منهنجو پتو پڇي رهيا آهن. بي زبان ٻوٽن ۽ معصوم پکين سان ڪجهہ ڪلاڪ گذارڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيندو هو، ڄڻ سموري هفتي دوران روح ۽ دماغ تي پيل بوجهہ هلڪو ٿي ويو آهي. درگاهہ جي موٽر هلائي جڏهن گُلن ۽ وڻن کي وهنجاريندو هوس، تہ منهنجي خيالن جي اجري بدن تان سموري هفتي دوران سول اسپتال جي سرجري بلاڪ جي آپريشن ٿيٽر ۾ ڪيترن مردن، عورتن ۽ ٻارن جو آپريشن دوران وهايل خون ڄڻ لهي ويندو هو. جهرڪين ۽ ڪٻرين جي چهچهاٽ ۽ مور جي ٽهوڪن جي سرگم ۾ وڃائجڻ ڪانپوءِ مون کان ڪاسائي ڊاڪٽرن جا زهر آلود لهجا ۽ منافقاڻا ٽهڪ وسري ويندا هئا. آچرجي هڪڙي شام، منهنجي بي رنگ، اڪيلي ۽ اداس زندگيءَ کي انڊلٺي رنگ ۽ احساسن تي حاوي ٿيل دوائن، خون ۽ اسپرٽ جي بوءِ کي لاهي، گلابن ۽ موتين جو هڳاءُ بخشي ڇڏيندي هئي.

ڊسمبر جي ان خوبصورت شام جو بہ مان معمول موجب پرائمريءَ جي شرير ٻارڙن جهڙن پکين کي داڻو چڳائي رهيو هوس. مون کي محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ اهي پکي، ننڍڙا گلن جهڙا ٻار بڻجي ويا آهن. هارين ۽ مزدورن جا غريب ٻار! مون جيان! جيڪي اسڪول ويندي اڪثر جيب خرچيءَ کان محروم رهجي ويندا آهن ۽ مان ڄڻ ڪو شريف ۽ مهربان استاد بڻجي پوندو هوس. جيڪو جڏهن انهن ٻارن جي اداس اکين آڏو، پنهنجي پاسي واري کيسي مان اوچتو ٽافيون ۽ چاڪليٽ ڪڍي پنهنجي تريءَ تي رکندو آهي تہ، انهن ٻارڙن جي چهرن تي اڻ لکي خوشيءَ جو تاثر اڀري پوندو آهي. ڄڻ ڪنهن انهن جي چتيون لڳل جهولين ۾ چنڊ ۽ ستارا وجهي ڇڏيا هجن! مان پکين کي داڻو چڳائي رهيو هوس ۽ منهنجي تصور جي دريءَ تي، انهن اداس، وياڪُل ۽ پراسرار اکين جو اولڙو پئجي رهيو هو. جيڪي اکيون مون کي صدين جون صدائون محسوس ٿينديون هُيون. مون کي خبر نہ هئي تہ هوءَ ڪير هئي. ڪٿان ايندي هئي، سندس نالو ڇا هو؟ پر هوءَ جڏهن علم پاڪ جي زيارت ڪري، پنهنجا خوبصورت ۽ نفيس هٿ کڻي، اکيون ٻوٽي، دعا گهرندي هئي، ان سمي منهنجو ڪائنات جي خالق

جي هيڪڙائي ۽ بي پرواهيءَ تي ويساھ پختو ٿيڻ لڳندو هو. هوءَ به مون جيان هرهفتي درگاھ تي ايندي هئي. غازي عباس جي علم جي زيارت ڪري نم جي وڻ هيٺان، سيمنٽ جي دڪيءَ تي رکيل مٽن جي قطار مان، ساڄئي مٽ مان، جست جي گلاس ۾ پاڻي پري پيئندي هئي ۽ پنهنجي پيرن تائين گهيريل ڪاري برقعي کي سنڀاليندي، درگاھ کان اٺ ڏھ قدم پوئتي جتي لاهيندي هئي. درگاھ جي دروازي ٻاهران، سڪل وڻ جي ٿُڙ ۾ لٽڪندڙ گهنڊ کي پنهنجي ساڄي هٿ سان لوڏيندي هئي ته ماحول ۾ عجيب پڙاڏا گونجڻ لڳندا هئا. درگاھ ۾ داخل ٿي، دعا گهرڻ کانپوءِ بخاري بابا جي تربت جي سيرانديءَ کان رکيل قرآن پاڪ کي چمندي هئي. پنهنجي ڪاري برقعي جي کيسي مان اگربتين جو پيڪٽ ڪڍندي هئي. اگربتيون دکائي قرآن پاڪن جي ڪنارن کان ديوار ۾ ٺهيل سوراخن ۾ اگربتيون اٽڪائيندي هئي. ڪنڊ ۾ ٺهيل دڪيءَ تي رکيل ڏيئن ۾ تيل وجهي ڏيئا ٻاريندي هئي ۽ پوءِ ڪلاڪ ڏيڍ بخاري بابا جي پيرانديءَ کان ويهي، پنهنجو نقاب سان ڍڪيل چهرو هيٺ جهڪائي اکيون پوري ڇڏيندي هئي. هيءَ درگاھ تي ايندڙ ٻين نوجوانڙين کان بنھ مختلف هئي. ڪڏهن به پنهنجون سمنڊ جهڙيون گهريون اکيون کڻي، ڪنهن مرد ڏانهن غور سان نه نهاريو هئائين. پرمون کي الائي به ڇو ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ سندس نظرون اڪثر منهنجي تعاقب ۾ هونديون آهن. آئون جڏهن به سندس اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ته سندس گهرين اکين جي بي انت اداسي ۾ اُج ۾ ڄڻ تحليل ٿي ويندو هوس. هوءَ ڪن لاءِ مون ڏانهن نهاري اکيون جهُڪائي ڇڏيندي هئي پر سندس ڪن پل جي نهار ۾ نجاڻ ڇو مون کي جنمن جي اڪيلائي ۾ بي چيني محسوس ٿيندي هئي. هُن مونسان ڪڏهن به نه ڳالهايو هو، پر ڀائيندو هوس، ڄڻ سندس اکيون مون سان ڪجھ ڳالهائڻ چاهين ٿيون. آئون پکين کي داڻو چڳائيندي هن هفتي سندس غير حاضريءَ بابت سوچي رهيو هوس. پکين سان خاموش گفتگو ڪندي، وقت واءُ بڻجي ويو ۽ جڏهن شام گهري ٿيڻ لڳي ته آئون اٿي بيٺس. نم جي هيٺان رکيل مٽ مان پاڻي پيتم ۽ پنهنجي پان هيڙيءَ جي ڪيبن جهڙي فليٽ ڏانهن ورڻ جو سوچي، درگاھ جي ماحول کي آخري نظر وڌم. عورتون، ٻار ۽ مرد هٿن ۾ گلابن جا ٿاهيل هار، پڙ ۽ مٺائي کڻيو درگاھ ڏانهن وڃي رهيا هيا ۽ ڪي دعا گهري اميدن ۽ مسرتن ڀرين نگاهن سان درگاھ مان نڪري رهيا هئا. آئون پنهنجون وچايل نظرون سميڙي ڪنڌ جهڪائي، درگاھ جي احاطي مان نڪرڻ لاءِ لوهي گيٽ ڏانهن وڌي ويس. جيئن ئي لوهي گيٽ ٽپي، کاٻي پاسي رخ رکيم ته منهنجي سماعتن سان ڪنهن نفيس آواز جو هڳاءُ هم ڪلام ٿيو.

"ٻڌو!.... ٿورو ترسجو...."

آواز نه هيو، ڄڻ جبل تان ڪِرندڙ صاف، شفاف جهرڻي جي نازڪي ۽ نفاست جو احساس هو، جنهن منهنجي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا.

ماحول ۾ هلڪي اوندھ پکڙجڻ باوجود مزار جي ٽيوب لائٽن ۽ علم پاڪ جي

مدن ۾ لڳل رنگين بلبن جي روشنيءَ ڪارڻ سڀ ڪجهہ چٽو نظر اچي رهيو هو. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ منهنجون نظرون، ساڳين ورياڪيل اکين سان ٽڪرائجي ڪن لاءِ فريز ٿي ويون.. جن اکين بابت ڪجهہ دير پهريان آئون سوچي رهيو هوس.

"جي... اوهان مون کي سڏيو...."

منهنجي جملي مڪمل ٿيڻ تائين، هوءَ منهنجي ڪافي ويجهو اچي چڪي هئي.

"ها." هن مختصر جواب ڏنو.

"فرمايو.... آئون اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو....؟؟!

"آئون اوهان سان گڏ هلي سگهان ٿي......؟؟"

هن جي غير متوقع سوال مونکي ڪن لاءِ وسوسن ۽ وهمن جي واچوڙي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. مون پنهنجي پريشانيءَ کي غيرمحسوساتي طور تي جذب ڪندي قدم اڳتي وڌايا تہ هوءَ بہ مونسان گڏ گڏ هلڻ لڳي.

"توهان مون کي ڪا بہ ورندي نہ ڏني.... مون کي صرف اوهان جا ڪجهہ لمحا اوڌارا گهرجن...."

"پر ڇو... مان اوهان کي نہ ٿو سڃاڻان، اوهان مون سان گڏ ڇو ٿيون هلڻ چاهيو....؟؟"

گهٽيءَ مان ڪجهہ عورتون ۽ ٻار دير تي وڃڻ سبب، تڪڙا تڪڙا درگاهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ اسان جي پرسان گذريا. هن جي لهجي ۾ غضب جي بردباري هئي، ڄڻ اسين ٻئي هڪ ٻئي گهر جا ڀاتي هجئون....

"ڪين سان پيار ڪندڙ ماڻهوءَ کي اهي لفظ نہ ٿا سونهن...."

آئون سندس تمام وڏي ۽ بامعنيٰ جملي جي وزن هيٺان ڄڻ ڀورجي ويس.... لفظ، ڪبوترن جيان، منهنجي شعور جي ڇاڇي تان اڏامي ويا.

اسان ٻئي خاموشيءَ سان هلڻ لڳاسين.... ڪورٽ روڊ واري موڙ کان، اسان جا قدم خوجہ گارڊن واري رستي ڏانهن وڌڻ لڳا.

ڊسمبر جي سرد شام، آسمان تي بادلن جو خوبصورت رقص، رستي جي ٻنهي پاسن کان نمن، سرنهن جي ويڪرن ۽ سفيدي جي قدآور وڻن جي پنن جي طلسمي سرسراهٽ، روڊ تي نيڻ نهار تائين ويراني.... ۽ اهڙي ماحول ۾ هڪ نوجوان مرد ۽ اجنبي عورت جو ساڳئي منزل ڏانهن سفر.... ڪن پل لاءِ سڀ ڪجهہ ڪنهن خوبصورت خواب جو منظر محسوس ٿيو.....،

"ڊاڪٽرس ڪالوني گهٽو پري ناهي.... پاڻ walk ڪندي بہ بنا ٿڪاوٽ جي پهچي وينداسين....."

هُن جي پهرين انڪشافي جملي مون کي حيرانيءَ جي واديءَ حوالي ڪري ڇڏيو.

خوجہ گارڊن واري چونڪ تي پهچي، اسان ون وي ڪراس ڪرڻ لاءِ ڪن پل ترسياسين تہ خوجہ گارڊن ۾ پنهنجن نازڪ وجود تان وقت جو لباس لاهي، ٽڙڻ جي تياري ڪندڙ رات جي راڻيءَ جي خوشبو، هوا جي جهوٽي سان گڏ، اسان جي روحن ۾ لهي وئي.... هن اونهو ساهہ کڻندي چيو، "هي خوشبو بہ خوشيءَ جيان عارضي ڇو هوندي آهي...؟؟"

روڊ تي ٽريفڪ وٿيرڪي ٿي تہ اسان تڪڙا قدم کڻندي، روڊ ڪراس ڪري، پرين پر پهچي، فوٽ پاٿ تي هلڻ لڳاسين. خوجہ

گارڊن جي ڪاهي پاسي، چند قدمن جي مفاصلي تي اينڊرٿ بنگلي کي ڪراس ڪري، جيئن ئي اسان باگڙين جي جهڳين پرسان لنگهياسين تہ هُن جهڳين ۾ پرندڙ بلبن جي روشنيءَ ڏانهن ڏسندي چيو، "هي ڪيڏا نہ خوشنصيب ماڻهو آهن...اجاين انائن، ذات پات جي فرقن، اميري، غريبيءَ جي محرومين کان بي نياز ماڻهو ۽ هڪڙا اسين آهيون.... ذاتن، انائن، رتبن، عهدن، انائن، دشمنين،خوشفهمين ۽ خود غرضين جي ڏيڻ ۾ قاتل ماڻهو...."

هن جي لهجي ۾ ساڳي بي ڊپائي ۽ جي نيازي هئي، مان ڪيس ڪا بہ ورندي ڏيڻ بدران، اجان تائين انهيءَ وهم ۾ وڪوڙيو پيو هوس تہ، هوءَ ڪير آهي.... چا ٿي چاهي.....؟

اسان هلندي هلندي ڊاڪٽرس ڪالونيءَ جي مين گيٽ تائين پهچي وياسين....مين گيٽ ٻاهران مستقل طور تي اتي بيهندڙ رنگروٽ رڪشي ڊرائيورن، مون کي پهريون ڀيرو اويلي وقت، ڪنهن عورت سان ايندي ڏسي، مون کي پنهنجي اکين جي شڪي پنجوڙ ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون انهن جي شڪ واري تاثر کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجو اعتماد بحال ڪندي ٿورو ڏاڍيان ڳالهائيندي عورت ڏانهن پنهنجائپ واري انداز ۾ ڏسي مرڪندي چيو،"چيو مانئين تہ رڪشو ڪرايون، هرون ڀرون ضد ڪيو تہ، شهر کي پنڌ گهمي ڏسجي...."

منهنجي اجائي جملي تي هن ڪان بي ساختہ ٽهڪ نڪري ويو. اسان ڊاڪٽرن ۽ پروفيسرن جي ڪشادن فليٽن کي ڪراس ڪندا اڳتي وڌي رهيا هئاسين تہ هن مرڪندي چيو.

"مان عورت ٿي بہ نہ ٿي ڊڃان تہ پوءِ توهان مرد هوندي ماڻهن کان ايڏو ڇو ٿا ڊڄو.... انهيءَ خوف ئي تہ توهان کي سدائين اڪيلو رکيو آهي....."

هوءَ ڇڻ منهنجي اندر جي بند ٿيل حويليءَ جا زنگ لڳل تالا کولي رهي هئي ۽ آئون مسلسل حيرانين جي هوائن ۾ تحليل ٿيندو پئي ويس.

ڊاڪٽرن ۽ پروفسرن جي ڪشادن فليٽن جون قطارون پوريون ٿيون تہ هڪ گهٽيءَ جي فاصلي ڪانپوءِ اسپتال جي لوئر اسٽاف جي غريباڻي فليٽن جو سلسلو شروع ٿيو.....هوءَ هاڻ منهنجي بلڪل ويجهو ويجهو هلي رهي هئي.... شديد ٿڌ سبب، ماڻهو سويل ئي در دريون بند ڪري چڪا هئا.... گهٽيءَ ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهن ۽ نوجوانن جي اچ وڃ وڃي بچي هئي. جيڪي بہ شايد رات جي مانيءَ جو سامان وٺڻ لاءِ، سوئٽرن ۽ جيڪيٽن ۾ پاڻ لڪائي ويندي نظر آيا.

آئون جيئن ئي پنهنجي فليٽ واري بلڊنگ جي ڀرسان پهتس تہ هن نظرون کڻي مٿي نهاريندي چيو، "ٿرڊ فلور تي رهڻ بہ عذاب آهي. ڏاڪڻيون لهڻ، چڙهڻ ۾ اڌ ساهہ ڇڻ نڪريو وڃي...."

"هيءَ مون کي ايترو سڃاڻي ٿي....! ؟" منهنجي اندر جي ايوان ۾ خيال ڪنهن ائبسٽريڪٽ تصوير جيان ٽنگجي بيهي رهيو. اسان ٻئي ڏاڪڻيون چڙهندا ٿرڊ فلور تي پهتاسين. مون تالي ۾ چاٻي وجهي، بلڪ

مان ايندي محسوس ٿيو، "... ۽ اديءَ جي انهيءَ رات جي صبح نہ ٿي .... آئون فجر جي اذان ٻڌي، ادي وڏيءَ جي ڪمري ۾ ڪيس جاڳائڻ ويس.... پر هوءَ هميشہ جي لاءِ گهري ننڊ سمهي پئي هئي...."

"پر... اهو سڀ ڪجهہ توهان مون کي ڇو ٿا ٻڌائڻ چاهيو....."

منهنجي سوال تي، هن گلابي ٽشو پيپر سان، اکين جي آلاڻ اگهندي چيو.

"انهيءَ ڪري تہ آئون توهان جو انجام بہ ...." هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

"پر .... مان بزدل نہ آهيان.... مان آخري دم تائين، حالتن سان وڙهندو رهندس...."

هن ٽيبل تي وڪريل ڪتابن ڏانهن، ڊسمبر جي سرد رات جهڙي نظر وڌي تہ سندس چپن تي اجنبي مرڪ ابري آئي.... سندس لهجي ۾ ڪجهہ وڃائجي وڃڻ جو احساس ابري آيو.

"دنيا جا سڀ ڪتاب پڙهندڙ ماڻهو بزدل هوندا آهن.... اهي وقت سان، حالتن سان، منافقتن ۽ حق تلفين سان مهاڏو اٽڪائي نہ سگهندا آهن....اهي سڀ هارايل ماڻهو هوندا آهن... اهي پنهنجي شڪستن کي Justify ڪرڻ لاءِ، لفظن ۾ پناهہ وٺندا آهن.... ۽ پوءِ ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي هڪ ڏينهن پاڻ بہ ڪا ڪهاڻي بڻجي ويندا آهن...."

"پر ...... مان تہ توهان کي نہ ٿو سڃاڻان .....!؟"

"توهان بہ زماني وانگر، پنهنجي ماضيءَ جا منحرف ٿيل ماڻهو آهيو. مان تہ اها ئي آهيان.... ياد ڪيو.... 20 سال اڳ.... جڏهن ڳوٺ جي ميلي ۾، اوهين ڪاٺ جي گهوڙي تان،لهڻ وقت، پائدان مان پير نڪري وڃڻ سبب منهن ڀر زمين تي وڃي ڪريا هيو... توهان جي پيشاني ۽ ڪاڏيءَ تي ڏاڍا زخم آيا هئا.... تڏهن مون پنهنجي ننڍڙي پوتيءَ سان توهان جي چهري جو خون اگهيو هو...."

مون پنهنجي خيال جي گهوڙي کي ٻاروتڻ جي گهٽين ۾ خوب ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي.... پر مون کي صرف ايترو ياد آيو تہ مان گهوڙي تان ڪرڻ کان پوءِ بيهوش ٿي ويو هوس....

"مان تہ ان وقت بيهوش ٿي ويو هوس.....۽ هوش اسپتال جي بيڊ تي آيو هو...."

".... ۽ مان بيهوشي واري سموري وقت دوران توهان سان گڏ هيس....."

هن جي چهري تي پراسرار مرڪ ڦهليل هئي.... هن منهنجي چهري تان نظرون هٽائي، سامهون ديوار تي، سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس خوبصورت ڇوڪريءَ جي ٽنگيل تصوير ڏانهن ڏسندي چيو.

"هي ڪيٿرين پيٽر آهي نہ..... هي اهائي ڇوڪري آهي نہ.... جيڪا توهان جي وارڊ جي خوبصورت ترين نرس ليکي ويندي هئي........جنهن تي توهان سميت وارڊ جا سمورا ٽيڪنيشن، او.ٽي. آپريٽر، وارڊ بواءِ ۽ ميل نرس وارجي وڃڻ لاءِ آتا هوندا هئا....

جنهن کي هر ڪرسمس نائيٽ تي توهان خوبصورت ڪارڊ ڏيندا هئا.... ويلنٽائن ڊي تي ڪيس Tea rose پرفيوم گفٽ ڪندا هئا. پر ڪيس..... ڪڏهن بہ اهوئي ڇئي نہ سگهيا تہ توهان جي من جي ڪليسا،

سندس پيرن جي آهٽ لاءِ صدين کان ويران
پئي آهي.... ۽ ان ئي ڪيٽرين پيٽر جڏهن
توهان جي وارڊ جي شادي شده ۽ چئن ٻارن
جي پيءَ ڊاڪٽر ممتاز سان لو ميرج ڪئي
هئي تہ ان رات توهان ننڊ آور ۽ نشي جي
گورين جي لپ ڦڪي، پاڻ کي هن ئي ڪمري
۾... هن ئي بيڊ تي اچي ڦٽو ڪيو هو. پر
شايد ڪيٽرين پيٽر جي ڪا ڪرسمس
نائيٽ اگهاميل هئي، جو سندس ڪاتي ۾
اوهان جو خون لکجي نہ سگهيو...."

هوءَ منهنجي ماضيءَ جو ورق ورق
ائين اٿلائي رهي هئي، ڄڻ هوءَ ئي منهنجي
ڪاتب تقدير هئي..... ڊسمبر جي هوريان
هوريان سرڪندڙ رات جي شديد ٿڌ جي
باوجود منهنجي لونڊڻين کان پگهر لاڙون
ڪري وهي پيو.... مون کي پنهنجي نڙي
خشڪ ٿيندي محسوس ٿي. هوءَ منهنجي
ڪيفيت کي پرکي وئي....... هوءَ بيڊ تان
اٿي، ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جي جڳ مان،
پاڻي گلاس ۾ اوتي، مون ڏانهن ڏسندي ڏيرج
سان چيو، "توهان ايترا هيسيل ڇو آهيو..
توهان شايد اجان بہ مون کي دريافت نہ
ڪيو آهي...."

لفظ ڄڻ مون کان موڪلائي ويا هيا....
مان صرف حيراني ۽ بيوسيءَ مان ڪنڌ کي
انڪار ۾ لوڏي سگهيس. هوءَ بيهر بيڊ تي
پلٽي هٽي ويئي....... ۽ دريءَ جي سيرن مان
اندر ڊوڪي ايندڙ سرديءَ کان پاڻ کي بچائڻ
لاءِ پنهنجي طلسمي جسم جي چوڌاري
اجرڪ ويڙهندي چيائين،" پاڻ تہ .... قلندر
شهباز جي پڙ ۾ بہ مليا هياسين.... ياد
ڪيو ... جڏهن توهان وجد ۾ اچي، دير
تائين اکيون ٻوٽي ڌمال هڻندا رهيا......۽
جڏهن ڌمال تمام ٿي هئي.....توهان پگهر ۾
ڄڻ وهنجي چُڪا هئا......۽ ڏاڍا ساٿا ۽ بي
حال ٿي فرش تي اکيون ٻوٽي ويهي رهيا هئا
تہ مون هن ئي اجرڪ جي پلئہ سان اوهان جي
چهري جو پگهر اگهيو هيو...."

مان سندس اجرڪ جي ڦُلڙين ۽ رنگت
کي غور سان ڏسندي، قلندر شهباز جي آڱڻ
۾ پهچي ويس، پنهنجي يادگيرين کي
Recall ڪندي، ڪجھ پڪ واري انداز ۾
چيم، "جيستائين مون کي ياد ٿو پوي تہ، ان
گهڙي اوچتو بجلي هلي وئي هئي...."

هن سرد آهہ جو اسپري سموري
ڪمري ۾ پکيڙيندي چيو،"ها صحيح ٿا
چئو.. بس ماڻهوءَ کي خبر ئي نہ پوندي آهي
تہ ڪير ويو...ڪير آيو... اسان ظاهري اوندهہ
۾ وائڙا ٿي، اندر جون اکيون بہ ٻوري
ڇڏيندا آهيون..... ۽ پوءِ گهڻو ڪجهہ ڏسڻ
کان محروم ٿي ويندا آهيون....."

هن جي لهجي ۽ ڳالهين ۾ اداسيءَ جا
گهنگهرو وڄڻ لڳا هئا....

هوءَ پنهنجي سچاٽپ نہ ڪرائي
سگهڻ واري غم ۾ گهيرجي وئي هئي... پر
پنهنجي ڏک جي ڏانوٽڻ کي اعتماد جي
ڪينچيءَ سان ڪٽيندي وري مونسان
مخاطب ٿي هئي،"بس.... توهان ڪتاب نہ
پڙهندا ڪيو.... هڪڙي اوٽي ٽيڪنيشن کي
ڪتاب نہ پڙهڻ گهرجن.... توهان بہ ٻين عام
ماڻهن وانگر واندڪائيءَ ۾ ڪيبل تي
ريسلنگ ڏسندا ڪيو....

ڊسڪوري ۽ جاگرافڪيل چينلز تي
معلوماتي پروگرام ڏسي دنيا جهان جي
اسرارن کان باخبر رهندا ڪيو.... شهر جي
چوڙي بازار ۾ رلندا ڪيو... پنهنجو ڪو

دوست ناهيو... هنن ڪتابن توهان کي دنيا کان ڪٽي عجوبو بنائي ڇڏيو آهي. هن سماج کي حساس ماڻهن جي گهرجُ ناهي...هن ديس ۾ خوابن کي اجان به پابندي آهي....۽......۽ خواب ڏسندڙ ماڻهو گهڻو وقت جيئرا رهي نه سگهندا آهن....انهن جي دل ٽٽي پوندي آهي....يا اهي بلڊ ڪينسر وگهي...ٽڙڻ کان ڇڙيل گلن وانگر زندگيءَ جي ٽاريءَ تان ڇڻي پوندا آهن."

هاڻ هن جي لهجي ۾، صحرا جي پاڳل ڪري ڇڏيندڙ اڪيلائي ۽ اداسي لهي آئي هئي.....

هن منهنجي حيرت زده اکين ۾ نهاريندي چيو، "توهان کي ياد آ... اڄ کان ڏهه سال اڳ توهان جي اسپتال جي ICU وارڊ ۾ هڪ 17 ورهين جي ڇوڪري بلڊ ڪينسر وگهي مري وئي هئي. جنهن جي زندگيءَ ٽٽندڙ تند کي ڳنڍ ڏيڻ لاءِ اوهان به پنهنجي ڪمزور جسم مان گرم خون جون به ٿيلهيون ڊونيٽ ڪيون هيون. پر انهيءَ جي باوجود هوءَ خواب ۾ ئي خواب ٿي وئي هئي، ٻڌو اٿئون.... انهيءَ کي به ننڍي وهيءَ ۾ وڏن ڪتابن ماري ڇڏيو...." هوءَ ڳالهائي رهي هئي، يا موسلادار بارش پئجي رهي هئي...

آئون سندس ڳالهين ۾ تحليل ٿيندو ٿي ويس....

هوءَ خاموش ٿي وئي... ته هن جون اکيون ڳالهائينديون رهيون... ماحول ۾ ٿڌ شدت پڪڙي چڪي هئي...مان اٿيس ۽ بيڊ جي کابي پاسي واري دريءَ کي چڱي طرح سان بند ڪيم. دري بند ڪري، اسٽڊي ٽيبل اڳيان رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ وريس ته هن ڳالهايو، "همڙي ٿڌ ۾ جيڪڏهن گرم چانهن جون چسڪيون پرجن ته، سرديءَ جي حملي کان بچي سگهجي ٿو." مون کي سندس خواهش بلڪل معقول محسوس ٿي.

آئون ڪمري مان نڪري ڏاڪڻ واري پاسي کان ٺهيل مختصر ڪچن ڏانهن هليو ويس...... گئس جي چلهي تي چانهن جي ڪيتلي رکي آئون هن متعلق سوچيندو رهيس...

"هوءَ ڪير آهي... جيڪا مون کي، مون کان به وڌيڪ ٿي سڃاڻي."

زيبي، جنهن سان ٻاروتڻ ۾ مان ڳوٺ جي ڳلين ۾ ڪوڏين ۽ بلورن سان کيڏيو هوس... پر نه نه... زيبيءَ جي ته ڪي سال اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سندس ڪار ڊرائيور سوٽ سان شادي ٿي وئي... ان جو چهرو ته چڱيءَ طرح سان ياد اٿم.... چاچي جمن جي ڌيءَ گڏي، جنهن سان شهر لڏي اچڻ کان پوءِ روينيو ڪوارٽرن ۾ مون نوجوانيءَ ڏانهن ويندڙ ڏينهن جي شروعات گذاري هئي...شرين، چنچل ۽ گهڻ ڳالهائو گڏي، جنهن کي مان دل جي ڳالهه ٻڌائي نه سگهيس ۽ هوءَ منهنجي بي همتي کان مايوس ٿي، ميٽرڪ ۾ پڙهڻ دوران هڪ رڪشي واري سان ڀڄي وئي هئي... پرهي اها به ناهي... اها ته سانوري ۽ بندري هئي ۽ هي سراپا جادو... پوءِ آخرڪير آهي....

آئون سوچن ۾ گم هيس ته ڪيتليءَ ۾ ڪڙهندڙ چانهن جو دونهون، وڌيڪ وقت لڳڻ جي شڪايت ڪري رهيو هو. مون تڪڙ ۾ چلهي تان ڪيتلي لاهي... ٻن مگن جي مٿان ڇاڻي رکي... انهن ۾ چانهن اوتي، مگا هٿ ۾ ڪٽي... ڪمري ڏانهن آيس ته هوءَ اتي

موجود نہ هئي...... ”شايد پر واري ڪمري يا باٿ روم ۾ ويئي هوندي......“ مون سوچيو، پر ڪجھ منٽن تائين هوءَ واپس نہ وري... تہ مون چانهن جا مگا ٽيبل تي رکيا ۽ پرواري ڪمري ڏانهن ويس جنهن جو بلب آف لڳو پيو هو. بلب آن ڪيم... ڪمرو خالي هيو. باٿ روم ڏانهن نظر ڊوڙايم، جتي اونده چانيل هئي.. ٻڏتر واري ڪيفيت ۾ ساڳئي ڪمري ڏانهن موٽيس، جتي ڪجھ ساعتون اڳ هوءَ، سنگل بيڊ تي، اجرڪ اوڍيو ويٺي هئي... ڪمري ۾ موجود ڪا بہ شيءِ، سندس موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ کان لاچار هئي... آئون پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏک، حيراني ۽ ويرانيءَ جو اجڙيل آڪاڙو بڻجي ويس... پنهنجو پاڻ تي ڪن لاءِ پاگل هئڻ جو گمان ٿيو. تڪڙ ۾ فليٽ جي ٻاهرين بالڪوني ڏانهن ڊوڙيم... ٻاهر ڊسمبر جي رات، ڪنهن خونخوار بگهڙ جيان پنهنجي شڪار لاءِ چَپ ۾ ويٺل محسوس ٿي... بالڪونيءَ جي لوهين گرلن ۾ هٿ وڌم.... هٿ ڏڪندي محسوس ٿيا... پٿرائجي ويل نگاهون کڻي... هيٺ گهٽيءَ ڏانهن نهاريم... گهٽيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڊسمبر جي سرد رات جي چوڪيداريءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نہ آيم...... پڪ ڪرڻ لاءِ بالڪونيءَ مان مٿيون ڌڙ ٻاهر ڪيدي وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيم....

ڪنن تائين گهٽيءَ جي ڪنڊ تي بيٺل نم جي وڻن سان ٽڪرائيندڙ سرد هوا جون سرگوشيون پهتيون.... لوهي گرل مان هٿ ڇڏائي... هارايل قدم کڻندو ڪمري ڏانهن موٽيم... ڪمري ۾ هن جي ساهن جو هڳاءُ محسوس ڪيم.... سمورو وجود ڄڻ برفائجي ويو هو... اسٽڊي ٽيبل آڏو رکيل ڪرسيءَ تي پاڻ کي بي دليو ڦٽي ڪيم... ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي.....

ذهن ڄڻ ڪنڊڙ بڻجي ويو.... اکيون کڻي ٽيبل تي رکيل ڪتاب ڏانهن ڏٺم... هڪ ڪتاب جو پهريون صفحو... مون ڏانهن گهوري رهيو هو... ڪتاب تڪڙ ۾ کنيم... ڪتاب جي سفيد وجود تي ڄڻ ڪنهن جي آڱرين سان لکيل تحرير محسوس ٿي... ڪتاب اکين جي ويجهو ڪري تحرير پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم.... ”اڄ کان ڏھ سال اڳ رت جون ٻہ ٽيلهيون ڏيڻ جي مهرباني....“ تحرير پڙهي سمورو وجود سراپجي ويو... هر طرف پاٽي ئي پاٽي محسوس ٿيو..... ڄڻ آئون ڪمري ۾ نہ هجان، ڪنهن اونهي، سرد سمنڊ جو حصو هجان ۽ منهنجو وجود ڄڻ آئس برگ بڻجي ويو....!!

*........*........*

## پاڪ پلارن جن جون عمر مبارڪون

حضرت آدم عليہ السلام 1000 سال.
حضرت نوح عليہ السلام 950 سال.
حضرت شعيب عليہ السلام 825 سال.
حضرت ادريس عليہ السلام 586 سال.
حضرت هود عليہ السلام 356 سال.
حضرت ذڪريا عليہ السلام 207 سال.
حضرت ابراهيم عليہ السلام 195 سال.
حضرت سليمان عليہ السلام 150 سال.
حضرت ايوب عليہ السلام 150 سال.
حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ والہ وسلم عليہ السلام 63 سال.

*موڪليندڙ: امداد علي عاقلاڻي (ٽنڊو الهيار)*



# بک جو پٽ

حسن منصور

ڪڏهن ڪڏهن زندگي انسان کي اهڙي موڙ تي ڪٺي ايندي آهي، جتي ڪيس سواءِ مصيبتن، ايذائن ۽ ذلت کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو آهي. اهو مقدر جو هڪ کيل هوندو آهي يا انسانن طرفان ظالماڻو رويو؟ هڪ بدنصيب ۽ مصيبتن جي ماريل عورت جي ڪهاڻي، جنهن کي هن دنيا جي انسانن پنهنجي حيواني بک لاءِ استعمال ڪيو هو. هيءَ ڪهاڻي ارڙهن سال اڳ جي لکيل آهي پر لڳي ٿو تہ اُن وقت جي حالت ۽ اڄ جي حالت ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو آهي.

**هڪ عورت جي ڪهاڻي جنهن کان سندس اولاد بابت پڇا ڳاڇا ٿي رهي هئي**

**صبح** جو وقت هو. بندر روڊ تي زندگيءَ جي ڏن تيز ٿي رهي هئي. ماڻهن ۽ گاڏين جو تعداد وڌندو پئي ويو.

آسمان تي رولاڪ سج ڪڪرن جي چار مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رِهيو هو. هوا جي ديوي ٿڌا ساهہ کڻي ڪڪرن جي زندان مان ڀڳل ڪرڻن جي ڪوساڻ جو ڪوسٽ ڪري رهي هئي.

انهيءَ وقت پلازا سئنيما ۽ رمپا پلازا جي وچ ۾ روڊ مٿان ٺهيل لوهي پل تي هڪ ويهارو ڪن سالن جي ڇوڪري ويٺي ڊنل ڊنل اکڙين سان آسپاس نهاري رهي هئي. سندس بدن تي پيل ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙا سريلي ڏن تي ڪنهن بي سري گيت جيان پئي لڳا. سندس اکين جي گلابن کي وقت جي ڏوڙ ڪومائي ڇڏيو هو ۽ سندس چپن جا گل ڏکن جي پوئڙن جو

كاڄ ٿي ويا هئا. سندس چوڌاري ماڻهن جو ميڙ وڌندو پئي ويو ۽ هو هيسيل هرڻيءَ جيان چوڌاري ڪنهن اهڙي ڪنڊ جي ڳولا ۾ هئي،جتي پاڻ لڪائي انهن اڻ ڇاتل بي رحم ۽ اندر کي چيرون چير ڪندڙ نظرن مان پاڻ بچائي سگهي.

سندس ڏوهه اهو هو ته هو نه چاهيندي به ماءُ بڻجي ويئي هئي. هو بکي هئي ۽ کيس اها خبر هئي ته مرد ته بک وگهي مري سگهي ٿو پر عورت جيڪڏهن چاهي ته زنده رهي سگهي ٿي.

هن ڪيترن ئي بيرحم اجايلن جي اُڃ اُجهائي هئي ۽ پاڻ به جيئري رهي هئي. کيس اها خبر ئي نه هئي ته هو ڪيئن جائي هئي. ها کيس اُهي سڀ رستا ۽ فٽپاٿ ياد هئا. جتي هن هٿ ٽهلايا هئا، ڏڪا ۽ ٿاٻا کاڌا هئا ۽ ائين ئي هو جوان ٿي هئي. سندس جواني اياز جي وائي جيان پرپور ۽ سُندر هئي.

کيس ياد نه پئي آيو ته سندس پر ۾ پيل ٻار جو پيءُ ڪير هو. سندس تخيل ۾ فلم هلڻ لڳي. جنهن ۾ واري واري سان هڪ هڪ چهرو آيو ۽ ويو پئي.

"هي پٺاڻ چوڪيدار آهي، جنهن ڪانئس هڪ وقت جي ماني جي قيمت سڄي رات وصول ڪئي هئي."

"هي ملباري چانهه وارو آهي، جنهن کي منجهس ۽ ڪڙڪ چانهه ۾ ڪو فرق نظر نه ايندو هو."

"هي انسپيڪٽر بهادر خان آهي، جنهن ڪيترائي ڀيرا فرض شناسيءَ جو مظاهرو ڪندي کيس رات جو آواره گرديءَ جي الزام ۾ لاڪ اپ ۾ بند رکيو هو ۽ سڄي سڄي رات سندس سار لڌي هئائين."

مختلف چهرا سندس آڏو ڦرندا پئي ويا. ٿلها ۽ ٻي ڊولا چهرا. انسان دوست ۽ خدمت گذار چهرا ۽ ٻيا به گهڻائي چهرا.

هوءَ ڇرڪي پئي ۽ ماڻهن جي وڌندڙ ميڙ کي ڏسي هراسجي نئيڙو ٻار هنج ۾ ڪري پنهنجو پاڻ ۾ سمائجڻ لڳي.

ميڙ ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو مختلف تبصرا ڪندڙ. هنن ۾ به ڇٽا اهڙا هئا جن عورت کي تخليق جي ڏکئي عمل مان اڪيلو گذرندي ڏٺو هو. انهن مان هڪڙو جوان هو ۽ سندس شمار ٻي جي ڪاليج جي مشهور شودن ۾ ٿيندو هو. جڏهن ته ٻيو اڌيڙ عمر جو هو. پان گهڻا کائيندو هو تنهن ڪري هر ڳالهه کي رنگين بنائي بيان ڪندو هو. هو مداريءَ جي نالي سان مشهور هو.

شودو ۽ مداري سڄي ميڙ ۾ پاڻ کي معتبر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. شودو چئي رهيو هو "ياترو! اڄ جڏهن صبح جو سوير هيٺان لنگهيس پئي." هن هيٺ روڊ ڏانهن هٿ سان اشارو ڪيو "ته مون ڪجهه عجيب آواز ٻڌا. مون اڳ ڪڏهن به اهڙا آواز نه ٻڌا هئا. جيئن ئي مٿي آيس ته ڇا ٿو ڏسان ته......"

هو سڄي واقعي کي شام واري اخبار جي ٻوليءَ ۾ چشڪا ڏيئي بيان ڪرڻ لڳو. ماڻهو ڌيان سان سڄو واقعو ٻڌي رهيا هئا ۽ خوش ٿي رهيا هئا. وچ وچ ۾ ڪو آواز آيو پئي، "وري چئو."

عورت پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون. سندس اکين جي زندان

مان بہ ٻوڙها آزاد ٿي، ڳلن تان ڊوڙندا لوهي پل تي ڪري پيا. هن پنهنجا چپ ٻار جي ڳلن تي رکي ڇڏيا. جيڪو سمهي رهيو هو.

”پائروا“ شودي چيو،” اسان کي هن ذليل عورت کان پڇڻ جو بلڪل حق آهي تہ هي حرامي ٻار ڪنهن جو آهي؟“

”بجا ارشاد!“ مداري چيو.

”هي ٻار مختلف قومن جي ڳڏيل تخليق آهي، تنهن ڪري هي بين الاقوامي ٻار آهي.“ شودي چيو.

”چپ ڪر شودي جا پٽ!“ هڪ اڇي ڏاڙهي واري ماڻهو ميڙ مان رڙ ڪندي چيو.

”ملڪ دشمن عناصر! هي ٻار هڪڙي قوم جي تخليق آهي، تنهن ڪري هي قومي ٻار آهي.“

”پوءِ تہ اسان سڀئي قومي ٻار آهيون.“ هڪ آواز آيو.

سڀئي ماڻهو کلڻ لڳا.

”تنهنجي ڏاڙهي هڪ شاندار برش آهي.“ شودي پوڙهي کي چيو. ”تون وڃي گهرن ۾ رنگ ڪر.“

”حرامي! تنهنجي تہ ....“ ڏاڙهي واري هڪ خطرناڪ گار ڏني.

”مون کي پڪ آهي پوڙها! تون بہ ”بين الاقوامي پئدائش“ جو هڪ نمونو آهين.“ شودي چيو.

”واهيات شودا!“ پوڙهي شودي کي ڳِٽر کان جهليو. ”توکي خبر ناهي، ڪيترائي پوليس وارا منهنجا دوست آهن.“

”۽ مون بہ.“ شودي پوڙهي کي پري

## سوپ

آمريڪي فوج جي هڪ اعليٰ آفيسر نئين ڀرتي ٿيل رنگروٽ سپاهيءَ کان ڪاوڙمان پڇيو ”تون ئي اهو سپاهي آهين نہ، جنهن سوپ ۾ مٽي هجڻ جي شڪايت ڪئي آهي.“

”جي ها.“ نئين ڀرتي ٿيل سپاهيءَ جواب ڏنو.

”اعليٰ آفيسر وڏو ساهہ کنيو ۽ ٺٺول واري انداز ۾ چيو. ”تو فوج ۾ شرڪت وطن جي خدمت ڪرڻ جي ڪري ڪئي آهي يا ان خراب، نافض کاڌي جي شڪايت ڪرڻ جي.“

”مون فوج ۾ وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ شامل ٿيو آهيان، نہ ڪي خراب کاڌو کائڻ جي ڪري“ سپاهي جواب ڏنو.

ڪندي چيو ”ڪيئنتين جي سامان سان ڪيترن ئي پوليس وارن جا متا ڦاڙيا آهن.“

”تون حرامي آهين.“ پوڙهي رڙ ڪئي. ”پڪو حرامي.“

”۽ تون منهنجو پٽ آهين.“ شودي چيو ۽ ٽهہ ٽهہ ڪري کلڻ لڳو.

”توهان ٻئي تہ پاڻ ۾ مائٽ نڪري پيا.“ مداري وچ ۾ پوندي چيو. پوڙهي جي وات مان ڳف پئي وهي. هن کي گهٽا ڇٽا گهلي هڪڙي ڪنڊ ۾ وٺي ويا.

”هاڻ جيڪڏهن وڇڙيل مائٽ بہ پاڻ ۾ ملي ويا آهن.“ مداري چيو ”تہ اسان کي اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ اهو ٻار

ڪنهن جو آهي. " هن عورت جي هنج ۾
پيل ٻار ڏانهن اشارو ڪيو.
"ٻچڙي جي ڪا ضرورت ڪانهي،
هي ٻار حرامي آهي. " هڪ ڄڻي چيو.
"هن عورت کي شرعي قانون مطابق
سنگسار ڪيو وڃي. " ٻئي چيو.
"هن ڪتيءَ جو منهن ڪارو ڪري
۽ گڏھ تي پٺيرو ويهاري سڄي شهر ۾
گهمايو وڃي. " ٽئين ڄڻي، جنهن جو
پنهنجو رنگ دانگيءَ جي تري جهڙو هو
چيو.
"نہ هي سائنس جو دور آهي. هن کي
اليڪٽرڪ شاڪ هڻي تڙپائي مارڻ
گهرجي. " چوٿين ڄڻي چيو.
"چپ ڪر آئينسٽائن جا ٻچا!"
ٽئين ڄڻي چيو "هن جو منهن ڪارو....."
"بڪواس بند ڪر ڪوئلي جا ڦرا!"
چوٿين ڄڻي جواب ڏنو.
"تنهنجي تہ ....." ٽئين ڄڻي گار
ڏيندي چيو "توکي ڇڏيندس ڪو نہ،
منهنجو ڀاءُ سي . آءِ.ڊي ۾ آهي."
"بس ڪريو منهنجا مسلمان ڀائرو!"
مداري وڏي آواز سان چيو "پاڻ مسلمانن
کي پاڻ ۾ نہ وڙهڻ گهرجي. دشمن پنهنجي
سرحدن تي بيٺل آهن ۽ ڪافر ڪنهن
وقت بہ حملو ڪري سگهن ٿا."
"ماڻهو آهستي آهستي چپ ٿيندا
ويا. مداري پنهنجي پر ۾ بيٺل هڪ قدآور
پهلوان کي چيو "اي صحتمند مسلمان ڀاءُ!
مون کي پنهنجن ڪلهن تي ويهار جيئن
آئون هنن شريف ماڻهن کي خطاب ڪري
سگهان."
پهلوان ڀهرين ئي ڪانئس تمام گهڻو
متاثر ٿي چڪو هو تنهن هڪدم ڪٽي
ڪيس پنهنجن ڪلهن تي ويهاريو. مداري
پهلوان جي ڳچيءَ ۾ هٿ سوگها ڪندي
ڪنهن سياسي اڳواڻ جيان چوڌاري ڏسڻ
لڳو پوءِ چيائين. "اُم مسلمہ جا عظيم جان
نثارو! توهان ڏسو پيا، توهان جي چوڌاري
ڪهڙا ڪلور ٿين پيا. هن ملڪ ۾ جتي
اسان جهڙا پاڪ صاف ماڻهو رهن ٿا، هتي
ڪيڏي گندگي پئي ٿئي. توهان ڏسو پيا."
هن منهن موٽ ۾ وجهي ويٺل
روئيندڙ عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيو
"هي بي شرم ۽ بي حيا عورت، جنهن کي
عورت چوڻ عورت ذات جي توهين آهي،
هن ڪيتري نہ بيغيرتيءَ سان هي ڦر ڄڻي
وڌو آهي."
يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد اڳيان
وڌي مداريءَ کي چيو "نہ هي عورت مريم
آهي ۽ نہ ئي هي ٻار حضرت عيسيٰ آهي.
هن ٻار جو يقينن ڪو پيءُ هوندو. اهو
ڪٿي آهي؟"
مداري ميڙ کي وڏي واڪي چيو.
"جان نثارو! هن ملحد کي هڪدم هتان
تڙيو وڃي."
ماڻهن جي وڌڻ کان اڳ ئي نوجوان
کسڪي ويو. مداريءَ جي ڳڦ ڀريل چپن
تي مرڪ ڦهلجي ويئي. هن پهلوان کي
چيو "جان نثارا! مون کي لاهي تہ جيئن
آئون هن بدڪار عورت سان ڳالهايان."
پهلوان هيٺ ويهي رهيو. مداري
سندس ڪلهن تان لهي عورت جي
سامهون وڃي بيٺو. سڄو ميڙ سندس پويان
هو. هن هڪدم جهڪي عورت کان ٻار
کسي ورتو. عورت ستار جي تار جيان تڙپي

اٿي بيهي رهي. هيڏا سارا ماڻهو ڏسي هوءَ هيسجي وئي ۽ مداريءَ کي نماڻن نيڻن سان ڏسڻ لڳي. مداري ميري ۽ ڦاٽل ڪپڙي ۾ ويڙهيل ابهم ٻار کي ڪتاب جيان ٻاسيرو هٿ ۾ جهلي بيهي رهيو. هن بيهر ميڙ ڏانهن نهاريو ۽ عورت کي چيائين، "عورت! مون ۽ هنن شريف ماڻهن سمجهي ورتو آهي ته هي ٻار تنهنجي بدڪاري ۽ عياشيءَ جو هڪ نادر نمونو آهي ۽ پڻ اسان اهو فيصلو ڪيو آهي،" هن سيني ماڻهن ڏانهن ڏٺو سڀ خاموش هئا "ته، پهرين تنهنجو منهن ڪارو ڪري، توکي گڏهه تي پٺيرو ويهاري، سڄو صدر گهمائي، پوءِ توکي سنگسار ڪري اليڪٽرڪ شاڪ هنيا وڃن."

هو پنهنجي فيصلي تي خوش ٿي مرڪڻ لڳو. سڄي ميڙ نعرو هنيو" نعره تڪبير الله اڪبر!"

"هن ٻار جو ڇا ٿيندو؟" هڪڙي پڇيو.

"تون کڻي وڃان" مداري چيس.

"لاحول ولا قوت!" هو ڪکو وکو ٿي ويو. "آئون پڪو مسلمان ڪنهن حراميءَ کي ڪيئن گهر کڻي ويندس."

"ته پوءِ کڻي ڪنهن تيهه خاني ۾ ڦٽي ڪبو." مداري چيو "ها ته عورت! تون تيار آهين؟"

عورت ڪو جواب نه ڏنو سندس اکيون مداريءَ جي بي رحم هٿن ۾ لٽڪندڙ ٻار ۾ ڪتل هيون.

"هي بي شرم ڇا جواب ڏيندي" اداڪار سلطان راهي جهڙي هڪ ماڻهو چيو "نيڪ ڪم ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي."

"ها نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي؟" شودي چيو.

"گڏهه آندو وڃي." مداري چيو "۽ ڪارو رنگ به ....."

مداريءَ جي ڳالهه اڌ ۾ رهجي وئي. ميڙ ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳو.

ماڻهو پل جي ڏاکڻ ڏانهن وڌڻ لڳا. مداري ماڻهن کي سڏ ڪرڻ لڳو. "مسلمانو! پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪريو دشمن اسان جي سرحدن تي بيٺل آهي....."

پر سندس دانهن ڪنهن نه ٻڌي سيئي ماڻهو ڏاڪڻين تان لهڻ لڳا. مداري سامهون ڏٺو. سامهون يونيورسٽيءَ جو اهو ئي شاگرد هو جنهن کي هن ٻچائي ڪڍيو هو. ساڻس گڏ پوليس جو هڪ اي. ايس. آءِ ۽ ٻه ڪانسٽيبل هئا. اي.ايس.آءِ تجربيڪار ٿي لڳو. جنهن جي خبر سندس پيٽ جي جاگرافي ڏسڻ سان ٿي پئي. سندس منهن ٿلهو ۽ ڳاڙهي ٽماٽي جهڙو هو. سندس ڪاڏي جي هيٺان ٻي به ڪاڏي هئي. جيڪا گوشت سان ڀريل هئڻ ڪري لٽڪي رهي هئي. "اوءِ ڪوتي دي پترو!" اي ايس. آءِ شودي ۽ مداريءَ کي اجتماعي گار ڏيندي چيو "توهان هتي ڇا پيا ڪريو شرپسندؤ!"

"ڪجهه نه ايس. پي صاحب" مداريءَ هٿ ۾ جهليل ٻار کي موٽائيندي چيو.

اي.ايس. آءِ ، ايس پي سڏجڻ تي خوش ٿي تلوار ڪٽ شهپرن کي وٽ ڏنا ۽ مداريءَ کان پڇيائين "هي عورت تنهنجي ڀيڻ آهي؟"

"توبهه توبهه." مداريءَ ڪن

جهليا.“ هي بدذات منهنجي پيٽ ڪٽان ٿي ايس. پي صاحب“

”هن عورت کي اهي سيئي شيطان تنگ ڪري رهيا هئا.“ شاگرد چيو.

”لاحول ولا قوت!“ مداري چيو ”ايس . پي صاحب! هن عورت زنا ڪيو آهي. جنهن جو ثبوت سندس هنج ۾ ڪنيل ٻار آهي“

”ٻارڪي هنج ۾ کڻڻ واري هر ڪا عورت زنا نہ ڪندي آهي“ شاگرد چيو.

”آئون پنهنجي هن مومن ڀاءُ جي بيان جي تصديق ٿو ڪريان آءٌ . جي صاحب ”شودي خوشامديءَ جا سيئي رڪارڊ ٽوڙيندي چيو ”هي عورت چالو آهي.“

”ٻہ هي حرامي هن عورت جو دلو آهي، ايس. پي صاحب!“مداري شاگرد ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

شاگرد کان ڇرڪ نڪري ويو. هن چتائي مداريءَ جي منهن ۾ ڏٺو. مداري وڏيڪ چيو ”مون کي لڳي ٿو ايس. پي صاحب! ملڪ ۾ ٿيندڙ ڌماڪن ۾ بہ ضرور هن جو هٿ آهي“

”ها مون کي بہ هن جي شڪل ڏٺل وائٺل لڳي ٿي“ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر چيو“ هي يقينن غير ملڪي سيڪريٽ ايجنٽ آهي“

”دشمن اسان جي سرحدن تي بيٺل آهي ايس. پي صاحب“ مداري چيو.

”يقينن ملڪ ۾ ٿيندڙ ڌماڪن پويان خفيہ هٿ تنهنجو ئي آهي،“ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر شاگرد کي ڳچيءَ مان پڪڙيندي هڪ گار ڏني ۽ چيائين ”تو هن رنڊيءَ جي پٺي طرفداري ڪئي!“

هن نوجوان کي زوردار ڌڪو ڏنو جيڪو وڃي ڪانسٽيبلن وٽ ڪريو. اي ايس. آءِ ڪانسٽيبلن کي چيو ”هن وطن دشمن غير ملڪي ايجنٽ کي فورن لاڪپ ڪيو وڃي. وٽانئس راڪيٽ لانچر نڪتو آهي“

ڪانسٽيبل شاگرد کي موچڙا هڻندا وٺي ويا.

اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر عورت ڏانهن وڌيو. ٻُجن مان جهلي سندس منهن ۾ نهارڻ لڳو. ٻار جاڳي پيو ۽ روئڻ لڳو. عورت جو چهرو ايذاءُ وچان پيچجي ويو. هڪ سڏڪو سندس نڙيءَ مان نڪري هوائن ۾ وڃائجي ويو.اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر رڙڪندي کانئس پڇيو. ”هي ٻار ڪنهن جو آهي رنڊي!“

عورت ڪو جواب نہ ڏنو. هن ٻار کي ڇاتيءَ سان چنبڙائي ڇڏيو.

”هي ٽيڪسي آهي ايس. پي صاحب!“ مداريءَ چيو.

”ڏاڍي عياش آهي . آءُ جي صاحب! ڪيترا ڀيرا مون کي بہ اشارا ڪري چڪي آهي“ شودي پنهنجي ڪوڙ تي خوش ٿيندي چيو.

”اسان جهڙا قانون جا رکوالا نہ هجن تہ هي ملڪ صفا دوزخ ٿي پوي.“ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر سوچيندي هڪ هڪ لفظ ڳالهايو. ”عورت! ٻڌاءُ تو هي ناجائز ٻار ڇو ڄڻيو؟“

عورت چپ رهي.

”ٻڌاءُ!“اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر

هر عاشق جي خواهش هوندي آهي تہ هو محبوب کي پنهنجو ڪري، ان لاءِ هو سڀ اهڙا رستا اختيار ڪندو آهي، جنهن سان پنهنجي محبوب کي اهو باور ڪرائي سگهي تہ صرف هن کي ئي ساڻس لاءِ سچي حب آهي. پر هتي قصو ان جي برعڪس هو. عاشق پنهنجي محبوب کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ واسطي سڀ حدون پار ڪرڻ لاءِ تيار هو. هن جي اندر ۾ بدلي جي اهڙي تہ باهہ ڀڙڪي اٿي، جنهن ۾ سندس محبوب جي سڙي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.



# هڪ عاشق جو بدلو

نرتن نوشاد

**هڪ عاشق جي بدلي جو احوال، جنهن جي خطرناڪ انجام کان هو بہ اڻ واقف هو.**

پاڪ لواري گارمينٽس فئڪٽري جي مالڪ جو نالو شفيق هو.

هن فئڪٽري کي ناهڻ ۽ سنوارڻ ۾ پنهنجي زندگي جا قيمتي ست سال گذاريا هئا. نہ رڳو وقت ڏنو هو پر توانائي ۽ پئسو پڻ صرف ڪيو هو. هن جي، ٻين فئڪٽري مالڪن وانگر خواهش هئي تہ سندس فئڪٽري ڪمپائونڊ ۾ موجود ٻين فئڪٽرين کان اڳتي ۽ نمايان حيثيت ۾ هجي. هن ان ڏس ۾ وسان ڪِين گهٽايو هو.

هن جي عمر 45 سال هئي. ڊگهو قد، گول چهرو، گندمي رنگ، چورس اکيون ۽ وار گهنگهريالا هئس. هن جو ساڄو هٿ عادتن پينٽ جي کيسي ۾ هوندو هو جڏهن تہ هلڻ وقت ٿورو جهڪي پوندو هو. پيرن ۾ ڪارو سينڊل ۽ آڱرن ۾ هر وقت گولڊ ليف جو دُکندڙ سگريٽ. پان جو بہ



شوقين هجڻ ڪري ڪثرت سان ان جو استعمال ڪندو هو. هن جي تعليم بي ڪام هئي.

پيءُ جي وفات ڪان پوءِ هن کي ورثي ۾ ڪپڙي جو دڪان نصيب ٿيو. اهو ڪو خاص وڏو دڪان نه هو گذر سفر لاءِ مڙئي ٺيڪ هو. اتي هو ڪپڙي جي سيني قسمن کان واقف ٿيو. واپارين سان به سندس گهرا تعلقات قائم ٿيا. هن کي گارمينٽس ايڪسپورٽ ڪرڻ جو شوق جاڳيو پر ان لاءِ هن وٽ ڪا خاص رقم نه هئي. هن ڪوشش ڪري بئنڪ ۾ نوڪري حاصل ڪئي ۽ دڪان کي ڪپائي ڇڏيو. بعد ۾ اتان بدلي ڪرائي سعودي عربيه واري برانچ ۾ پهتو. اتي هن کي سٺي پگهار ۽ سهوليتون مليون. پنج سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ اتي هڪ آمريڪي ڇوڪريءَ سان پرڻو ڪيائين. نوڪري کي الوداع چئي، زال سان گڏ آمريڪا پهتو. اتي هن ننڍا ۽ عام ڪم ڪري ڪافي ساري رقم ڪٺي ڪئي. زال به هن سان تعاون ڪيو. هيءُ پنهنجي خواب جي ساڀيان لاءِ واپس اڪيلو ملڪ پهتو.

ملڪ واپس پهچڻ شرط، هن ڪرائي تي هڪ جڳهه ورتي، اوڌر تي ڪجهه سلائي مشينون خريد ڪري، هو مارڪيٽ ۾ داخل ٿيو. هن ايڪسپورٽ جي دنيا ۾ پنهنجو نالو متعارف ڪرايو. ايڪسپورٽرن کان مال وٺي، انهن کي سُبي تيار ڪري ڏيندو هو. ان ۾ ڪيس نقصان به ٿيڻ لڳو ڇو ته ڪافي ساري رقم اوڌرن ۾ ڦاسڻ لڳي. پر اٽا ايڪسپورٽر پئسن جي سلسلي ۾ هن کي مارڪيٽ جا ڌڪا کارائيندا رهندا هئا، پر هيءُ مارڪيٽ جي اونچ نيچ کان پلي پٽ واقف ٿي ويو. ٿوري ئي عرصي اندر هن اختر ڪمپائونڊ ۾ به فليٽ خريد ڪري "پاڪ لواري گارمينٽس" فئڪٽري جو بنياد وڌو. ان ڪمپائونڊ ۾ اڳيئي ڪيئي ننڍيون ۽ وڏيون گارمينٽس فئڪٽريون ڪم ڪري رهيون هيون.

هن جي فئڪٽري ۾ مختلف سيڪشن هئا. جتي مال کي مرحلي وار گذاريو ويندو هو. "سيمپل" سيڪشن ۾ سيمپل اوڪي ڪري ان کي "ڪٽنگ" سيڪشن طرف اماڻيو هو. اتي هزارين ميٽرن جي ڪپڙي کي ڪٽي، بنڊلن جي صورت ۾ ٻڌي، "مينيوفئڪچرنگ" سيڪشن ۾ پهچايو ويندو هو. ڪاريگرن جي خاص هدايتن تحت ان مال کي سبي تيار ڪبو هو. اتان ان جي ڳٽپ ۽ چيڪنگ "فرسٽ چيڪنگ" سيڪشن ۾ ٿيندي هئي. ان سيڪشن جي حيثيت ريڙهه جي هڏي برابر هئي. هتي مائنر ۽ ميجر آلٽر ڪيا ويندا هئا ۽ رد ٿيندڙ مال جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي. اتان ان کي "اسپيشل" سيڪشن ۾ آڻبو هو جتي وري بٽڻ، ڪاج، بارٽيڪ وغيره جو خصوصي ڪم ٿيندو هو.ان کان پوءِ ان مال کي "آلٽر" سيڪشن مان گذاري"لاسٽ چيڪنگ" سيڪشن طرف ڌڪيو ويندو هو. "استري" سيڪشن ۾ ان کي هڪ عدد بوائلر جي مدد سان استري ڪري "پيڪنگ" سيڪشن ۾ آڻي ڪوڪن ۾ بند ڪيو ويندو هو. آخر ۾ انهن ڪوڪن کي وڏن مارڪرن جي مدد سان گهربل

معلومات لکي ان کي فائنل ڪيو ويندو هو.

هن وٽ صرف هڪڙو ماڻهو ئي مستقل هو. ان جو نالو شاهد هو. هو مئنيجر جي عهدي تي فائز هو. اهو شفيق سان شروع کان ئي گڏ هو جڏهن هن جي عمر مشڪل سان 14 سال هئي. شاهد قد جو ڊگهو خوبصورت ۽ سمارٽ ڇوڪرو هو. هن جي مدد لاءِ ٽي ڄڻا رکيل هئا. اڪائونٽنٽ، ٽائپسٽ ۽ آفيس کان ٻاهر ايڪسپورٽ جي وهنوار لاءِ بابو. شفيق کان وڏيڪ مارڪيٽ ۾ شاهد جي ساک هئي.

شفيق جي فئڪٽريءَ ۾ مخبرن جو به چار هو جن کان هن کي پل پل جي خبر پوندي هئي. هن جا اهي خاص ماڻهو اول خان، ارشد، فيصل، ممتاز ۽ مصباح هئا.

اول خان سيٺ شفيق جو خاص ماڻهو هو. هن کي ايترو ته مٿي تي چاڙهي ڇڏيو هئائين جو لڳندو هو ته فئڪٽري شفيق جي نه پر اول خان جي هجي. هيءَ فئڪٽريءَ ۾ چوڪيدار هو ۽ اتي ئي سمهندو هو. بندوق سنڀالي فئڪٽري جي گيٽ تي ملازم جي اچ وڃ تي ڪڙڙي نظر رکندو هو. رجسٽر ۾ حاضري پريندو هو ۽ ملازمن جي اچ وڃ جا وقت ان ۾ نوٽ ڪندو رهندو هو. مهيني جي آخر ۾ ملازم جا ان حساب سان پئسا ڪاٽيا ويندا هئا. ان ڪري سيئي ملازم دل ئي دل ۾ کيس ڪچيون ڪچيون گاريون ڏيندا هئا. هو "چمچو" جي نالي سان مشهور هو.

آفيس ۾ گهڙڻ شرط، شفيق هن کي گهرائي پڇندو هو "اول خان، اڄ فئڪٽري ۾ دير سان ڪير پهتو آ؟ توسان ڪنهن بدتميزي ته نه ڪئي؟ اهڙو ڪو مسئلو ٿيو هجي ته مون کي ٻڌاءِ.... پلا ڪير ڪير آيو؟"

"سر فلاڻو فلاڻو دير سان آيو" اول خان چوڻ لڳندو هو "سر، بدتميزي ڪير ڪندو ان جون اکيون نه ڪڍي ڇڏيان! فلاڻو فلاڻو آيو هو ۽......" اول خان پوءِ شڪايتن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ڪري ڇڏيندو هو. شفيق گدگد ٿيڻ لڳندو هو جڻ اول خان ڪي ڪارناما سرانجام ڏنا هجن! هو سيٺ جي وفاداري ۽ چمچا گيري ۾ سڀ حدون لتاڙڻ لاءِ تيار هو.

ٻيو نمبر مخبر ارشد هو جيڪو هڪ قسم جو غنڊو هو. ڪمانڊو قسم جي باڊي ۽ اکين ۾ دهشت هئس. هو ڪو به ڪم نه ڪندو هو سواءِ مزدورن ۽ واپارين کي خوفزده ڪرڻ جي. هن جو تڪيہ ڪلام هو "مان فلاڻي جي چيڙي لاهي ڇڏيندس!" هو اهو جملو ڇوڪرين جي آڏو چوڻ ۾ به هٻڪ محسوس نه ڪندو هو. ڇوڪريون اهو ٻڌي شرم ۾ اکيون ڪٽي هيٺ ڪنديون هيون.

فيصل پيڪنگ سيڪشن ۾ ڪم ڪندو هو. ڪم گهٽ، جاسوسي وڌيڪ! هن کي ڄاڻي واڻي "نظر شناس" جو خطاب ڏنو ويو جنهن جي ڪري هن جي رسائي آفيس ۾ اينڊڙ واپارين جي مال مثلن زپ، پوليسٽر ٽيپ وغيره تي هوندي هئي. مال ۾ گڙ ٻڙ هجڻ يا اضافي رقم گهرڻ بابت هن وٽان شفيق کي رپورٽ ملندي هئي.

مردن ڪانسواءِ به ڇوڪريون: مصباح ۽ ممتاز به مخبري جو ڪم

ڪنديون هيون. ممتاز چوڪرن ۽ چوڪرين ۾ سيٽنگ ڪرائيندي هئي، ته جيئن بقول شفيق جي، عاشق دلچسپيءَ سان ڪم ڪندا رهن. ممتاز 38 سالن جي پختي ۽ مضبوط عورت هئي. مصباح وري فرسٽ چيڪنگ سيڪشن جي انچارج هئي، جيڪا واپارين طرفان سبجي آيل مال بابت رپورٽ پهچائيندي هئي. جيئن ته فئڪٽري ۾ سلائي مشينون گهڻ هيون، تنهن ڪري ڪافي مال نان ايڪسپورٽر واپارين کان تيار ڪرايو ويندو هو جن جا آلٽرن ۽ رد ٿيندڙ مال جي صورت ۾ پئسا ڪٽبا هئا. ان ڪري مصباح جي حيثيت تمام اهم هئي. هن جي عمر 20 سال کن هئي. هوءَ فئڪٽري ۾ سڀ کان وڌيڪ خوبصورت، سنهڙي، من موهيندڙ چوڪري هجڻ سان گڏ چالاڪ، سمارٽ ۽ ذهين پڻ هئي. هن کي فئڪٽري ۾ ڪم ڪندي پنج سال ٿي چڪا هئا.

فئڪٽري ۾ ڪو به ڪم قاعدي يا قانون تحت نه ٿيندو هو. ڪنهن به مزدور ٺيڪيدار يا ڪاريگر جي ڪا به بايو ڊيٽا درج ٿيل نه هئي ۽ نه ئي وري چائلڊ ليبر کان منع هئي. ليبر آفيسر کي هر مهيني هزار رپيا منٿلي ملندي هئي، جنهن کي شفيق "لومي ڪتو" جي نالي سان پڪاريندو هو.

شفيق کي هر گهڙي اهو ڪتڪو رهندو هو ته سندس لڳايل رقم ٻڏي ويندي. هو ڪنگال ٿي ويندو. در در جون ٺوڪرون کائيندو. ڪشڪول کڻي پنندو. ان سوچ جي ڪري هو هر ڪنهن کي "چور" سمجهندو هو. ڪنهن تي به اعتبار نه هئس. شاهد کي به چوندو هو ته هو هر ڪنهن کي "چور" سمجهي ڊيل ڪري. هر سيڪشن جي انچارج کي گهرائي سندس ڪم جي پيشرفت بابت پڇندو هو. ٿوري به غلطي تي ڪيس گاريون ڏيڻ لڳندو هو. ماءُ ڀيڻ هڪ ڪري وٺندو هو. هن جون اپ ٽاڙيندڙ رڙيون پري پري تائين ٻڌبيون هيون.

هن وٽ ڪو به مزدور ٺيڪيدار، ڪاريگر يا واپاري گهڻي عرصي تائين نه ٽڪندو هو. هو واپارين يا ٺيڪيدارن سان اڳهه مقرر ڪري بعد ۾ ڦري ويندو هو. جهيڙا ڪرڻ لڳندو هو. ڪي ته هن سان گلي پئجي ويندا هئا. ان ڏينهن لڳندو هو ته ڪو زلزلو اچي ويو هجي. فئڪٽري ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ اها نئين ڳالهه نه هئي. اهو معمول جو حصو هو. مارڪيٽ ۾ شفيق کي "ذهني مريض" تصور ڪيو ويندو هو. پر هن "چرئي" ڪڏهن به گهاٽي جو ڪو سودو نه ڪيو!

هن ڪجهه قرآني آيتون به ياد ڪري ورتيون هيون، جن کي مقصد خاطر استعمال ۾ آڻي پيو واپارين جا پئسا روڪيندو هو. انهيءَ رقم کي بئنڪ ۾ رکي وياج وصول ڪندو هو.

شاهد جيترو شفيق سان سچو هو اوترو ئي شفيق هن جي باري ۾ شڪي هو. ٿوري به غلطي تي سندس بيعزتي ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو هو. رڙيون ڪري آسمان مٿي تي کڻي وٺندو هو. شاهد ڪڏهن به هن جي سامهون ٿي نه بيٺو. هن کي موت ۾ ڪا به ورندي نه ڏني. عام عورتن جيان پڻ پڻ ڪري چپ ٿي ويندو هو. جي بيعزتي

جو احساس وڌيڪ ٿيندو هئس. تہ ٻاهر نڪري، چڪر هڻي، موٽي ايندو هو. هن کي پريشر ۾ رکڻ لاءِ شفيق مارڪيٽ کان ٻاهران ڪو نئون شخص وٺي ايندو هو ۽ ڪيس ڪم سيکارڻ لاءِ چوندو هو. شاهد ڪڏهن بہ ڪم سيکارڻ ۾ ڪنجوسي نہ ڪئي. هن دلي طورتي هميشہ ان کي دوست ٻڌايو ڪم سيکاريو بجاءِ ان سوچ پالڻ جي تہ ڪٿي هو سندس جاءِ نہ والاري. اجا چند ڏينهن مس گذرندا هئا تہ اهو ماڻهو شفيق جي رويي کان بيزار ٿي ڀڄي ويندو هو. انهن ماڻهن مان هڪ ماڻهو بلڪل مختلف نڪتو. جيڪو ائين آساني سان ڀڄڻ وارو نہ هو. ان جو نالو هو......... جمال.

جمال جي عمر 27 سال هئي. قد ۾ پورو پنو چهرو گول، نن‍ڍيون چورس اکيون جن تي نظر جو چشمو چڙهيل. وار ٿورا اجا، نن‍ڍيون مڇون ۽ ڏکھونڪ هئس. هن يونيورسٽي مان انجنيئرنگ ڪئي هئي، ۽ نوڪري جي تلاش ۾ هو. هن جو وڏو ڀاءُ هڪ ملٽي نيشنل ڪمپني ۾ وڏي عهدي تي فائز هو. هن شفيق سان جمال جي ذريعي ڪاروبار ۾ ڀائيواري ڪرڻ تي چاهي. جمال پنهنجي وڏي ڀاءُ جي چوڻ تي مستقبل جو بزنس مين بڻجڻ لاءِ هن جي فئڪٽري ۾ ڪم سکڻ پهتو. شفيق هن کي "باس" چوڻ لڳو ڇو تہ پوءِ جمال بہ هن وانگر فئڪٽري ۾ سيٽ بڻجندو.

شفيق رات جو دير تائين انٽرنيٽ ذريعي پارٽين سان بزنس بابت ڏي وٺ ڪندو هو ۽ ڏينهن جو گهر ۾ ستو پيو هوندو هو. شام مهل هو فئڪٽري ۾ ايندو هو ۽ رات جو دير سان اٿي هليو ويندو هو. هن جي غيرموجودگيءَ ۾ شاهد سڀ ڪم اڪلائيندو هو جنهن وٽ هاڻي جمال سکڻ لاءِ ڇڏيو ويو هو.

جمال سٺو پڙهيل لکيل هجڻ جي ڪري جلد ڪم سکڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ جمال بہ شفيق جي رويي کان سخت تنگ ٿي پيو. هن بہ فئڪٽري کي "خدا حافظ" چوڻ جو سوچي ورتو پر هاڻي اهو هن جي وس ۾ نہ رهيو هو. هن جي دلڙي فئڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڇوڪريءَ تي اٽڪي پئي هئي. هو عشق ۾ گرفتار ٿي چڪو هو. هن جو ان بيماري مان نڪرڻ آسان نہ هو. ان ڇوڪريءَ جو نالو مصباح هو.

جمال روزانو ڪافي دير تائين پنهنجي آفيس جي شيشي مان هن کي تڪيندو رهندو هو. مصباح بہ سندس نظرن کان متاثر ٿيڻ لڳي. هن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي. "جمال، مون کي اها ڳالهہ هرگز نہ ٿي وڻي تہ تون مون کي مسلسل ڏسندو رهين!" مصباح اکيون هيٺ ڪندي سندس آفيس ۾ داخل ٿي ڪيس صاف صاف چيو "مون کي ڪم ۾ ڊسٽربنس ٿئي ٿي ۽ ڌيان سان ڪم نہ ٿي ڪري سگهان!" هوءَ اهو ئي چئي، تيزي سان آفيس مان نڪري وئي.

جمال مسڪرائيندي سوچيو. "خير، مصباح منهنجي باري ۾ سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ تہ شروع ڪيو!"

شفيق خيال ڪيو تہ جمال سٺو پڙهيل لکيل هجڻ جي ڪري ڪم کي جلد سکي ۽ سمجهي وٺي تہ اهو سندس

لاءِ فائديمند ٿيندو. ان مان ڪيس ﺑﻪ فائدا ٿيندا: هڪ ته جمال جو ڀاءُ پارٽنر بڻجڻ جي صورت ۾ ڪافي رقم سيڙائيندو ۽ ٻيو ته فڪٽري جي سار سنڀال لاءِ جمال جي شڪل ۾ ڪيس هڪ ماڻهو ملي ويندو جيڪو ڀاءُ جي ڀائيواري سبب دل سان ڪم ڪندو ۽ ساڻس ڪو ﺑﻪ ڌوڪو يا فراڊ نه ڪندو. ان ڪري ئي شفيق هن کي "باس" چوندو هو ۽ ملازمن کي ﺑﻪ اهو ئي چوڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو هو. شفيق کي اها ﺑﻪ ڄاڻ ملي وئي ته جمال جو دل مصباح تي اچي ويو هو: اها ڳالهه هن لاءِ وڌيڪ سودمند هئي، جنهن جي ڪري جمال جي دل فئڪٽري ۾ وڌندي ۽ هو هن کي آساني سان ڇڏي نه ويندو. هڪ ڏينهن ته شفيق کيس طنزيه چئي ورتو "عشق جي بيماري ۾ ته ڦاڻ کي نه وڪوڙيو اٿئي! اهو دماغ جو خلل اٿئي متان ان کي روح جي غذا سمجهين!" پراڻو ماڻهو هجڻ جي شفيق هن کي اهو نه ٻڌايو ته مصباح وري شاهد سان انڌي محبت ڪندي هئي. بهرحال، شاهد ان من موهيندڙ مصباح سان محبت جو ڪو ﺑﻪ واعدو يا اقرار نه ڪيو هو!

شفيق هڪ منصوبو ٺاهيو ته جمال هر سيڪشن ۾ ڪجهه وقت گذاري، جنهن سان هن کي ڪم جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي ويندي. ٻين سيڪشن مان گذرڻ کان پوءِ جڏهن هو "فرسٽ چيڪنگ" سيڪشن ۾ پهتو ته سندس سامهون محبوبه مصباح هئي. هن اتي مصباح ۽ سندس ٽيم کي ڪم تيز ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. هن انهن کي ساهي پٽڻ ﺑﻪ نه ٿي ڏني. سندن آڱريون مال تيزي سان چيڪ ڪندي دکڻ لڳيون. ٽنگون ٿڪجڻ لڳيون. پاڻي پيئڻ لاءِ ﺑﻪ جمال کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيائون. جي ڪو سستي يا نااهلي ڪندو هو ته اول خان کي چئي ان جو وقت نوٽ ڪيو ويندو هو ۽ بعد ۾ ان حساب سان پئسا ڪٽيا ويندا هئا. شفيق ﺑﻪ ان تيز رفتاري کان خوش ٿيو. هن جمال کي اتي وڌيڪ وقت گذارڻ لاءِ چيو. هن مصباح سان دوستي رکڻ چاهي پر هوءَ اڃا ﺑﻪ ڪيس نظر انداز ڪري رهي هئي.

"مصباح، مان توسان هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو؟" جمال همٿ ٻڌندي مصباح کي هڪ ڏينهن چيو.

"چڻ چا ڳالهه آهي؟" مصباح سرد لهجي ۾ چَپ چوريا.

"مان توکي پنهنجو ڪرڻ چاهيان ٿو." جمال چئي ڏنو "هميشه، هميشه لاءِ. مونکي توسان محبت آهي"

"آئنده اها ڳالهه وري نه چئجان" مصباح ڪنڌ هيٺ ڪندي کيس ٺهه پهه وراڻيو "نه ته سيٺ شفيق کي مان شڪايت ڪري ڇڏيندس."

"توکي مون سان ڪا شڪايت آ؟" جمال ڪانئس پڇيو "ڇا، مون ڪا خراب ڳالهه ڪئي؟"

"نه، اهڙي ڳالهه ناهي" مصباح ورندي ڏني، "هونئن ﺑﻪ هتي اسان ڪم ڪرڻ آيا آهيون، نه ڪي عشق ڪرڻ!"

جمال کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ مصباح هن تي ٺٺول ڪئي. جمال جو دل ٽٽي پيو. هن سوچيو ته شايد هن پنهنجي محبت جو اظهار ڪري غلطي ڪئي. هن

کي اهڙي تڪڙ ڪرڻ نہ گهرجي ها ۽ ڪنهن مناسب وقت جو انتظار ڪرڻ دانشمندي هو.

مصباح جي نيم "جمال مصيبت"مان جند ڇڏائڻ تي سوچي رهي هئي. هنن مصباح کي اڳتي ڪيو مصباح کي اهو ڊپ ورائي ويو تہ جمال جي ڪم سکي وڃڻ کان پوءِ شاهد کي فارغ ڪيو ويندو. ان ڪري هوءَ بہ جمال کي فيل ڪرڻ لاءِ موقعي جي انتظار ۾ هئي. هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي وئي، جنهن لاءِ ميٺو پوندو تہ هوءَ پراڻي رانديگر هئي!

هڪ ڏينهن شفيق اڪيلائي ۾ مصباح کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو.

"جمال ڪم ڪيئن پيو ڪري؟"

شفيق سگريٽ جو هڪ وڏو ڪش هڻندي مصباح کان پڇيو.

"سر، صحيح پيو ڪم ڪري" مصباح وراڻيو "پر هڪ مسئلو آهي؟"

"ڪهڙو؟" شفيق جو حيرت ۾ وات ڦاٽي پيو.

"هو ڊپٽي ڪمشنرن وانگر پيو حڪم هلائي،" مصباح شرارتي انداز ۾ کلندي جواب ڏنو "ڪم جي رفتار ضرور تيز ٿي آهي پر مال صحيح نموني چيڪ نہ پيو ٿئي."

شفيق گهري سوچ ۾ پڏي ويو.

"پوءِ ڇا ڪجي؟" شفيق پڇيو.

"جيڪا اوهان جي مرضي" مصباح چيو "مان تہ اوهان کي اهو پئي ٻڌايان جيڪو منهنجو ننڍڙو دماغ صحيح سمجهي ٿو. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ Buyer مال ڪڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏي."

شفيق ڊچي ويو هو مصباح جي ڳالهہ تي غور ڪرڻ لڳو.

هن جمال کي گهرائي چيو "باس، مان ٿو سمجهان تہ اهو تنهنجو شان ۽ وقار ناهي تہ تون سيڪشن ۾ ويهي ڪم ڪرائين. تون آفيس ۾ رهہ ۽ هر ڪنهن تي ڪرڙي نظر رک."

ان وقت جمال پنهنجي توهين محسوس ڪئي پر هو شفيق آڏو ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو.

سڄي فئڪٽري ۾ اڳواٽ ئي اها ڳالهہ هليل هئي تہ جمال سان ائين ئي ٿيڻو هو. شفيق جي اها پراڻي فطرت هئي. هو سڀ پتا پاڻ وٽ ئي رکندو هو ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي مرضي سان پيو اڳتي پوئتي ڪندو هو. مصباح بہ هن تي طنزيہ مسڪرائي رهي هئي. هن جي نهار ۾ شرارت ۽ ٽوڪ هئي. جمال کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ سندس تنزلي ۾ مصباح جو ڪردار هو. اها خبر بعد ۾ هن جي آڏو کلي بہ پئي. هن کي اها بہ ڄاڻ پئجي ويئي تہ هوءَ شاهد سان انڌي محبت ۾ گرفتار هئي. ٻين کي تہ هوءَ ڪنگهندي بہ ڪين هئي. اهڙي ماحول ۾ جمال پاران هن کي پنهنجي عشق ۾ ڦاسائڻ ڏکيو هو. هن کي شفيق تي بہ چڙ اچڻ لڳي. هو هن کي "باس" تہ چوندو هو پر "باس" ٻڻائڻ جو حق ادا نہ ڪيو. هن دل ۾ خيال ڪيو تہ هو شفيق جي فئڪٽري تي حاڪميت واسطي ان کي هائيجيڪ ڪري، ان جي سڄي وهنوار کي پنهنجن هٿن ۾ آڻي، هن کي اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪجي. هن

جي خاص ماڻهن کي نشانو بڻائي انهن کي فئڪٽري مان ڪڍي ٻاهر ڪجي. ان کان علاوه، مصباح کان پنهنجي ذلت ۽ عشق جو بدلو وٺڻ به ضروري هو. هوءَ ڇا ٿي سمجهي؟ هن جي اندر ۾ مصباح ۽ شفيق لاءِ نفرت جا جذبا پڙڪي اٿيا. هن کي هاڻي ٻي ڪنهن ڳالهه جي پرواهه نه هئي. جي مصباح پراڻي رانديگر هئي ته جمال به يارنهون رانديگر نه هوا!

جمال ٻيهرين ته ان ڳالهه تي غور ڪيو ته شفيق جا خاص ماڻهو ڪير هئا، جن کان ڪيس رپورٽون ملنديون هيون. هو جلدئي انهن سيني کي سڃاڻي ويو. هاڻي هڪ هڪ کي شڪار ڪرڻ جووقت اچي ويو. مصباح کان ته هن کي خصوصي طور بدلو چڪائڻو هو.

هن جو پهريون شڪار اول خان ٿيو.

اول خان ۽ملازمن جي وچ ۾ ڏندچڪ ته اڳئي ٿيندي رهندي هئي. جمال کي صرف ان غم ۽ غصي کي وڌائي مچ ڪرڻو هو. گاسليٽ تي تيلي ڦٽي ڪرڻي هئي. هن مزدورن کي اول خان خلاف اڪسايو ۽ اول خان کي مزدورن خلاف شهه ڏني. اول خان هڪڙو هو ته مزدور ڪيئي! هن اول خان ۽ مزدورن خلاف ٻاهه ايتري ته ڀڙڪائي جو هڪ ڏينهن هڪ مزدور اول خان سان تڪرار ڪرڻ کان پوءِ ڪاوڙ ۾ اول خان جي ٽوپي لاهي ڇڏي. اول خان غيرت ۾ پرچي بندوق سنڀالي ورتي ۽ مزدور کي گولي هڻڻ لاءِ وڌيو. ان صورتحال ۾ ٻين مزدورن همٿ ڪري پنهنجي مزدور ڀاءُ جو ساٿ ڏنو. اول خان جي بندوق کي پڪڙي ورتو ۽ ڪيس دسي مارڪٽ ڪئي. هن کي مزدورن ڏڪ، ٺڦڙون ۽ مڪون هڻي فئڪٽري کان ڪڍي ٻاهر ڪيو.

شام جو جڏهن شفيق فئڪٽري پهتو ته هن جمال کي گهرائي واقعي بابت دريافت ڪيو. جمال ڪيس ٻڌايو ته اول خان هڪ اڻ پڙهيل ۽ جٽ ماڻهو هو. هن کي اهم ذميواري سونپي وئي، جنهن جو هن ناجائز فائدو ورتو. هن مزدور کي "ماءُ" تي گار ڏني، ڀلا اهو ڪير برداشت ڪندو؟ بعد ۾ بندوق کڻي فائر جي ڪوشش ڪئي. شڪر ٿيو جو ڪو ناخوشگوار واقعو نه ٿيو نه ته فئڪٽري کي تالو لڳي وڃي ها! شفيق اهو ٻڌي غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. هن اول خان کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ڪيس پئسا ڏئي فارغ ڪيو. هن حاضري جو ڪم پوءِ جمال جي حوالي ڪيو.

جمال جو ٻيو شڪار فيصل بڻيو. هن فيصل کي غلط رپورٽون ڏيڻ شروع ڪيون. ڪڏهن پوليسٽر ٽيپ لاءِ واپاريءَ کي وڏيڪ رقم ڏئي ڇڏڻ جو چيو ته ڪڏهن ٻئڻ جي به نمبري هجڻ جي ڳالهه ڪئي. هن فيصل کي چيو ته هو شفيق کي ڪجهه به نه ٻڌائي. هو ان سلسلي ۾ پئسن ۾ حصو پتي ڪندا. جيڪي هن واپارين سان سازباز ڪري حاصل ڪيا هئا. فيصل اهي سڀ ڳالهيون وڃي شفيق کي ٻڌايون. جمال جو مقصد به اهو ئي هو. شفيق فيصل جي چوڻ تي جمال کي موقعي تي پڪڙڻ جي چڪر ۾ هو. فيصل جون خبرون جڏهن ڪوڙيون نڪتيون ته شفيق پريشان ٿي ويو. هن کي فيصل تي

شڪ ٿي پيو تہ ڪٿي هو فئڪٽري اندرڪا خفيہ گيم تہ نہ ڪري رهيو هو؟ هن يڪدم فيصل ڪيو ڪي بہ نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو.

ٽين نمبر تي ارشد خان جو وارو هو. هو هڪ غنڊو هو. هن کي هدايت هئي تہ هو ڪنهن کي بہ فضول ويهڻ نہ ڏئي. حقيقت ۾ هن کي ٻئي ڪم لاءِ رکيو ويو هو. شفيق کي جڏهن ڪنهن کي اکيون ڏيکارڻيون هونديون هيون يا هيسائڻو ۽ دٻائڻو هوندو هو تہ هن کي اڳيان ڪيو ويندو هو.

ارشد ان واپاريءَ سان بدتميزي ڪري اچي ويندو هو جنهن کي پوءِ شفيق ٿڌو ڪري، ڪجهہ رعايتون حاصل ڪري، ٺهي ويندو هو. جمال هڪ ڏينهن ارشد کي شفيق جي گهري دوست اقبال ڏي موڪليو. هن ڪيس ان خلاف پڙڪايو. ارشد خان معمول مطابق وراڻيو "مان اقبال جي چڊي لاهي ڇڏيندس!"

اقبال احمد ڪپڙي جو وڏو واپاري هو. شفيق جو گهرو دوست هو. شفيق جي هڪ فون تي ڪيس هزارين ميٽر ڪپڙو اوڌر تي موڪلي ڏيندو هو. هن پئسي جي سلسلي ۾ شفيق کي ڪڏهن بہ تنگ نہ ڪيو. ارشد ساڻس وڏي بدتميزي ۽ جٽ ڪئي. اقبال احمد يڪدم فون ڊائل ڪري شفيق کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ازالي طور ارشد کي نوڪري مان ڪڍڻ جو چيو. شفيق جي پڇڻ تي جمال ڪيس ٻڌايو تہ ارشد کي هر ڪنهن سان وڙهڻ ۽ جهڳڙو ڪرڻ جو شوق ٿي پيو هو. هو بي لغام بڻجي چڪو هو. سندس رويو بدتر هو. شفيق جڏهن ارشد خان کي گهرائي پڇيو تہ هن اهو الزام جمال تي هنيو. جمال وري ارشد جي خلاف ڳالهايو تہ هن ڪيس بدسلوڪي کان روڪيو هو. ارشد خان کي بہ شفيق نوڪري مان فارغ ڪيو.

جمال جو چوٿون شڪار ممتاز بڻجي. ممتاز ان ڳالهہ ۾ مشهور هئي تہ هوءَ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پاڻ ۾ سيٽنگ ڪرائيندي هئي. فئڪٽري ۾ ذري گهٽ هر ڪنهن جو جوڙو هو. شفيق کي بہ اها خبر هئي هن جو خيال هو تہ عشق ۾ هو وڌيڪ دلچسپي سان ڪم ڪندا. جمال هن جا ممتاز خلاف ڪن ڀريا. هن کي ٻڌايو تہ فئڪٽريءَ ۾ ڪم گهٽ ۽ عشق وڌيڪ پيو هلي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون باٿ رومن ۽ پارٽيشنس ۾ ڪافي دير تائين اندر رهن ٿا. فئڪٽري "رنڊي خانو" بڻجي چڪي هئي. خود ممتاز کي بہ هن هڪ ڇوڪري سان باٿ روم ۾ پڪڙيو هو. هن جا فئڪٽري کان ٻاهر لوفر ماڻهن سان تعلقات هئا. هن کي فئڪٽري جي پگهار جي پرواهہ نہ هئي. هو گهڻو ڪجهہ ڪمائي رهي هئي.

شفيق هن جي ڳالهين کي سنجيدگيءَ سان ورتو. ممتاز کي آفيس ۾ گهرائي وڏي بيعزتي ڪئي. هن اپ ٿاڙيندڙ رڙ ڪندي ممتاز کي چيو "مهرباني ڪري فئڪٽري کي گندي ڏنڌي لاءِ اڏو نہ ٺاهہ! خدا جي واسطي، مون مسڪين تي رحم ڪاءِ! مان غريب ٿي ويندس، ڪنگال ٿي ويندس!"

ممتاز هن جي آفيس مان ڪاوڙ ۾ تپي ٻاهر نڪتي. هن پاڻ ئي نوڪري

چڏي ڏني. وڃڻ مهل جمال کي چيائين، ”مان پنهنجي پورهئي جا پئسا بعد ۾ اچي وٺندس. شفيق ڇا ٿو سمجهي، مارڪيٽ ۾ ڪم ڪٿيو آ ڇا؟ لعنت آهي اهڙي ذلالت واري نوڪريءَ تي!“ هوءَ وري واپس نه آئي.

ممتاز ڪانپوءِ جمال جو ٽارگيٽ شاهد بڻيو. جمال آفيس جي هر ڪم ۾ مداخلت ڪئي. شفيق کي جنهن به معاملي تي ڪا ڄاڻ وٺڻي پوندي هئي ته هو جمال کان پڇڻ لڳو. جمال شاهد جي ٽيم جا به سيئي ڪم پاڻ ڪرڻ شروع ڪيا. شفيق کي ايترو مجبور ڪري ڇڏيائين جو ڪو به حساب ڪرڻ جمال کان سواءِ ناممڪن هو. ان ڳالهه کي ٿورن ڏينهن ۾ شفيق به پروڙي ورتو ته ڪيس شاهد ۽ سندس ٽيم جي ڪا ضرورت نه هئي. انهن کي نوڪرين مان ڪڍڻ سان ڪافي ساري بچت ٿيندي. هن ان مقصد خاطر شاهد کي خوامخواهه تنگ ڪرڻ لڳو. آفيس جي ڪم ڪارين مان نقص ڪڍي کيس گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. شفيق سمجهيو ته سندس ان حد ٽپي ويل بدسلوڪي واري رويي سبب شاهد نوڪري ڇڏي هليو ويندو پر ائين نه ٿي سگهيو.

آخر شفيق هڪ بهانو استيج ڪيو. هن هڪ گتي واري ڪوڪي کي زور سان مڪ هنئي. ڪوڪو ڦاٽي پيو. هن شاهد کي چيو ته سندس ڪم ائين پيو ٿئي ۽ ڪوڪي واري کي مفت جا پئسا پيا ڏجن. هن رڙيون ڪري آسمان مٿي تي کنيو. شاهد کي ٽيم سميت جواب ڏئي ڇڏيائين. آفيس ۾ بند ڪمرو ڪري، سگريٽ جي دونهين ۾ شفيق ڪِي ڪِي ڪري کلڻ لڳو.

جمال پنهنجي نشانو هاڻي مصباح طرف موڙيو. هو پنهنجي توهين ۽ عشق جو بدلو وٺڻ واسطي سڀ ليڪا لتاڙڻ لاءِ تيار هو. اها مصباح ئي هئي، جنهن جي عشق ۾ هو انڌو ٿي پيو هو ۽ فئڪٽري ۾ مَن لڳائي اتي ڪم ڪرڻ جو سوچيو هو. هن سندس محبوب شاهد کي نوڪري مان ڪڍرائي کيس اڪيلو ۽ تنها ڪيو. عشق جو بدلو وٺڻ لاءِ جمال جي اندر ۾ باهه پڙڪي رهي هئي. هن سوچي ورتو ته هو مصباح کي جهڪائي ڇڏيندو. هوءَ سندس پيرن ۾ اچي ڪرندي هن جا ارادا ٺيڪ نه هئا.

جمال سڀ کان پهرين شفيق کي مصباح جي پگهار وڌائڻ لاءِ چيو. هن شفيق کي قائل ڪيو ته هوءَ سيني کان سٺو ۽ وڌيڪ اهم ڪم ڪري رهي هئي. ان سان فئڪٽري ورڪرز تي به سٺو تاثر قائم ٿيندو. شفيق هن جي چوڻ تي مصباح جي پگهار ۾ هزار رپين جو اضافو ڪري ورتو. مصباح جي دل ۾ جمال لاءِ عزت وڌي وئي. هوءَ پاڻ جمال وٽ هلي وئي ۽ ٿورا مڃيا. ان ڏينهن مصباح هڪ ڪليءَ وانگر ٽڙي رهي هئي. هن جي چهري تي خوشيءَ جي لهر هئي. جمال هن کي آفيس جي شيشي مان نهاريو پئي ته هن ان کي خراب به محسوس نه پئي ڪيو ۽ الٽو کيس به ڏسڻ لڳي. جڏهن ٻنهي جون نظرون ٽڪرائڻ لڳيون پئي ته مصباح حيا ۽ لڄ ۾ اکيون هيٺ ڪري ٿي ورتيون.

جمال موقعي جو فائدو وٺي مصباح وٽ ويو ”پگهار وڌڻ جي خوشي ۾ مٺائي نه

"مصباح جي ڊيءَ!" واپاريءَ ڪاوڙ ۾ ٺامو ٺيندي چيو "ان کي ڪٽي وڃي بستري تي.....اماءَ جي....!" اهو واپاري مصباح کي غلط سلط ڳالهائيندو پيو واپارين کي ساڻ ڪري مصباح جي سيڪشن ۾ داخل ٿيو.

اهي ساڳيا واپاري مصباح جون تعريفون ڪري نه ٿڪندا هئا. سڄي ڪل پوڙ ۾ چرچا ڪندا هئا. پيتيزءِ سموسا گهرائي پيش ڪندا هئا. اڄ انهن سڀني جو رويو يڪسر مختلف هو. انهن جي اکين مان باهه جا الا ٻري رهيا هئا. انهن مان ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شرع ڪيو. ڪن ته ڪيس ماءُ ڀيڻ تي گار به ڏئي ڪڍي. بدتميزي حد ڪان وڌي وڃڻ تي هوءَ جمال جي آفيس ۾ مدد لاءِ وٺي ڀڳي.

مصباح روئندي جمال جي آفيس ۾ اچي ڪرسي تي ويٺي. فئڪٽري بند ٿيڻ جو وقت تقريبن ٿي ويو هو. هن واپارين کي ٻئي ڏينهن تي اچي ثبوت ڏسڻ لاءِ چيو. شفيق گهر هليو ويو ۽ ڪيس تاڪيد ڪئي ته هو رد ٿيل مال جي ڇڪپ ڪري کيس فون ڪري ٻڌايئندو. سڀئي ملازم فئڪٽري مان نڪرڻ لڳا. جمال مصباح کي اهو چئي روڪيو ته هوءَ رد ٿيل مال ڳولهي چو ته بعد ۾ ڪيس ان باري ۾ رات جو شفيق کي فون ڪري ٻڌائڻو هو.

مصباح پاڻ سان گڏ ٻن چڙن کي ساڻ ڪري سڄي فئڪٽري ۾ رد ٿيل مال ڳولهيو. هن جي هٿن ۾ صرف چار پينٽون هٿ آيون. جڏهن ته رپورٽن موجب اڃا ٽي سئو کن پينٽون ڳولهڻيون هيون. هوءَ اهي پينٽون کڻي جمال وٽ آئي.

"۽ باقي پينٽون؟" جمال ڪائنس پڇيو.

"مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته باقي ڪٿي آهن؟ واقعي ايترو مال رد ٿيو هو ڇا؟" مصباح وراڻيو. هن کي اڃا به يقين نه پئي آيو. هن جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. هوءَ بي قابو ٿيڻ لڳي ۽ روئڻ شروع ڪيو. جمال جون نظرون هن جي جسم جو معائنو ڪرڻ لڳيون.

"جمال مون کي بچاءِ." مصباح روئندي چيو.

"مان واقعي به توکي بچائي سگهان ٿو." جمال جواب ڏنو.

"پوءِ بچاءِ نه!" مصباح التجا ڪندي چيو "نه ته واپاري مون کي کهي ڇڏيندا"

"چڱو تون هاڻي گهر هل" جمال وراڻيو "مان شفيق کي قائل ڪرڻ جي ڪا صورت ڳولهيان ٿو"

مصباح جا ڳوڙها ڳڙڻ بند ٿي ويا. هن ڳوڙهڻ جي آلاڻ کي ڳلن تان رؤسان اگهي صاف ڪيو. هن جي چهري تي مسڪراهٽ پکڙجي وئي. هوءَ برقعو پائي، پرس کڻي، فئڪٽري مان ٻاهر نڪتي.

جمال ان رات فون ڪري شفيق کي ٻڌايو ته مصباح ضايع ٿيل پينٽون ڳولهي نه سگهي هئي. انهيءَ رد ٿيل مال کي ڪٽنگ ماسٽر چالاڪيءَ سان استعمال ۾ آڻي ورتو هو. ان ۾ مصباح جو ڪو به ڏوهه نه هو. مال ئي گندوسبي ڦٽو ڪيل هو. واپاري پئسا ڪتجڻ جي ڪري مصباح تي خوامخواهه جو دٻاءُ وجهي رهيا هئا. انهن جون شڪايتون اجايون هيون. شفيق

ڳالهه سمجهي ويو ۽ بعد ۾ هن واپارين جي هڪ به نه ٻڌي. مصباح ڪيس بچائڻ جي سلسلي ۾ جمال کي سموسا ۽ چانهه پياري. جمال جي اندر بدلي جي باهه اجا جهڪي نه ٿي هئي!

ٻئي ڏينهن جمال شفيق وٽ ويو ۽ ڪيس پراڻو ريڪارڊ ڏيکاريو. هن شفيق کي ٻڌايو ته مصباح اڳ ۾ واپارين سان مليل هوندي هئي. هن کي ڪو به چيڪ ڪرڻ وارو نه هو. ساڳيا واپاري خراب مال ڦٽو ڪندا هئا. ڪٽنگ ۾ آلٽر سيڪشن وارا مال کي درست ڪرڻ ۾ ڦاٿل رهندا هئا. ان سان فئڪٽري کي نقصان ٿيو پر واپارين ڪافي ساري رقم ڪمائي. هن جڏهن سختي ۽ چيڪنگ کي تيز ڪيو ته اهو نتيجو نڪتو. فئڪٽري کي فائدو ٿيو ۽ واپاري به محتاط رهندا. گندو مال ٺاهڻ کان پرهيز ڪندا. شفيق پراڻو ريڪارڊ ڏسي مصباح کي آفيس ۾ گهرايو. ماءِ پيڻ تي ڪچيون ڪچيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. شفيق کي چڻ رڙين جو دورو پئجي ويو هو. مصباح زارو زار روئڻ لڳي. جمال مسڪرائڻ لڳو. هن جي مسڪراهٽ ۾ ٺٺول هئي. فئڪٽري جي ملازمن لاءِ اهي گهڙيون تفريح جو باعث هيون. شفيق جي هٿان ڪنهن جو پٽڪو لهڻ تي سڀ خوش ٿيندا هئا. ان ڏينهن ۾ هو لطف وٺي رهيا هئا.

مصباح ڪمري مان ٻاهر روئندي نڪتي. هڪ ملازم هن کي پاڻي پيش ڪيو ۽ ڪيس معمول جو حصو سمجهي چپ ٿي وڃڻ جي تلقين ڪئي. هوءَ پاڻ تي ضابطو آڻي نه سگهي. هوءَ انتهائي حساس هئي. پرس ۾ برقعو هٿن ۾ سنڀاليندي، روئندي رڙندي، فئڪٽري کي الوداع چئي هلي وئي.... ان کان پوءِ مصباح کي ڪنهن به گارمينٽ فئڪٽري ۾ نه ڏٺو ويو.

مصباح جي وڃڻ کان هڪ هفتو پوءِ فيڪٽري به بند ٿي ويئي. ايئن محسوس ٿيو ته ان ڇوڪريءَ جي ڪا آهه يا بد دعا شفيق کي لوڙهي ڇڏيو! هالينڊ ۾ فيڪٽري جو مال ڦاسي پيو. خريد ڪندڙ ڪمپني اتي ڏيوالي جو شڪار ٿي وئي. شفيق جي موڙي ٻڏي وئي. مال کي پورٽ وٽان ڪيڙائڻ به هن لاءِ مهنگو ٿي پيو. ملازمن کي جواب ڏنو ويو.

آفيس ۾ جمال کي ويهاري، شفيق ڪمپنيءَ خلاف مقدمو دائر ڪرڻ لاءِ هالينڊ روانو ٿيو. هن رقم جي واپسي نه ڏسندي اتان ئي آمريڪا جي فلائيٽ پڪڙي وڃي زال وٽ پهتو پر جمال کي ان جي پٽڪ به نه ڏني.

جمال آفيس ۾ اڪيلو ويٺو هوندو هو. واپاري اوڌرن لاءِ تنگ ڪرڻ لڳا. شفيق جي به ڪا فون نه اچي رهي هئي ۽ نه ئي وري اتان ڪو پيغام آيو ٿي. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن هن جي آڏو هڪ پراڻو دوست ۽ محسن اچي بيٺو. هن نهار ڪئي ته سندس سامهون شاهد هو.

"شاهد ڪيئن آهين" جمال کيس ڪيڪاريندي چيو.

"بس، ٺيڪ آهيان،" شاهد وراڻيو "فئڪٽري جا ڇا حال آهن؟"

"پاڻ ڏس. انڌيري رات آ. ٻيو ڇا آهي؟" جمال مسڪرائيندي ڳالهايو

”لڳي ٿو تہ تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ فئڪٽري کي نظر لڳي وئي.“

”يار ائين ناهي“ شاهد مٽي تي هٿ رکندي چيو ”وقت وقت جي ڳالهہ آهي.“

”هاڻي ڇا پيو ڪرين“ جمال ڪانئس سوال ڪيو.

”مان هاڻي هڪ ٻي فئڪٽري ۾ ڪم پيو ڪريان. اتي رڳو ٻہ ڪوڪون ناهن. پرسڪون ماحول آهي. هر ڪو پنهنجي ڪم سان ڪم رکي ٿو ۽ ٻي جي ڪم ۾ ٽنگ نہ ٿو اڙائي. وقت ختم ٿيڻ سان هر ڪو پنهجي گهر روانو. ڪا کهاڻي ناهي، ڪو قصو ناهي ۽ ڪا فنڪاري ناهي. ڪم سان ئي مطلب آ“ شاهد ڳالهائيندو ويو. ”حقيقت ۾ اهوئي ماڻهو پئسو ڪمائي ٿو جيڪو نہ رڳو ڪم کي سمجهي ٿو ان سان سچو آهي ۽ ونس ڪو صحيح طريقہ ڪار آهي“

جمال سندس ڳالهہ سان اتفاق راءِ ڪيو. ”پلاٽ ڪيئن اچڻ ٿيو؟“ جمال پڇيو.

”هيءَ دعوت نامو وٺ.“ شاهد هلڪي مسڪراهٽ سان ڳالهايو ”اڳين مهيني جي 21 تاريخ تي منهنجي شادي آهي.“

”ڪنهن سان؟ مصباح يا ......؟“ جمال مسڪرائيندي شرارتي نظرن سان ڪانئس پڇيو.

”مصباح؟“ شاهد سنجيدگيءَ سان ورندي ڏني، ”هوءَ هرويرو منهنجي ڪڍ لڳي وئي هئي. منهنجي پڌري اڳ ئي خاندان ۾ طئہ ٿيل هئي. هن کي شايد ذهن ۾ هو تہ هوءَ مون کي پنهنجي محبت جي ڄار ۾ ڦاسائي وٺندي. هڪ رات منهنجي گهر بہ اچي پهتي. مون گهروارن کي صاف ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هن سان مون کي ڪو بہ عشق نہ هو.“

شاهد اهو چئي ڪجهہ گهڙيون خاموش رهيو.

”هوءَ بس چري هئي“ شاهد وري ڳالهائڻ شروع ڪيو ”هن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آئي... هڪ صبح جو گهران ناشتو ناهي منهنجي ميز تي آئي. ضد ڪرڻ لڳي تہ آئون اهو ناشتو ڪيان. دل رکڻ لاءِ مون سندس ناهيل ناشتو ڪاڌو. خوشيءَ ۾ ان ڏينهن چرين وانگي حرڪتون ڪرڻ لڳي. هوءَ پنهنجي ڪنٽرول ۾ ئي نہ هئي. خبر پئي تہ هن ڪنهن ڇوڪريءَ سان شرط رکيو هو تہ مان سندس هٿن سان تيار ڪيل ناشتو ضرور ڪندس،ڇو تہ هڪ عاشق هجڻ جي حيثيت ۾ هن کي پڪ هئي تہ مان ڪيس انڪار نہ ڪندس. هوءَ شرط کٽي وئي..... فئڪٽري ۾ بہ سڀ سمجهندا هئا تہ مان هن سان شادي ڪندس. ايئن هرگز نہ هو. مون مصباح کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هو ڪو ٻيو ماڻهو ڳولهي. پر هوءَ عادت کان مجبور هئي. مون کي فونون ڪري خوامخواهہ تنگ ڪندي رهندي هئي“

”۽ هاڻي پلا ويجهڙ ۾ وري هن توکي ڪا فون ڪئي؟ مصباح جي ڪا خبر چار؟“ جمال تجسس مان ڪانئس پڇيو.

”ڪافي وقت ٿي ويو آ، هن جي ڪا بہ فون نہ آئي آهي“ شاهد وراڻيو ”۽ نہ ئي وري هن سان ڪو رابطو ٿيو آهي. الائي ڪاڏي وئي؟.... چڱو هي ڪجهہ شادي

ڪارڊ پيو ڏيان. پنهنجن دوستن کي ڏجانءِ. ان ۾ هڪ ڪارڊ مصباح جو بہ اٿئي، ان کي ضرور ڏجانءِ.“

شاهد هن کي مصباح جي گهرجي ائڊريس بہ ٻڌائي، جيڪا جمال هن کان پڇي ورتي.

”ءِ هن ڪارڊ سان سندس دل ٽٽي پوي تہ ذميوار ڪير؟“ جمال ڪلنڊي چيو.

”مون کي ڄاڻ پئي هئي تہ تون مصباح جي باري ۾ سنجيده هئين؟ تون هن سان محبت ڪرڻ لڳو هئين.“ شاهد موضوع کي جمال طرف موڙيندي چيو.

”بس، اهو ئي ڏوهہ مون کان ٿيو“ جمال مايوسيءَ مان وراڻيو ”هن مون کي انڪار ڪري ڇڏيو. هوءَ صرف توسان محبت ڪندي هئي. انڌي محبت! ٻي ڪنهن لاءِ هن جي دل ۾ ڪو بہ نرم گوشو نہ هو. پيارا، هوءَ صرف توتي ئي عاشق هئي! تون ئي هن لاءِ سڀ ڪجهہ هئين!“

جمال ڇانهہ گهرائي ۽ شاهد کي پياري. شاهد ڪارڊ ڏئي روانو ٿيو.

شاهد جي وڃڻ کان پوءِ، جمال مصباح جي ڪارڊ تي نظر ڊوڙائي. هو مصباح سان ملڻ لاءِ بي قرار هو. هن جي دل ۾ سندس لاءِ محبت ٻيهر جاڳي پئي. هن جي هٿن ۾ شاهد جو ساڻس لاءِ ڏنل ڪارڊ ملڻ جو محض بهانو هو. هن کي ان ڳالهہ جو شدت سان احساس هو تہ هن مصباح سان سٺو سلوڪ نہ ڪيو هو. هن ساڻس بي واجبي ڪئي هئي. هن کي ڪهڙي خبر هوءَ فئڪٽري کي هميشہ لاءِ ”خدا حافظ“ چئي ڇڏيندي. محبت ونديندڙ بدلو نہ وٺندا آهن. پر پيار ورهائيندا آهن. محبوب جي نہ ملڻ تي بہ ان لاءِ سٺو ئي سوچيندا آهن. هن فيصلو ڪري ورتو تہ کيس سموري حقيقت کان آگاهہ ڪري کانئس معافي گهرندو. ضروري ٿيو تہ کيس شادي جي آفر بہ ڪري وٺندو!

ٻئي ڏينهن جمال ڪارڊ کڻي شاهد جي ٻڌايل ائڊريس تي مصباح جي گهر پهتو. مصباح جو پوڙهو پيءُ گهر کان ٻاهر نڪتو. جمال کيس پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ مصباح سان ملڻ جو اظهار ڪيو. هن کيس اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. ڪمري ۾ جمال ڪرسي تي ويهي رهيو. مصباح جو پيءُ کٽ تي ويٺو ۽ کيس ٻڌايو تہ مصباح هن دنيا ۾ نہ رهي هئي! هن کي فوت ٿئي ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا!

”چاچا، اهو ڪيئن ٿيو؟!“ جمال حيرت مان کانئس پڇيو.

”بس پٽ، هيءُ دنيا عارضي آهي“ مصباح جو پيءُ ڳالهائڻ لڳو ”ڪنهن کي اڄ ويڙهو آهي تہ ڪنهن کي سڀاڻ. سيني کي هيءَ دنيا هڪ ڏينهن ڇڏڻي پوندي. صرف اللہ جو نالو رهندو..... منهنجي مصباح ڏاڍي سلڇڻي ۽ اخلاق واري ڌيءَ هئي. هن کي پيدائشي دل ۾ سوراخ هو. هوءَ ايتري وقت ڪيئن زنده رهي، اللہ ئي ڄاڻي ٿو. هن اسان کي ڪا بہ تڪليف نہ ڏني. اسان بہ سندس دل رکڻ لاءِ ڪنهن بہ خواهش تي ساڻس ڪاوڙ جو اظهار نہ ڪيو“

اهو چئي پوڙهو پيءُ روئڻهار ڪوٺي پيو. جمال سندس ڳالهيون سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ لڳو.

ڪاروءِ ڪاريءَ جي رسم تي لکيل ڪهاڻي. اها خوني رسم ڏينهون ڏينهن اسان جي سماج اندر پاڙون مضبوط ڪري رهي آهي. سنڌ ۾ اسان تقريبن هر روز ان ڪنڌي رسم الزام هيٺ ڪنهن نه ڪنهن کي قتل ٿيندي خبر ٻڌون ٿا. پيار جي مقدس جذبي کي جهڙي ريت اسان وٽ ڪچليو پيو وڃي، ان جي جهلڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا

# ڪاري

عزيز قاسماڻي

ازل جي منزل جي تلاش ۾ تتل ريتيءَ ۾ ڳهندي ڳهندي، پيرن جا ڇالر ڪري پيا اٿس. پوءِ به ساڳيءَ منزل تي هلندي رهي!

مون کي ياد آهي، تاس. پاڻي پيئندي ڀڪ هيٺان اچي ويو. اهو ٻڌندي جان مان سٽاندڙيون نڪري ويون، اها تاس پاڻيءَ جي يا پيار....؟

پرينءَ کانپوءِ رات جا چوراها، ستارن جي جهرمر سان، ڪوئل جهڙي رات ۾ سونهن جا سلسلا، بهار نفرتن جي نانءَ سان

## وقت جي ٻرندڙ موضوع ڪارو ڪاريءَ تي لکيل ڪهاڻي



بي معنيٰ مرڪ،
گل،
ٺمڪ.

*.....*.....*

هن جي جيوت جو ڪتو (موتي) گهوريندو رهيو، روشن ٿيل دريءَ ڏانهن، ان جي جيوت جو عڪس شايد اتي هوا مايوس جذبن کي اتم ڪرڻ لاءِ هو زندگيءَ جي ڪنارن کي ڳولهيندو رهيو ۽ ڪي ماڻهو دعا گهرندي، پنهنجو پيار خدا کان پڇي وٺندا آهن.

لفظن جي تلوار سان ماڻهو سڻا دوست وڃائي ويهندو آهي!

پکي اهو سمجهن ٿا!! سيني جي وارن کان سيني جا گهاوَ گهرا ٿيندا آهن.

”تون مون کان سيني جا وار لڪائين ٿو ڇو؟“

خيال .... ”پرين توکي لڪائين وئي مانءِ!“

اوچتو چرڪ.

گهاءُ ... گهائن جو پڇتاءُ!!

پيار جا لفظ پني تي اکيري، سونهن جون تشبيهون ڏئي، حسن جي محلات مان عشق جا ترڪيدي، حسين پني تي خوبصورت عورت طرفان خط لکي، پنهنجي ائڊريس تي پوسٽ ڪندو هو. اهو عجيب ماڻهو هوا!

تمنائن جو ڊائل ڦرندو رهيو، فنا ٿيل احساس جاڳي پيو ۽ ذهن ۾ هير ڦير ليڙون ليڙون ٿيل جذبا، اجاگر ٿي پيا.

روشنيءَ جو خيال اونداهي وقت ۾ محسوس ٿيندو آهي. پر وڏين اکين واري هرڻي شاعر کي نوان گيت سرجڻ تي مجبور ڪندي آهي.

هوءَ چوي پئي. ”هي نوجوان ڇوڪريون ۽ ناريل هڪ آهن، انهن جي سونهن پوڙهي ماڻهوءَ کي بہ موهي

## منهنجي پياري ٻلي

موڪليندڙ: ماروي پٺو (ميرپور پٺو)

اڇن ڪارن تلڪن واري
سهڻن سهڻن رنگن واري
منهنجي پياري ٻلي
ننڍڙيون اکڙيون چمڪندڙ چاندي
ننڍڙا پير ڪنئرا مولتي فوم
سرنهن ۾ سڀ کان زورا زور
منهنجي پياري ٻلي
ڏند مثل هيرا جواهر
چپڙا آهن جڻ گل گلاب
ڪاڏي پيتي ۾ هوشيار
منهنجي پياري ٻلي
تيزڪان تيز ڊڪي ٿي
مياؤ مياؤ ڪيرپيئي ٿي
مون کي ڏاڍي ڏاڍي وڻي ٿي
منهنجي پياري ٻلي
اڇن ڪارن تلڪن واري
سهڻن سهڻن رنگن واري
منهنجي پياري ٻلي

*........*........*



# شـور

سومرو سرمد

نفسانفسيءَ تي لکيل ڪهاڻي جيڪو موجود دؤر جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي پيسن جي حد کان وڌيڪ گهرج انسان کي چڙواگ ڪري ڇڏيو آهي هاڻي انسان جا قدر ريتون روايتون ۽ هلت چلت ۾ نمايان ڦيرو اچي چڪو آهي جنهن جو پيمانو پيسو صرف ئي صرف پيسو آهي شين جي گهرج،انا پرستي جي مرض ۾ مبتلا،سوسائٽيءَ ۾ اونچو مقام مادي پرستيءَ جي وڌندڙ يلغار اڄ جي انسان کي باطني طور تي وحشي بنائي ڇڏيو آهي جنهن جو عڪس اسان هر هنڌ،هر جڳهه تي ڏسي رهيا آهيون. هر ماڻهو وقت جي ڏارا ۾ پئي ڪان سرسري ڪٽڻ جي چڪر ۾ آهي جنهن جي ڪري دلين مان سڪون،امن ۽ اطمينان ڏينهون ڏينهن ختم ٿي رهيو آهي.

## بي مقصد زندگيءَ جي هڪ جهلڪ ڏيکاريندڙ ڪهاڻي.

شهر ۾ هڙتال هئي، جنهن ڪري هو آفيس وڃي نہ سگهيو هو. صبح جو تيار ٿي فليٽ منجهان نڪري روڊ تي آيو تہ روڊ ڪنهن گنجي جي مٿي جيان هو. آس پاس وارا ۽ وچ خالي روڊ جي فٽ پاٿ تي ماڻهو تہ هئا، پر ڪنهن بس جو ناءُ نشان ڪين هو.

صبح ساجهر جو ڪن شرپسندن ٻن ٽن بسن کي ساڙيو هيو جنهن ڪري مجبورن ڊرائيورن بسون هلائڻ بند ڪري ڇڏيون هيون. پيدل آفيس تائين وڃڻ ممڪن ڪو نہ هو ان ڪري موٽي فليٽ تي آيو. ٻيهر ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ننڊ رٺل. سندس آفيس جي باس جيان مٿس مهربان ڪا نہ ٿي. ڪهاڻين جو پراڻو ڪتاب کولي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين مگر سندس ذهن ٽڪي ٽڪي ٿي ويو.



# رات جو رولُو

رياض بلوچ

هڪ ماڻهوءَ جي ڪهاڻي جنهن کي سندس حساس طبيعت ڏينهن جو سمهڻ ۽ رات جو جاڳائڻ سيکاريو هو. سندس علاج ڪنهن وٽ به نه هو. اديب اهو ڪجهه لکندو آهي جيڪو معاشري منجهه ٿي رهيو هوندو آهي. هن نئين ليکڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ به اسان کي پنهنجي بيمار معاشري جو عڪس رڙيون ڪندي نظر ايندو.

**بيمار ڪوٺيل هڪ حساس ماڻهو جو قصو جنهن جو ڪنهن وٽ به علاج نه هو.**

اونهاري جي مند سخت ڪاڙهي ۾ ماڻهو ٿڪجي رات جو ٿڌي هوا جي مزي ۾ ائين مدهوش ٿي ننڊ ڪري رهيا هئا، جيئن بيهوش هجن. سڄي ڳوٺ ۾ ڪو ماڻهو جاڳندي نظر نٿو اچي. سڄي ماحول ۾ خاموشي طاري آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڻن تي هوا لڳڻ سان اتي ويٺل پکي چُڻ پڻ ڪري ماٺار واري ماحول ۾ ڪجهه حرڪت ڏيارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا.

آئون پنهنجي ڪمري ۾ ڪرسي تي ويٺي دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو آهيان. منهنجي سوچ الائجي ڪٿي آهي. منهنجي ڀرسان هڪڙي کٽ تي هڪ ڪمبل ۽ هڪ عدد ويهاڻو رکيل آهن. ڀت تي هڪڙو شوڪيس ٽنيل آهي. جنهن ۾

منهنجا پراڻا ڪتاب رکيل آهن. جن کي منهنجا دوست پوڙها ڪتاب سڏيندا آهن.

آئون ڪرسي تان اٿي ٻاهر رکيل مٽ مان پاڻي پي وري اچي ڪرسي تي ويهان ٿو. ميز تي پيل اڇو پيپر کڻي ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪيم. ڇا لکان؟ لکي لکي آئون ٿڪجي پيو آهيان. ڪا موٽ نه ملي. سماج ۾ معاشري ۾ ڪا تبديلي نه آئي. فقط پنهنجي اندرجي ٻاهه ڪاغذن تي ڪيڻ سان ڪجهه به نه ورندو. ويتر ان ڪان وڌيڪ ٻاهه بدن کي ٻاري ٿي. آئون پنهنجي منهن ڳالهايان ٿو. پنهنجي هٿ ۾ جهليل ڪاغذ کي تروڙي مروڙي دريءَ کان ٻاهر ڦٽو ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري اٿي سيمنٽ جي ٿلهيل ڍڪي تي اچي ويئس. جتي ٿڌي هوا منهنجي جسم مان نڪرندڙ پگهر کي سڪائي ڇڏيو ۽ منهنجي جسم کي ڪجهه فرحت ملڻ ڪانپوءِ آئون پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ويس.

گذريل ڏينهن دوستن سان ڪيل ڪچهري مون کي ياد آئي. جتي منهنجي دوستن مون کي چيو ته "تون بيمار آهين" جنهن ڪري تون روز روز ڪمزور ٿيندو پيو وڃين. منهنجي دوستن جو خيال آهي ته آئون ڪنهن مرض ۾ وڪوڙيل آهيان. تنهنڪري ڏينهون ڏينهن منهنجي ڪمزوري وڌندي پئي وڃي پر منهنجي دوستن کي منهنجي بيماري جي خبر ناهي. هو نٿا ڄاڻن ته آئون ڪهڙي مرض جو مريض آهيان. جڏهن ته منهنجي مائٽن کي منهنجي بيماري جي ڪنهن حد تائين خبر پئجي ويئي آهي. ڇو ته؟ انهن مون کي اڪيلائيءَ ۾ سوچن ۾ گم ڏٺو آهي. رات جو نيم بيهوشي واري ڪيفيت ۾ گهٽين ۾ رلندي ڏٺو آهي. منهنجي ٻاءُ دوستن سان ڳالهائيندي چيو ته رولو ڳالهائيندي ڳالهائيندي چرڪ ڀري خاموش ٿيندو آهي. ڪنهن شيءِ جي يادگيري نٿي رهيس. ويسر جو مريض ٿي پيو آهي.

منهنجي مائٽن جو خيال آهي ته آئون ڪنهن ذهني مرض ۾ وڪوڙيل آهيان. آهستي آهستي منهنجي ذهني توازن بگڙجندو وڃي ٿو تنهن ڪري آئون رات جو دير سان وڃي چؤڪن ۽ چوراهن تي ويهان ٿو. روڊن ۽ گهٽين ۾ رلان ٿو.

ماني جي مهل جڏهن سڀ گهر وارا هڪڙي هنڌ ڪٺا ٿي ماني کائيندا آهن ته آئون اُتي موجود نه هوندو آهيان. بي وقتو گهر موٽڻ تي سڀ گهر وارا مون کي مهڻا ڏيندا آهن. وقتي طور مون سان ناراضگي ڏيکاريندا آهن پر وري منهنجي ڀيڻ ماني کڻي اچي منهنجي سامهون رکندي آهي. توڙي جو منهنجي دل ماني کائڻ نه چاهيندي آهي ته به آئون کين خوش ڪرڻ لاءِ به ٽي گرهه کائي وٺندو آهيان. آئون محسوس ڪريان ٿو ته منهنجي ڪري سڀ گهر وارا پريشان هوندا آهن. منهنجي اچڻ سان سڄي گهر ۾ خاموشي ڇائنجي ويندي آهي. آئون گهڻي ڪوشش ڪندو آهيان ته منهنجي ڪري ڪو به پريشان نه ٿئي. پر ڪِرندڙ لڙڪ کي ڪير ٿو روڪي سگهي.

آئون جڏهن به گهران نڪرندو آهيان ته ٻارڙن جو ميڙ لڳي ويندو آهي.

ٻارن کي آئون لطيفا ٻڌائي کلائيندو آهيان. هو کِلي کِلي جڏهن بيزار ٿيندا آهن تہ پوءِ ٺينگ ٺپا ڏيندا هليا ويندا آهن. آئون وري پنهنجي ويران صحرا واري دنيا ۾ موٽي پنهنجي منهن روئڻ لڳندو آهيان ۽ پوءِ منهنجا گهر ڀاتي بہ روئندا آهن.

منهنجي مائٽن کي اچي منهنجي حياتي برباد ٿيڻ جي وهم ورايو آهي. هر هفتي ڪنهن نئين ڊاڪٽر يا حڪيم جو ڪيسو گرم ٿيندو رهندو آهي، پر مون کي انڌن اوندن ويڄن جي دوائن ڪو اثر نہ ڪيو. راتين جو اوجاڳو رهڻ واري عادت جاري رهي. هاڻي آئون پاڻ کي هن ڀيري دنيا ۾ اڪيلو پائڻ لڳو آهيان. منهنجي خاموشي وڌندي ويئي آهي. وارن ۾ اچا پئجي ويا. اڳي هر مهيني وار ٺهرائڻ، روزاني ڏاڙهي لاهڻ، استري وارا ڪپڙا پائڻ ۽ جوتن کي پالش ڪرڻ واريون عادتون الاهي ڪيڏانهن گم ٿي ويون آهن.

ڪو حڪيم، طبيب، ڊاڪٽر منهنجي بيماري جو پتو لڳائي نہ سگهيو آهي. ڳوٺ جي پرسان جانو شاهہ واري درگاهہ تي ويٺل بابا جنيد بہ تعويذون لکيون. امان مون کي ڪڏهن تعويذون ٻانهن ۾ ٻڌندي هئي تہ ڪڏهن پاڻي ۾ روئي پياريندي هئي پر سڀ نسخا اجايا ويا. آئون روز روز نئين دوائن ۽ تعويذن کان ڏاڍو تنگ ٿيو آهيان پر پوءِ بہ ڪنهن کي منع نہ ڪيم.

اج اونهاري جي مند جي گرمي ختم ٿي چڪي آهي. بهار جهڙي موسم آهي. آسمان تي جهڙالوءِ ٿڌيون ٿڌيون هوائون هلي رهيون آهن. بوندن جو وسڪارو ٿوري ٿوري عرصي سان جاري آهي. صبح جا يارنهن ٿيا آهن. آئون سڄي رات جاڳڻ کان پوءِ هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي پاسا ورائي رهيو هوس ۽ ڪمري ٻاهران منهنجا پائر پاڻ ۾ سُس پس ڪري رهيا آهن.

منهنجي ڪمري ٻاهران ڳوٺ جا ٻيا بہ چار همراهہ منهنجي پائرن سان ڳالهائي رهيا آهن. هر ماڻهو مون ڏانهن ائين نهاري ٿو ڄڻ منهنجو آخري ديدار ڪري رهيا هجن. شرنائيءَ جو آواز منهنجي ڪنن تي پئي ٿو. اج منهنجي دوست آدم جي شادي آهي. منهنجي دوستن ۾ آدم آخري غير شادي شده بچيو هو جنهن اج پنهنجون راهون ڌار ڪري ڇڏيون. سڀني دوستن پنهنجا گهر آباد ڪري ڇڏيا. فقط هاڻي آئون اڪيلو رهيل آهيان.

## لطيفا

هڪ بيوقوف: اج چنڊ ايترو روشن ڇو پيو نظر اچي.

بيوقوف: توکي خبر ناهي ڇا. اج چنڊ ۾ نيا سيل وڌا ويا آهن.

*.....*.....*

فقير: صاحب، مان بکيو آهيان. هڪ رپيو ڏيئي مون غريب جي مدد ڪر.

ماڻهو: اڙي مان ٻوڙو آهيان نہ تہ روپئي جي بدران توکي پنج رپيا ڏيان ها.

دروازي ٻاهران گاڏي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ادا ڪمري ۾ داخل ٿيو مون کي چيائين، "تيار ٿي اچ، شهر جي سڀ کان وڏي هسپتال ۾ هلڻو آهي." آئون آهستي آهستي اٿيس پوءِ ادا چيو" بسم الله پڙهي پيائيءَ جي رسالي کي چمي ڏي ۽ دعا ڪر ته الله توکي شفا ڏي". مون انهيءَ تي عمل ڪيو.

اسين گاڏي ۾ ويٺاسين. گاڏي شهر جي گهٽين مان هلندي رهي. آئون سوچن جي ساحل ۾ ٻڏندو رهيس. هاڻي مون کي وڏيڪ دورو پوڻ لڳو. هونئن ڀي ڀٽائيءَ رح جي رسالي کي ڏسڻ، ڇهڻ ۽ پڙهڻ سان يا روڊ رستن تي ماڻهن کي ڏسڻ سان منهنجي بيماري وڌندي آهي. پوءِ آئون الائجي ڪيڏانهن گم ٿيو وڃان. اها خبر مون کي اڄ تائين نه پئي آهي. گاڏي ڪهڙي رستي مان ويئي؟ رستي ۾ ڇا ٿيو؟ مون ڪجهه به ڪو نه ڏٺو. جڏهن گاڏي بيهي رهي، تڏهن آئون ڇرڪ ڀري هوش ۾ آيس.

آئون ادا سان گڏ گاڏي مان لٿس. سامهون هسپتال جو مين گيٽ هو. اسين پئي اندر هليا وياسين. ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿياسين ته سامهون ڊاڪٽر ويٺو هو. ڪيس اڇا وار نڍڙي ڏاڙهي ۽ نظر جو چشمو پاتل هئس. سندس مهانڊي مان تجربيڪاري جي بوءِ پئي آئي. آئون سندس ويجهي ڪرسي تي وڃي ويٺس.

چيائين، "ڪهڙي تڪليف اٿئي؟"

چيم، "منهنجي مائٽن جو خيال آهي ته آئون چريو آهيان. منهنجي حياتي برباد آهي."

پڇيائين، " پهرئين علاج ڪرايو آهي يا نه؟"

چيم، "شايد ڪرايو هجي."

ادا کان پڇيائين، " هن کي ڪيئن ٿا محسوس ڪريو؟"

ادا سڄي ڪهاڻي ڪيس ٻڌائي، سندس اکين مان لڙڪ تري آيا ۽ آئون ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳس ۽ چيم، " ڊاڪٽر صاحب، بيمار آئون آهيان ۽ روئي منهنجو ڀاءُ رهيو آهي. ان ڪري ته منهنجي سيني دوستن جي شادي تي، سندس گهر اڳيان دهل جو ڌماڪو ٿيو جشن ٿيا ۽ آئون يعني هن جو ڀاءُ برباد آهيان. رات جو گهٽين ۾ رلڻ ۽ ڏينهن جو سمهڻ کان سواءِ ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان."

ڊاڪٽر ادا کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو.

آئون ۽ ڊاڪٽر ڪمري ۾ اڪيلو رهجي وياسين. هاڻي آئون کلي کلي ماٺ ڪري ويٺو هوس. ڊاڪٽر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"توکي ڪهڙي تڪليف آهي. جو تون رات جو گهٽين ۾ رلندو آهين ۽ ڏينهن جو سمهندو آهين. نه پنهنجي صحت جو خيال رکندو آهين، نه دنياداريءَ جي ڪمن ۾ حصو وٺندو آهين. آخر هن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ تون ڪهڙي مرض ۾ وڪوڙيل آهين؟"

آئون وري ٿهڪ ڏيڻ لڳس. "ڊاڪٽر! تون به مون کي مريض سمجهين ٿو. تنهنجو مطلب آهي ته آئون چريو آهيان. منهنجو ذهني توازن ٺيڪ

ناهي. پربلڪل نه. تنهنجو خيال غلط آهي. آئون نه ڪي چريو آهيان، نه ڪي تون منهنجو علاج ڪري سگهندين. آئون اهڙي بيماري جو شڪار ٿيو آهيان، جنهن جو علاج ٿيندو ئي ناهي. ڊاڪٽر صاحب، مون کي اڄ تائين اها خبر نه پئي ته آئون ڇا آهيان؟ ڇو آهيان؟ رات جو ڇو رلندو آهيان. ڏينهن جو ڇو سمهندو آهيان؟ پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته آئون ڪڏهن به دنياداري جي ڪمن ۾ دلچسپي نٿو وٺي سگهان. دهل ۽ شرنائي جو آواز ٻڌي نه ٿو سگهان. آئون ڪڏهن شادي نه ڪري سگهندس. ڊاڪٽر، آئون ڪڏهن شادي نه ڪري سگهندس."

ڊاڪٽر منهنجي پرسان ويهي چوڻ لڳو "آخر ڇو؟ تون شادي ڇو نٿو ڪري سگهين، ڪهڙو سبب آهي جو تون دنيا داري جي ڪمن ۾ حصو نٿو وٺي سگهين."

ڊاڪٽر جي هر هر پڇڻ تي مون جواب ڏنو "ڊاڪٽر، تون ڇا ڄاڻين ته آئون ائين ڇو چوان ٿو. مون دهل ۽ شرنائي جي هل هنگامي ۾ انهن ڪومل هٿن، جن ڪڏهن نفرت جو اشارو به نه ڪيو هو تن کي پٿرائين علائقي جي پٿر دل ماڻهن جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجندي ڏٺو آهي. آئون جڏهن به ڏينهن جو ٻاهر نڪران ٿو ته مون کي وڏيڪ دورو پوندو آهي. ڏينهن جو سڄ جڏهن پنهنجا ڪرڻا ڌرتيءَ تائين پهچائيندو آهي ته هتي گلن جهڙا معصوم ٻار پنهنجن پتڪڙن هٿن کي ٻين جي اڳيان ٽنگيندا آهن، ٻيک گهرندا آهن، مانيءَ ٻُڪي لاءِ در در تي ڌڪا ٿاٻا کائيندا آهن. آئون اهو منظر نٿو ڏسي سگهان ڊاڪٽر ....آئون جڏهن ٻک ۽ بدحاليءَ جي ماريل هڏائين پيچري عورت کي پنهنجي ٻار کي فقط هڪ ريٽي لاءِ رئاريندي ڏسندو آهيان ته منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن ۽ ان وقت آئون قدرت جي قانون کي به ناانصافي سمجهڻ لڳندو آهيان. مون کي دؤرو پوندو آهي. آئون چريو ٿيندو آهيان. پنهنجي هوش و حواس ۾ نه رهندو آهيان. انهيءَ ڪري آئون ڏينهن جو سمهندو آهيان ۽ رات جو جاڳندو آهيان."

آئون ڳالهائيندو رهيس. جڏهن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي مون ماٺ ڪئي ته ڊاڪٽر ٿڌو ساهه ڀري، پنهنجو چشمو لاهي، بوتل کڻي پاڻي پيئڻ لڳو. هي منهنجي ڳالهين مان ڪنهن اونهي سوچ ۾ غرق ٿيو.

پل ڪن ڪان پوءِ ادا ڪي گهرائي چيائين، "برادر معاف ڪجان تنهنجي پاءِ کي ڪنهن اهڙي بيماري وڪوڙيو آهي جنهن جو علاج ممڪن ناهي. هن ماڻهن جي چهري تي غربت، مجبوري، مايوسي ۽ مفلسيءَ جي لڪيل ريکائن کي پڙهڻ سکيو آهي. هي انسانيت جي دولت سان چڪار ۽ پريل دنيا جي تلاش ۾ آهي. تنهنجو پاءُ لاعلاج بيماريءَ ۾ وڪوڙيل آهي، هي ڪڏهن به دنيا داريءَ جي ڪمن ۾ حصو وٺي نه سگهندو ڪڏهن دهل ۽ شرنائي جي آواز ٻڌي ڪو نه سگهندو ڪڏهن به شادي نه ڪري سگهندو. هن جي زندگي اها آهي، رات جو رُلندو ۽ ڏينهن جو سمهندو."

*......*......*



# تپسيا

موهن ڪلپنا

انسانن ننڍڙي هوندي کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين من اندر خواهشون ۽ سپنا رکي ٿو. شايد ئي دنيا جو ڪو اهڙو ماڻهو هجي جنهن جا سيئي خواب سندس زندگيءَ ۾ ساڀيان ٿيا هجن. خوابن جي ساڀيان جي پورائيءَ ڪرڻ لاءِ انسان کي گهڻو ڪري ڪشالا ڪاٽڻا پوندا آهن. موهن ڪلپنا سنڌي ٻوليءَ قوم جو اهو عظيم نالو آهي جنهن تي هن ڌرتيءَ جا رهواسي هميشه فخر ڪندا رهندا. سنڌي ٻوليءَ جي هن مهان ليکڪ جي هي خوبصورت تحرير پڙهندن جي لاءِ پيش ڪجي ٿي.

**هڪ ماءُ ۽ پيءُ جو قصو جيڪي پنهنجي نياڻيءَ جي بک مٽائڻ لاءِ نانگن کي مارڻ لاءِ تيار هئا**

**گاڏي** آنڌڪار جي ديوارن کي ٽوڙيندي اڳيان وڌي رهي هئي. مان دريءَ وٽ ۽ ڪامني منهنجي سامهون ويٺي هئي. ٽن سالن جي بينوءَ کي ننڊ هئي.

منهنجي نظر ڪامنيءَ جي چهري ۾ نه، ان انڌڪار ۾ کپي ويئي هئي، جنهن ۾ مون ٻين هزارين ماڻهن جيان هڪ نئين وطن اڏڻ جا سپنا ٿي لڌا. انڌڪار جي پلاٽن ۾ مون پنهنجي تصور جا ڪليل مڪان ٿي جوڙيا. لنبا خوبصورت رستا، پاسن کان ڀريا ڀريا وڻ، ڪنڊن کان مارڪيٽ ۽ مندر، راندين جا ميدان، اسڪول، ٿئيٽر ۽ باغ ٿي ٻڻايا... ڪنڊلا اڃا پري هئي ۽ منهنجي من ۾ اتي جي سڏي، ڪلي ۽ سنوت واري ڀوميءَ جا چتر

ستائين ڪو نہ"
ڪامني پهرين ٿورو گهبرائي، پوءِ پنهنجي راءِ کي پختو ڪرڻ لاءِ چيائين، "ڇا هتي نانگ تمام گهڻا آهن؟"
"ها" ڪوليءَ جواب ڏنو.
"ڇا انهن کي ڪوئي مارڻ وارو ڪونهي؟"
ڪولي ٿورو ڪنگهيو پوءِ زور سان چيائين، "هتي نانگ مارڻ جي قيمت اٺ آنا آهي. هتي پئنچات آهي. اها روز ڊنڍورو ڏياريندي آهي. تمام گهڻا نانگ ماريا ويا آهن پر انهن جي ڪمي ناهي ٿيٽي. هيڏا وڏا ميدان آهن. انهن ۾ لڪين پر آهن. انهن سيني کي ڇا ماري سگهجي ٿو؟"
ڪامني هلندي هلندي بيهي رهي. چيائين، "مان هتي نہ رهنديس... مان ڄاڻان ٿي تون بهادر آهين، پر مون کي خبر آهي تہ تون نانگن کان ڊڄندو آهين. ڇا مان هتي رهي سگهان ٿي؟ ڇا توکي بينوءَ جو خيال نہ آهي؟.. منهنجي ڳالهہ ڇڏ، مون کي تون ڀڄندو ئي ڪٿي آهين...."
منهنجو من ٿورو ڪمزور ٿيو پر پوءِ مون همت رکي جواب ڏنو "ڪامني، بزار ۾ مڇيون تمام سستيون ملنديون آهن، پر تو ڪڏهن انهن ماڻهن جي قسمت تي سوچيو آهي، جن پنهنجين حياتين تان هٿ کڻي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو هوندو؟... نہ، اڄ جي ڳالهہ نٿو ڪريان... انهن پهرين ماڻهن جي، جن لاءِ سمنڊ هڪ ڳجهہ هو سمنڊ، جنهن ۾ هزارين خوفناڪ جنتر هئا... هر يگ جي پنهنجي تپسيا آهي ڪامني. سيان جي سک جو بنياد اڄ جي قربانين تي ٻڌل آهي...."
ڪولي پريان واڪا ڪري رهيو هو.
ڪامنيءَ چيو "توهين هر ڳالهہ کي اتهاس جي نظر سان ڏسندا آهيو. توهان جي خيال موجب هڪ جڳهہ جوڙيندڙ رازي جو درجو ان جڳهہ جي مالڪ کان گهڻو گهڻو وڏو آهي. اوهان کي ڪجهہ بہ ٺهيل ٺڪيل نہ کپي. سڀ ڪجهہ اڻ گهڙيو گهرجي، جنهن سان اوهين پنهنجي خوابن جا تجربا ڪندا...."
مون مشڪي چيو "ها ڪامني مون لاءِ ان ۾ ئي سک آهي."
*....*.....*
آديپور سچو ٺهي چڪو هو صرف ان ۾ نوان ڪارخانا پوڻا هئا ۽ اوسي پاسي ڪيتي ٻاڙي ٿيڻي هئي. ماڻهو گهڻا آيل هئا، پر روزگار جو پورو بندوبست ميسر نہ هو. سڀ سڙڪون سڌيون ۽ گوني ڪنڊن سان هڪ ٻئي کي ڪٽيندڙ هيون. هر سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان هڪ ئي قسم جا، هڪ جيڏا لنبا، پريل وڻ. سڀ جڳهيون ساڳئي قسم جون. سڙڪ جي هر موڙ کي پنهنجو "دشا ڀرم" هو. شهر جي وچ ۾ پنج مندر هئا. رام، ڪرشن، گوتم، مهاوير ۽ گانڌيءَ جا، جن جي چوڌاري هڪ باغ هو ۽ وچ ۾ تلاءُ هو جن ۾ ڪمل جا سفيد ڦول هئا. شهر جي ان مرڪز ۾ اگربتين جي سڳنڌ، گلن جي مهڪ سان ڪجهہ ان طرح ملي ٿي ويئي جڻ ڪا پوڄارڻ، هٿن ۾ ڦولن جي مالها کڻي لنگهندي هجي.
سڙڪن تي بتيون هيون، پر اهي اونداهين راتين لاءِ هيون. چانڊني رات ۾ بتين جي ڪا ضرورت نہ هئي. جنهن

طرح سان ڪيئن حياتي ڪٽبي؟ ڇا آدرش لاءِ ٻليدان ضروري آهي؟. پر ڪنهن گهريو آهي اهو ٻليدان ۽ جن گهريو آهي، اهي ڪٿي آهي؟ مان بغاوت نہ ڪنديس، جو تنهنجي پتني آهيان. تنهنجو ساٿ پائڻ منهنجو فرض آهي، پر اهو بہ ٻڌي ڇڏ تہ اڄ رات جيڪڏهن بينوءَ کي ماني نہ ملي تہ رات مان چوري ڪرڻ نڪرنديس... منهنجي لاءِ اهائي تپسيا آهي، اهو ئي ٻليدان آهي......مان ان سمندر ۾ گهڙنديس، جنهن لاءِ مان نئين آهيان، ڪمزور آهيان...."

ڇا هوءَ ساڳي آهي؟ ڇا ڪا استري ان طرح ڳالهائي سگهي ٿي؟.... ڇا هوءَ چوري ڪندي... ۽ مان؟

۽ مان اٿي ڪڙو ٿيس. ڪنڌ مان لٺ ڪنيم ۽ ٻاهر وڃڻ لڳس.

ڪامني گهبرائجي، اڳيان وڌي چيو "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

مون بينوءَ ڏانهن نهاري چيو "بينو صرف تنهنجي ڌيءَ نہ آهي، منهنجي بہ ڌيءَ آهي. منهنجا بہ هن ۾ پراڻ آهن، مان ڇا هن کي بک مرندو ڏسي سگهان ٿو؟"

ايتري ۾ بينوا اڳيان وڌي آئي ۽ اچي پنهنجون ٻيئي نازڪ ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌائين. مون هن کي امالڪ هنج ۾ کنيو ۽ مان هن جو منهن چمڻ لڳس. تنهن بعد بينوءَ کي ڪامني جي هنج ۾ ڏيندي چيم،

"مان وڃان ٿو بينوءَ جو خيال ڪج..."

"پر ڪيڏانهن، ڪيڏانهن ٿو وڃين"

"نانگ پڪڙڻ... هتي هڪ نانگ مارڻ جا اٺ آنا ملندا آهن... مان بہ چار نانگ ماري ايندس.... مان چوري نہ ڪندس... پر مون کي ڪجھ ڪرڻو آهي، ڪرڻو آهي...."

۽ مان ٻاهر هليو آيس. منهنجو سڄو رت گرم ٿي چڪو هو. سوچيم: مان ڪنهن بہ نانگ کي جيئرو ڪو نہ ڇڏيندس.... ڀهرين لٺ هٽي هن جو مٿو ڀڃندس پوءِ پير ڏيئي چيپاٽيندو سانس.... يا رومال سان هن جي پڇري پڪڙي مان هن کي زور زور سان هوا ۾ ڦرائيندس ۽ پوءِ زمين تي ٺڪاءُ ڪندو ساس... وڻ تي چڙهيل هوندو تہ پٿر هٽي ڪيرائيندو سانس... مون کي نانگ کان برابر ڊپ آهي، پر مون کي بينو وڌيڪ پياري آهي.... بينوءَ لاءِ سڀ ڪجھ ڪري سگهان ٿو. سڀ ڪجھ ڪري سگهان ٿو... بينو منهنجو ديش آهي بينو منهنجو آدرش آهي...

۽ مان پورا بہ ڪلاڪ ڀٽڪندو رهيس. ڏڙن ۾ ۽ پٽن ۾ ڀٽڪيس. ٻرن ۾ لڪڙي وجهي زور ڏنم. وڻ وڻ جي ٽاري لوڏيم... نانگ.. نانگ... پر جي اتفاق سان ملندا آهن، سي ڳولهڻ سان مشڪل ملندا آهن. ڪٿي بہ نانگ جو پتو نہ پيو مان خود بہ نانگ جيان ڇتو ٿي پيس ۽ شڪار جي تلاش ۾ سڄي پسگردائي رلندو رهيس.... پر نانگن جو ڪو پتو نہ هو.

منهنجو من چلائڻ لڳو: مون کي نانگ کپي، مون کي نانگ ڇاهي اهو ڪارو هجي، سائو هجي، ننڍو هجي، وڏو هجي.... مون کي نانگ کپي... اهو جو زير

# دهليءَ جو درشن

الطاف شيخ

تفريح ۽ دلچسپين ڳالهين سان مزين هندوستان جو سفر پنهنجي آب ۽ تاب سان جاري آهي. تاريخ جي سونهري يادن، وقت ۽ حالتن جي ڏارا، زبان جي اسلوبيءَ، واقعن ۽ روزمره ڳالهين جي گلن جي خوشبوءِ سان هيءُ سفرنامو ايترو تہ من موهيندڙ انداز ۾ لکيل آهي جو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ان سفر ۾ ليکڪ سان گڏ هلندو محسوس ڪري ٿو. اهڙا سفرناما يادگار بڻجي ذهنن تي اهڙا نقش ڇڏيندا آهن جو سالها سال گذرڻ کان پوءِ بہ ذهن جي پردي تان نہ وسرندا آهن.

## تاريخي معلومات سان سينگاريل هندستان جي سفر جو دلچسپ احوال.

**امرتسر** جهڙن شهرن ۾ تہ اجا بہ گهڻا رهائش جا بندوبست آهن ۽ جيڪڏهن ڪو مندر طرفان ٺهيل Accomodation ۾ رهڻ چاهي (۽ جيڪڏهن ڪو هندو يا سک ڌرم سان تعلق رکي ٿو تہ هن کي تہ اهڙي رهائش لاءِ ڪو بہ اعتراض نہ هئڻ کپي) تہ تقريبن مفت ۾ آهي. جيئن سري گرو رام داس نيواس ۽ سري گرونانڪ نيواس گردوارن طرفان ٺهرايل رهائشگاهہ جي ڪا مسواڙ ناهي جتي توهان ٽن ڏينهن تائين رهي سگهو ٿا. رهڻ لاءِ اچڻ وقت سيڪيورٽي طور فقط پنجاهہ رپيا Deposit رکڻو پوي ٿو. جيڪو ڪمرو ڇڏڻ وقت واپس ملي ٿو. ان کان علاوه، امرتسر ۾ سري هرگوبند نيواس نالي، ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئون گيسٽ هائوس ٺهيو آهي جنهن ۾ ڏاريون ماڻهو ڪيترا بہ ڏينهن رهي سگهي ٿو پر ان جي پنجاهہ رپيا روز جي مسواڙ رکي وئي آهي.

مون دريءَ جي اندران هٿ لوڏي باءِ باءِ ڪيو. پاسي واري سيٽ تي ويٺل سري چند (رامچند اوڏ جي ننڍي ڀاءُ) جي پٽ سنجي حيرت مان هٿ جي اشاري سان پڇيو تہ ڪنهن کي خدا حافظ ڪري رهيا آهيو.

"هن شهر امبالا کي. امبالا بہ هليو. هڪ هڪ شهر ڪري ڪٽائڻو ٿو پوي." مون شڪل ٺاهي زور سان ٻڌايو مانس. اوسي پاسي ۾ ويٺلن مان جن ٻڌو اهي کلڻ لڳا تہ سفر جون وڏيون هامون ڀرڻ وارو مون جهڙو همراهہ بہ هاڻ ٿڪجي پيو آهي ۽ جنهن جي چهري مان هاڻ بيزاري صاف ظاهر آهي.

"ادا پوءِ سمنڊ تي هفتن جا هفتا ڪيئن ٿا جهاز هلايو؟" سنجي سان گڏ ويٺل هن جي پڦي ۽ نولراءِ جن جي سڀ کان ننڍي ڀيڻ شيلا پڇيو.

"پاڻي وارو جهاز هفتن جا هفتا ڇا مهينن جا مهينا بہ لڳاتار هلائڻو پوي ٿو خاص ڪري اهي ٽئنڪر جهاز جيڪي ايران يا عراق مان تيل کڻي آفريقا جي ڪيپ آف گڊ هوپ کان ڦري ڏکڻ آمريڪا يا ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ وڃن ٿا. جن ۾ 25 ڏينهن سفر جا ٿيو وڃن ۽ پوءِ

فقط هڪ ڏينهن ۾ جهاز کي تيل کان خالي ڪري وري واپسيءَ جو 25 ڏينهن سفر ڪرڻو پوي ٿو پر ڪنهن به پاڻي واري جهاز تي هيئن ڪلفي جي سانچي ۾ بند ته نٿو ٿيڻو پوي“ مون ڪيس فرق سمجهايو. ڇو جو انهن جهازن تي ته والي بال راند کيڏيون ٿا ته جهاز جي سئمنگ پول ۾ سئمنگ به ڪريون ٿا. هڪ عمر کان پوءِ انسان ڪلاڪ ڪن ڇرپر بنا هڪ ئي پوزيشن ۾ ويهڻ سان ڇتو ٿيو پوي ٿو



هاڻ آئون ان عمر جي پيٽي ۾ هوس.

ٻه ٽي ڪلاڪ بس ۾ ويهڻ بعد جڏهن هوٽل ۾ چانهه پاڻي يا ماني ءَ لاءِ لٿاسين ٽي ته ڪي قدم گڪوٽي هلڻ بعد منهنجي بئڪ بون جون Vertabrates سنوت ۾ ٽي آيون. دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪندو رهيس ته آئبنده نڪ کي ائين ابتو نه جهليندس. هي نڪ کي اڳيان جهلڻ بدران ڪنڌ جي چوڏاري هٿ ورائي ته جهلڻو ٽيو. ڪراچيءَ کان نڪتا آهيون ته چرين وانگر پيا اتر ۾ وڃون ۽ پوءِ لاهور وٽان بارڊر ٽپي انڊيا ۾ اچڻ بعد هاڻ وري واپسيءَ واري طرف ڏکڻ ڏي پيا وڃون. اڃا ته دهلي به نه آئي آهي. اسان کي ته بڙودا وڃڻو آهي. مٺي، ڏيپلو يا ڇاڇري کان جي سڌي بس سروس هجي ها. ته احمد آباد بڙودا ٽن ڪلاڪن جو سفر مس آهي ۽ هاڻ اسان کي ان منزل تائين پهچڻ لاءِ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جو سفر ڪرڻو ٽو پوي جو دهليءَ کان پشچم ايڪسپريس جهڙي تيز رفتار به بڙودا (گجرات) تائين 16 ڪلاڪ ٽي وٺي!

بهرحال باءِ باءِ امبالا جنهن جو نالو چون ٿا ته چوڏهين صدي جي امب راجپوت سردار جي نالي تان امبالا پيو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته هن شهر جو نالو امبالا يوَن نالو امبا ديوتا تان پيو جنهن جي نالي جو مندر اڄ به هن شهر ۾ موجود آهي. هڪ ٻيو Belief اهو به آهي ته هي شهر اصل ۾ امب والا يا امب ڳوٺ جو حصو هو جنهن جي معنيٰ آهي انبن جوڳوٺ Village of Mangoes.

امبالا شهر ڇڏڻ بعد مون کي يڪدم اک لڳي وئي. نه فقط اک لڳي وئي پر گهاٽي ننڊ اچي وئي. گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ ڏيڍ ستو هوندس. اک تڏهن کلي جڏهن بس اچي هڪ هوٽل اڳيان بيٺي ۽ اسان کي هيٺ لهي چانهه پيئڻ لاءِ چيو ويو. ننڊ به ڇا ته قدرت جو تحفو آهي. فقط ڪلاڪ ٻه اڳ جيڪو آئون ٿڪل ۽ پنهنجو پاڻ مان بيزاري محسوس ڪري رهيو هوس سو Sound sleep بعد هاڻ تازگي ۽ نئين زندگي محسوس ڪري رهيو هوس.

هڪ دفعو وري حيرت ۽خوشي محسوس ڪري رهيو هوس ته جنهن ملڪ کي ڏسڻ لاءِ گذريل 35 سالن کان واجهائي رهيو هوس ان جي ڌرتيءَ تي اڄ منهنجا پير آهن ۽ جيڪي شهرن جا نالا تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهندو هوس اهي ڄڻ ڪتابن جي ورقن مان ٻاهر نڪري آيا آهن. ڇگو جو راجيش ۽ مڪيش جن پنهنجين شادين جو فنڪشن انڊيا جي شهرن دهلي ۽ بڙودا ۾ ڪري رهيا آهن ۽ اسان کي انڊيا گهمڻ جو موقعو ملي ويو آهي نه ته وري ڪنڊياري هلڻو پوي ها يا وڏو ڇيهه ته رتوديرو گهوٽڪي يا ڏهرڪي پاسي.

مڪيش جي پيءُ نولراءِ اوڏ جي شادي 1967ع ۾ ڪنڊياري ۾ ٿي هئي ۽ اسين سندس پيتارو ڪئڊٽ ڪاليج جا ساٿي ڪئپٽن بشير وسطڙو سکر جو عاشق شاهه، جهانگارا باجارا جو اقبال ترڪ ۽ ٻيا سندس شادي جو ٻيت ڪائڻ لاءِ ڪنڊياري هليا هئاسين. اسين ان وقت سڀ ڇڙها هئاسين. نول ننڍي ڄمار ۾ ئي

شادي ڪئي هئي. منهنجي خيال ۾ 21 يا 22 سالن جو مس ٿيندو. سنڌس پاڻ ۽ اسان جي پيتارو جي هئي ساٿي رامچند پنجن ڇهن سالن بعد 1973ع ڌاري شادي ڪئي. پر ان بہ ڪنڊيارو مان ڪئي جيتوڻيڪ هو ٽن ڏينهن ۾ آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪري اتي ئي ڪلوروڊو رياست ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ پيتارو جا ڪجهه دوست ٽنڊو قيصر جو نور احمد نظاماڻي، ڪاهي روڊ حيدرآباد جو انور ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي اتي USA ۾ هئا. منهنجو جهاز بہ اتي ئي نيويارڪ، هوسٽن، بالٽيمور، نيواورلينس واري روٽ تي هلي رهيو هو.

اسان رامچند کي چيو تہ هيءَ پلا کهڙي مسخري آهي. "ڪنڊيارو" ڇو؟ هتي "ڪولوروڊو" ۾ ڪو نہ شادي ڪري سگهين ها؟

"نہ يار اسان Arranged مئريج ڪندا آهيون. بابا منهنجي شاديءَ جو بندوبست اتي ڳوٺ (ڪنڊيارو) ۾ ڪيو آهي." هن معصوميت مان وراڻيو.

"تہ پوءِ پڪ صحيح ڪم هوندو." اسان کلندي چيو هوس، "چو جو چاچي نارائڻ داس اوڏ جو هر ڪم صحيح ٿئي ٿو."

"مڃو ٿا نہ؟" رامچند مرڪندي چيو.

"مڃون ٿا پر توهان اوڏن جي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ هڪ تہ ڳوٺ مان شادي ڪرڻي آهي ۽ ٻيو تہ هرو ڀرو ڪنهن اوڏياڻيءَ سان ئي شادي ڪرڻي آهي. پوءِ ڀلي اها ڪٿي پڙهيل ڳڙهيل هجي يا نہ. ڏنل وائنل هجي يا نہ..."

جواب ڏيڻ بدران رامچند پنهنجي خاص انداز ۾ مرڪندو رهيو. رامچند ڪنڊياري مان شادي ڪري اچي آمريڪا ۾ رهيو تہ اهي ڏينهن ۽ هي ڏينهن اچي ٿيا آهن. وچ وچ ۾ هو سروي جابس (Jobs) لاءِ يو اين او طرفان مختلف ملڪن ۾ ويندو رهيو آهي پر ٻار آمريڪا ۾ ئي رهيس ۽ پڙهي ڳڙهي وڏا ٿيا. ڪيس ٽي پٽ آهن: راجيش، رابي ۽ روي. وڏو پٽ 25ـ 26 ڪن سالن جو ٿيندو ۽ هوڏانهن نولراءِ پاڪستان ۾ انڪم ٽئڪس جي ڪاتي ۾ ئي نوڪري ڪندو رهيو ۽ اڄڪلهہ ملتان ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر آهي. گذريل سال هنن ئي ڏينهن ۾ هو پنهنجي زال گيتا سان گڏ هولي يا شادي ڏياري جي منائي ڪٽي اسان جي گهر آيو ۽ ٻڌائين تہ سنڌس پٽ مڪيش جي شادي ٿو ڪريان پر شايد ڪراچيءَ ۾ نہ ٿئي.

"يار اوڏن ۾ تون ئي هڪ آهين جيڪو پنهنجن ٻارن جي شادي ڪراچيءَ ۾ ڪندو رهين ٿو. هاڻ مڪيش جي شاديءَ لاءِ ڪنڊيارو هلون ڇا؟" مون پڇيو.

نول جي چئن وڏن ٻارن جي شادي ٿي چڪي آهي جن مان وڏي جواهر جي گهوٽڪي پاسي ٿي باقي پشپا، پرڪاش ۽ ساوتريءَ جي ڪراچيءَ ۾ ئي ٿي ۽ هاڻ مڪيش جو وارو هو جنهن جي مون سمجهيو ڳوٺان يعني ڪنڊيارو مان شادي ڪرائي ٿو. مڪيش لنڊن مان وڪالت پڙهڻ بعد هاڻ ڪئناڊا ۾ نوڪري ڪري ٿو.

”مڪيش لنڊن ۾ پڙهائيءَ دوران پاڻ پنهنجي لاءِ ڪنوار ڳولي آهي. هوءَ هندو ڏرم جي ڇوڪري آهي ۽ سائنس گڏ ئي Graduation ڪئي اٿس.“ نولراءِ پنهنجي پٽ مڪيش بابت ٻڌايو.

”ڏاڍو سٺو. پوءِ شادي ڪٿي ڪندائو؟“ مون پڇيو.

”ان بابت ڇوڪريءَ جي پيءُ اهو طئي ڪيو آهي تہ مڱڻو ڀلي ڪراچيءَ ۾ ڪريو پر شادي هنن جي اباڻي ڳوٺ بڙودا ۾ ٿيڻ کپي جو ڇوڪريءَ جو ڏاڏو اجا اتي ئي رهي ٿو.“

”واهہ سائين واهہ. ڀيو ڪو ڀلي يا نہ آئون ضرور هلندس.“ مون چيو.

” في الحال آئون ڇوڪري ڏسڻ ۽ هن جي پيءُ سان پروگرام طئي ڪرڻ لاءِ لنڊن ٿو وڃان. ان بعد رامچند وٽ USA ويندو اتم جو هن جي پٽ راجيش جي شادي بہ انڊيا ۾ ٿي رهي آهي. سو پروگرام ڪجهہ اهڙو ٺاهجي جو ٻنهي جي شادي هڪئي وقت ٿي وڃي.“ نولراءِ ٻڌايو.

ڏينهن گذرندي دير نٿي لڳي. اڄ ان ڪي پورو سال بہ ٿي ويو. نول لنڊن ۽ آمريڪا مان چڪر ڏئي پنهنجي پٽ مڪيش جي شاديءَ جو پروگرام سندس ڪلاس ميٽ گجراتي ڇوڪري شرمي ۽ هن جي پيءُ سان طئي ڪري آيو ۽ رامچند جي پٽ راجيش جو ٻڌائين تہ ان جي شادي ايڪتا سان دهليءَ ۾ ٿيندي. ايڪتا بہ هندو ڏرم جي ڇوڪري آهي جيڪا پاڻ ۽ سندس والدين ڊئنمارڪ جا شهري آهن. ايڪتا آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪئي جتي هن جي راجيش سان ڏيٺ ويٺ ٿي.

ٻن ٽن مهينن بعد شرمي جا ماءُ پيءُ ۽ ڀيا مائٽ لنڊن کان ڪراچيءَ آيا ۽ وڏي ڌوم ڌام سان مڪيش ۽ شرمي جي مڱڻي جي رسم ٿي. نولراءِ جي اوڏ برادري کان علاوه ڪئپٽن بشير وسطڙو نولراءِ جو پاڙيسري ۽ ائگريڪلچر ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري ممتاز شيخ، MCB جو مئنيجر دين محمد، سنڌ سيڪريٽريٽ جو شريف بلوچ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي آيا هئا.

مڱڻي بعد شاديءَ جا ڏينهن ٻڌڻ جو پروگرام هليو ۽ مهينو ٻہ ان تي پئي بحث مباحثا هليا تہ ٻئي شاديون هڪ ئي هفتي ٿي وڃن تہ سٺو پر ان ڳالهہ تي نہ دهليءَ جو پنڊت راضي نہ بڙودا جو... ۽ اسان چاچين تہ شروع کان اهو چاهيو پئي تہ اسان کي انڊيا ۾ رهڻ لاءِ گهڻا ڏينهن ملي وڃن. آخرڪار تاريخون طئي ٿيون تہ پهرين رامچند جي پٽ جي دهليءَ ۾ شادي ٿيندي ان بعد مهينو کن رکي نولراءِ جي پٽ مڪيش جي شادي بڙودا ۾ ٿيندي. ان فيصلي بعد ويزا ۽ ٽڪيٽون وٺڻ لاءِ فارم ڀريندا ۽ پاسپورٽ جمع ڪرائيندا رهياسين. اهو سلسلو بہ مهينو ٻہ هلندو رهيو ۽ اڄ اسان بارڊر تي ويزا لڳل پاسپورٽ ڏيکاري بس ۾ سفر ڪرڻ جي ٽڪيٽ ڏئي دهليءَ ڏي روانا ٿي رهيا آهيون ۽ هاڻ هڪ هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ بس ترسي آهي.

مون هوٽل ۾ گهڙڻ کان اڳ چوڌاري نظر ڦيرائي. انڊيا جي وڏن شهرن جي مقابلي ۾ هي هڪ ڳوٺڙو هو. رستو سو ٽرئفڪ سان ڪنن تائين ڀريل هو پر

”ڪروڪ شيترا“ جي وچ مان لنگهي رهيا هئاسين. هڪ موٽر سائيڪل سوار اسان جي اڳيان هلندڙ پوليس موبائيل جو اشارو نہ سمجهي بيهڻ بدران ماڳهين اسان جي تيز رفتار بس ۾ لڳي پاڻ بہ مئو ٿي ۽ اسان جو بہ وڏو حادثو ٿي ڪيائين. بس هن کي بچائڻ جي چڪر ۾ ذري گهٽ فٽ پاٿ تي چڙهي وئي. موبائيل ۾ پنيان بيٺل پوليس واري ڪاوڙ مان هن غريب موٽر سائيڪل واري کي ڏنڊو وهائي ڪڍيو ماڳهين هو ۽ اسين سڀ ڏو سرڳ ۾ ٿي وياسين!

”هيءَ مهاڀارت جي ڌرتي آهي. هن شهر ڪروڪ شيترا ۾ اتڪل ارڙهن ڪروڙ سولجرن ڪروڪ شيترا جي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. هتي جون سڀ پنيون بارا رت سان ڳاڙها ٿي ويا هئا...“ منهنجي اڳيان ويٺل ڊرائيور مون کي ٻڌائيندو هليو. رڪي رڪي هن آرسيءَ مان مون ڏي ڏٺو ٿي تہ آئون ٻڌان پيو يا نہ... ”ٻڌو پيا نہ...؟“

”ها ٻڌان پيو. ارڙهن ڪروڙ ماڻهو ڪجهہ گهڻا نہ آهن هن شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ تہ ڦاسي پيا هوندا“ مون شڪ جو اظهار ڪيو پر هن وٽ ريڊي ميڊ جواب هو ۽ يڪدم ٻڌائين: ”اهو نہ سمجهو تہ انهن ڏينهن ۾ ڪروڪ شيترا اڄ جيڏو ننڍو هو. ان وقت جو ڪروڪ شيترا جهونين پوتر ندين ساوتري ۽ دريشا دوتي جي وچ واري سڄي ميدان تي پکڙيل هو. ويندي پاٽيپٽ شهر تائين هليو ويو ٿي...“

چون ٿا تہ ڪروڪ شيترا شهر جا ڪيترائي پراڻا نالا رهي چڪا آهن. جيئن تہ ڌرمڪ شيترا ۽ ان کان اڳ برهما ديوي وغيره... آئون رستي تان لنگهندڙ انڊيا جون نهيل ڪارون. ماروتي، لانسر، هونڊائي، انڊيڪا ۽ ٽاٽا جون بسون، ٽرڪون ۽ مزدا جهڙيون سامان ڪٽي لنگهندڙ ٽيمپو ڏسندو رهيس.

ڊرائيور ٻڌايو تہ هن شهر ۾ هندستان جا ۽ ٻين ملڪن جا هندو زيارت لاءِ اچن ٿا ۽ پوءِ وري پاڻ ئي چيائين پوجا پاٺ کان وڌيڪ موج مزو ڪرڻ اچن ٿا.

”ويدن ۾ آهي تہ سفر ٽن قسم جو ٿئي ٿو... تيرٿ (پوتر جاين جو درشن)، سير (گهمڻ ڦرڻ)... ۽ ٽيون عيش (موج مزو)...ڪل يگ آهي نہ؟ ڪير بہ تيرٿ لاءِ نٿو اچي. هر هڪ عيش جو سوچي گهران ٿو نڪري!“

ڪروڪ شيترا بعد هن گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي ڪرنال Karnal نالي وڏي شهر مان اسان جي بس جو لنگهہ ٿيو. ڪرنال شهر جو نالو ارجنا جي مخالف ”ڪرنا“ تان پيو آهي. رستي تي لڳل مختلف هوٽلن، گاڏين ۽ ڪمپنين جي اشتهاري بورڊن سان گڏ هڪ بورڊ تي وڏن اکرن ۾ لکيل پڙهان ٿو: The National Dairy Research Inst, هن شهر لاءِ، اسان جي بس ۾ ويٺل پوليس وارن مان هڪ ٻڌايو تہ ”هتي ويجيٽيبل آئل، عطر ۽ شراب ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن.“ هن شهر تي انگريزن 1805ع ۾ قبضو ڪيو هو.

بس ۾ سامهون رکيل ٽي وي تي هلندڙ خوبصورت گانن واري فلم منهنجو ڌيان ڇڪايو ۽ آئون هيڏانهن هوڏانهن دريءَ مان ليئا پائڻ بدران فلم ڏسڻ لڳس.

چوي:

”ميري بيٽي اب ميري نهين رهي۔ وه تهماري هو چڪي هي. ميري بيٽي مجهي لوٽا دو....“

هاڻ چا ٿيڻ کپي. وير زارا کي سمجهائيون ئي ڏئي سگهي ٿو ۽ پنهنجو پيار اندر ۾ دبائي انڊيا روانو ٿئي ٿو. ٺيڪ ان وقت لاهور پوليس فلم جي ولين رزاق سان ملي وير کي جهلي ڪوڙي ڪيس ۾ هن کي جيل موڪلي ٿي. وير ڪان ڪاغذن تي صحيح ڪرائي وڃي ٿي ته هو Raw (انڊيا جي جاسوسي فوج) جو مشهور ايجنٽ راجيش رانوڙ آهي.

22 سال وير کي جيل ۾ گذريو وڃن. هو هاڻ 46_47 ورهين جو آهي. پاڪستان جي هڪ وڪيل ساميا صديقي (راني مکرجي) وير سان پاڪستان جي جيل ۾ ملي ٿي...هوءَ هنن کي ۽ هنن جي پيارکي بچائڻ لاءِ انڊيا وير جي مائٽن سان به ملڻ وڃي ٿي پر ان عرصي دوران وير جا مائٽ مري چڪا آهن... وغيره وغيره. بهر حال يش چوپڙا جي پٽ سٺا ڊائلاگ لکيا آهن... گانا به ماڻهن کي پسند آيا هوندا.

يهان بهي وهي شام هي، وهي سويرا۔

ايسا هي ديس هي ميرا. جيسا ديس هي تيرا.....

هيءَ فلم مهينو به مس ٿيو آهي ته رليز ٿي آهي. يش هن فلم تي خرچ به وڏو ڪيو آهي. اخباري نمائندن ۽ اخبار جي مالڪن کي به خوب ڪارايو پياريو هوندائين جيڪي پڪ ههڙي فلم لاءِ اهي جملا استعمال ڪري رهيا هوندا جيڪي هر فلم لاءِ ننڍي هوندي کان ٻڌي ٻڌي رنجي ويا آهن.

This is not an ordinary story... It is a Love Legend. This is a saga of love, separa_tion, courage and sacrifice. A love that is divine, a love that is whole hearted, a love that is completely consuming, a love that grows with separation, deepens with sacrifice....

فلم ختم ٿي ٿئي. سک ڊرائيور جو اسسٽنٽ وي سي آر مان ڪئسٽ ڪڍي پاسي کان لڳل رئڪ ۾ رکي ٿو. سج لهي چڪو آهي ۽ چوڏاري چانيل اونداهه ۾ سامهون بتين جون روشنيون وڌڻ لڳن ٿيون. رستي جي ڪپرن تي ڪجهه هوٽلن جا وڏا بورڊ نظر اچن ٿا هوٽل اسڪاءِ لارڪ، هوٽل مهاراجا، هوٽل بلو سامالخا، هوٽل....

ڊرائيور انائونس ڪري ٿو ته ”پاڻيپٽ“ اچي ويو. ڪنهن به پنهنجي زره درست نه ڪئي، ڪنهن به پنهنجي مياڻ مان ترار نه ڪڍي هن بس جي مسافرن ۾ ڪو به ابراهيم لوڌي جي لشڪر جو سپاهي نه هو. هن بس ۾ ڪو ظهيرالدين بابر جو ماڻهو موجود نه هو جيڪي اڄ کان پورا 480 سال اڳ هي رستا وٺي هن شهر پاڻيپٽ ۾ اچي دويدو ٿيا هئا ۽ فيصلي واري ويڙهه ٿي جنهن ۾ هندستان جو حاڪم ابراهيم لوڌي قتل ٿي ويو. دهلي سلطانن جو خاتمو ٿيو ۽ مغل گهراڻي جو

راڄ شروع ٿيو جنهن جو پهريون بادشاهه بابر تخت تي ويٺو.

هي عجيب شهر پاڻيپٽ آهي جنهن کان سنڌ هند جو هر پار واقف هوندو ۽ هن ان جو نالو انڊو پاڪ جي تاريخ ۾ ضرور پڙهيو هوندو. 1526ع ۾ لوڌي ۽ بابر جي ويڙهاند بعد 1556ع ۾ هڪ دفعو وري هت جنگ لڳي. هاڻ بابر جو پوٽو اڪبر هو ۽ پوءِ وري ٻن صدين بعد هن شهر ۾ سن 1761ع ۾ افغانن جي مرهٽن سان ويڙهه ٿي.

اسان جي بس پاڻيپٽ شهر جي وچ مان گذرندي رهي. ٽرئفڪ جي پيهه پيهان ۾ ڪڏهن آهستي ٿي هلي ته ڪڏهن تکي. هاڻ هتان دهلي فقط 90 ڪلوميٽر پري آهي يعني ڪراچيءَ کان نوري آباد تائين... يا حيدرآباد کان نواب شاهه تائين. آئون پنهنجي ساڄي پاسي واري دريءَ مان ڏسي کابي پاسي ڏسان ٿو. هتي ڪٿي اوس پاس ۾ ابراهيم لوڌيءَ جو مقبرو آهي. ابراهيم لوڌي وٽ وڏو لشڪر هو. هاٿين گهوڙن تي سوار وڏو سپاهه سڀ اچي هتي گڏ ٿيا هئا. بابر ڏورانهين ڏيهه کان آيو هو. هن سان گڏ هڪ تمام ننڍڙو ٽولو ماڻهن جو هو. هو ٻه ٽي دفعا اڳهين ناڪامياب ٿي چڪو هو. پر هن دفعي هو شايد اهڙو Organised ٿي آيو هو ۽ سندس ماڻهن جو حوصلو ايڏو بلند هو جو هو ابراهيم لوڌيءَ جي لشڪر آڏو وڏا پهلوان ٿي بيٺا.

هن شهر پاڻيپٽ ۾ اردو جي مشهور شاعر الطاف حسين حاليءَ جو پڻ مقبرو آهي. حڪيم مقرم خان ۽ بوعلي شاهه قلندر (علاؤدين خلجي جي پٽ) جا مقبرا پڻ هن شهر پاڻيپٽ ۾ آهن.

پاڻيپٽ شهر کان اسان جي منزل دهليءَ تائين نوي کن جي فاصلي تي ننڍا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ ته ڪيترائي اچن ٿا پر وڏو شهر اڌ پنڌ تي سوني پٽ آهي جيڪو ضلعو پڻ آهي. هونءَ ته هي رستو گرانڊ ٽرنڪ روڊ ڪابل (افغانستان) کان ڪلڪتي تائين ايڏو جهونو آهي جو جتي ٻه ڪٺي بيهه ته ڪو گهر، ڳوٺ وسندي آهي ئي آهي ۽ ڏينهن رات مختلف قسمن جا ماڻهو پيرين اگهاڙن ساڌو ۽ بيل گڏين ۾ غريب هارين ۽ پورهيتن کان وٺي وڏين ۽ اوچين ڪارن ۽ بسن ۾ سوار مسافر پيا هلن. هن روڊ جي جهوني هجڻ کان علاوه سندس آباد ۽ سدا بهار هجڻ جو اهو سبب آهي جو جتي ڪٿي ڪانه ڪا ندي بياس ۽ ستلج بعد يمنا (جمنا) ۽ دهليءَ کان پوءِ گنگا هن رستي جي ويجهڙائيءَ ۾ وهي ٿي. دنيا جا جهونا رستا يا اهي رستا جن جي ويجهو ڪو درياهه وهي ٿو اهي خوشحال ۽ بارونق رهن ٿا. بدقسمتيءَ سان اسان جي سنڌ مان وهندڙ ڏکهو ۽ جهونو وهندڙ رستو- ڪراچيءَ کان جيڪب آباد وايا حيدرآباد، مورو، خيرپور يا وايا ڄامشورو، سيوهڻ ۽ دادو ائين ٿي نه سگهيو آهي جيتوڻيڪ هن روڊن جي بلڪل ويجهو ويجهو انسانن ۽ جانورن جي اڃ مٽائيندڙ ۽ تهذيبن کي جنم ڏيندڙ ۽ انهن کي وڌائيندڙ ويجهائيندڙ سنڌو درياهه بلڪل گڏ گڏ وهي ٿو. ان جو سبب افسوس جو امن امان جي اڻ هوند آهي ۽ نه فقط هي رستو پر پاسي اوسي ۾ جڻ ته سڄ

پيئي واڪا ڪري. رستي جا ڪنارا آباد ٿيڻ بدران وڃن ويران ٿيندا. اڄ اسان جي ڪڇي ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو راڄ آهي.

سوني پٽ دهليءَ جي ويجهو هئڻ ڪري ائين خوشحال ۽ تجارتي شهر آهي جيئن سکر ڪري خيرپور، روهڙي ۽ شڪارپور يا شڪارپور ڪري سکر خيرپور وغيره چئي سگهو ٿا جو ماضيءَ ۾ ان پاسي جي سيني شهرن ۾ شڪارپور بلي بلي شهر هو... وڻج واپار ۾ به ته تعليم ۽ خوشحاليءَ ۾ به. ڊرائيور جو اتي بس بيهارڻ جو ڪو ارادو نه هو ۽ نه اسان هاڻ ڪٿي بيهڻ چاهيو ٿي. بس هاڻ رڳو دهلي جلدي پهچي ۽ وقت اندر رامچند اوڏ جي پٽ راجيش جي مينديءَ جي فنڪشن ۾ پهچي وڃجي.

اسان پنهنجو ٽڙيل پکڙيل سامان هٿيڪو ڪيو. ٽوال، ڪتاب، ڪاپي، پاڻي جي بوتل، ڪئميرا وغيره ٿيلهي اندر ڪئي. بوٽ جا پادر هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا هئا سي ڇڪي پيرن جي ويجهو ڪيم ۽ بس وارن طرفان مليل اخبار واپس ڪرڻ کان اڳ هاڻ پڙهڻ چاهيم. سوني پٽ شهر گذري چڪو هو ۽ هاڻ جاڻ ته دهلي آئي پر روزي جي آخري وقت وانگر هڪ هڪ منٽ انگهي پيو هو ۽ هاڻ جيترو وينو سوچبو اوترو لمحا ڊگها ٿيندا ويندا. اخبار پڙهڻ ۾ وقت ٽڪڙو گذري ويندو. آئون اڳين سيٽ جي پٺ ۾ ڦاٿل انڊيا جي ڊان ۽ جنگ وانگر مشهور انگريزي اخبار "هندستان ٽائيمس" ڇڪي ڪيڏان ٿو. سياست ۽ سائنس جي خبرن سان گڏ هڪ خبر اسان جي ملڪ جي فلمي اداڪاره جو منهنجو ڌيان ڇڪائي ٿي. خبر جو عنوان آهي:

Meera, the leading lady of Nazar says Fatwa won't stop me from movies".

ميران لاهور جي مشهور فلم ائڪٽريس آهي. هوءَ اڄڪلهه بالي ووڊ انڊيا جي ڊائريڪٽر مهيش ڀٽ جي فلم "نظر" ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن جي هڪ سين ۾ هوءَ فلم جي هيرو اشمت پٽيل سان چوما چٽ ٿي ڪري. فلم اڃا مڪمل نه ٿي آهي پر ڪنهن ريت ان فلم جون اهي Kissing واريون Scenes پاڪستان ۾ پهچي ويون آهن جنهن تان ماڻهن کي سخت اعتراض آهي. ماڻهن جي گوڙ گهمسان ڪرڻ تي پاڪستان جي حڪومت پاڪستاني فلمي اداڪارائن کي انڊيا جي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ تي Ban وجهي رهي آهي. پاڪستان جي وزارت انفارميشن چيو آهي ته:

"Meera's actions are against Islamic ethics and moral values".

اسلام آباد طرفان به بيان جاري ڪيو ويو آهي ته پاڪستاني اداڪار جيڪي ولايت ۾ وڃن ٿا اهي پنهنجي ملڪ جا سفير آهن ڪين Vulgarity پکيڙڻ جي اجازت نه آهي.

انڊيا ۾ فلم نظر جي سيٽ تي ڪم ڪندڙ ميران کي پاڪستان کان ماڻهن Threat موڪليا آهن ته "پاڪستان اچ ته توکي ڏسي رهنداسين. بي غيرت عورت توکي هڪ هندو کي چميون ڏيندي شرم

## ڪاڏي ڪان پهرئين سوپ چو پيو ويندو آهي؟

يورپ جي وچين دور ۾ سوپ ۽ ماني مڪمل هڪ وقت جو کاڌو تسليم ڪيو ويندو هو. ان وقت ڪن گهرن ۾ ته جيڪو ڪجهه موجود هوندو هو کاڌو ويندو هو ۽ سوپ مهيني ۾ هڪ دفعو يا ٻه دفعا پيتو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ اڪثر ڪري ڪاڏي ڪي يا ته فرائي ڪيو ويندو هو يا اٻاريو ويندو هو. ان لاءِ سوپ جون ٿهيل ٻيون شيون به استعمال ٿينديون هيون. لوهه جو چلهو 1860ع ۾ وجود ۾ آيو.

يورپ ۾ وچين دور ۾ دعوتن ۾ گوشت يا مڇي کي پاڇين سان گڏ سوپ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو هو ۽ ٿالهين ۾ چمچا رکي سوپ پيو ويندو هيو ۽ ان وقت مهمان پنهنجي پسند تحت يا ته گوشت وارو سوپ پيئندا هئا يا وري ٿالهين ۾ چمچا رکي سوپ پيو ويندو هيو ۽ ان وقت مهمان پنهنجي پسند تحت يا ته گوشت وارو سوپ پيئندا هئا يا وري مڇيءَ جو. ارڙهين صديءَ ۾ ٻن قسمن جا کاڌا پيش ڪيا ويندا هئا. پهرئين پهرئين مڇيءَ جو سوپ يا گوشت جو سوپ. ان کان پوءِ گوشت فرائي ٿيل يا رڌل پيش ڪيو ويندو هو. نپولين جي دور ۾ ته سوپ صرف رات جو کاڌي ۾ پيو ويندو هو. 19 صدي ۾ ته اهو باقائدي رواج پئجي ويو ته سڀ کان پهرين سوپ پيش ڪيو ويندو هو ۽ ان کان پوءِ بهرحال ڊاڪٽرن جي تحقيق مان پتو پيو آهي. جنهن مطابق سوپ جيڪڏهن کاڌي کان پهرئين پيو وڃي ٿو ته ان سان کاڌي کي هضم ڪرڻ يا کاڌي جي وڌيڪ مقدار جي ضرورت وڌڻ وغيره جو ڪو به فائدو نه ٿو رسي.

اڇڻ ڪپي." (يعني اهو جي فلمي هيرو مسلمان آهي ته مڙيئي خير آهي.)

ميران ڪا پهرين فلم ائڪٽريس ناهي جيڪا انڊيا جي فلمن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. هن کان اڳ ٻيون به ڪنديون رهيون آهن جن مان سلميٰ آغا ۽ زيبا بختيار به ڪجهه انڊين فلم ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪافي ناز نخرا ڪيا اٿن پر اهي ٻئي انگلينڊ جو پاسپورٽ رکندڙ آهن. ان حساب سان ميران پهرين عورت آهي جيڪا پاڪستاني آهي ۽ پهرين آهي جنهن Kissing جا سين وڏي جوش خروش سان ڪيا آهن. هن هندستان ٽائيمس ۾ سندس وڏو شاهي انٽرويو ڇپيو آهي، جنهن جا ڪجهه ٽڪرا هن ريت آهن:

سوال: اڃا تنهنجي فلم رليز ٿي نه ٿي آهي ته تنهنجو نالو ماڻهن جي وات تي آهي؟

ميران: ڪجهه پاڪستاني فلمي اداڪارائون ۽ ٿي سگهي ٿو هڪ ٻه انڊين اداڪارائون پڻ، مون تي سڙن ٿيون ان ڪري منهنجي خلاف پروپئگنڊا ڪري رهيون آهن. جيئن آئون ذهني طرح پريشان رهان. پر آئون ڪنهن کان ڊڄڻ واري نه آهيان. آئون ٻن ملڪن جي وچ ۾ دوستي جا تعلقات وڌائي رهي آهيان. هڪ آرٽسٽ لاءِ بائونڊريون ڪا به اهميت نٿيون رکن. آئون هر ملڪ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ويندي آمريڪا هجي يا چين يا ڪٽي انڊيا.

سوال: پاڪستان جي ماڻهن کي

ڪهڙي ڳالهہ جو اعتراض آهي؟

ميران: هنن اجا سچي فلم ئي نہ ڏٺي آهي تہ منهنجي خلاف فتوائون پيا ڏين. فلم جو هڪ تمام خوبصورت گانو آهي (دل مين رهو) جيڪو مون تي ۽ آشمت پٽيل (هيرو) تي فلمايل آهي. اهو تمام رومانٽڪ ۽ گرم (Hot) گانو آهي. اسان هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ جڪڙي چڏيون ٿا ۽ پوءِ چميون ڏيون ٿا. پر اهو تمام Tastefully ڪيو ويو آهي. جيئن انگريزي فلمن ۾ هوندو آهي. اهو ائين ناهي جيئن ماليڪا شيراوت Murder فلم ۾ ڪيو آهي. بهرحال فلمن ۾ هر ڪو Kissing ڪندو رهي ٿو. مون جي چمي ڏياري تہ ڇا ٿي پيو؟ منهنجو جسم منهنجو آهي، مون کي جيڪي وڻندو اهو ڪنديس. مون کي ڪنهن جي بہ پرواهہ ناهي.

سوال: پوءِ آخر ان بابت ڇا ڪندين؟

ميران: في الحال تہ اجا پاڪستان وڃن نٿي چاهيان. پوءِ جي ويس تہ پنهنجي صدر مشرف صاحب سان ڳالهہ ڪنديس تہ آخر مون ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي. آئون هڪ پروفيشنل آهيان ۽ هتي انڊيا ۾ روزگار ڪمائي رهي آهيان.

سوال: پاڪستان ۽ انڊيا جي فلم انڊسٽريءَ ۾ ڪو فرق؟

ميرا: هتي (انڊيا) جي فلم انڊسٽريءَ ۾ جان آهي، رونق آهي. اسان وٽ narrow mentality آهي پر هتي جي فلمي انڊسٽري دلير آهي.

سوال: انڊين فلمي دنيا (بالي ووڊ) جا تنهنجا دلپسند اداڪار ڪير آهن؟

ميران: مون کي شاهہ رخ سان محبت آهي. آئون هن سان ۽ هرتڪ روشن سان فلمن ۾ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي. هينئر سونامي طوفان جي سلسلي ۾ شو ٿيو هوان ۾ هن مون کي ڀاڪر پاتو هو ۽ مون هن کي چمي ڏني هئي. اها مون لاءِ هڪ خوشيءَ جي گهڙي هئي....

" دهلي اچي ويو. هاڻ ڇا ٿيندو؟" بہ سيٽون پويان ڪاٻي پاسي ويٺل مهرچند اوڏ عجيب اداس شڪل ٺاهيندي چيو.

"ڇا مطلب؟" مون تعجب مان پڇيو.

"منهنجو مطلب آهي نول وارا وٺڻ بہ ايندا يا نہ؟"

"ضرور ايندا. هو بہ ڏينهن اڳ دهلي ان ڪري پهتا آهن. تي سگهي ٿو رامچند بہ اچي. ٻئي گهوٽن جا پيئر آهن جن جي شاديءَ جي سڏ تي پاڻ آيا آهيون."

مهرچند رتيديري جو واپاري آهي ۽ نولراءِ اوڏ جي وڏي پيڻ پتليءَ جو مڙس آهي. جيئن تہ اوڏن ۾ بدي جي شادي جو رواج عام آهي سو نولراءِ جي زال گيتا وري مهرچند جي پيڻ آهي. مهرچند سان گڏ سُندس والده (نول جي سس) ۽ ڏيءَ مانيڪا بہ اسان سان گڏ هن بس ۾ سفر ڪري رهيون آهن. هو روهڙيءَ کان ريل ۾ چڙهيا هئا. مهرچند کي اهو اجاتو خوف هو تہ نولوارن کي خبر نہ آهي تہ اها جاڻ آهي يا نہ تہ اسان کي هيءَ بس ڪٿي لاهيندي. جيڪا مقرر وقت کان بہ ڪلاڪ کن دير سان دهلي پهتي آهي. پر مون کي پڪ هئي تہ هو ڪمانڊر اسرار ا ۽ انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس جو پڪو

شاگرد آهي جيڪي هر ڳالهہ ۾ Perfection کي اهميت ڏيندا هئا ۽ اسان کي بہ اهو سبق پڙهائيندا رهيا. انڊيا لاءِ نڪرڻ کان اڳ نولراءِ جا هر هڪ چاچيءَ وٽ سرڪيولر ايندا رهيا. هي ماڻهو باءِ روڊ هلندا هي باءِ ايئر. باءِ روڊ وارن جي شاليمار ريل گاڏي ڪراچي کان هن وقت نڪرندي ۽ ڪراچيءَ مان هي ماڻهو حيدرآباد مان هي، نواب شاهہ مان هي... وغيره وغيره چڙهندا جن جا سيٽ نمبر هي آهن. لاهور ۾ فلاڻو همراهہ اسانکي Receive ڪري فلاڻي هوٽل ۾ وٺي هلندو جتي فلاڻي ڪمري ۾ هي رهندا فلاڻي ۾ هي... نولراءِ جي هڪ هڪ شيءِ ايڏو Detailed جو فون تي نيٺ چيو هئومانس تہ ماڻهو آهين يا ڪرنل ڪومبس.

۽ هاڻ اسان دهلي پهچي رهيا هئاسين. بلڪ دهلي تہ اڌ ڪلاڪ کن اڳ پهچي ويا هئاسين. هاڻ دهلي ٽوئرزم جي آفيس کي ويجهو پهچڻ وارا هئاسين جتي بس کي لاهٽو هو ۽ گيٽ اندر گهڙڻ مهل گيٽ ٻاهران اسان جو پيتارو جو دوست نولراءِ بيٺو هو.

”ابا مهرچند مبارڪون هجني. نولُ بيٺو آهي؟“ مون مهرچند کي چيو.

”واقعي؟ مون تہ نہ ڏٺو.“ مهرچند جي چهري تي اهائي اداسي هئي.

”يار مهرچند! ڪجهہ تہ خيال ڪر. ههڙي ويڪري ماڻهوءَ کي ڪونابين ئي نہ ڏسي سگهندو.“

بس بيٺي تہ اسان جو سامان دهليءَ جي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ آفيس جي هيلپرن لاهي هيٺ رکيو ۽ هر هڪ کي کڻڻ لاءِ چيو ويو جيڪو اسين ٽرالين ۾ کڻي گيٽ جي ٻاهران آياسين. نولراءِ ۽ رامچند ۽ انهن جا پٽ اسان کي وٺڻ لاءِ بس جو بہ بندوبست ڪري آيا هئا جنهن اچي هوٽل ”سنگهہ ڪانٽيننٽل“ ۾ لاٿو. رسيپشن تي ويٺل عورت لسٽ مطابق ڪنهن کي سنگل،ڪنهن کي ڊبل ڪمرن جون چاٻيون ڏيندي وئي. هوٽل جا ٻئرا هر هڪ جو سامان سندس ڪمرن ۾ پهچائيندا ويا. نول جي هدايت موجب هر هڪ اڌ ڪلاڪ اندر وهنجي سهنجي تيار ٿي هيٺ پهتو. بس اسان کي سڌو ڪنوار جي گهر وٺي آئي جيڪو پاڻ ان ساڳي علائقي ڪارول باغ ۾ هو جتي هيءَ ڪانٽيننٽل هوٽل هئي. ڪنوار جي گهر مينڌي ۽ مانيءَ جو بندوبست هو. ڪنوار جي گهر گهڙڻ سان عورتن خوشيءَ جا ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيا.

مينڌي لاهہ هٿن کي
مينڌي لاهہ پيرن کي
منهنجا ڪچهريءَ جا مور راجيش
مينڌي لاهہ هٿن کي.....

”امان ڪجهہ تہ سر ڪٽايو گهوٽ جون پيئرون....“ گهوٽ جي ڪنهن پڦيءَ رڙ ڪئي.

”راجيش کي پيٽون ڪٽي آهن.“ ڪنهن جواب ڏنو.

”پيٽون نہ تہ سونون تہ آهن. پٽ سروج، ڪرن، مانيڪا، گڊان... هيڏانهن ويجهو اچي ڳايو....“

”هار چا جو — هارگلن جو
سيني جو سينگار آ

رامچند ڪنهن ڪنواريتي ڪي چيو جنهن پنهنجي وڳنر گاڏيءَ ۾ اسان کي اچي هوٽل تي ڪڍيو.

صبح جو نيرن تي آئون اڪيلو هوس. ڪجهه دير لاءِ هين جو انتظار ڪري هوٽل وارن کان پڇيم ته هي پاڪستان ۽ آمريڪا کان شادي تي آيل مهمانن جو ڇا پروگرام آهي.

"انهن يارهين وڳي تائين ناشتي لاءِ چيو آهي جو هو رات پنجين وڳي موٽيا آهن. اڄ 12 وڳي هوٽل جي مين هال ۾ گهوٽيتن جي مينديءَ جو فنڪشن آهي." هوٽل جي ريسيپشن تي ويٺل ڪلارڪ ٻڌايو. مون تائيم ڏٺو اڃا نو ٿيا هئا. فنڪشن شروع ٿيڻ ۾ اڃا ٽي ڪلاڪ هئا. آئون نيرن ڪري چڪو هوس سو ٻاهر جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ نڪري پيس. هوٽل جو ڪارڊ پنهنجي کيسي ۾ وڌم جيئن ڪيڏانهن پري کان وڃي نڪران ته رڪشا يا ٽئڪسي واري کي هن ڪارڊ ذريعي هن هوٽل جي ائڊريس ٻڌائي سگهان. وري به هوٽل جي گيٽ تي بيٺل سنتريءَ کان هن علائقي جو نالو پڇي ڪاپيءَ تي نوٽ ڪيم.

"دهليءَ جو هي علائقو ڪارول باغ سڏجي ٿو ۽ هي خاص ٽڪرو چينا مارڪيٽ آهي." هن ٻڌايو ۽ سامهون روڊ جي چيڙي وٽ ٺهيل رائونڊ اباٺوٽ لاءِ ٻڌايو ته اهو مشهور "چينا مارڪيٽ گول چڪر" آهي جنهن جي چوڌاري ڪيترائي دڪان آهن. هن ڳالهه ٻڌائي بس ڪئي ته هڪ نوجوان فقيرياڻيءَ هٿ اڳيان وڌائي خيرات گهريو. هوءَ منهنجو رستو روڪي بيهي رهي. کيسي ۾ هٿ وجهي ڏٺم ته ڪن سڪا هئا. خبر ناهي هتي جا يا پاڪستان جا پر مون پنهنجي راهه ڪولڻ لاءِ جلدي جلدي هن جي هٿ تي رکيا. منهنجي اڳيان رڪاوٽ هٽي وئي پر اتي به هيون ڇوڪريون اچي ويون ۽ منهنجي پريشانيءَ جو اندازو لڳائي گيٽ تي بيٺل سنتري ڏنڊي سميت اڳيان آيو ۽ ڇوڪرين کي دڙڪو ڏيندي چيو:

"جاتي هو يا جمنا جي ڪا پرساد دون؟"

ٻئي ڇوڪريون ڀڄي ويون. پهرين مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته اهو هن ڇا چيو ۽ خيرات (پرساد) جنهن جي هن ڳالهه ٻئي ڪئي اهو وٺڻ کان هنن ڇو ڪيٻايو. پر پوءِ سنتري کي هنن ڏي گهوريندي ۽ پنهنجي ڪاٻي هٿ تي ڏنڊي جا آهستي آهستي ڏڪ هڻندو ڏسي سمجهي ويس ته هتي "جمنا جي ڪا پرساد" معنيٰ ڏنڊا کائڻ آهي. جيئن پاڻ وٽ ڏنڊي کي "مولابخش" سڏين ۽ خاص ڪري اسڪولن ۾ ڏنگن ٻارن جو علاج مولا بخش ئي ڪري سگهي ٿو. مون اڳتي وڌي چوراهي (چينا مارڪيٽ گول چڪر) تائين گهٽيءَ جو جائزو ورتو. ڪراچيءَ جي پاڪستان چوڪ يا حيدرآباد جي صدر عُلائقي جي گهٽين جهڙي گهٽي ڇئي سگهجي ٿي پر فقطان گهٽي ۽ پاسي کان اچي ملندڙ هڪ ٻي گهٽيءَ ۾ نه ته ٻه گهٽ ۾ گهٽ ڏهاڪو ڪن ننڍيون وڏيون هوٽلون ٿينديون. ڪرائون هوٽل، هيريٽيج هوٽل، سن ڪورٽ، Aman Palace، ڪارٽيل پئلس، Tribhaven



# لِلي

هالڊ ورليڪنس
سنڌيڪار: زاهد راهوجو

محبت جي هڪ پراثر ڪهاڻي. انساني جسم ريتن رسمن جي ڪري جڪڙجي سگهي ٿو اونچا خيال ۽ تصورات بدلجي سگهن ٿا، ظالم حالتون ۽ وقت ڳري سگهي ٿو گوشت جو ٺهيل جسم مٽي ٿي سگهي ٿو پر پيار هميشہ قائم دائم رهي ٿو. ڀلي ڪٽي نہ اِلها سال، گذري وڃن، ان جذبي کي موت اچي نہ ٿو سگهي. اهو هڪ اهڙو لافاني جذبو آهي جنهن جي اڳيان طوفان اچن، زلزلا اچن، مصيبتن جا پهاڙ اچن يا ڪٽي موت اچي پر ان جذبي کي شڪست ڏيئي نہ ٿي سگهجي.

**هڪ عاشق جي ڪهاڻي جنهن کي هڪ ڀار ۾ پنهنجي محبوب جو عڪس نظر آيو هو.**

*1955ع ........ هالڊ ورليڪنس*

هالڊ ورليڪنس- هن جو تعلق آئس لينڊ سان هو. ان ننڍي ملڪ هن جي روپ ۾ هڪ تمام وڏو ليکڪ پيدا ڪيو. هي 23 اپريل 1902ع ۾ ريڪجاوِڪ ۾ پيدا ٿيو. هي ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي مان فارغ التحصيل نہ هو. هالڊ ورليڪنس پنهنجي سموري عمر لکڻ ۾ گذاري. هن کي 1943ع ۾ استالن پرائيز 1969ع ۾ سوننگ پرائيز ۽ 1955ع ۾ ادب جو نوبل انعام ڏنو ويو.

هالڊ ورليڪنس جي تصنيفن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهرين هن جي زندگي ۽ عقيدن کي سمجهون. پيدائشي لحاظ کان هي عيسائي هو. جواني ۾ هن ڪيٿولڪ عقيدو اختيار ڪيو. تنهن



ڪانپوءِ هن جي سموري زندگي طبقاتي جدوجهد ڪندي گذري ۽ هن مذهب سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق باقي نہ رکيو.

هن جو شمار ويهين صدي جي اهم مصنفن ۾ ٿئي ٿو. هي آئس لينڊ جو ترجمان هو. هي زرعيہ لکڻين جو ماهر هو. هن آئس لينڊ جي عظيم بيانيہ انداز لکت ۾ اضافو ڪيو. هن جون سڀ اهم تصنيفون، هن جي پنهنجي وطن آئس لينڊ جي موضوعن تي لکيل آهن. هن پنهنجي وقت جي سياسي ۽ سماجي مسئلن کي ڳوليو. هن جي تصنيفن ۾ هن جا پنهنجا قومي ۽ پرجوش جذبا بہ شامل آهن. پنهنجي وطن سان هن پنهنجي پرپور محبت جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي وطن جي ٻوليءَ کي سنوارڻ ۾ هن جو وڏو ڪردار آهي.

*.....*.....*

هيءَ ڪهاڻي جنهن شخص جي آهي، ان جو نالو نابوشي نابورشن هو.

مون ان شخص جو اهو نالو ان ڪري رکيو آهي تہ جيئن ماٺهو ڪهاڻيءَ تي توجهہ ڏين ۽ پاڻ ئي چون، "واهہ هيءَ تہ هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي!" نہ تہ مان ان جو نالو "ن" بہ رکي سگهيس پئي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي مان ڪوئي بہ نالو ان جي جنازي وقت نہ ڪنيو ويو. سچ تہ اهو آهي تہ مون ان جو نالو وساري ڇڏيو آهي ۽ يا وري مون کي صحيح معلوم ئي نہ ٿيو تہ ان جو نالو ڇا هو؟ پر ان سان ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ ڇو تہ توهان نوٽ ڪيو هوندو تہ ان جي نالي سان گڏ هڪ ٻيو بہ نالو آهي. پر پهريون نالو وڌيڪ اهم آهي، جيڪو توهان کي هن ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ معلوم ٿي ويندو.

اصل ۾ هيءَ هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي، ايتري ڏکي جو جڏهن مان ان جي باري ۾ سوچيان ٿو تہ اڪثر پريشان ٿي ويندو آهيان تہ ڪيتري تہ ڏکي ڪهاڻي آهي. ان جي باوجود اها ڪهاڻي هڪ ننڍڙي گيت سان شروع ٿئي ٿي. پر ان کي گيت ئي نہ چوڻ گهرجي. اهي تہ بس بہ ٻول آهن، سر سان ڳايل بہ ٻول،جيڪي هڪ ڏکي نغمي جا ابتدائي يا اختتامي حصو سمجهڻ گهرجن پر جيڪڏهن انهيءَ سان ڌن ڳاهي، درد ڀري آواز ۾ ڳايو ويو تہ اهو هڪ پراڻو گيت معلوم ٿيندو،جيڪو دل جي تارن کي ڇيڙي وجهندو.

مان ان گيت جي ڌن هڪ دوست کي بہ ٻڌائي آهي. جيڪو موسيقار بڻجڻ ٿو چاهي. منهنجي هن لاءِ اها مخلصي واري سوچ آهي تہ هو اهو گيت ڳائي ۽ مشهور ٿي وڃي، ڇو تہ منهنجو خيال آهي تہ دير يا سوير دنيا انهن گيتن ۾ دلچسپي وٺندي جنهن جا سر سنيفيلناس جي ماڻهن جي ڳلن ۾ پيدا ٿيل هوندا.

اچو! هاڻي اسان اها ڪهاڻي ٻڌون ٿا.

هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان شاگرد هيس ۽ رڪجاوڪ جي تهخاني جي هڪ اهڙي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ رهندو هوس، جيڪو هڪ آتش دان سان لڳ هوندو هو. ان ڪوٺيءَ ۾ آتش دان جي وچ واري ديوار تمام سنهي هئي جنهن جي ڪري منهنجي ڪوٺي بہ گرم رهندي

هئي. سردين جي هڪ رات ۾ مون محسوس ڪيو تہ ڪوئي مسلسل هي ٻول ڳائي رهيو هو خاص طور تي شام جو دير سان, جڏهن آتش دان ۾ ڪوئلا ٻري چڪا هجن, تہ مون کي ڪنهن جي درد ڀري آواز ۾ درد ڀريل گيت جا هي ٻول خاموش هوا ۾ شور پيدا ڪندا ٻڌبا هئا. گيت ڳائڻ وارو جڏهن آواز کي وڌائيندو هو تہ آخر ۾ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ هو ساهہ کڻڻ ئي وساري ويٺو آهي ۽ ائين آواز خاموشي سان ملي ويندو هو ۽ ائين لڳندو هو ڄڻ هن جي آواز سان گڏ, ڳائڻ وارو بہ مري ويو آهي. ڪجهہ دير ائين گذرڻ کان پوءِ اوچتو سڏڪن جو آواز ايندو هو ۽ اهي جڏهن سر ۾ بدلجڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تڏهن معلوم ٿيندو هو تہ آواز مئو نہ هو پر ڳائڻ واري جي سيني ۾ زندهہ هو!

جيتوڻيڪ ان جو آواز جهيڻو هيو ۽ ڳائڻ وقت ان جي ڳلي تي اجايو زور بہ پوندو هو پر ان جي باوجود هڪ دفعو گيت جا ٻول ڳائڻ کانپوءِ, هو ٻيهر انهن کي گنگنائيندو هو.

اهڙي طرح سردين جي راتين ۾ ان کي گيت ڳائيندي ٻڌبو هو ۽ جڏهن مان اهو معلوم ڪيو تہ گيت ڳائڻ وارو ڪير هو تہ مون تي اهو راز کليو تہ اهو آتشدان ۾ باهہ ٻارڻ وارو مزدور هو. جڏهن باهہ چڱيءَ طرح ٻرندي هئي تہ هو اڌ رات جو اتان هليو ويندو هو.

هڪ رات مان ان ڪوٺيءَ ۾ هليو ويس جتي ان آتش دان جو اڌ کليل دروازو نظر اچي رهيو هو ۽ جنهن ۾ صرف ٽانڊا شدت سان ٻري رهيا هئا اتي مون نابوشي نابورشن کي ويٺل ڏٺو. هو اوندهہ ۾ مشڪل سان نظر اچي رهيو هو ۽ روز جيان گيت ڳائي رهيو هو.

"شام بخير." مان ان سان مخاطب ٿيس.

"شام بخير" اوندهہ ۾ هن پنهنجي مخصوص, جهيڻي آواز ۾ چيو

"هي جاءِ چڱي گرم آهي." مون چيو.

"مان وڃان پيو." هن چيو.

"ڇاهِيءَ تنهنجو ڪمرو ناهي؟" مان پڇيو.

"نہ" هن جواب ڏنو.

"پر! مان تہ اڪثر رات جو تنهنجو گانو ٻڌو آهي." مان حيرانگيءَ مان چيو.

"مان وڃي رهيو آهيان" هن معذرت واري انداز ۾ چيو ۽ اٿي بيٺو.

"نہ نہ! مهرباني ڪري منهنجي ڪري نہ وڃو مان تہ صرف ان ڪري توهان سان ملڻ آيو هوس, جو مان توهان کي اڪثر گيت ڳائيندي ٻڌو آهي."

"مان ڪوئي بہ گيت ناهيان ڳائيندو." هن چيو.

"پر مان تہ توهان کي اڪثر ڳائيندي ٻڌو آهي." مان احتجاج ڪيو.

"نہ نہ." هن چيو. "مان ڪڏهن بہ ڳائي سگهيو ناهيان."

"مون کي ان گيت جا ٻول بہ ياد ٿي ويا آهن." مان چيو.

هن جواب ۾ ڪجهہ ڀٽڪي ڄڻ پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ چيو ۽ منهنجي پر سان گذري پوئين دروازي مان ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مان وجان ٿو مون توکي هرو ڀرو تنگ ڪيو" مون هن کي چيو.

"منهنجي آرام ڪرڻ جو وقت ٿي ويو آهي." هن جواب ۾ چيو ۽ ٻاهر نڪري ويو.

هڪ دفعي سخت سردي ۾ برفباري ۾ سمنڊ جي ڪناري جي ويجهو ٻهاڙن ۾ هڪ لڪل جڳهه مون کي هڪ پيانو نظر آيو. تابوشي نابورشن ان جڳهه تي رهندو هو ۽ ان پيانو جي پيتيءَ ۾ سمهندو هو.مان سوچيو شايد پيانو جي پيتيءَ ۾ سمهڻ جي اثر ڪري ئي هن کي ڳائڻ سان ايتري محبت ٿي وئي آهي.

ڪجهه ڏينهن خاموشيءَ سان گذريا.

پوءِ جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، هن مون کي وساري ڇڏيو ۽ پيهر اڳ وانگر گيت ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيو. اهو ئي ساڳيو سُر، جيڪو آهستي آهستي خاموشيءَ سان ملي گم ٿي ويندو هو. هڪ شام جو پيهر مان ان وٽ هليو ويس.

"شام بخير."مان چيو.

"شام بخير." هن جواب ڏنو.

"تون گيت ڳائي رهيو آهين؟" مان پڇيومانس.

"نه نه." هن جواب ڏنو.

"تو اها ڌن ڪٿان سکي آ؟" مان هن کان پڇيو.

"ڌن؟ اها ته ڪائي ڌن ناهي."

"پر تون ته هميشه ان ئي ڌن ۾ ڳائيندو آهين."

"مان ناهيان ڳائيندو." هن چيو.

"مان ته ڪڏهن به ڳائي نه سکهندو آهيان."

"تون جهونگاريندو ته آهين." مان ضد ڪئي.

"منهنجي به ڪنهن وقت خواهش هئي ته جيڪر مان به ڳائي سگهان." هن چيو" پر اها پراڻي ڳالهه آهي. هاڻي ته مان ان جي باري ۾ ڪڏهن سوچيندو به ناهيان. مان ته بس ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن ٻاهر باري واندو ٿيندو آهيان ته آتش دان جي ويجهو ٿوري دير لاءِ ويهندو آهيان. مان هاڻي وڃان ٿو."

"تون ڪٿي رهندو آهين؟" مان پڇيومانس.

"مان اولهندي علائقي ۾ رهندو آهيان." هن جواب ڏنو.

"ڪنهن خاص علائقي ۾؟"

"اولاسوڪ ۾."

"ڇا اها سٺي جڳهه آهي؟"

"سمنڊ اتي به ايترو ئي پرشور آهي جيترو ڪنهن ٻئي هنڌ." هن جواب ڏنو.

"ڇا اولهه ۾ تنهنجا مٽ مائٽ به رهن ٿا؟"

"اهي وفات ڪري ويا آهن."

"اولهه ۾ تون ڪهڙو ڪم ڪندو هئين؟"

"ڪم! جيڪو ملندو هو ڪندو هيس. سمنڊ ۾ خشڪي تي، جتي به جيڪو ملندو هو ڪندو هيس"

"تون رڪجاوڪ ڇو آئين؟"

هو ڪجهه دير لاءِ خاموش رهيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو "اولهه سان گهڻي وقت کان رشتو ختم ٿي ويو آهي. هر تعلق ختم ٿي ويو."

مگر ان کي ان وقت ڪچري جي ڍير تي اڇلايو ويندو آهي جڏهن ان جون وٽيون ڳري ونديون آهن. يا ڪڏهن وري ڪنهن ٻار جي هٿان ان جي چوٽيءَ تي چاقوءَ سان سوراخ ٿي پوندو آهي.

"ڇا مان تنهنجو ٽوپلو ڏسي سگهان ٿو؟" مان پڇيو.

هن خاموشيءَ سان ٽوپلو مون کي ڏنو.

ٽوپلي جي چوٽيءَ تي ايترو سوراخ هيو جو ان مان هڪ ٻار جي مٺ آسانيءَ سان گذري سگهي پئي.

"تنهنجو ٽوپلو ته ڪافي پراڻو آهي" مان سوراخ مان ڇت کي ڏسندي چيو.

"پر پنهنجي وقت ۾ هڪ سٺو ٽوپلو رهيو هوندو." مان هن کي هن جو ٽوپلو واپس ڪيو. هن ٽوپلو ورتو ۽ مون وانگر هن به ٽوپلي مان ڇت کي ڏٺو.

"هر ڪنهن کي اهو موقعو نصيب نه ٿيندو آهي ته هو پنهنجي ٽوپلي مان خداوند جي پاڪ دعائون پڙهي سگهي." مُن کلي چيو. هن جي وات ۾ صرف هڪ ڏند هو.

پوءِ بهار جي موسم آئي.

هڪ صبح جو گهر جي وچ واري منزل تي واقع اپارٽمينٽ ۾ هڪ نئون خاندان اچي رهيو. مون کي ڪنهن به طرح سان پهريون ڏينهن ئي معلوم ٿي ويو هو پر مون کي ان سان ڪو واسطو نه هو. اهو خاندان هڪ شريف مرد ۽ ان جي زال تي ٻڌل هو. انهن کي هڪ ڌيءَ به هئي جنهن جي عمر اٺ سال مس هوندي. ان جو نالو لِلي هو ۽ مان ان جي رنگ روپ ۽ نقش نگار مان اندزو هنيو هو ته اهي هن علائقي جا نه هئا. ڇوڪريءَ جا وار زردي مائل ڀورا هئا ۽ انهن کي چوٽين ۾ ٻڌو ويو هو. هن گهر ۾ اُٽيل جوراب پاتا هئا. ننڍي ڇوڪري منهنجي دريءَ جي ٻاهران لان ۾ ٻين ٻارن سان کيڏندي رهندي هئي. هن جي ماءُ جو هن سان بي پناهه پيار هو. هوءَ هر وقت ٻين منزل جي دريءَ مان هن جو خيال ڪندي رهندي هئي. ٿوري ٿوري ديرکان پوءِ هن کي ڪانه ڪا نصيحت ڪندي رهندي هئي.

"هوڏانهن گاڏي تي اچي ڪجهه خيال سان کيڏ! ڏس هو شرابي لڏندو لمندو اچي رهيو آهي. هن جي سامهون ڪان پري ٿي وڃ! او بيوقوف! هوڏانهن توکي ڪتو نظر نٿو اچي؟ پوءِ رڙيون نه ڪجانءِ جڏهن هو توکي ڪائي وجي!"

مان جنهن وقت جي ڳالهه ڪريان ٿو پيو انهن ڏينهن ۾ اڃا تائين پراڻن پٿرن مان ٺهيل، چند فٽ اُڀي ديوارون، سڙڪ ۽ گهرن جي قطار جي وچ ۾ بيٺل هونديون هيون. جتي اسان جو گهرهو ان کان ويهه پنجويهه وک پري عام رستو هو جنهن جي پريان پري پري تائين سرسبز ميدان پکڙيل هئا. گهرن ۽ رستي جي وچ ۾ ٽي فوٽ اچي پٿرن جي ديوار هئي. ان رستي تي اڪثر خاموشي ئي ڇانيل هوندي هئي.

جڏهن ٻار منهنجي دري جي سامهون لان ۾ کيڏندا هئا ته ٺابوشي ٺابورشن اچي ان ديوار تي ويهندو هو ۽ بهار جي هلڪي نيري اس ۾ انهن جي راند کي دلچسپي سان ڏسندو هيو. سارله جي

چمڪ ان جي ميرن ڳلن ۾ گنجريل ڏاڙهي مان نظر ايندي هئي. هو تيستائين وينو هوندو هو جيستائين ٻار ٽڪجي راند ختم نہ ڪندا هئا ۽ ٻڪ ڪان ٽڪجي پنهنجن پنهنجن گهرن جو رستو نہ وٺندا هئا. للي اڪثر ٻارن جي وڃڻ کان پوءِ بہ لان ۾ موجود هوندي هئي ۽ اڪيلو ئي ٽينگ ٽپا ڏيڻ جي راند ڪيڏندي هئي. ان وقت نابوشي نابورشن هن کي سڏيندو هو.

"للي"

پر هوءَ ائين ظاهر ڪندي هئي ڄڻ هن آواز ٻڌو ئي نہ آهي. هوءَ هڪ ٽنگ تي ڪڏندي تمام توجهہ سان زمين تي ٺهيل خانن کي اورانگهڻ ۾ مصروف رهندي هئي. ڄڻ هوءَ هر حال ۾ راند کٽڻ چاهيندي هجي. نابوشي نابورشن هن کي ٻيهر سڏيندو هو.

"للي! منهنجي پياري للي!"

پر هوءَ لڳاتار اهوئي ظاهر ڪندي هئي ڄڻ هن ڪجهہ بہ نہ ٻڌو آهي. هڪ ڏينهن روز وانگر اهو سڀ ڪجهہ ٿيو. للي ڪجهہ وقت ائين ئي مصروف رهي پوءِ ڪجهہ دير تي هن پنهنجون اکيون کٽي گهر جي دريءَ طرف ڏٺو ڄڻ يقين ڪندي هجي تہ ڪٿي هن جي ماءُ تہ هن کي دريءَ مان نٿي ڏسي. پر هن جي ماءُ ڪاڏو پچائڻ لاءِ باورچي خاني وٺي هلي هئي.

"ڇا اڄ معصوم للي وٽ پوڙهي نابورشن سان ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي؟" هن ديوار تي ويٺي ئي پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. پوءِ هن ڪيسي مان هڪ ڪاغذ جو لفافو ڪڍي جيڪو هن گهڻي وقت کان لڪائي رکيو هو. اهو ڏسندي ئي

ڇوڪري چيلهہ جي پويان هٿ ٻڌي آهستي آهستي نابوشي نابورشن جي طرف هلڻ شروع ڪيو ۽ دلچسپيءَ سان لفافي کي ڏسڻ لڳي. پوءِ هن مڙي ڪري پنهنجي گهر جي دريءَ طرف ڏٺو. لفافي ۾ بادام مليل ڪشمش هئي. هن ان جي باوجود بہ اهو ظاهر ڪيو ڄڻ هن کي ڪشمش ۽ بادام کي ڏسي ڪري بہ ڪو تعجب ناهي ٿيو ۽ ڄڻ هن کي کائڻ جو بہ ڪو خاص شوق ناهي.

پر ڪجهہ گهڙيون پوءِ ٻئي هڪ ديوار تي هڪٻئي جي ڀرسان ويٺل هئا ۽ بادام ۽ ڪشمش جي ذائقي کان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. نابوشي هڪ بادام کائي پيو تہ للي ڏهہ! ساڳيءَ طرح ڪشمش بہ. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ حيرت مان هن جي گنجريل ۽ بي ترتيب ڏاڙهي کي ڏٺو پئي پر هن جي ميرن اکين ۾ پنهنجي لاءِ محبت چمڪندڙ ڏسي ٻيهر بادام کائڻ ۾ مصروف ٿي پئي ويئي. خشڪ ميوو کائي ڪري هوءَ ٻيهر پنهنجي راند ۾ مصروف ٿي وئي.

شام جي اونداهہ وڌڻ لڳي هئي. دريءَ مان هن جي ماءُ آواز ڏيندي چيو تہ شام جي ماني تيار آهي پر پوءِ بہ هوءَ راند ڇڏي گهر وڃڻ لاءِ جلدي تيار نہ ٿي.

هن کي خبر هئي تہ نابوشي جي لفافي ۾ بادام ۽ ڪشمش اڃا بہ پيا آهن.

آخرڪار بهار جي موسم بہ پڄاڻي تي رسي. هاڻي للي، نابوشي کان بلڪل بہ نہ ڊڄندي هئي. پر هوءَ جيئن ئي هن کي ڏسندي هئي تہ ڊڪي وڃي هن وٽ

پهچندي هئي ۽ هن جي ڪيسن جي زوريءَ تلاشي وٺندي هئي ته جيئن بادام ۽ ڪشمش جو لفافو هٿ ڪري سگهي. شام جي وقت هو اڪثر لان جي چوڌاري ٺهيل ديوار تي ويٺل نظر ايندا هئا. مون کي يقين آهي ته نابوشي ان وقت للي کي مختلف ملڪن جون دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو ڇو ته هوءَ تمام گهڻي توجهه سان هن جي ڳالهه ٻڌندي هئي. ڄڻ ان جو هڪ هڪ لفظ انوکو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ هجي.

"ڇا اهي ماڻهو تنهنجا مائٽ آهن؟" مون هڪ ڏينهن نابوشي نابورشن کان پڇيو.

"اهي ماڻهو اولهندي علائقي جا آهن." هن جواب ڏنو.

"پوءِ ته تون انهن کي چڱي طرح سڃاڻيندو هوندين؟"

"ها." هن جواب ڏنو.

مان هن کي چڱي طرح اڃا تائين سمجهي نه سگهيو هوس. هو مون کي ڪجهه عجيب لڳندو هو. پر پوءِ به مون کي هن جي باري ۾ ڪا پريشاني نه هئي. منهنجو هن سان ڪو به واسطو نه هو. سوچڻ لاءِ مون وٽ ڪافي ٻيون به ڳالهيون هيون ۽ اهو ڄاڻڻ ڪانپوءِ به ته انهن ماڻهن جو اولهندي علائقي سان ڪوئي تعلق نه هيو پر هو ڏکڻ سان تعلق رکندڙ هئا. مون کي ڪراڙي سان بحث ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪائي ضرورت محسوس نه ٿي هئي.

هڪ دفعي مون نابوشي نابورشن کي ائين چوندي ٻڌو ته جڏهن سندس عمر اڃا ويهه سال مس هئي تڏهن کان هو لليءَ کي سڃاڻي ٿو. هوءَ هن کان صرف ڪجهه سال ئي ننڍي هئي. هن اتان جي رواج مطابق هن کي اهو چيو هو ته هو هن جي لاءِ سنائوت ۾ هڪ ننڍڙو گهر ٺهرائيندو جنهن جي اڳيان هڪ ننڍڙو لان به هوندو. پوئين پاسي ڀاڄيون پوکڻ لاءِ باغيچو به. انهن ڏينهن ۾ هي هڪ امير مهاڻي گوڊ مانڊزي سان ڀائيوار ٻڻجي سمنڊ ۾ مڇيون پڪڙيندو هو ۽ هو مالي لحاظ کان خوشحال هو پر پوءِ به هن کي ڳانو ڳائڻ نه ايندو هو. ان ڇوڪريءَ جو نالو للي هو.

"پوءِ ڇا ٿيو؟" ننڍي ڇوڪري پڇي رهي هئي.

پر مون وٽ ته هن جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ وقت نه هو. مان پاڻ کي چيو.

"هو هن کي اولهندي علائقي جي ڪا پراڻي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهي."

سرءُ جي موسم ۾ مان ڏاکڻي علائقي مان واپس آيس. هڪ ڏينهن مان جڏهن گهٽيءَ ۾ ڪجهه دوستن سان ڪچهري ۾ مصروف هيس ته مان محسوس ڪيو ته گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ بيٺي هڪ ماڻهو مسلسل مون کي ڏسي رهيو آهي. هو انتظار ۾ هيو ته مان دوستن کان موڪلايان. جڏهن مان انهن کان موڪلايو ته آهستگيءَ سان هو هلي ڪري مون وٽ آيو ۽ هٿ ملائڻ لاءِ پنهنجو هٿ اڳتي ڪري چيو. "مان نابوشي نابورشن آهيان."

مان پهرين ئي هن کي سڃاڻي ورتو هو.

"ڪا نئين خبر چار آهي؟" مون پڇيو.

رهيا هئا. اهڙي طرح اسان گرجا گهر وچي پهتاسين. آخري وقت تائين اسان ڪجهه شاگردن ان ڪي ممڪن بڻايو تہ ڪوئي بہ ليئو پائي تابوت ۾ ڏسي نہ سگهي ۽ ساڳي حفاظت سان تابوت کي گرجا گهر کان ٻاهر آندو ويو هو.

حقيقتن اهو ڏينهن ڏاڍو پريشان ڪندڙ ۽ بلڪل ئي بدليل هو. ڪرسمس ۾ باقي صرف بہ ڏينهن هئا. اجا ڏينهن جو سوجهرو ئي مس ٿيو هو تہ تابوت آخري رسم لاءِ گرجا گهر ۾ ڪٽي وچٽو پيو. جنهن ڳالهہ ان گهڙيءَ کي غير معمولي بڻايو هو. اهو هو گرجا گهرجي سامهون ٽنگيل اهو ڪارو ريشمي بينر ۽ ڏکهيون ماتمي جهنڊيون. جيڪي هڪ غير معروف سفيرجي سوڳ ۾ ٽنگيل هيون. جنهن جون آخري رسمون منجهند جي وقت ساڳي ئي گرجا گهر ۾ ادا ڪرڻيون هيون. جيئن تہ مان اشارو ڪري چڪو آهيان تہ تابوت هڪ اويلي وقت ان ڪري گرجا گهر ڪٽي وچٽو پيو هو جو پادرين تمام بي شرمي سان اهو چيو هو جيئن تہ ڪرسمس جون موڪلون مٿان آهن، ان ڪري ميت اڄ ئي دفن ٿئي يا وري ڪڏهن بہ نہ ۽ اهو بہ تہ آخري رسمن لاءِ سج اڀرڻ کان اڳ ۾ ئي تابوت آڻي سگهو ٿا تہ آڻيو. شايد هن جي لاءِ اهو چوڻ ڏاڍي شرم جو باعث هو تہ هڪ عام ماڻهوءَ جو لاش اڻين شايان شان گرجا گهر ۾ اچي جو جنهن وقت عمارت ماتمي، بينرن ۽ جهنڊين سان سجيل آهي.

اتر جي ٿڌي تيز هوا هلي رهي هئي. اسان برفباري ۾ تڙ تڪڙ ۾ تابوت کي گرجا گهر ڪٽي وياسين. اسان جي سڀ کان وڏي پريشاني هئي تہ ان سموري ڏکوئيندڙ ڪيفيت ۾ ڪٽي تابوت جو هيٺيون تختو وزن جي ڪري هيٺ ڪري نہ پئي. جڏهن اسان ٻئچن جي وچ ۾ ٿهيل اڌ رستو طئہ ڪيو تہ مان بيڪار ڪاٺيءَ مان ٺهيل تابوت جي نچڪڻ تي ايترو خفي ٿيس جو ان بيوقوف جي شان ۾ ڪجهہ جملا چوڻ کان بہ پنهنجي زبان کي روڪي نہ سگهيس. جنهن کي تابوت ۾ بجري پرڻ جي ذميواري ڏني وئي هئي. وڏيڪ اهو تہ تابوت جو وزن اسان کي ٿڪائڻ لاءِ ڪافي لڳي رهيو هو.

اسان اڳين سيٽن تي ائين ويهي رهياسين جڻ مرڻ واري جا ويجها مائٽ هجون. اسان اجا ويٺاسين مس تہ پادري پرواري ڪمري مان، تيزي سان ايندي، اندر داخل ٿيو. پادري تڪڙ ۾ هڪ ننڍڙو خطبو پڙهيو جيڪو هن گذريل هفتي ڳوٺ کان ٻاهر جي هڪ غريب عورت جي جنازي تي بہ پڙهيو هو. فطري ڳالهہ هئي تہ هن جان ڇڏائڻ پئي چاهي ۽ جڏهن هو ان جڳهہ تي پهتو جتي هن کي چوڻو هو "اسان جو هي پيارو ڀاءُ...." تہ خطبي جي ڪتاب ۾ "اسان جي هيءَ پياري ڀيڻ...." لکيل هيو. هن اهو ئي پڙهي ڇڏيو ۽ اهو بہ چئي ڇڏيو تہ "اسان جي هيءَ پياريءَ ڀيڻ اهڙي نيڪ سيرت هئي، جو هن جي جدائي جو افسوس هن جو مڙس ۽ ٻار گهڻي وقت تائين ڪندا رهندا."

مون کي خوف ورتو تہ ڪوئي نہ ڪوئي ماڻهو ان بيهودگي تي اٿي احتجاج ڪندو. مان ڪجهہ گهبرائيندي پوئتي

پڇيو.
"مان اولهندي علائقي جي آهيان." هن جواب ڏنو.
"ڇا تون اولاسڪوڪ جي آهين؟"
"ها."
"پوءِ تہ تون ضرور ان ماڻهوءَ کي ڄاڻيندين هوندينءَ."
"ها اسان ٻئي همر عمر هئاسين. پوءِ مان شادي ڪري ڏکڻ پاسي هلي ويس. مون ڪيفلاڪ ۾ چاليهہ سال گذاريا آهن"
"تنهنجو نالو ڇا آهي؟"
"منهنجو نالو للي آهي!"
"ڇا تنهنجو مڙس زندهہ آهي؟"
"نہ ڪو وقت ٿيو جو هو گذاري ويو آهي."
"توکي ٻار آهن؟"
"مون تيرنهن ٻارن کي هن دنيا ۾ آندو آهي." ڪراڙي عورت ڪجهہ اهڙي طرح چيو جو مون کي يقين ٿي ويو تہ هن کي گهٽ ۾ گهٽ سٺ کن پوٽا، پوٽيون ۽ ڏوهٽا، ڏوهٽيون هونديون.
"هن ماڻهوءَ ۾ مون عجيب ڳالهيون ڏٺيون هيون." مان چيو "هو هميشہ اڪيلو ئي رهيو."
هوءَ منهنجي پاسي ۾ خاموشيءَ سان قبرن جي وچ منجهان هلندي رهي. مون کي اميد تہ هئي تہ هاڻي هوءَ منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ جو جواب نہ ڏيندي.
ٿڌي هوا جو هڪ نئون طوفان سڪرجا فورڊ جي پاسي کان پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏئي رهيو هو. طوفان جي اچڻ جا آثار ڏسي ڪري مان قبرستان جي دروازي تي هن کان موڪلائڻ چاهيو ۽ ان ارادي سان پنهنجو ٽوپلو لاٿو "خدا حافظ محترمہ خاتون." مون چيو.
هن پنهنجو ڪمزور ۽ نيل هٿ منهنجي طرف وڌايو ۽ منهنجي چهري ۾ ڏسي ڪري چيو "مان بہ هميشہ اڪيلي ئي رهيس."
اهو چوندي هن جو چهرو هڪ دفعو ٻيهر غمر زده بڻجي ويو. هن جا چپ لڙڪي پيا. هن پنهنجي اپرن جي ڪنڊ کي مٺي ڪنيو ۽ پنهنجي آلين اکين کي اگهندي هڪ پاسي رواني ٿي وئي.
۽ هتي نابوشي نابورشن جي ڪهاڻي پوري ٿئي ٿي جنهن صرف هڪ رات قبرستان ۾ گذاري هئي.

❊......❊......❊

## تصو ڪڇونءَ ۽ عقاب پکيءَ جي

هڪڙو ڪڇون ڌرتيءَ تي هلي هلي، ڪڪ ٿي پيو تنهن جي دل ۾ آيو تہ اڀ ۾ رهي ڏسجي تہ هن دنيا جو تماشو ڪهڙو آهي. سو پکين کي چوڻ لڳو تہ "ٻيلي، جيڪو مون کي اڀ گهمائيندو ۽ جهان جا تماشا ڏيکاريندو، تنهن کي ڌرتيءَ ۾ جواهرن جون کاڻيون، جي معلوم اٿم، سي ڏيکاريندس!" عقاب ٻڌي: اها ڳالهہ مڃي، ڪڇونءَ کي اڀ مان دنيا جو سڀ تماشو ۽مزو ڏيکاريو. پوءِ چوڻ لڳس تہ "هاڻي تنهنجون جواهرن جون کاڻيون ڪٿي آهن، سي مونکي ڏيکار." تڏهن ڪڇون ڪکو وکو ٿي، موڳن وانگر ماٺ ڪري ويهي رهيو اهو حال ڏسي، عقاب ڪاوڙيو ۽ان جي ڪنئرن ڪنئرن سنڌن ۾ چنبا وجهي، انهيءَ دم ماري وڌائينس.

# شيخ رائٽر

محمود تيمور

سنڌيڪار: گلزار ولياڻي

پيٽ جنهن کي دوزخ بہ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي ڪڏهن ڪڏهن ان کي ڀرڻ لاءِ وڏا وڏا ناٽڪ ۽ کيل تماشا ڪرڻا پوندا آهن. اهڙي هڪ ماڻهوءَ جو احوال، جنهن ان دوزخ کي ڀرڻ لاءِ هر هڪ کي پنهنجو عزيز ٿي ڪوٺيو ناز نخرا ڪري، ماڻهن سان حجتون ڪري، هيڏانهن هوڏانهن جون اوپاريون لهواريون خبرون ٻڌائي ماڻهن کي وندرائي پنهنجو مطلب يعني پيٽ جو دوزخ ٿي ڀريو. مصر مان هڪ دلچسپ ڪهاڻي.

**دنيا جهان جون چٽپٽيون خبرون ٻڌائي ماڻهن کي خوش ڪري ڪار زندگي بسر ڪندڙ ماڻهوءَ جو احوال.**



”حضرات! تورڙو ڌيان ڏجو! شيخ رائٽر صاحب تشريف آڻي رهيا آهن، پنهنجي پنهنجي ڪيسي جي خير خبر وٺو ۽ خدا کان دعا ڪريو تہ سندس وچڻ کان پوءِ هو اسان کي صبر جي توفيق ڏيئي!“

اهو ٻڌي ڪيفي ۾ ويٺل هڙيئي ماڻهو خبردار ٿي ويا. شيخ صاحب نخرن سان هلندو پئي آيو... ڪليل جبو.. هٿ ۾ لڪڻ جيڪو هن جي ڳري جسم سان ائين جهڪيل هو جيئن گهٽي پڪل ميون

واري ڪا شاخ پنهنجي ئي بار هيٺان جهڪيل هوندي آهي. ننيڙي ڳچي، ڳاڙهو چلڪندڙ مهانڊو. شيخ صاحب سڏو اسان ڏي آيو ۽ رڙ ڪندي چوڻ لڳو"حضرات! مون اوهان کي نيٺ پڪڙي ئي ورتو! هاڻ اوهين منهنجي هٿن مان بچي نٿا وڃي سگهو!" پوءِ پنهنجي گوڏي تي هٿ هڻندي فرمايائين "پر پهريائين هڪ تازي خبر ٻڌي وٺو! اڄ رات برطانوي وزارت ٽٽي ويئي آهي... هاڻ ليبر پارٽي اقتدار ۾ اچڻ واري آهي... ائين ڪٿي سمجهو ته مصر جو سياسي بحران ختم ٿيڻ تي آهي... اسان کي جلدئي مڪمل آزادي ملي ويندي!"

اسان جي هڪ ساٿيءَ سوال ڪيو "پر شيخ صاحب! اوهان کي اها خبر ملي ڪٿان؟ شام واري اخبار ۾ ته ان جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي!"

شيخ صاحب خفي ٿيندي چيو "تمام چڱو! اوهان کي اها خبر آهي ته اخبارن ۾ اهڙيون خبرون ڪونه ڇپجنديون آهن... اهي راز جون ڳالهيون آهن ۽ فقط شيخ رائٽر ئي اهي ٻڌائي سگهي ٿو.. اڄهو هيئر. جديد قاهره جي برطانوي سفارت خاني مان پيو اچان... وڏن معتبر ذريعن مان پتو پيو آهي ۽ ڏسو! ڪنهن کي به نه چئجو!"

انهيءَ تاڪيد ڪان پوءِ هن لڪڻ بغل ۾ دٻائي، ٻانهون ڪنجي پنهنجا هٿ ڦهلائي واري واري سان اسان مان هر شخص وٽ اچي چيائين "سڄڻو! اوهان جي مراد پوري ڪري.......هاڻ ٿورڙو پنهنجو پنهنجو ٽيڪس جمع ڪرايو... خدا نه ڪري جو آئون اوهان جي عطين کان محروم رهان.. وڌيڪ تڪليف نه ڏيندس...هر ماڻهوءَ کان فقط ڏهه ڏهه قرش... گهر جي مسواڙادا ڪرڻ جي آخري تاريخ اچي پهتي آهي ۽ گهر جو مالڪ وري اهڙو ته طوطاچشم آهي جو وڌيڪ هڪ گهڙيءَ جي به مهلت نٿو ڏيئي!"

اسان ڪلندي شيخ صاحب جو مطالبو پورو ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي مٿي تان دستار لاهي ڇڏي ۽ آسمان طرف ڏسندي چيائين "خدا احسان ڪرڻ وارن جا گهر سلامت رکي ۽ ڪين ڪڏهن به سوال ڪرڻ جي حاجت نه پوي"

ان کان پوءِ هن هڪ صوفي تي ائين اچي ڌڙام سان ڦهڪو ڪيو جو ڄڻ گهٽو ٽڪجي پيو هجي ۽ بيري کي سڏي چيائين "چوڪرا! جلدي وڃ ۽ مون لاءِ خالص گيهه ۾ تريل ڦرين جي هڪ پليٽ، پنهنجي مٿي جي گهير جيتري پيسٽري، گرم گرم مانيون ۽ خوشبودار ۽ تازن ميون جي جوس جو هڪ جڳ ڪٿي اڄ!"

بيرو اهي شيون کڻڻ ويو ته شيخ صاحب پيهر کيس سڏيو "اڙي او گڏهه! ٿورڙو بيهه ته سهي. ايتري جلدي وري ڇا جي آهي؟ مون کي ڪجهه ٻيون شيون به گهربل آهن... ڪاڌي کان پوءِ عجمي طرز جو چلم ڪٿي اڇجانءِ... چلم چڱي طرح ڀريل هجي، پاڻي به تازو هجي... اڱر گهٽا گرم هجن ۽ بس! خدا پاڪ پروردگار گهريو ته توکي چڱي خاصي بخشش ملندي!"

بيري جي وڃڻ کان پوءِ شيخ صاحب اسان ڏي مڙيو سينيءَ تي هڪ

ڪڙي نظر وڌائين پوءِ هڪ شخص تي نظرون ڄمائيندي مرڪندي چيائين ”ها اڄي وٺو! اڄ سخين جي سخي، مروت جي بادشاهه ۽ نيڪ دل مصطفيٰ بيگ جو وارو آهي... اڄوڪي ڏهاڙي هنن ڪاڏن پيتن جي قيمت مصطفيٰ بيگ ئي ادا ڪندو. جن جو اڄهو هينئر آرڊر ڪيو اٿم!“

مصطفيٰ بيگ ڪنڌ هڪر وانگيان هڪو هڪو ٿيندي اسان ڏي ڏٺو ۽ ڌيل آواز ۾ چيائين. ”چڱو! جيڪا خدا جي مرضي... اهو ئي ڪار ساز آهي.. هن جي حڪم بنان پتو به نٿو ڪڙڪي.. آئون ڀلا ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

شيخ رائٽر جي اصل نالي جي ڪنهن کي به ڄاڻ ڪو نه هئي. مشهور خبرون ڏيندڙ ايجنسي ”رائٽر“ جي نالي پويان هڙيئي ڪيس ”شيخ رائٽر“ سڏيندا هئا. بيرو هليو ويو ته شيخ صاحب سياسي ليڊرن بابت ڪي دلچسپ انڪشاف ڪرڻ لڳو. سعدپاشا، عدلي پاشا ۽ ثروت پاشا جي تازين سرگرمين تي تفصيل سان روشني وڌي ۽ پوءِ موجوده حڪومت تي تنقيد فرمائڻ لڳو. سندس بيان ڪرڻ جو انداز تمام گهڻو من موهيندڙ هو. اهو ڄاڻندي به ته سموريون خبرون شيخ صاحب جي پنهنجي ذهن جون پيداوار آهن، پوءِ به اسين هڙيئي ڪن لاهي ٻڌي رهيا هئاسين.

مصر جي بغاوت کي اڃان ڪي ڏهاڙا ئي مس گذريا هئا. ملڪي مسئلا ۽ اڳواڻن، حڪومتي نظام ۽ سياسي جماعتن جا اختلاف هر هنڌ بحث جا موضوع بڻيل هئا... شيخ صاحب گهڻي دير تائين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو رهيو ۽ آئون سندس شخصيت تي غور ڪرڻ لڳس. هو پاري هڻڻ جي باوجود هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين حرڪت ڪرڻ ۾ تمام ڦڙتيلو ثابت ٿيندو هو... تمام تيزيءَ سان اندازو لڳائي وٺندو هو ته ڪنهن جي کيسي ۾ ڇا آهي ۽ پوءِ بنان ڪنهن قاعدي قانون جي پنهنجو ٽيڪس وصول ڪرڻ لڳندو هو. مزي جي ڳالهه وري هي آهي ته ڪنهن کي به سندس جادوپري شخصيت جي آڏو ”نه“ ڪرڻ جي جرئت ڪونه ٿيندي هئي. جڏهن به ڪنهن کي چوندو هو ته ”ڏيو!“ ته ڪوبه ان کان انڪار ڪري ڪونه سگهندو هو. هونئن هو ڪنهن به قسم جو فرق ڪرڻ جو به عادي ڪونه هو. ڪڏهن تمام گهٽ درجي جي هوٽل ۾ ويهي معمولي قسم جي چانهه پيئندي پئي نظر ايندو هو ته ڪڏهن ڪنهن عاليشان هوٽل ۾ ويهي اوچي قسم جي شين تي هٿ صاف ڪندي ڏسڻ ۾ پيو ايندو هو.

بيرو جڏهن شيخ صاحب جون گهربل شيون ڪٺي پهتو ته هو ڳالهائڻ بند ڪري هڪدم ڪاڏي تي ٽٽي پيو. اسين پوءِ پنهنجون پنهنجون ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. شادي جو ذڪر هلي نڪتو. هر شخص اڳتي وڌي ان جا فائدا ۽ نقصان ڳڻائڻ لڳو. شيخ صاحب پيستريءَ جو هڪ وڏو ٽڪر کنيو ۽ چيائين ”ياٽرو! منهنجي راءِ ۾ انسان ٻن قسم جا ٿين ٿا... شادي ڪيل يا عقلمند!“ شيخ صاحب جي مزيدار گفتگوءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو. هو ڪنواري رهڻ جي خوشين ۽ شادي

ڪيل ماڻهن جي بدبختين جو تذڪرو ڪندو گرهہ تي گرهہ ڳڙڪائيندو ويو اوستائين جو گفتگوءِ ڪاڏوپيتو ائين پاڻ ۾ گڏجي ويا جو اهو چوڻ مشڪل ٿي ويو تہ شيخ صاحب ڪائي پي رهيو هو يا گفتگو ڪري رهيو هو. پنهنجي تقرير جي پڇاڙيءَ ۾ چيائين "حضرات! منهنجي خيالن بابت ڪنهن بہ قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪونهي ڇو جو آئون ڪنوارن جو صدر عقلمندن جو سردار ۽ خوش نصيبن جو تاجدار آهيان!"

ڪائڻ ڪان فارغ ٿي هن پيٽڻ طرف ڌيان فرمائيندي، ميون جي رس وارو جڳ کنيو ۽ هڪ ئي لمحي ۾ غتاغت پي ويو. پوءِ هڪ هيبتناڪ اوڳرائي ڏنائين ۽ اسان جي ساٿي مصطفيٰ بيگ سان ڳالهائيندي چيائين "برخوردار! خدا تنهنجي چمار وڏي ڪري.. تنهنجي عزت وڌائي ۽ اسان جهڙن حبيبن لاءِ تنهنجي دعوتن جو سلسلو ڊگهو ڪري..."پوءِ اوچتو ڪجهہ ياد آيس. هن بيري کي سڏيندي چيو "او چوڪرا! حقو ڪٿي آهي؟ چا قيامت تائين انتظار ڪرڻو پوندو؟ مون کي پيا بہ گهٽا ڪم آهن!"

حقو آيو تہ شيخ صاحب ان وقت تائين ڪش لڳائيندو رهيو جيستائين سموري تماڪ سڙي رک نہ ٿي ويئي... پوءِ هو پنهنجو جبو سنڀاليندي اٿي بيٺو ۽ چيائين."چڱو عزيزو! خداحافظ!" ايترو چئي هن سيني سان هٿ ملايو ۽ رخصت ٿي ويو.

شيخ رائٽر جي چمار پنجاهہ ورهيہ ڪن هوندي، جڏهن ڪان مون کيس ڏٺو آهي سندس اهو ئي روز جو معمول هو. قاهره ۾ رهندڙ هر شخص سندس عزيز ۽ مائٽ هو. هو جنهن وٽ بہ گهُري مهمان ٿي رهي سگهيو ٿي. ڪاڏي جي خرچ لاءِ جنهن کي بہ گهرندو هو اهو بنان ڪنهن هٻڪ جي پئسا ڪڍي ميز تي رکي ڇڏيندو هو. ماڻهو کيس پسند ڪندا هئا. هو هر تقريب ۽ ڪچهريءَ ۾ نظر ايندو هو. شادين ۽ خوشيءَ جي ٻين دعوتن ۾ کيس بهترين ڪاڏو ڏنو ويندو هو ۽ هر شخص سندس آرام جو خاص خيال رکندو هو تہ جيئن هو ناراض نہ ٿي وڃي ۽ سندن ڪنجوسيءَ جا قصا عام نہ ڪري ڇڏي. موسيقيءَ جي محفلن ۾ هو ڳائڻ وڄائڻ وارن کي شاباسي ڏيندي نظر ايندو هو ۽ وڌيڪ جوش ۾ اچي ويندو هو تہ ڪنهن جي بہ کيسي مان رقم ڪڍرائي سازندن کي انعام بہ ڏيندو هو. ڪنهن رات جو ڪو خوشيءَ جو جشن نہ بہ هوندو هو تہ ماتم واري هنڌ تي بہ هليو ويندو هو... فاتح خوانيءَ جا فرض نڀائيندي ٿوري ٿوري دير ۾ چانهہ جون پياليون خالي ڪندي ۽ ڪنهن کان گهربل سگريٽ جا ڪش لڳائيندي هو مرڻ واري جون خوبيون ۽ پنهنجي دلي رنج جو اظهار ڪندو رهندو هو. اچڻ وڃڻ وارن جو ٿورو اهڙي طرح سان مڃيندو هو جو ڄڻ هو پاڻ گهر جو مالڪ هجي.

سڀ ڪان دلچسپ ڳالهہ وري هيءَ تہ ماڻهو اهو ڄاڻندي بہ تہ شيخ صاحب جون خبرون سراسر ڪوڙ هونديون آهن، انهن کي وڏي شوق سان ٻڌندا هئا. شيخ صاحب جو ذهن تيزيءَ سان ڪم ڪندو هو ۽ جڏهن بہ گهرندو هو ڪابہ نئين خبر

گهڙي ونندو هو.

شيخ رائتر طبيعت جو تمام رحمدل هو. اڪثر وقتن تي ڪنهن غريب، محتاج يا مسافر کي گڏ وٺي ايندو هو ۽ اسان جي ڪيسن مان چڱي خاصي رقم ڪيرائي هن جي اهڙي ته آءُ ڀڳت ۽ خدمت ڪندو هو جو غريب به دنگ رهجي ويندو هو. هر عيد تي هو نئيڙن ٻارن کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيندو هو ۽ ان لاءِ عيد کان اڳ ئي پئسا ڪٺا ڪرڻ لڳندو هو. "تيڪس" جو ملھ وڏائي ڇڏيندو هو ۽ هر شخص کي چوندو هو ته "ٻارڙا عيد ويجھو پيئي اچي ۽ سڄي شهر جا ٻار سوڪڙين جي انتظار ۾ آهن. ان لاءِ "تيڪس" جي رقم ڏهن قرشن (مصري سڪو) مان وڌائي ويھ قرش ڪئي ويئي آهي!"

هڪ ڀيري هو ڪيئين هفتن تائين نظر ڪونه آيو. ڪافي هائوس ۾ ويهي اسان هن لاءِ قياس جا گهوڙا ڊوڙايا. ڪنهن جو خيال هو ته شهر کان ٻاهر هليو ويو آهي. ڪنهن چيو ته بيمار آهي. هڪ چٽي ته اهو به چيو ته شايد هن جو لاڏاڻو ٿي ويو آهي. بهرحال ڪو به پتو نه پيو ته هو ڪٿي هو ۽ ايترن ڏهاڙن کان نظر ڇو ڪونه پيو اچي. ڪجھ ڏهاڙن کان پوءِ اسين "ڪيفي عماد الدين" ۾ سياسي جماعتن تي زور ۽ شور سان بحث ڪري رهيا هئاسين جو اوچتو شيخ رائتر ڏسڻ ۾ آيو. اسان کي ڏسندي ئي اوچي آواز ۾ چيائين "مومن جي دل هن جي رهنما هوندي آهي. منهنجي دل چوندي هئي ته اوهين مون کي هتي ئي ملندا ۽ منهنجو اندازو درست نڪتو!"

اسان ڪائنس سندس ڊگهي غير حاضريءَ جو سبب دريافت ڪيو. هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي چيو "اوهان هڪ تازي خبر ٻڌي؟ برطانوي ساموئنڊي ٻيڙو سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو!"

اسان هڪدم ڪائنس پڇيو "ڪيئن؟ ڪڏهن؟"

شيخ صاحب ٻانهون مٿي ڪندي گهرڻ واري انداز ۾ چيو "حضرات! سڀ کان پهرين تيڪس ادا ڪريو. آئون اوهان جي مدد لاءِ واجهائي رهيو آهيان......... خدا اوهان جو ڀلو ڪري... اوهان جي ذمي هڪ هڪ پائونڊ بڻجي ٿو پر في الحال ويھ قرش ڪافي آهن... باقي رقم بعد ۾ ونندس... ڏيو يلا جلدي ڪريو!"

سيني مجبور ٿي تيڪس ادا ڪيو. شيخ صاحب هڪدم هڪ ڀڳل ڪڪڙ ۽ سرڪي جي بوتل جو آرڊر ڪيو ۽ اچڻ تي ڪڪڙ جي نرم نرم گوشت تي هٿ صاف ڪندي چوڻ لڳو "آئون پنهنجي ڳوٺ ويو هئس... اتي منهنجو ٻاءُ لاڏاڻو ڪري ويو هو... آئون سندس زال ۽ ٻارن کي پاڻ سان گڏ هتي وٺي آيو آهيان........ اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته مون هن غريب بيوه سان نڪاح به ڪري ڇڏيو آهي!"

"اهو توهان چا پيا چئو؟" اسان هڪ زبان ٿي پڇيو "اوهين ته ڪنوارن جا هيرو هئا... هي اوهان جي عقل تي پردو ڪيئن پئجي ويو؟"

"پردو منهنجي عقل تي ناهي پيو! اوهين سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه پيا ڪريو! ٻاءُ کان پوءِ هنن جو ڪو به والي

وارث ڪونہ هو سو آئون ڪين وٺي آيس... پر انهيءَ ڊپ کان تہ ڪو غلط نہ سمجهي مون ساڻس شادي ڪري ورتي آهي....... هاڻ اوهين ٿي ٻڌايو ان ۾ خرابي ڪهڙي آهي؟ سچ پڇو تہ زندگيءَ ۾ صحيح نموني ۾ آرام هاڻ مليو آهي. گهر جي صفائي ٿي رهي آهي... ڪپڙا استري ڪيا پيا وڃن. جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيان ٿو تہ ٻار ڊوڙي اچن ٿا ۽ منهنجي ٽنگن سان چهٽي پون ٿا... ڪو منهنجي لڪڻ سنڀالي ٿو... ڪو جوتا بدلائي ٿو ۽ ڪو مٿي تان صافو لاهيو وٺي... سڀ کان ننڍو تہ ٻيو ڪجهہ نٿو ڪري سگهي تہ منهنجي ڳچيءَ سان چنبڙي پيار ڪرڻ لڳي ٿو... خدا جو قسم! ايتري محبت ۽ ايترو ڏيان مون ڪي ڪڏهن بہ ڪونهي مليو..... منهنجي ميجو تہ اوهين بہ ڪيفي ۾ ويهي سياسي بحث ڪرڻ جي بجاءِ هڪدم شادي ڪريو ۽ آرام سان پنهنجي پنهنجي گهر ۾ رهو... مون ڪي ڏسو آئون پنهنجي وقت جو هڪ اهڙو بادشاهہ آهيان جيڪو شاهي تخت تي تہ ناهي ويٺو پر پوءِ بہ منهنجي رعيت مون سان محبت ڪري ٿي بلڪ اهو چوڻ گهرجي تہ مون تي دل ۽ جان سان فدا آهي!"

اهو چئي هن ڪيسي مان گهڙي ڪڍي ۽ چيائين "هاڻ مون کي گهر وڃڻ گهرجي... منهنجا ٻچا منهنجو انتظار ڪري رهيا هوندا.. مون ساڻن وعدو ڪيو آهي تہ آئون سندن لاءِ عمدي قسم جي مٺائي ۽ چاڪليٽ وٺي ايندس!" پوءِ هن بيري کي چيو "سامهون حلوائيءَ جي دڪان تان مٺائيءَ جو هڪ ڊبو وٺي اچ!"

## معلومات

نڪ ۾ اندر جيڪڏهن ناسن جي ٽنٽن ۾ ڪرڙو ڪيو وڃي تہ ڇڪ اچڻ لڳندي آهي.

ڪنول جي گل ۾ 5 رنگ ٿيندا آهن. اڇو پيلو ڳاڙهو نيرو ۽ گلابي.

**موڪليندڙ:**

**ماروي پٽو (ميرپور پٽو)**

شيخ صاحب اسان مان هڪ شخص کي، جنهن کي انهيءَ ڏهاڙي نوان ڪپڙا پهريل هئا، مٺائيءَ جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ چيو ۽ هڪ ٻئي شريف ماڻهوءَ مرغي ۽ سرڪي جي بوتل جي قيمت ادا ڪئي. وڃڻ کان اڳ شيخ صاحب سڀني کي دعوت ڏيندي چيو "حضرات! سڀاڻي رات جو منهنجي گهر ۾ وليمي جي دعوت آهي. اوهين سڀ مانيءَ تي وقت سر پهچي وڃجو. اهڙا اهڙا کاڌا پيش ڪيا ويندا جو اوهين دنگ رهجي ويندا!"

اسان جي هڪ ساٿيءَ کائنس پڇيو "پر شيخ صاحب! پنهنجي گهر جو پتو تہ ڏيئي وڃو!"

هن ڪلندي وراڻيو "اوهو! اهو تہ آئون ٻڌائڻ ئي ڀلجي ويس. پهلواني گهٽي، نانگ ماريندڙ پاڙو اتي شيخ رائٽر جو ڏس پڇي وڃجو. اتي جو ٻچو ٻچو منهنجي گهر کي ڄاڻي ٿو پر... پر هڪ ڳالهہ جو خاص خيال رکجو.. پنهنجو پنهنجو کاڌو ساڻ آڻجو!"

٭.....٭.....٭

ٻن مختلف انسانن جي پاڻ ۾ موتمار ڪشمڪش جو داستان

# هابيل ۽ قابيل

جيفري آرچر

سنڌيڪار: نصرالله عباسي

”وليم لئويل ڪين“ بوسٽن جي هڪ ارب پتي ماڻهوءَ جو پٽ آهي ۽ ”آبيل روزنوسڪي“ هڪ ڪنگلو آهي جيڪو پولينڊ مان آيل آهي..... ٻئي هڪ ئي ڏينهن پيدا ٿيا آهن، پر اهي ٻئي هڪٻئي کان مختلف آهن. انهن ٻنهي کي پنهنجو مقدر تاهڻ لاءِ اڻ ٿڪ جستجو ڪرڻي آهي. انهن ٻنهي جي زندگي هڪ حيرت ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا اصل ۾ سٺ سالن تائين ٻن طاقتور ماڻهن جي وچ ۾ نفرت جي داستان آهي. قسمت انهن کي هڪ ٻئي کي بچائڻ لاءِ منتخب ڪري ٿي..... ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جتجي وڃن ٿا. هيل تائين 30 لک ڪاپيون هن ناول جون ڇپجي چڪيون آهن.





## ليکڪ جو تعارف

جيفري آرچر ڪهاڻي لکڻ جو فن خوب ڄاڻي ٿو. هن جا هيستائين يارنهن ناول وڏي مشهوري ماڻي چڪا آهن. هن جو پهريون ناول *Not a penny More, Not a penny less* هو. ان فورن ئي وڏي مڃتا ماڻي ورتي. ان ڪانپوءِ هن جو ٻيو ناول *"Shall we Tell the president"* آيو جيڪو سسپينس ۽ جاسوسي ناول هو. ان کان پوءِ هن جو سڀ کان بهترين ناول *Kane & Abel* آيو. ان کان پوءِ مختصر ڪهاڻين جو ڪتاب *A Quiver full of arrows* آيو. ان کان پوءِ سندس ٽيون ناول *The Prodigal Daughter* آيو. جنهن *Kane & Abel* وانگر وڏي مڃتا حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ هن *"First Among Equals"* لکيو جنهن کي برطانيه پارليامينٽ تي بهترين لکيل ڪتاب تصور ڪيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ هن جا مشهور ناول *"A Matter of Honour, The Fourth Estate, Hnour Among Thieves* ۽ *As the crow Flies* آهن.

جيفري آرچر 1940ع ۾ ڄائو ۽ ويلنگٽن اسڪول، سمرسيٽ ۽ برينسوز ڪاليج ۽ آڪسفورڊ مان تعليم حاصل ڪئي.

1969ع ۾ هن چونڊ وڙهي ۽ هائوس آف ڪامن (برطانيه جو پارليامينٽ) ۾ داخل ٿيو. هن 1974ع ۾ پنهنجو پهريون ناول *Not a penny More, Not a penny less* لکيو ۽ سيپٽمبر 1985ع کان آڪٽوبر 1986ع تائين هيءُ *Conservative party* جو ڊپٽي چيئرمين به رهيو ۽ هن کي 1992ع ۾ برطانيه جي ملڪ. پاران راڻيءَ جي پيدائش واري سالگرهه جي موقعي تي *"Life Peer"* جو خطاب به مليو آهي. هيءُ هاڻي پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان ڪيمبرج ۾ رهي ٿو.

*.....*.....*

*18 اپريل 1906ع سلونِم، پولينڊ*

**عورت** جون رڙيون ان وقت بند ٿيون جڏهن هو مري وئي. هاڻي وري ٻارَ روئڻ شروع ڪيو.

سيهڙ جو شڪار ڪندڙ چوڪرو ان ڳالهه جو اندازو نه ڪري سگهيو ته هن جو ڌيان عورت جي آخري رڙ ڇڪايو هو يا ٻار جي پهرين رڙ.

ممڪن خطرو محسوس ڪندي هي اوچتو پوئتي موٽيو سندس اکيون ان جانور کي ڳولڻ لڳيون جيڪو پڪ سان درد ۾ ورتل هو. هن کي اهڙي جانور جي اڳ خبر ڪو نه هئي، جيڪو ان انداز ۾ رڙيون ڪندو هجي.

چوڪرو ان آواز ڏانهن وڌڻ لڳو. هي دل ۾ دعا گهرڻ لڳو ته اهو جانور ننڍو هجي ته جيئن آرام سان ان جو شڪار ڪري سگهجي. گهٽ ۾ گهٽ رات جي ماني ۾ سيهڙ کان علاوه ڪنهن ٻئي جانور جو مزو ته وٺي سگهبو.

چوڪرو هوريان هوريان نديءَ ڏانهن وڌڻ لڳو جنهن پاسي کان آواز اچي رهيو هو. وڻن جي اوٽ وٺندي هڪ وڻ کان

ڪندي هوندي، باقي هر شيءِ تيار هوندي.
سندس ماءُ سوچيندي هوندي تہ اڄ هن گهڻا سيهڙ پڪڙيا هوندا تہ جيئن اٺ ڀاتين جي ڪٽنب جو پيٽ ڀرجي. هن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سيهڙ گهربل هئا. ڪڏهن ڪڏهن هي بدڪ، ڪازيا وري "نواب" جي جاگير مان ڀٽڪي آيل ڪنهن تتر جو شڪار ڪري وٺندو هو جتي هن جو پيءُ ڪم ڪندو هو. اڄ هن هڪ نرالو جانور پڪڙيو هو. هي پنهنجي جهڳيءَ ويجهو پهچي لت سان دروازو ڪڙڪائڻ لڳو. هن جي ماءُ دروازو کوليو. ٻنهي هٿن ۾ جهليل ٻارڪي سندس ماءُ چتائي ڏسڻ لڳي.

"يا خدا." هن جي ماءُ چيو ۽ هٿن سان پاڪ صليب جو نشان ٺاهيو.

ڇوڪرو ، ماءُ جي چهري ۾ چتائي، ڪاوڙ يا شفقت جا تاثر جانچڻ لڳو. سندس ماءُ جي اکين ۾ آيل اهڙي شفقت ڇوڪري اڳ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي. هينئر ڇوڪري کي خبر پئي، هن جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو چڱو ڪم هو.

"امان ڇا هي ٻار آهي؟"

"اهو ننڍڙو ڇوڪرو آهي، پٽ." هن جي ماءُ ڏک منجهان پنهنجو ڪنڌ هاڪار ۾ ڏوڻيندي چيو. "توکي هي ڪٿان مليو؟"

"نديءَ واري پاسي امان."

"۽ هن جي ماءُ؟"

"مري وئي."

هن جي ماءُ ٻيهر آڱرين سان سيني تي صليب ٺاهي.

"ڊڪندو وڃ ۽ پنهنجي پيءُ کي هن ٻاري ۾ ٻڌائي ۽ دائي "ارسلاو وجَنَڪ" سان گڏ پنهنجي پيءُ کي ٻار جي ماءُ واري جڳهہ وٺي وڃ ۽ بعد ۾ هتي واپس اچو."

شڪاري ڇوڪري ٻار ماءُ جي حوالي ڪيو. هي ان ڪري بہ خوش هو تہ اهو ترڪٽو جسم سندس هٿن مان ڪٿي ڪو نہ ڪريو هو. هن هٿ پنهنجي پتلون سان صاف ڪري پيءُ ڏانهن ڊوڙ پاتي.

ماءُ پنهنجي ڪلهي سان دروازو بند ڪيو ۽ پنهنجي وڏي ڌيءَ کي سڏ ڪيو تہ جيئن چلهہ تي پاڻي گرم ڪري. هوءَ ڪاٺيءَ جي اسٽول تي ويٺي ۽ پنهنجو سينو کولي ننڍي ٻارکي کير ڌارائڻ لڳي. هن جي ڇهن مهينن جي ڌيءَ، صوفيہ اڄ بکايل ٿي سمهندي ۽ شايد سڄو ڪٽنب پڻ.

"۽ ڪهڙي مقصد خاطر؟" عورت تيز آواز ۾ سوچيو ۽ پنهنجي ۽ ٻار جي چوڌاري چادر اوڙهيائين.

"ويچارا، پتڪڙا، صبح تائين تون شل بچين."

پر هن اها ڳالهہ پوڙهي دائي "ارسلاووجَنَڪ" سان نہ دهرائي، جنهن ٻارکي ڌوئي، هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي هن کي ڏنو. هن جو مڙس، خاموش تماشائي بڻيو ٻار کي ڏسندو رهيو.

"جڏهن ڪو مهمان گهر ايندو آهي تہ خدا پڻ گهر ايندو آهي." ان عورت پولينڊ جي پراڻي چوڻي دهرائي.

"موت پئيس، اسان کي پنهنجا ٻار گهٽ آهن ڇا؟" هن جي مڙس ٽڪ اڇليندي چيو.

عورت پنهنجا سنها ڪارا وار ٻار جي مٿي تي ڏيندي ائين ظاهر ڪيو ڄڻ ڪجهہ نہ ٻڌو هجيس.

"اسان هن کي ڪهڙي نالي سان

پاسي، هڪ ننڍي ۽ بي رنگ ٻيڙي وجود هئي ۽ ساڄي پاسي جنهن جاءِ تي اها هئڻ گهرجي ها، اتي سينو بلڪل سنئون ۽ گلابي ڪل موجود هئي.

عورت جي وهمي ذهن ۾ هڪ نئون خيال آيو هن چيو "هي مون کي خدا ڏنو آهي."

"ڏس اها هن تي خدا جي نشاني آهي."

مڙس ڪاوڙ منجهان ٻار هن کي واپس ڏنو "تون بيوقوف آهين. هيلينا هي ٻار هن جي ماءُ کي ڪنهن حرامي شخص مان ٿيو آهي."

هن ٻاهه ۾ ٽڪ اڇلائي. جڻ هو ٻار جي ماءُ ۽ پيءُ کي ٽڪ هڻندو هجي.

"بهرحال، مان هن حراميءَ جي زندگيءَ تي هڪ پٽاٽي جي شرط لڳائڻ لاءِ به تيار نه آهيان."

"جاسيو" وٽ ٻارجي زندگيءَ کان وڌيڪ هڪ پٽاٽي جي اهميت هئي. هي ايترو سنگدل ته ڪونه هو پر هي ڇوڪرو هن جو ڪونه هو ۽ وڌيڪ پيٽ ڀرڻ لاءِ هن جا مسئلا اڃان وڌي ويندا. هو وڌيڪ ڪجهه سوچڻ کان سواءِ اتي ٻاهه جي ڀرسان ئي سمهي پيو. جلد ئي ڪيس ننڊ اچي وئي.

جيئن ڏينهن گذرندا ويا، ٻين سان گڏ "جاسيو" کي پڻ پڪ ٿيڻ لڳي ته ٻار شايد بچي ويندو. اگر هن شرط لڳائي هجي ها ته هي پٽاٽو هارائي وڃهي ها.

وڏو پٽ، جيڪو شڪاري پڻ هو، ننڍن ڀائرن جي مدد سان ٻار لاءِ هڪ پينگهيو جوڙيو جنهن لاءِ ڪاٺ هن نواب جي ٻيلي مان گڏ ڪيو هو. فلورنتائنا پنهنجن ڪپڙن مان ڪجهه ٽڪرا ڪٽي هن لاءِ ڪپڙا سبيا هئا. هن جي نالي رکڻ تي جيترو اختلاف گهر ۾ ٿيو هو شايد ئي ڪنهن ٻئي مسئلي تي ٿيو هجي. صرف پيءُ وٽ ڪا تجويز ڪو نه هئي. آخر ڪار هو "ولاديڪ" تي راضي ٿيا. ايندڙ آچر تي سڀ گهر ڀاتي، نواب جي جاگير واري گرجا گهر ۾ گڏ ٿي ٻار جو نالو "ولاديڪ ڪوسڪي وڪز" رکيو. ماءُ، ٻار جي حياتي بچڻ تي خدا جو شڪر ادا ڪيو جڏهن ته پيءُ هر شيءِ کان لاتعلق هو.

ان شام هڪ ننڍي دعوت جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ نواب جي جاگير مان آنڊل ڪونج پچائي وئي. جيڪا سيني شوق مان کاڌي.

ان ڏينهن کانپوءِ فلورنتائنا کاڌي جا نَو حصا ڪرڻ سگهي.

※.....※.......※

"ايني ڪين" سڄي رات سڪون جي ننڊ ڪئي. نيرن ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هڪ نرس هن جي پٽ وليم کي ڪٽي آئي ته هن جهٽ ڏئي پنهنجو ٻار کانئس ورتو.

"مسز ڪين، ڇا هينئر اسان ننڍڙي کي ناشتو ڏيون؟" اڇو يونيفارم پاتل نرس چيو.

هن ايني کي ٽيڪ ڏئي ويهاريو ۽ ٻار کي ٿڃ ڏارائڻ جو طريقو ڏسيائين. ڪيس ڦهريون پيروائين ڪنڌي شرم به آيو پئي ته پريشاني پڻ ٿئيس پئي. ايڪويهه سالن جي عمر ۾ ڪيس خبر ڪونه هئي ته هن کي ڪنهن شيءِ جي ڪوٽ هئي.

ڪئبوٽ خاندان جي گهر پيدا ٿي ۽ لوويل خاندان ۾ شادي ڪيائين ۽ هينئر پهرين پٽ کي جنم ڏنو هئائين. جيڪو هن خاندان جي روايت کي اڳتي وڌائيندو. هن جي خاندان جي باري ۾ سندس اسڪول جي هڪ پراڻي ساهيڙيءَ هڪ ڪارڊ ۾ ڪيس ڪيئن نه مناسب لکيو هو" بوسٽن شهر، جتي ڪئبوٽ خاندان صرف لوويل سان ڳالهائڻ پسند ڪندو آهي ۽ لوويل وري صرف آسمان سان."

ايني، وليم سان اڌ ڪلاڪ تائين ڳالهائيندي رهي پر ڪيس ٿورو ئي جواب مليو. جنهن بعد هي ان ئي حالت ۾ ننڊ ۾ پئجي ويو. ايني پر ۾ پيل ميون ۽ مٺائين کان پاڻ کي اميراڻي طريقي سان پري رکيو هن پڪو پهه ڪيو هو ته اونهاري تائين پاڻ کي خوبصورت ۽ فٽ بڻائي ڇهر فيشن رسالن جي زينت بڻجندي. چا پرنس ڊي گئرون اهو نه چيو هو ته بوسٽن ۾ صرف هيءَ ئي هڪ خوبصورت شيءِ آهي.

هن جي ڏگهن سنهري وارن، نفيس نقشن ۽ نازڪ جسم جي هاڪ انهن شهرن ۾ به پکڙيل هئي، جيڪي هن ڪڏهن ڏٺا به ڪو نه هئا. هن پاڻ کي آئيني ۾ غور سان ڏٺو. هن جي منهن تي ڪوبه گهنج ڪونه هو. ماڻهو يقين ئي نه ڪندا ته هيءَ ڪا هڪ پٽ جي ماءُ آهي. "خدا جو شڪر آهي جو اهو پٽ آهي." ايني سوچيو.

هن منجهند جو هلڪو ڪاڌو ڪاڌو ۽ ايندڙ مهمانن سان ملڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو جنهن جي لسٽ هن جي ذاتي سيڪريٽري چيڪ ڪئي هئي. هن سان پهرين ڏينهن تي ملڻ وارن ۾ يا ته سندس خاندان جا ماڻهو هئا يا وري وڏن وڏن خاندانن جا. ٻين کي چيو ٿي ويو ته هيءَ انهن سان ملڻ لاءِ اڃان مڪمل صحتمند نه ٿي آهي. پر جيئن ته آمريڪا جي هن شهر بوسٽن ۾ گهر ڪنهن پنهنجو مان ۽ مرتبو چاتو پئي ان ڪري ايني کي ڪنهن به مهمان جي اچڻ جي اميد هئي.

جنهن ڪمري ۾ هيءَ اڪيلي رهيل هئي ان ۾ اگر رکيل گل هٽايا وڃن ها ته پنج ٻيا به سمهڻ جا پلنگ رکي سگهجن پيا. ڪو عام ماڻهو ان ڪمري کي پل ۾ گلن جي نمائش سمجهي ها .

ايني بجلي تي هلندڙ بتي ٻاري، جيڪا اڃا تائين هن لاءِ انوکي هئي. سڀ کان پهرين سندس سس "مسز ٿامس لوويل ڪِين" ملڻ آئي، جيڪا گذريل سال ايني جي سهري جي مرڻ کانپوءِ خاندان جي سربراهه بڻي هئي. هن باوقار عورت کي شميز جو وڳو پاتل هو جنهن ڪيس سندس پيرن تائين ڍڪي ڇڏيو هو. اگر پيرن کان مٿي ڪنهن شخص ڪيس ڏٺو به هو ته اهو هينئر هن دنيا ۾ ڪو نه هو. هي سدائين سنهڙي رهي هئي. هن جي نظر ۾ ٿلهي ماڻهوءَ جو مطلب خراب ڪاڌو ۽ فالتو کائڻ پيئڻ هو. لوويل خاندان ۾ سيني کان وڌيڪ چمار هن جي هئي. ان ڪري هن جي خواهش هئي ۽ ٻين به اهو ئي چاهيو پئي ته سڀ کان پهرين هيءَ پنهنجي نئين پوٽي کي ڏسي. چاڪاڻ ته رچرڊ ۽ ايني وچ ۾ ملاقات هن ئي ته ڪرائي هئي. مسز ڪين لاءِ پيار ڪا خاص شيءِ ڪو نه

هئي. پر دولت، عزت ۽ مرتبو هن لاءِ وڏي
شيءِ هئا. پيار نيڪ هو پر ڪڏهن
ڪڏهن ٿي اهو ٿوڙ نڀائيندو آهي، جڏهن
ته باقي ٽئي شيون آخر تائين ساٿ
نڀائينديون آهن. هن پنهنجي ننهن جي
پيشانيءَ تي قبوليت جي چمي ڏني. اينيءَ
پٽ تي لڳل بٽڻ دٻايو جنهن سان گهنٽيءَ
جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مسز ڪين کي ان آواز
تي حيرت ٿيڻ لڳي. هن کي يقين نه پئي
آيو ته بجليءَ سان اٿين به ڪري سگهجي
پيو. نرس، نئين چاول ٻار کي اندر کڻي
آئي.

مسز ڪين چڱيءَ طرح ٻار کي ڏٺو.
اطمينان جو اظهار ڪيائين ۽ ٻار کي خدا
حافظ چيائين.

"ڏاڍو سٺو اينيءَ" پوڙهي عورت
چيو جڻ سندس ننهن ڪو وڏو انعام کٽيو
هجي. "اسان سينيءَ کي توتي فخر آهي."

اينيءَ جي ماءُ، مسز ايڊورڊ
ڪئبوٽ، ڪجهه منٽن کان پوءِ آئي. هيءَ،
مسز ڪين وانگر، ڪجهه سال اڳ بيواهه
ٿي هئي. ٻنهي جي مشابهت گهڻو ڪري
هڪ جهڙي هئي. ايتري قدر جو ڪين پري
کان ڏسندڙ ماڻهو اهو ٻڌائي ڪو نه
سگهندا هئا ته هو مسز ڪين آهي يا مسز
ڪئبوٽ. پر مسز ڪئبوٽ هن جي
برخلاف پنهنجي ڏوهٽي ۽ ڌيءَ ۾ گهٽي
دلچسپي ڏيکاري. ان بعد هو گلن کي
جانچڻ لڳي.

"جئڪسن خاندان هن موقعي تي
ياد ڪري ٿورو ڪيو آهي." مسز ڪئبوٽ
چيو.

مسز ڪين گلن تي تراچڙي نظر
وڌي. گلن ڪان هتي، اينڊرڪارڊن تي نظر
وڌائين. ۽ پنهنجي منهن ڪجهه نالا
پڙهڻ لڳي.

ايڊمس.........لارينس......گاجز......
.هنگنسن. ناني ۽ ڏاڏي ٻنهيءَ مان ڪنهن
به ان نالي تي تبصرو نه ڪيو جنهن کي
هو سڃاڻيندا نه هجن. ٻئي خوش خوش
گڏجي ٻاهر نڪتيون. وارث پيدا ٿيو هو.
هنن ٻنهي سوچيو ته هنن جي آخري
خانداني ذميداري مناسب طور پوري ٿي
هئي.

اينيءَ ۽ رچرڊ جا ڪيترائي ويجها
دوست منجهند جو تحفن ۽ نيڪ تمنائن
سان پهتا. جن ۾ سون ۽ چاندي جا تحفا
شامل هئا.

*.....*.......*

شام ڏاري هن جو مڙس پنهنجي
دفترمان موٽي آيو ته هيءَ ڪافي ٿڪل
هئي. رچرڊ لنچ ڪرڻ وقت، زندگيءَ ۾
پهريون ڀيرو شيمپين پيتي هئي. پوڙهي
آموس ڪيرس، هن کي منٿون ڪيون
هيون ۽ جڏهن سچو سمرسيٽ ڪلب
ڏسي رهيو هو رچرڊ منع نه ڪري سگهيو.
هي گهرواريءَ کي اڄ بدليل لڳو. ڪيس
ڪارو ڪوٽ ۽ پينٽ پاتل هيس. هي ڇهه
فٽ هڪ انچ ڊگهو هو. وچان نڪتل
سندس سينڌ جا وار بجلي جي روشني ۾
چمڪي رهيا هئا. ڪجهه ماڻهو ٿي هن
جي صحيح عمر ٽيٽيهه سال جو اندازو
لڳائي پئي سگهيا. جواني هن لاءِ ڪڏهن
به اهم ڪو نه رهي هئي. دولت ئي هن لاءِ
سڀ ڪجهه هئي. جنهن جي هن آڏو
اهميت هئي.

هڪ دفعو ٻيهر ”وليم لوويل ڪين“ کي گهرايو ويو. پٽس ڪيس غور سان جانچڻ لڳو ڄڻ پٽس ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي بئنڪ جو بئلنس چيڪ ڪندو هجي. هر شي ٺيڪ هئي. ڇوڪري کي ٻه ٽنگون، ٻه ٻانهون، ڏهه هٿن جون ۽ ڏهه پيرن جون آڱريون هيون. رچرڊ کي اهڙي ڪا به شيءِ نظر نه آئي جيڪا بعد ۾ سندس شرمندگيءَ جو ڪارڻ بڻجي. ان کان پوءِ وليم کي واپس موڪليو ويو.

”مون سينٽ پال جي هيڊ ماستر کي گذريل رات تار موڪلي هئي. هن وليم کي سيپٽمبر 1918ع ۾ داخلا ڏيڻ جي منظوري ڏني آهي.

ايني ڪجهه به نه ڪڇي. رچرڊ، پنهنجي پٽ وليم جي مستقبل جي منصوبابندي شروع ڪري ڇڏي هئي.

”ڇڱو جان، هينئر تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي“؟. هن پنهنجي ٽيٽيهه سالن جي عمر ۾ هڪ ڏينهن به اسپتال ۾ نه گذاريو هو ان ڪري پڇڻ لڳو.

”هون! ڪجهه بهتر آهي.“ سندس زال پنهنجن ڳوڙهن کي اکين ۾ روڪيندي، ڊڄندي چيو ته جيئن مڙس پريشان نه ٿئي. رچرڊ پنهنجي زال کي ڳل تي چمي ڏني ۽ ڪائنس موڪلائي پنهنجي عاليشان بگيءَ ۾ ويهي، لوئيس برگ چوڪ تي واقع پنهنجي گهر ”ريڊ هائوس“ ڏانهن روانو ٿيو. ”عملو نوڪر، نئون ٻار ۽ نرس کي ملائي هاڻي ڪيس نون ڄڻن جو پيٽ پالڻو هو. پر اهو هن لاءِ ڪو وڏو مسئلو ڪو نه هو.“

وليم لوويل ڪين کي سينٽ پال جي پروٽيسٽنٽ ايپسڪوپل چرچ ۾ آڻي برڪتن ڀريئي ماحول ۾ سندس نالو رکيو ويو. تقريب قديم بشپ لارينس جي سربراهي ۾ ٿي. ان موقعي تي جي. پي. مورگن ۽ آئلن لائيڊ جهڙا مشهور بئنڪار اينيءَ جي ويجهي دوست ولي پريسٽن موجود هئا. بشپ، وليم جي مٿي تي پاڪ پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪيو.

وليم هينئر ئي اعليٰ زندگي گذارڻ جا اصول سکي رهيو هو. ايني باحفاظت ويم ڪرڻ تي رب جو شڪر ادا ڪيو ۽رچرڊ ان ڪري خدا جو شڪر ادا ڪيو جو هاڻي هن جي مال ۽ ملڪيت جو والي وارث پيدا ٿي چڪو هو ۽ ڪيس جائداد ٻئي ڪنهن جي هٿ اچڻ جو ڪو موقعو ڪو نه هو. اڃان هن ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ خاطر سوچيو ته ڪيس هڪ ٻيو به پٽ هجي. گوڏن ڀر جهڪيل رچرڊ منهن ورائي پنهنجي زال تي هڪ نظر وڌي، جيڪا هن مان ڪافي خوش هئي.

*.......*.....*

ولاديڪ ڪوسڪي وڪز آهستي آهستي وڏو ٿيڻ لڳو. هن جي ماٽيلي ماءُ سمجهي وئي ته ٻار جي صحت هميشه لاءِ هڪ مسئلو رهندي.

هن کي هر اها بيماري ٿيڻ لڳي جيڪا گهٽ ٻارن کي ان عمر ۾ ٿيندي هئي ۽ گهٽ کي ڪونه. هو بغير ڪنهن فرق جي هر ٻاتي ڏانهن اها بيماري منتقل ڪندو رهيو. هيلينا هن سان پنهنجن ٻين ٻارن جهڙو ورتاءُ ڪندي هئي ۽ هميشه پوريءَ طرح سان هن جي طرفداريءَ

ڪندي هئي. جڏهن تہ "جاسيو" هن جي گهر ۾ موجودگيءَ کي خدا جي بجاءِ شيطان کي ذميوار سمجهندو هو.

پي پاسي فلورنتائنا، هن جو اهڙي طرح خيال ڪندي هئي جڻ هن جو پنهنجو ٻار هجي. ڪيس ان پل کا پيار ڪرڻ لڳي هئي، جڏهن هن ڪيس پهريون ڀيرو ڏٺو هو. اهو پيار ان ڪري بہ وڌي ويو هو جو هن جي من ۾ اهو خيال ويهي ويو هو تہ "جاسيو"، جهڙي سچي ماڻهوءَ جي هن ڌيءَ سان ڪير بہ شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيندو جنهن ڪري هي سدائين بغير ٻار جي هوندي ان ڪري ولاديڪ هن جو ٻار هو.

وڏو ڀاءُ شڪاري، جنهن ولاديڪ کي لڏو هو هن سان رانديڪي وانگر کيڏندو هو پر پنهنجي پيءُ کي اهو ٻڌائيندي ڊڄندو هو تہ هي پتڪڙا بانبڙا پائيندڙ ٻار ڪيس وڻي ٿو. ڪهڙي بہ طرح، ايندڙ جنوري ۾ شڪاري، اسڪول کي الوداع چوندو ۽ نواب جي جاگير تي ڪم ڪرڻ شروع ڪندو. هن جي پيءُ هن کي اهو ئي ٻڌايو هو. ٽن ننڍن ڀائرن، استيفن، جوزف ۽ جان کي ولاديڪ ۾ ڪو خاص چاهہ ڪونہ هو. ۽ باقي رهيل ڀاتي صوفيا هن کي ڳلي لڳائي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي.

هڪ ڳالهہ جنهن کان ٻئي والدين. تيار نہ هئا، سا هي هئي تہ هيءُ ٻين ٻارن کان بلڪل مختلف ڪردارءِ ذهن رکندڙ هو. ڪو بہ هن جي جسماني ۽ ذهني فرق کي نظر انداز نہ ٿي ڪري سگهيو. ڪوسڪي وڪز خاندان جا سڀ ماڻهو ڊگها، مضبوط جسمن، سنهري وارن ۽ خاڪي اکين وارا هئا. ولاديڪ بندرو ۽ گول، ڪارا وار ۽ انتهائي نيريون اکيون هيس. ڪوسڪي وڪز ٻار پڙهائيءَ ۾ ايترا هوشيار ڪونہ هئا ۽ هڪ خاص عمر يا حد تائين پهچي ڪين ڳوٺ جي اسڪول مان ڪڍيو ويندو هو.

ولاديڪ، پي پاسي، حالانڪ دير سان پنڌ ڪرڻ لڳو هو پر ارڙهن مهينن جي عمر ۾ ڳالهائڻ لڳو. ٽن سالن جي عمر ۾ پڙهڻ لڳو جيتوڻيڪ اجا پاڻ ڪپڙا پائي ڪونہ سگهندو هو. پنجن سالن جي عمر ۾ لکڻ سکيو پر اجا تائين هنڌ ۾ پيشاب ڪندو هو. هي پنهنجي پيءُ لاءِ پريشاني ۽ ماءُ لاءِ فخر جو ڪارڻ هو.

هن جا ڌرتيءَ تي پهريان چار سال بيماري مان جند آجي ڪرڻ ۾ گذريا. هيلينا ۽ فلورنتائينا جي اڻٿڪ محنت هن کي زنده رکيو تي آئي. هي ڪاٺ جي جڙيل جهوپڙي جي چوڌاري پيرن اگهاڙو مشڪرن وارا ڪپڙا پائي ڊڪندو هو ۽ ماءُ سندس پٺيان هوندي هئي. جڏهن فلورنتائنا اسڪول کان موٽندي هئي تہ ولاديڪ جي وفاداري هن ڏانهن ٿي ويندي هئي جيستائين هوءُ رات جو ڪيس بستري تي ڇڏي اچي. ڪاڏي جو نون ڀاڱا ڪندي فلورنتائنا اڪثر پنهنجي اڌ حصي جي قرباني هن لاءِ ڏيندي هئي ۽ اگر هو بيمار هوندو هو تہ هن کي پوري حصي جي قرباني ڏيڻي پوندي هئي.

ولاديڪ اهي ڪپڙا پائيندو هو جيڪي فلورنتائنا هن لاءِ سبيا هئا. هو هن جا سکايل گيت ڳائيندو هو ۽ هن جي تحفن ۽ رانديڪن سان پڻ کيڏندو هو. فلورنتائنا، ڏينهن جو گهڻو وقت اسڪول ۾

نواب چوڻ لڳو. "منهنجو پٽ لي اون، ڇهن سالن جو آهي. ڪيس بہ ذاتي استاد محل تي پڙهائين ٿا. هڪڙو مقامي پولينڊ جو آهي ۽ ٻيو جرمنيءَ ڪان. هو مون کي ٻڌائيندا آهن تہ لي اون هوشيار ٻار آهي پر هي مقابلو ڪرڻ جي سگهہ ڪو نہ ٿو رکي ڇو تہ ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو آهي ئي ڪو نہ. سلونمر ۾ ڳوٺ واري اسڪول جي ماسٽرمسٽر ڪوٽوسڪي مون کي ٻڌايو تہ منهنجي پٽ کي جنهن قابل ٻار جي ضرورت آهي، اهو ولاديڪ ئي آهي. تنهنجي مهرباني ٿيندي، اگر تون پنهنجي پٽ کي اجازت ڏين تہ هو ڳوٺ وارو اسڪول ڇڏي، منهنجي پٽ سان محل ۾ ذاتي استادن کان پڙهي."

ولاديڪ لاڳيتو نواب جي سامهون بيٺو رهيو ۽ ان کي تڪيندي تصورات ۾ هن جي اڳيان ڪاڏا، شربت، ڪتاب ۽ مسٽر ڪوٽوسڪي کان وڌيڪ ڏاها استاد ڦرڻ لڳا.

هن پنهنجي ماءُ ڏانهن نهاريو. هوءَ پڻ نواب ڏانهن تڪي رهي هئي. هن جوچهرو حيرت ۽ ڏک ۾ پريل هو. هن جي پيءُ هن جي ماءُ ڏانهن مڙي ڏٺو ۽ ٻنهي وچ ۾ خاموش ٻولي ٻار جي آئيندي جو فيصلو ڪري ورتو.

"جاسيو" عاجزيءَ مان نواب جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين "سائين! اها اسان جي لاءِ عزت جي ڳالهہ آهي."

نواب، هيلينا ڪوسڪي وڪز ڏانهن سواليہ نظرن سان ڏسڻ لڳو.

"پاڪ مريم مون کي معاف ڪري اگر مان ڪڏهن پنهنجي ٻار جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجان." هن نرم لهجي ۾ چيو "حالانڪ اهائي ڄاڻي ٿي تہ ان سان منهنجي دل تي ڇا گذرندو."

"پر مئڊم ڪوسڪي وڪز تنهنجو پٽ باقاعدگيءَ سان توسان ملڻ ايندو."

"ها سائين مون کي هن مان اها ئي اميد آهي."

هيءَ نواب کي ڪا درخواست ڪرڻ واري هئي پر ارادو ملتوي ڪري ڇڏيائين.

نواب مسڪرائڻ لڳو. "ڏاڍو سٺو. هاڻي اهو طئہ ٿيو. مهرباني ڪري ٻار کي سياڻي ستين وڳي ڏاري محل ۾ وٺي اچجانءِ. امتحان ٿائين ولاديڪ اسان وٽ رهندو ۽ جيئن ئي ڪرسمس ايندي، هي توهان وٽ واپس اچي سگهي ٿو."

ولاديڪ روئڻ لڳو.

"خاموش ڇورا".جاسيو چيو.

"مان نہ ويندس." ولاديڪ مضبوط ارادي سان چيو. دل چئيس پئي تہ وڃان.

"چپ ڪر" سندس پيءُ دڙڪو ڏيندي چيس.

"مان فلورنتائيا کي ڪو نہ ڇڏيندس، ڪڏهن بہ نہ."

"فلورنتائيا؟؟!!" نواب پڇيو.

"منهنجي وڏي ڏيءَ، سائين." پيءُ چيو "پر توهان ان جو خيال نہ ڪريو. ڇوڪرو اهو ئي ڪندو جيڪو کيس چيو ويو آهي!!"

ڪير بہ نہ ڪڇيو نواب گهڙي پل لاءِ سوچيو ولاديڪ ميسٽو تي لڳاتار روئندو رهيو.

"ڇوڪري ڪيتري عمر جي

چمڪندڙ وردي پاتل نوڪر اڳ ڪو نہ ڏٺو هو جيڪو هنن جي پرسان ڪنهن ٿنڀي وانگر بيٺو هوءِ پڪ سان اهميت رکندڙ پئي لڳو. هال ۾ هڪ ٿلهو غاليچو وڇايل هو. ولاديڪ ان جي سونهن تان متاثر ٿيو ۽ ان جي سائي ۽ ڳاڙهي پٽين کي غور سان ڏسندو رهيو. سوچيندو رهيو تہ جوتا لاهجن يا نہ. ڪيس ان ڳالهہ جي ڏاڍي حيرت ٿي تہ غاليچي مٿان هلڻ سان پيرن جو ڪو آواز ڪو نہ ٿي ٿيو. نوڪر، هنن کي شاندار نموني سان هنن جي سمهڻ وارن ڪمرن ۾ وٺي آيو.

جدا جدا بيڊروم. ڇا هي ڪڏهن سمهي سگهيا پئي؟ گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي ڪمرن جي وچ ۾ هڪ دروازو تہ هو. هاڻي هي گهڻو الڳ ڪو نہ هئا ۽ حقيقت ۾ ڪيترين ئي راتين تائين هيءُ ٻئي گڏجي هڪڙي بستري ۾ سمهندا هئا.

جڏهن هنن پنهنجو سامان ٺاهي رکيو تہ فلورنٽائنا کي رڌٽو ڏيکاريو ويو جڏهن تہ ولاديڪ کي قلعي جي ڏاکڻي پاڱي ۾ ٺهيل ڪيڏڻ واري ڪمري ۾ نيو ويو جتي نواب جو پٽ "لي اون" موجود هو. هي ڊگهو ۽ ٿلهو ۽ وٽندڙ سياهہ وارن وارو هو.

سندس دل ڇڪائيندڙ آڌر ڀاءُ، ولاديڪ جي جهيڙيڪار طبيعت کي ماٺو ڪري ڇڏيو. لي اون بلڪل اڪيلو هو. ڪيس ڪيڏڻ لاءِ فقط سندس دائي هئي. لٿئانيا جي ان عورت، هن جي ماءُ جي اوچتو موت سبب ڪيس ٿڃ ڏارائي ۽ پاليو هو.

هو هُن جي هر ضرورت جو خيال رکندي هئي. ٻيلي مان ڪهي آيل ان ٻندري ٻار هن سان دوستيءَ جو واعدو ڪيو. هنن ٻنهي کي خبر هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهہ ۾ ٻنهي کي برابر سمجهيو ويو هو. ترت ئي لي اون، ولاديڪ کي قلعو گهمائڻ لاءِ وٺي ويو ۽ صبح جو پڻ قلعي جو سير جاري رهيو.

ننڍڙي ولاديڪ کي هر جڳهہ مهانگي فرنيچر، پردن ۽ ڪمرن ۾ پيل غاليچن تي حيرت هئي. لي اون کي هن صرف اهو چيو تہ هي ڪجهہ متاثر ٿيو آهي. آخرڪار قلعي ۾ هن پنهنجي جڳهہ قابليت ذريعي حاصل ڪئي هئي.

"قلعي جو وڏو حصو شروعاتي گوٿڪ دؤر جو آهي" لي اون هن کي ائين ٻڌايو جڻ ولاديڪ کي اها خبر هئي تہ گوٿڪ جو ڪهڙو مطلب آهي.

ولاديڪ ڪنڌ ڌوڻيو.

بعد ۾ لي اون پنهنجي دوست کي تہ خاني ۾ وٺي ويو جتي ڪيترن ئي ڪمرن ۾ شراب جي بوتلن جون قطارون هيون جن مٿان مٽي ۽ ڪوريئڙي جا ڄار وڇايل هئا. ولاديڪ کي سڀ کان وڌيڪ ڊائننگ هال وڻيو هو. سيني پٿين تي مختلف جانورن جون منڍيون ٽنگيل هيون، لي اون کيس ٻڌايو تہ اهي منڍيون جهنگلي ڏاند، رڇ، هرڻ، سوئر ۽ بگهڙ جون آهن. ڪمري جي آخري ڇيڙي ۾ هٿيارن سان پريل نواب جو شاندار ڪوٽ، هرڻ جي سنڱن ۾ لٽڪيل هو. روسنو وسڪي خاندان جي چوٽي هئي تہ "قسمت بهادر جو ساٿ ڏيندي آهي." منجهند جي ماني کان پوءِ، جيڪا ولاديڪ گهٽ کاڌي ڇو تہ کيس ڇري ۽ ڪانٽو پڪڙڻ نہ ٿي آيو



استعمال ڪري مرد کي تيز تلوار وانگر ناهي ڇڏي ۽ اهو بہ اهڙو جو هو سڄي دنيا جو فاتح سڏجي ۽ وري پنهنجيءَ ٿي اچي تہ ان کي پنهنجن زلفن جي قيد ۾ ايڏو سوگهو ڪري ڇڏي جو هو ايڏو تہ بيگانو ٿي وڃي جو هر اٿندڙ پير هن کي لتاڙي هليو وڃي. هندستان جي تاريخ ۾ ڪيترين ئي اهڙين عورتن جو ذڪر موجود آهي، جيڪي پنهنجي مردن جي ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جون ذميوار سمجهيون وڃن ٿيون. انهن ۾ هڪ عورت اهڙي بہ گذري آهي، جنهن کي سندس حالتن ۽ واقعن جي بنياد تي هندن جي آخري راڻي سڏي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪانپوءِ هندستان تي مسلمانن قبضو ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي ۽ ان کان پوءِ هندو عورتون مسلمان بادشاهن جون زالون بڻجي هندستان جون راڻيون تہ ٿي سگهيون. پر ڪنهن بہ هندو بادشاه جي راڻيءَ کي هندستان جي تخت تي ويهڻ نصيب نہ ٿيو.

هندو جيئڻ تہ راج ترنگي ۽ مهايارت کي تمام گهڻو مقدس ۽ اعتبار جوڳو سمجهندا آهن. انڪري انهن جي ئي روايتن مطابق (حالانڪ ڪن جڳهين تي اهي بہ اعتبار جوڳا نہ آهن) جڏهن اندرپت (دهلي) ۾ پٿورا خاندان تخت تي ويٺو تہ ان وقت تائين 169 هندو بادشاه 9684 سالن کان وڌيڪ عرصو حڪومت ڪري چڪا هئا. پٿورا خاندان، اندرپت (دهلي) سلطنت هندستان جو آخري هندو حڪمران خاندان هو. جنهن جي آخري شهنشاه کي سلطان شهاب الدين غوريءَ شڪست ڏئي هندستان ۾ مسلمانن جي حڪومت جو بنياد رکيو. ان آخري پٿورا خاندان جي شڪست جو سبب ان جي فوج نہ بلڪ هڪ حسين و جميل ۽ نازڪ نفيس دوشيزه هئي، جيڪا هندستان جي آخري هندو ملڪہ سڏي وئي. هوءَ نہ صرف پنهنجي مڙس جي شڪست جو سبب بڻي، بلڪ ان جي ڪري هندو بادشاه جي 9684 سالن جو اقتدار پنهنجيءَ پڄاڻيءَ تي پهتو.

تاريخ ۾ سنگمرمر سان تراشيل ان زنده مجسمي جو نالو آهي سنجوگتا.

دهليءَ ۾ حڪومت ڪندڙ پرٿوي خاندان جي آخري بادشاه پٿور يا پرٿوي راج جي ان زماني ۾ دهليءَ جي پاڙيسري رياست قنوج جي راجا "جي چند راٺوڙ" سان سخت دشمني هلي رهي هئي. سنجوگتا ان جي ڌيءَ هئي، پر مزي جي ڳاله اها هئي تہ پيءُ، پرٿوي راج جي جان جو دشمن هو تہ سندس ڌيءَ وري هن تي جان فدا ڪري رهي هئي. سنجوگتا، پرٿوي راج سان محبت ڪندي هئي، پر هڪ اڻڏٺي محبت.

سنجوگتا، پرٿوي راڄ کي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. پر هن صرف سندس بهادريءَ ۽ دليريءَ جا ڪيترائي ڪارناما ٻڌا هئا ۽ انهن ئي ڪارنامن جي ڪري هن پرٿويءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو آئيڊيل بنائي ڇڏيو هو. سنجوگتا پنهنجي پيءُ سان گڏ سلطنت جي ڪيترن ئي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندي رهندي هئي. جنهن ڪري پنهنجي پاڙيسري پر دشمن رياست جي واليءَ جي حيثيت سان سندس ذڪر

اڪثر دربار ۾ ٿيندو رهندو هو. اهڙن موقعن تي سنجوگتا جي دل پنهنجي سيني بجاءِ نڙيءَ ۾ ڌڙڪندڙ لڳندي هئي ۽ ذهن سندس زبان جو ساٿ نه ٿيندو هو. هوءَ اڪثر اهڙن موقعن تي سوچيندي هئي ته دشمن ڪهڙو هوندو ۽ سندس شڪل شبيه ڪهڙي هوندي. جيڪڏهن ڪنهن لڙائيءَ ۾ هن قنوج تي حملو ڪري ڏنو ته هوءَ ذاتي حيثيت ۾ ڪنهن جو پاسو ڪڻندي. پر انهن سوالن جو وٽس ڪوبه جواب نه هو. هن جي ذهن ۽ دل ۾ ته صرف پرٿوي راج جو هڪ خيالي خاڪو هو. جنهن کي هن پنهنجي دل ۾ آباد ڪري رکيو هو ۽ ان سان چريائپ جي حد تائين محبت ڪندي هئي.

ڪجهه تاريخدانن جو اهو چوڻ آهي ته سنجوگتا جي دل ۾ محبت جو ڏيو ان وقت ٻريو جڏهن هن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پرٿوي راج کي ڏسي ورتو ۽ سندس خوبصورتي ۽ مردانگيءَ کان تمام گهڻو متاثر ٿي وئي، پر اڪثر تاريخدانن جو اهو چوڻ آهي ته سنجوگتا جي محبت غائباڻي هئي ۽ کيس اهو به يقين هو ته هوءَ ڪڏهن به پنهنجي محبوب کي حاصل نه ڪري سگهندي. اهو انڪري جو سندس پيءُ، پرٿوي راج جو نالو به پسند نه ڪندو. پر جيڪڏهن پلجي سندس ذڪر نڪرندو به هو ته هو تپي باهه ٿي ويندو هو. ان ڪري ان مان اها اميد رکڻ ٻٻرن کان ٻير گهرڻ برابر هئي ته هو پنهنجي ڌيءَ جو هٿ پنهنجي دشمن جي هٿ ۾ ڏيڻ تي راضي ٿي ويندو.

سنجوگتا کي پنهنجي پيءُ سان ڳالهه ڪرڻ جي ته ڪڏهن همٿ نه ٿي، باقي هن پنهنجي ماءُ کي پنهنجي اڻڏٺل محبت جي باري ۾ ضرور ٻڌائي ڇڏيو هو. هن پنهنجي ماءُ کي اهو پڻ نماڻو عرض ڪيو هو ته هوءَ ان سلسلي ۾ سندس مدد ڪري. قنوج جي مهاراڻي هجڻ جي ناتي ماڻس جي به سوچ اها ئي هئي جيڪا سندس مڙس جي هئي. پر گڏوگڏ هوءَ سنجوگتا جي ماءُ پڻ هئي. جنهن نه صرف پنهنجي ڪک مان هن کي ڄڻيو هو پر وڏي ناز سان کيس پاليو به هو. هن پهرين ته سنجوگتا کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سنجوگتا جي جنونيت هر گذرندڙ ڏينهن سان زور وٺندي پئي وئي. ماءُ جيئن ته سندس دوست به هئي، ان ڪري سنجوگيتا پنهنجن دلي جذبن جو اظهار سندس سامهون ڪندي رهندي هئي. آخرڪار هن پنهنجي ماءُ کي ان ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته هوءَ ڪو مناسب موقعو ڏسندي ئي سنجوگيتا جي پيءُ سان ان مامري جي باري ۾ ضرور ڳالهائيندي.

ڪيترن ڏينهن تائين مهاراڻيءَ کي ڳالهائڻ جي همٿ ئي نه ٿي ته هوءَ راجا ”جي چند“ سان سندس دشمن ۽ ڌيءَ جي رشتي جي ڳالهه ڇيڙي. پر هڪ ڏينهن جڏهن هو سٺي موڊ ۾ هو ته هوءَ پنهنجي دل جي ڳالهه زبان تي ڪڻي آئي. پر ان جو نتيجو اهو ئي نڪتو جنهن جي کيس توقع هئي.

”توکي هن حراميءَ جو نالو منهنجي ڌيءَ سان گڏ وٺڻ جي همٿ ڪيئن ٿي.“ راجا جي چند جي انتهائي

ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي چيو. ”ڀڳوان جو قسم آئون سنجو کي پنهنجن هٿن سان ماري ڇڏيندس، پر هن سان سندس شادي هرگز نہ ڪندس.“

پر هڪ نہ هڪ ڏينهن اسانکي سنجوگتا کي پنهنجي چاڻڻ تان موڪلائڻو ئي آهي.“ مهاراڻيءَ وري همٿ ڪئي، ”باقي رهي دشمنيءَ جي ڳالهہ، سو صدين کان اها روايت هلندي پئي اچي تہ ڏيئرون ڏئي وٺي دشمنيون ختم ڪبيون رهبيون آهن. اگر اسان بہ ائين ڪيو تہ ڪا نئين ڳالهہ نہ ٿيندي.“

”جيڪڏهن تون منهنجي زال نہ هجين ها تہ آئون توکي بہ ڏائي ڇڏيان ها تہ ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي.“ راجا جي چند پنهنجو هٿ چيله سان ٻڌل تلوار تي ڦيرائيندي چيو ”ڪو بيو اها ڳالهہ ڪري ها تہ سندس وڍيل سسي منهنجن پيرن ۾ پئي هجي ها.“

”پر پر آئون...“ راڻيءَ ڀڻڪيو.

”بس!“ راجا هٿ مٿي ڪري ڪيس ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو. ”توکي عورتن جي ذريعي دشمنيون ختم ڪرڻ جو شوق آهي تہ وڃ وڃي پرٿويءَ کان سندس ڀيڻ جو رشتو وٺي اچ. آئون خوشيءَ سان ڪيس پنهنجي حرم جي زينت بنائيندس.“

راجا جي چند ڪاوڙ ۾ اٿي ڪڙو ٿيو. مهاراڻي ڏڪي وئي. هن کي خبر هئي تہ راجائن ۽ مهاراجائن کي عورتن جي ڪهڙي کوٽ هئي. هو ڪيس ماري بہ ڇڏي ها تہ بہ سندس حرم ۾ سندس دل وندرائڻ لاءِ ٻيون ڪوڙ ساريون عورتون موجود هيون ۽ ڪيس هڪ عورت جي گهٽ هجڻ جو احساس بہ نہ ٿئي ها ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي چوڻ مطابق جيڪڏهن واقعي پرٿويءَ جي ڀيڻ پرڻائي بہ اچي ها تہ هوءَ ڇا ڪري سگهي ها.

”۽ ها!“ راجا جي چند ٻاهر ويندي ويندي مڙي پويان ڏٺو تہ مهاراڻي جهڙو اوچتو هوش ۾ اچي وئي. ”سنجو کي سمجهائي ڇڏجان تہ اسين پنهنجن دشمنن سان پنهنجي چوديواريءَ ۾ نہ بلڪ جنگ جي ميدان ۾ ملندا آهيون. پرٿوي اسانجو دشمن آهي ۽ اسان کي اهو بلڪل پسند نہ آهي تہ اسانجي محل جا در ۽ دريون بہ سندس نالي کان واقف هجن. جڏهن بہ اسين آمهون سامهون ٿينداسون تہ صرف جنگ جي ميدان ۾ ۽ نہ شاديءَ جي سيج تي.“

”بلڪل صحيح ٿا چئو مهاراج.“ مهاراڻيءَ مشڪل سان صرف ايترو ڪڇيو.

”۽ ها سنجوءَ کي اهو بہ ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪڏهن هن پرٿويءَ جو خيال پنهنجي ذهن مان نہ ڪڍيو تہ اسين سندس سوچ تي بہ پهرا لڳائي ڇڏينداسين.“ اجا بہ هن جو غصو ٿڌو نہ ٿيو هو ۽ ويندي ويندي چيائين، ”اسين ان کي جهنم ۾ تہ موڪلي سگهون ٿا، پر دهلي هرگز نہ!“

جي چند ڪاوڙجي ۽ ڌمڪي ڏيندي ٻاهر نڪتو تہ پوءِ وڃي مهاراڻيءَ جي جان ۾ ساهہ پيو پر ڪيس ايترو اندازو ضرور ٿي ويو تہ سنجوگتا ۽ پرٿويءَ جي عشق جو ميلاپ ناممڪن هو.

هن پنهنجي ڌيءَ کي جي چند جي

غصي ۽ پيغام پنهي ڪان واقف ڪيو ۽ پنهنجي طرفان نصيحت به ڪيائين ته هوءَ پرٿوي راج جي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏي. سندس شادي پرٿويءَ سان ڪڏهن به نه ٿي سگهندي.

سنجوگتا پنهنجن چپن ۾ پڻ پڻ ڪندي چيو "اهو ته آئون به ڄاڻان ٿي ته امان! پر آئون ته ڪڏهوڪو پنهنجو پاڻ کي سندس نانءُ اربي چڪي آهيان. بابا سائينَ ته پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي. پر منهنجو فيصلو آهي ته منهنجي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو مرد ايندو ته اهو صرف پرٿوي هوندو."

ان ڪانپوءِ سنجوگتا گهڻو ڪري ڪوشش ڪندي هئي ته پنهنجي پيءُ جي سامهون نه اچي. هاڻي هوءَ بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار هئي. ان ڪري هن نه پئي چاهيو ته سندس پيءُ سندس چهري جي تاثر مان سندس دل جي ڪهاڻي پڙهي وٺي.

عشق ۽ ڪٿوري لڪائي نه لڪجن جي چوڻيءَ موجب سنجوگتا جي هڪ طرفي محبت جا افسانا قنوج جي راجا جي محل جي چؤديواريءَ کان نڪرندا دهليءَ تائين وڃي پهتا. پرٿوي راج جي پروسي جوڳن جاسوسن جڏهن کيس اهو ٻڌايو ته سندس جاني دشمن راجا جي چند جي ڌيءَ ساڻس بي ان تها محبت ڪري ٿي ته هو قدرت جي ان مذاق تي کلڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو. بهرحال هن اهو فيصلو ڪري ورتو ته محبت جي ان سفر ۾ هو سنجوگتا کي اڪيلو نه ڇڏيندو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگيءَ کي داءَ تي لڳائڻ کان به نه ڪيٻائيندو. سندس دل ۾ سنجوگتا لاءِ بيتابي پيدا ٿي، ڇاڪاڻ ته پنهنجي پيءُ جي ازلي ويريءَ جي محبت ۾ گرفتار ٿيڻ وڏي دل گردي جي ڳالهه هئي. هاڻي ڪيس سنجوگتا جي محبت سان گڏوگڏ کيس سندس زندگيءَ جي حفاظت جو پڻ فڪر رهڻ لڳو.

پرٿوي راج ۾ پنهنجي زماني جي راجپوتن واريون سڀئي عادتون موجود هيون. هاڻي سندس سوچ جو محور اهو ئي هو ته هڪ اهڙي ڇوڪري جنهن مونکي ڏٺو به نه آهي ۽ شايد مونکي پائڻ جي اميد به نه ٿي ڪري، تڏهن به منهنجي محبت ۾ گرفتار آهي ۽ مون تي ساهه ٿي ڇڏي، ان ڪري منهنجو به فرض ٿو بنجي ته آئون به کيس ان ئي شدت سان جواب ڏيان. جنهن سان هوءَ مونکي چاهي ٿي ۽ اگر مون ايئن نه ڪيو ته هڪ طرف سندس پيار جو حق ادا نه ڪري سگهندس ۽ ٻئي طرف منهنجي نالي تي ٽڪو پڻ لڳي ويندو ته مون پنهنجي محبت ۾ گرفتار هڪ ڇوڪريءَ کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو آهي.

هن سنجوگتا سان رابطو ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. ڪجه اختلافي روايتن موجب هن "ڪرناٽڪي" نالي واري هڪ نوڪرياڻيءَ ذريعي سنجوگتا سان رابطو ڪري ورتو. ڪجه مؤرخن موجب ڪرناٽڪي جي چند جي محل جي نوڪرياڻي هئي. پر ڪجه وري ائين ٿا چون ته هوءَ پرٿوي راج جي نوڪرياڻي هئي ۽ پنهنجو حليو بدلائي قنوج هلي وئي ۽ حيلي بهاني وسيلي راجا جي چند جي محل ۾ ملازمت ۾ سنجوگتا تائين

پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. هاڻي هيءَ نوڪرياڻي پرٿوي راج ۽ سنجوگتا جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪرڻ لڳي.

ڪجه روايتن ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پرٿوي راج ۽ سنجوگيتا ۾ لڪل طريقي سان ملاقات بہ ڪرائي وٺندي هئي. پر اهو تفصيل سان ذڪر نہ ٿو اچي تہ اها ملاقات ڪيئن ممڪن ٿي سگهندي هئي. ڇا سنجو پنهنجو حليو بدلائي محل مان نڪرندي هئي يا وري پرٿوي راج ڪنهن پوپي وغيره جي روپ ۾ ساڻس ملندو هو. ظاهري طرح اهي لڪل ملاقاتون صرف هڪ افسانو معلوم ٿين ٿيون، پر محبت ڪرڻ وارن جون جيڪي ڪهاڻيون اسان تائين پهتيون آهن ۽ سنجوگتا ۽ پرٿوي راج جهڙي محبت جي متوالن کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي تہ پوءِ اهو ناممڪن نہ ٿو لڳي تہ هو خطرن سان کيڏندي هڪ ٻئي سان ملندا رهيا هجن. بهرحال اهو چيو وڃي ٿو تہ اهڙن ئي ملاقاتن ۾ پرٿوي راج پنهنجي عزت جو قسم کنيو تہ هو کيس پنهنجي راڻي بنائي پوءِ سک جو ساهہ کڻندو ۽ سنجوگتا بہ کيس يقين ڏياريو تہ هوءَ زندگي صرف سندس قدمن ۾ گذاري ڇڏيندي.

راجا جي چند انهن سيني معاملن کان اڻڄاڻ هجڻ جي باوجود هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ فڪرمند ضرور هو. هن کي خبر هئي تہ سنجوگتا هڪ ضدي ڇوڪري آهي ۽ جيڪڏهن هن پرٿويءَ کي حاصل ڪرڻ جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان سوچي ڇڏيو آهي تہ پوءِ هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ان تي عمل ڪري ڇڏيندي. ان ڪري هن پنهنجو پاڻ ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪري ڏنو.

اها هڪ اتفاقي ڳالهہ ٿي جو قنوج جي راجا جي حيثيت سان هن اڪثر پاڙيسري رياستن جي حڪمرانن کي شڪست ڏئي کين پنهنجي مملڪت ۽ رعايا جو حصو بنائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو ان خوشيءَ ۾ هڪ عظيم الشان جشن منعقد ڪرڻ جي باري ۾ سوچي رهيو هو. جنهن کي هندو ”راج سوجڳ“ جو نالو ڏيندا هئا. ان جشن جي طريقو اهو هوندو هو تہ ويجهن ۽ پري جي سيني راجائن، مهاراجائن ۽ برهمڻن کي عام دعوت ڏني ويندي هئي. ڪيترائي ڏينهن دعوتن جو سلسلو پيو هلندو هو. ان جشن جي خاص ڳالهہ اها هوندي هئي تہ ايندڙ مهمانن جي سڄي خدمت جي ذميواري ميزبان پنهنجن هٿن سان انجام ڏيندو هو ۽ ان جي جواب ۾ ايندڙ راجا ۽ مهاراجا شڪريو ادا ڪندي ميزبان جي بالادستي ۽ حاڪميت قبول ڪندا هئا. راجا جي چند ”راج سوجڳ“ جو اعلان ڪيو ۽ سيني راجائن، مهاراجائن ۽ برهمڻن کي قنوج اچڻ جي دعوت ڏنائين. ان ئي جشن جي هڪ حصي طور هن سنجوگتا جي لاءِ سوئمبر جو پڻ انتظام ڪيو تہ جيئن ايندڙ شهزادن مان ڪو بهادر ۽ خوبصورت نوجوان سندس خوبصورت ۽ پياري ڌيءَ جي بہ دل کٽي وڃي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ پاسي هو راج سوجڳ جي ذريعي هندستان جو سڀ کان وڏو راجا بنجي وڃي ها ۽ ٻئي طرف سنجوگتا ۽ پرٿويءَ

جي صورت ۾ جيڪي خطرا ڪيس درپيش هئا, انهن کان بہ نجات ملي وڃي ها.

خلاصہ التواريخ موجب جشن ۾ موجود سيني راجائن ۽ مهاراجائن سوئمبر ۾ پنهنجي قسمت آزمائي. پر راجڪماري سنجوگتا همٿ ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪندڙ ڪنهن بہ شهزادي يا راجڪمار کي پنهنجو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پري محفل ۾ اعلان ڪيائين تہ هوءَ جيڪڏهن شادي ڪندي تہ صرف پرٿوي راج سان ڪندي. راجا جي چند کي پنهنجي ڌيءَ جي ان رويي جي ڪري ڏاڍو شرمندو ٿيڻو پيو. ان ڪري ڪاوڙ ۾ اچي هن کيس جشن مان ٻاهر ڪڍي محل جي هڪ ڪنڊ ۾ قيد ڪري ڇڏيو جتي ساڻس ڪنهن جي بہ ملڻ تي بندش لڳائي وئي.

هاڻي راجڪماري سنجوگتا اڪيلائيءَ ۾ لڙڪ ڳاڙيندي پرٿوي راج کي ياد ڪندي رهندي هئي. رکي رکي دل ۾ هڪ هلڪي اميد جو ڪرڻو ٿي آيس تہ شايد ڪو اهڙو موقعو ملي وڃي جو پرٿوي راج سندس مدد لاءِ اچي پهچي. ڪيترائي ڏينهن گذري ويا پر دهليءَ مان ڪابہ خبر نہ آئي. هاڻي راجڪماري مايوس رهڻ لڳي هئي. کيس پنهنجي پيءُ جي حوالي سان راجائن جي فطرت جي ڄاڻ هئي. هن کي خبر هئي تہ کين عورتن جي ڪابہ کوٽ نہ هئي. پرٿوي راج بہ هڪ حاڪم هو. پوءِ هو ڇو ڀلا هڪ ڇوڪريءَ لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهندو پوءِ ڀلي اها سنجوگتا ئي ڇو نہ هجي. هن جي لاءِ اهڙين سنجوگتائن جي ڪابہ کوٽ نہ هئي. هڪ نہ ٻي ملي ويندي پر سندس سوچ بلڪل غلط هئي.

پرٿوي راج تائين سنجوگتا جي گذرندڙ هر گهڙيءَ جو احوال پهچي رهيو هو. جشن کان وٺي محل ۾ اڪيلي قيد ٿيڻ جي خبر پڻ کيس ملي چڪي هئي ۽ هو اهو فيصلو پڻ ڪري چڪو هو تہ جان وڃي تہ ڀلي هلي وڃي, پر ان شهزاديءَ کي اتان ڪڍڻو آهي ۽ کيس پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي بڻائڻو آهي. هن هڪ نئين ترڪيب جي باري ۾ سوچيو. سندس دربار ۾ "چندابات" نالي هڪ ڳائڻو هوندو هو جيڪو ڏاڍو تيز ڳالهائڻو هو. پرٿوي راج کيس اعتماد ۾ ورتو ۽ کيس سڄو منصوبو سمجهايائين تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان سنجوگتا کي سندس پيءُ جي قيد مان آزادي ڏيارڻي آهي.

چندابات پنهنجي مالڪ جي نمڪ جو مڪمل حق ادا ڪيو. هو هڪدم قنوج پهچي ويو ۽ پنهنجي اعليٰ صلاحيتن جي ڪري راجا جي چند جي دربار ۾ رسائي ڪري اتي ملازمت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. نہ رڳو اهو بلڪ هن پنهنجن لفظن جي جادوگريءَ سان راجا جي چند جو ايترو تہ اعتماد حاصل ڪري ورتو جو هو رنگ محل کان سندس محل جي ان حصي تائين آزاديءَ سان اچڻ وڃڻ لڳو جتي سنجوگتا کي قيد ڪري رکيو ويو هو. پهرين فرصت ۾ هو سنجوگتا سان مليو ۽ کيس پرٿوي راج جي طرفان محبتن ڀريو پيغام ڏنائين. گڏوگڏ اها تسلي پڻ ڏنائين تہ هو سندس حالت کان اڻڄاڻ نہ آهي, بلڪ موقعي جي تاڙ ۾ آهي تہ جيئن ڪو وجه ملي تہ کيس هن قيد مان

ٻاهر ڪيڍي.

اهو پڻ چيو وڃي ٿو تہ ڪرناٽڪي نالي نوڪرياڻي، جيڪا اڳئي قنوج ۾ موجود هئي، ان پڻ ان سلسلي ۾ چندابات جي تمام گهڻي مدد ڪئي. ٻنهي گڏجي راجڪماريءَ کي اتان ڪيڍڻ جا منصوبا ناهڻ شروع ڪيا. چندابات ان مقصد کي ذهن ۾ رکندي قنوج مان ئي لڪيچپ ۾ ڪجھ سپاهين کي انعامءِ پئسن جي لالچ ۾ پاڻ سان ملائي ورتو هو پر کين سندس اصل مقصد کان آگاهہ نہ ڪيو هئائين. جڏهن سڀ تياريون مڪمل ٿي ويون تہ چندابات پنهنجن هٿيارٻند ساٿين جي مدد سان سنجوگتا کي محل مان ٻاهر پڄائي ويو.

اها خبر ئي اهڙي هئي جو جي چند تي وڄ ٻنجي ڪري. جيئن ئي کيس ان ڳالھ جي خبر پئي تہ هڪدم پنهنجن بهادر سپاهين کي گڏ ڪٽي سندن پنيان روانو ٿيو. قنوج ۽ دهليءَ جي وچ ۾ خونريز ۽ چٽي جنگ لڳي، جنهن ۾ سڄي زمين رت سان رنگجي وئي. هڪ روايت ۾ ائين بہ اچي ٿو تہ چندابات، سنجوگتا کي ٻاهر ڪيڍڻ واري مقرر ڏينهن جي باري ۾ پهرين ئي پرٿوي راج کي ٻڌائي ڇڏيو هو. جنهن ڪري دهليءَ جي فوج پرٿوي راج جي اڳواٽيءَ ۾ قنوج جي سرحد تي سندن مدد لاءِ اڳي ئي پهچي وئي هئي. ٻنهي فوجن وچ ۾ زبردست مقابلو ٿيو. سنجوگتا جڏهن پرٿوي راج کي ڏٺو تہ بي قابو ٿي وئي. کيس يقين ٿي ويو تہ دهليءَ جو راجا واقعي ساڻس سچي محبت ڪري ٿو. هاڻي هوءَ سوچڻ لڳي تہ کيس موت اچي

وڃي تہ بہ کيس ڏک نہ ٿيندو.

پرٿوي پنهنجي محبوبا جو انتهائي گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو ۽ سپاهين جي وچ ۾ بيٺل پنهنجي هاٿيءَ ڏانهن وٺڻ جو چيو. ڇاڪاڻ تہ اهائي سڀ کان محفوظ جڳھ هئي، پر سنجوگتا اهو چوندي انڪار ڪري ڇڏيو تہ هوءَ پنهنجي محبوب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جنگ ۾ حصو وٺندي، پوءِ ڀلي جيئي يا قربان ٿي وڃي. ان ڪري هن پاڻ بہ تلوار ڪڍي پنهنجي پيءُ سان مقابلو ڪيو. هن کي اها بہ خبر هئي تہ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي پيءُ جي هٿ لڳي وئي تہ هو هن کي بلڪل زنده نہ ڇڏيندو. ان ڪري ٻلائي ان ۾ آهي تہ پاڻ بہ وڙهي جان جو نذرانو ڏئي ڇڏي. جنهن ڪري هوءَ ڏاڍو دليريءَ سان وڙهي ۽ ڪيترن ئي ويڙهاڪن کي ماري مات ڪيائين. سندس ارادو اهو ئي هو تہ جيڪڏهن خدانخواستہ پرٿويءَ کي شڪست آئي تہ هوءَ پنهنجي پيٽ ۾ تلوار ڪپي پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندي. پر فتح ۽ سنجوگتا، ٻنهي ۾ پرٿوي راج کي ڪاميابي ملي.

ست هزار کان وڌيڪ ماڻهو سنجوگتا کي حاصل ڪرڻ لاءِ هلندڙ جنگ ۾ ماريا ويا. پر پرٿوي راج هن تمام وڏي نقصان جي باوجود پنهنجي محبوبہ کي دشمن جي چنبي مان ٻاهر ڪيڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هاڻي سنجوگتا ساڻس گڏ گهوڙي تي سوار هئي ۽ هو کيس دهليءَ ڏانهن ڇڏ اڏامندو وٺي وڃي رهيو هو. جي چند شڪست کائڻ جي باوجود پرٿوي راج جو پيڇو ڪيو پر محبت جي دلين

جي رفتار سندس فوجن جي رفتار کان تمام گهٽجي تيز هئي. جنهن ڪري ڄچند ٿورو پويان وڃڻ کانپوءِ پنهنجو حوصلو هاري ويٺو. پرٿوي راج، سنجوگتا کي پنهنجي محل ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

دهلي پهچڻ شرط پرٿوي راج سڀ کان پهرين اهو ڪم ڪيو جو هن سنجوگتا سان ست ڦيرا ڏئي کيس پنهنجي راڻي ڪيو ۽ پوءِ عيش ۽ عشرت ۾ اهڙو قابو ٿي ويو جو سلطنت جي انتظام ۽ فوج جي سار سنڀال کان بلڪل غافل ٿي ويو. ڳاله اتي وڃي پهتي جو هو هر وقت سنجوگتا سان ڏينهن جا ڏينهن محل ۾ بند پيو هوندو هو ۽ محل کان ٻاهر قدم به نه رکندو هو. پرٿوي راج ۾ هاڻي تمام وڏي تبديلي اچي چڪي هئي. پهرين هو دشمنن کي جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏئي خوشي محسوس ڪندو هو پر هاڻي کيس ڪوبه هوش نه هو. سندس ذهن تي هر وقت سنجوگتا ۽ سندس دل خوش رکڻ جو ڀوت سوار هوندو هو ڏينهن ۽ رات صرف عيش ۽ عشرت جي محفل هلندي رهندي هئي. رقص ۽ موسيقيءَ جي محفلن کانپوءِ ٿورو گهڻو وقت ملندو هو ته هو اهو سنجوگتا جي ٻانهن ۾ گذاري ڇڏيندو هو.

نجوگتا پڻ پنهنجي بهادر ۽ فرمانبردار گهرواري کي ڪڏهن به پنهنجو شاندار ماضي ياد نه ڏياريو. هوءَ پرٿويءَ کي حاصل ڪرڻ کانپوءِ دنيا کي وساري ويٺي. پرٿوي راج قنوج ۾ ڄچند جي خلاف فتح کي شايد پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ۽ آخري فتح سمجهي مستقبل کي وساري ڇڏيو هو. ڪين ان ڳاله جي ڪابه توقع ڪانه هئي ته ايندڙ وقت ۾ ڪابه مصيبت سندن دروازي تي اچي سگهي ٿي.

اريخي روايتن موجب پرٿوي راج ۽ سنجوگتا جو هڪ ٻئي کي ماڻڻ ۽ پوءِ محبت ۾ فدا ٿي دنيا جهان کان بي خبر ٿي وڃڻ واريون ڳالهيون اڏامندي اڏامندي سلطنت غور ۽ غزنويءَ جي بادشاه شهاب الدين غوريءَ تائين وڃي پهتيون. جنهن قنوج جي راجا ڄچند سان چالبازي شروع ڪري ڏني. ڄچند پاڻ پنهنجي ڌيءَ جي هٿان ذليل ۽ خوار ٿي چڪو هو ۽ هن پنهنجي ان ذلت جو بدلو وٺڻ ٿي چاهيو پر هو اڪيلو پرٿوي راج تي حملو ڪرڻ جي همت نه پئي ڪري سگهيو. اهڙيءَ حالت ۾ شهاب الدين غوريءَ جي طرفان ڪيل رابطي کي هن قدرت طرفان غيبي مدد سمجهيو. هن هڪدم غوريءَ جي دعوت تي لبيڪ چيو ۽ ٻنهي لشڪرن 1191ع تي وڏي فوج سان دهليءَ تي حملو ڪيو.

روايتن مطابق شهاب الدين غوريءَ جو اهو هندستان تي اٺون حملو هو. پهرين ستن حملن ۾ پرٿوي راج هن کي شڪست ڏئي چڪو هو. پر هن دفعي کيس روڪڻ وارو ڪير به نه هو. سلطنت جو وارث سنجوگتا جي زلفن جي ڇانو کي آسمان جو سايو سمجهي حال ۽ مستقبل کان بي پرواه ٿي چڪو هو. جنهن ڪري غوريءَ جو لشڪر مختلف منزلون طئه ڪندو دهليءَ ڏانهن وڌي رهيو هو. ٻئي پاسي صورتحال وري اها هئي جو پرٿوي راج پنهنجن خادمن کي حڪم ڏئي رکيو هو ته ڪو به ماڻهو سندس ۽ سنجوگتا جي

اڪيلائيءَ ۾ مداخلت نہ ڪري ۽ نہ وري ڪا دل کي ڏکوئيندڙ ڳالھ سندس دلپسند راڻيءَ تائين پهچڻ ڏني وڃي. هڪ حد تائين تہ سلطنت جا سنڀاليندڙان حڪم جي بجا آوري ڪندا رهيا ۽ ملڪ جي سرحدن جي حفاظت بہ ڪندا رهيا، پر جڏهن غوريءَ جي چڙهت ڪري ايندڙ سپاهين کي روڪڻ سندن وس ۾ نہ رهيو ۽ پاڻي سندن سر تان گذرڻ لڳو ۽ دهلي هٿن مان ويندي محسوس ٿيڻ لڳو تہ سلطنت جي خيرخواهن چنداباٽ کي التجا ڪئي تہ هو ڪنهن بہ طرح سان پرٿوي راج کي ان ايندڙ خطري کان آگاهہ ڪري.

في الحال تہ چندا باٽ بہ سوچ ۾ پئجي ويو. هو برابر پرٿويءَ جو لاڏلو ۽ رازدار هو. پر راجپوت جي دماغ جو ڪوپروسو بہ تہ نہ هو. ڪالھ جي دوست کي اڄ جو دشمن بنجڻ ۾ دير ئي نہ ٿي لڳي ۽ چنداباٽ کي پنهنجو سر پنهنجي ئي جسم تي سنو لڳندو هو. هو ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار نہ هو. آخرڪار کيس هڪ ترڪيب ذهن ۾ آئي. ست در ٽپندي هوان وقت محل ۾ داخل ٿيو جڏهن پرٿوي راج آرام ڪري رهيو هو. چندا باٽ ڪافي وقت تائين سنجوگتا سان گڏ رهي چڪو هو ۽ سندس طبيعت کان بہ سٺي نموني سان واقف هو. جنهن ڪري هن سنجوگتا سان ملاقات جو اطلاع ڪيو. پاڻهين چنداباٽ جي اچڻ جو ٻڌي هڪدم سنجوگتا کي ٻڌايو ۽ هن بہ وقت وڃائڻ کانسواءِ هڪدم کيس حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو.

چنداباٽ، پرٿوي خاندان جو نمڪخوار هو. جنهن ڪري هن سڄي صورتحال هن پريءَ جي آڏو رکي. سنجوگتا وقت جي نزاڪت کي سمجهي وئي. هن هڪ بہ گهڙي وڃائڻ کانسواءِ پرٿويءَ کي سجاڳ ڪيو ۽ غوريءَ جي صورت ۾ ايندڙ خطرناڪ طوفان جي باري ۾ ٻڌايو. هڪ گهڙيءَ لاءِ پرٿويءَ جي منهن تي بہ پريشانيءَ جون لڪيرون اڀري ويون پر پوءِ هو هڪ جوش ۽ ولولي سان اٿيو. هو هن کان اڳ بہ سلطان شهاب الدين غوريءَ کي ست دفعا شڪست ڏئي چڪو هو. ان ڪري سندس حوصلو بلند هو. هن پريشانين جي لڪيرن کي پنهنجي چهري تان هٽائي بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي ٿورو لشڪر پاڻ سان گڏ کڻي تراوڙي يا ترائن جي ميدان تي سلطان سان مقابلي لاءِ پهچي ويو.

راجا جي چند هن دفعي سلطان جي پاسي سندس دشمن ٿيو بيٺو هو. کيس سلطان غُوريءَ جي حمايت کان وڌيڪ پنهنجي اندر جي باهہ وسائڻ مقصد هو. پرٿوي راج هر دفعي وانگر هن واري بہ بهادريءَ سان لڙائي شروع ڪئي. هن کي يقين هو تہ هو اٺون دفعو بہ شهاب الدين غوريءَ کي هندستان جي سرزمين تان ڌڪي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو پر هن دفعي قسمت سندس پاسي نہ هئي. تمام ڇتي ويڙهہ هلي. ڪيترو ئي خون وهيو پر هن دفعي قسمت چوهاڻن ( پرٿوي راج جي ذات) سان بيوفائي ڪئي. شهاب الدين غوري هن دفعي فاتح ٿيو. جڏهن تہ پرٿوي راج کي نہ صرف شڪست آئي، پر هو غوريءَ جي هٿان قيد پڻ ٿي ويو. شهاب الدين کيس پاڻ سان گڏ غزني وٺي ويو ۽ سندس اکين ۾ لوهي سيخون وجهرائي انڌو ڪري ڇڏيائين.

خلاصہ التاريخ جو مصنف لکي ٿو تہ پرٿوي راج جي ٻروسي جوڳي ملازم چندابات پنهنجي آقا جي قيد دوران پڻ سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. ان جي مطابق چندابات ويس بدلائي دهليءَ کان غزنيءَ تائين وڃي پهتو ۽ ڪجھ ڏي وٺ کانپوءِ غوريءَ جي دربار ۾ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو بنيادي طرح جيئن تہ فنڪار ۽ ڳائڻو هو ان ڪري جلدي ئي ڪيس سلطان جي ويجهڙائپ حاصل ٿي وئي. پر هو دل سان سلطان جو ڪٽر مخالف هو ۽ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان پنهنجي مالڪ سان ٿيل زيادتين جو بدلو وٺي. ان حڪمت عمليءَ تحت آهستي آهستي پاڻ دربار ۾ ايترو تہ ويجهو اچي ويو جو سندس اچ وڃ قيدخاني تائين بہ شروع ٿي وئي، جتي پرٿوي راج قابو هو. هو اڪثر موقعو ڏسي قيدخاني پهچي ويندو هو ۽ پرٿوي راج سان مختلف منصوبن جي باري ۾ صلاح مشورو ڪندو هو. پرٿوي پڻ سندس ملازم کي جرئت، همت ۽ بهادريءَ تي شاباس ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو.

آخرڪار چندابات هڪ سازش تيار ڪري پرٿوي راج جي آڏو رکي، ٻنهي گڏجي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ ڏينهن بہ سوچي ڇڏيو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق چندابات، پرٿوي راج جي تيراندازيءَ جي اهڙي تہ تعريف ۽ واکاڻ ڪئي جو سلطان غوري خود سندس مهارت ڏسڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

سلطان جي حڪم سان پرٿوي راج کي قيدخاني مان ڪڍي تيرڪمان ڏني وئي. چون ٿا تہ پرٿوي راج آواز تي تير هلائڻ ۾ ڏاڍو ماهر هوندو هو ۽ هن ان مهارت مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ان ڪري ئي جيئن ئي چندا بات ڪنهن بهاني سان سلطان سان ڳاله ٻوله شروع ڪئي ۽ جيئن ئي پرٿوي راج جي ڪنن تي سلطان جو آواز پيو تہ هن آواز تي تير ڇڏيو جيڪو غوريءَ کي سندس سيني ۾ وڃي لڳو ۽ هو موقعي تي مارجي ويو. سلطان جي ڪرڻ سان ئي سندس پهريدارن چندابات ۽ پرٿوي راج جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. پر هاڻي ان جو ڪوبہ فائدو نہ هو. سڀ ئي پنهنجو بدلو وٺي چڪا هئا. جنهن سبب هندستان کي فتح ڪندڙ هڪ جرنيل هڪ ڳائڻي جي سازش جو شڪار ٿي ويو.

سبحان راءِ ٻٽالوي فارسي تاريخن جي حوالي سان جيڪو بيان ڏنو آهي، اهو وري هن سڄي قصي کان مختلف آهي ۽ هن مطابق پرٿوي راج ترائن جي ميدان ۾ ئي مارجي ويو ۽ شهاب الدين غوريءَ جو قتل اختلافن ڪري فدائي کوکر جي هٿان ڇاٽايو ويو آهي.

ان ڳاله کي بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي تہ سنجوگتا جو ذڪر پرٿوي راج جي ڪهاڻيءَ ۾ صرف اوستائين آهي، جڏهن ڪيس سلطان شهاب الدين غوريءَ جي دهليءَ تي حملي جو اطلاع ڏنو وڃي ٿو. ان کانپوءِ سنجوگتا سان ڇا گذري، هوءَ ڪيڏانهن وئي ۽ سندس پڄاڻي ڪيئن ٿي، ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ تاريخدان ڪابہ وضاحت نہ ڪئي آهي.

*......*......*



# شيطاني جنت

سلسلي وار ناول جي پهرين قسط

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

هيءَ ڪهاڻي ان شيطان جي زندگيءَ جي باري ۾ آهي جنهن ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ واسطي ڪوڙي جنت ٺاهي ۽ هزارن لکن ماڻهن کي بديءَ جي راهه تي هلايائين. ان شيطاني جنت ۾ حشيش، عورت ۽ مذهب جو استعمال ڪيو ويندو هو. ان شيطاني جنت جو احوال

بديءَ جي خدا جو اڻ وسرندڙ داستان



صاف ابن صياد بہ يهودي هو. هو پنهنجي سحر (جادو) جي علم تي چئي سگهيو پي تہ ڇا ٿيندو ۽ ٿيڻ وارو آهي، بهانو اهو تہ هن وٽ فرشتو بہ اچي ٿو ۽ شيطان بہ. جيڪي ڪيس اچڻ وارين حالتن بابت ڄاڻ ڏين ٿا.

"تون منهن جي پٽ جي باري ۾ چئي رهيو آهين،" حسن جي پيءُ چيو "هي ڪهڙي قسم جو نبي ٿيندو؟"

"جيئن اڳي وارا هئا" ابن عطاش چيو "تون حضور صلعم کي آخري نبي مڃين يا نہ، پر مان هن حديث جو منڪر نٿو ٿي سگهان تہ ڪوڙا نبي ايندا رهندا ۽ توهان جي سامهون اهڙيون ڳالهيون ڪندا، جيڪي نہ توهان ٻڌيون هونديون ۽ نہ وري توهان جي وڏن. اهڙين ڳالهين کان خبردار رهجو ۽ پنهنجي ايمان کي بچائجو. هي توهان ۾ گمراهي ۽ فتنا ڦهلائيندا. طليحہ بن اسدي نبوت جي دعوي ڪئي هئي. تہ مسليمہ ڪذاب جو نالو بہ ٻڌو هوندو. وري هڪ صباح بنت حارث نالي عورت بہ نبوت جي دعوي ڪئي هئي. پر پوءِ ڇا ٿيو؟ صاف ابن صياد مسلمان ٿي ويو. طليحہ بہ مسلمان ٿي ويو. هن کي نبي ٿيڻ وقت ايتري شهرت ڪا نہ ملي جيتري مسلمان ٿي جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿيڻ کان پوءِ ملي."

"جيڪڏهن تون اچڻ واري وقت تان پردو کڻي سگهين تہ ٻڌائي منهنجي پٽ جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ هن جو انجام ڇا ٿيندو؟" علي ابن احمد چيو.

"انسان جي فطرت هن کي پنهنجي انجام تي رسائيندي آهي،" ابن عطاش چيو "انجام سٺو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ برو بہ! ان جو دارومدار انسان جي اعمالن تي آهي. مون تنهنجي پٽ جي اکين ۾ جيڪو عڪس ڏٺو آهي، هو ايترو تہ طاقتور آهي، جو ڪنهن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسندو تہ هو هن جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو! جنهن بہ عورت کي پنهنجي نگاهہ وجهندو اها سندس ملڪيت ۾ اچي ويندي! پر ياد رک اها طاقت نبين واري نہ هوندي، اها ابليسي طاقت هوندي!"

"ڇا اها طاقت منهنجي پٽ جي حق ۾ بهتر هوندي؟" علي بن احمد پڇيو.

"ڇا تنهنجي فطرت تنهنجي حق ۾ سٺي نہ آهي؟" ابن عطاش چيو "تنهنجي رسائي حاڪم وقت تائين آهي. تنهنجي سڃاڻپ وارن ۾ ڪهڙو اهو شخص آهي جيڪو توکي پسند ڪندو هوندو پر ڇا هو تنهنجي اڳيان عزت سان جهڪي نٿو؟ ڪير آهي جيڪو نانگ سان پيار ڪندو هوندو پر هر ڪو نانگ کان ڊڄي ٿو."

"ڇا تون سندس رستو ڦيرائي سگهين ٿو؟" علي بن احمد پڇيو "ڇا تون هن جي دل ۾ خوف خدا پيدا نٿو ڪري سگهين؟"

"دنيا جو بادشاهہ خدا آهي" ابن عطاش چيو "سيني کي خبر آهي تہ هيءُ دنيا خدا ئِي ٺاهي آهي ۽ هڪ ڏينهن هو ئي هن دنيا کي تباهہ و برباد ڪندو. جنهن کي قيامت چون ٿا. پر خدا جي ٻانهن جي دلين تي ابليس جي حڪمراني آهي. هن کي چوندا آهن ابليسي طاقت!"

"پر منهنجي خواهش آهي تہ منهنجو

پڻ پنهنجو نالو پيدا ڪري" علي بن احمد چيو.

"نالو پيدا ضرور ڪندو" ابن عطاش چيو. "نالو بہ اهڙو جو ايندڙ صدين تائين دنيا ڪيس ياد ڪندي. پر هن جي تاريخ رت سان لکي ويندي، جنهن جا حاشيا گناهن جي مَس سان لکيل هوندا."

"نيڪيءَ ۾ چا رکيو آهي" ابن عطاش. مان هي ڇوڪرو تنهنجي شاگرديءَ ۾ ڏئي ٿو وڃان. هن کي پاڻ جهڙو عالم ٺاهجيئن."

*.......*.......*

ابن عطاش، حسن بن صباح کي ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪئي پر هن سندس لاڙو ٻئي ڪنهن پاسي ڏٺو تہ هن فيصلو ڪيو ۽ حسن بن صباح کي علم نجوم ۽ سحر (جادو) جي سکيا بہ ڏيڻ شروع ڪئي.

جيئن تہ اڳ ۾ بيان آيل آهي تہ ابن عطاش باطنيہ فرقي سان تعلق رکندڙ هو ۽ زيرزمين سرگرمين ۾ بہ مصروف هوندو هو. هن حسن بن صباح کي بہ هن فرقي ۾ داخل ڪيو. جڏهن ري شهر جي حاڪم رازي، حسن بن صباح جي پيءُ کي چيو تہ هو اهل سنت جو آهي تہ پوءِ سندس پٽ ابن عطاش جي شاگردي ۾ ڇو آهي، چاڪاڻ تہ هو اسماعيلي آهي. حسن جي پيءُ پئسا نہ هئڻ جو سبب ڄاڻايو ۽ مسلم بن رازي ڪيس پئسا ڏئي، امام مؤافق جي مدرسي ڏانهن موڪليو. حسن بن صباح جڏهن ويهہ سالن کان پوءِ مدرسي جي پراڻي دوست نظام الملڪ وٽ آيو تہ هن ڪوڙ ڳالهايو هو تہ هن ويهہ سال بيروزگاري جي ڏکن ۾ گذاريا آهن. انهن ويهہ سالن ۾ هو هڪ خطرناڪ انسان بڻجي چڪو هو. هن پنهنجا هزارين پيروڪار تيار ڪري ورتا هئا، جيڪي صرف پيروڪار ئي نہ هئا، پر هن جي عقيدت ۾ انتهاپسندي جنوني بڻجي چڪا هئا. اهي پيروڪار شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نہ پر جهنگن ۾ بہ پکڙجي چڪا هئا. حسن بن صباح اها مقبوليت ۽ طاقت ڪيئن حاصل ڪئي هئي؟

*.......*......*

نيشاپور مان نظام الملڪ حسن خواجہ وٽان جڏهن حسن بن صباح ري شهر پهتو تہ سڌو پنهنجي استاد عبدالملڪ ابن عطاش وٽ آيو. استاد ڪيس ڪافي دير تائين ڳلي سان لڳايو ۽ خوشيءَ منجهان چيائين. "مون کي اميد هئي تہ تون ايترو خوبصورت جوان ٿي ٿيندين." پنهنجي سامهون ويهاري ابن عطاش حسن ڪيس چيو "تنهنجي جسم ۾ جواني جي طاقت اچي ويئي آهي، پر مون کي ڪيئن خبر پوي تہ تنهنجي دماغ ۾ چا آهي"

"محترم استاد." حسن چيو "دماغ ۾ تہ گهڻو ڪجهہ پري آيو آهيان. اهو سڀ علم آهي. ائين سمجهو تہ علم حد کان وڌيڪ پريل آهي، پر هڪ اُڃ آهي، جيڪا بيقراري بڻجي دماغ کي هڪ سوچ تي نٽي اچڻ ڏي"

"چا تون علم جي اڃ محسوس ڪرين ٿو؟"

"نہ عمل جي!" حسن چيو "مان ڪجهہ ڪرڻ چاهيان ٿو پر پيٽ ڀرڻ لاءِ

نـہ مان ڇا چاهيان ٿو؟ مان پاڻ کي ان سوال جو جواب نٿو ڏيئي سگهان. توهان جي شاگرديءَ ۾ هئس، تـہ توهان ٻڌايو هو تـہ مذهب ڇا آهي. فرض ڇا آهن؟ پوءِ توهان مون کي ستارن جو علم سيکاريو ۽ مون تي سحر (جادو) جا راز کوليا."

حسن ڳالهہ ڪندي اوچتو چپ ٿي ويو هيڏانهن، هوڏانهن ڏسڻ لڳو جيئن پنهنجي پريشاني بابت ڪجهہ سمجهائي نـہ سگهندو هجي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هن عطاش کي چيو "توهان منهنجا محترم استاد آهيو. توهان ٻڌايو تـہ مان ڇا چاهيان ٿو. منهنجي منزل ڪهڙي آهي ۽ ڪٿي آهي؟!"

"تنهنجي منزل، تنهنجي دماغ جي اندر آهي،" ابن عطاش چيو "دماغ ۾ تلاش ڪر!"

"اهو ڪم توهان ڪريو." حسن چيو "ها هڪ ڀـہ دفعو اهو خيال ضرور آيو تـہ جيئن مان فرعون بنجڻ چاهيان ٿو."

ابن عطاش وڏو ٽهڪ ڏنو. حسن ڪيس حيرت سان ڏٺو.

"تو پنهنجي منزل حاصل ڪري ورتي آهي،" ابن عطاش چيو. "هاڻي تنهنجي بيقراري ختم ڪرڻ منهنجو ڪم آهي. ڪجهہ وقت لڳندو حسن! محنت ۽ رياضت جي ضرورت آهي! تنهنجي اندر اهڙي طاقت موجود آهي، جيڪا هر ڪنهن ۾ نـہ آهي. اها ئي طاقت آهي جيڪا توکي هر وقت بيقرار رکي ٿي. تون هن جو غلام آهين پر توکي هن طاقت جي ڄاڻ ڪانهي، جيڪڏهن تون هن طاقت کي استعمال نـہ ڪندين تـہ هڪ ڏينهن تون پنهنجي هٿن سان پنهنجو گلو دٻائيندين، يا تون پنهنجن هٿن سان پنهنجي ماءُ پيءُ کي قتل ڪندين يا وري ڪنهن جلاد هٿان مارجي ويندين."

"ها استاد محترم،" حسن بن صباح چيو "توهان جي ان رهنمائي منهنجي دل ۾ هڪ شمع روشن ڪري ڇڏي آهي. مون کي پاڻ ائين لڳندو آهي تـہ يا مان قتل ڪندس يا وري قتل ٿي ويندس. ڇا توهان منهنجي رهنمائي ڪندا؟"

"فقط مان آهيان،" ابن عطاش چيو "مون کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونهي، جيڪو تنهنجي رهنمائي ڪري سگهي، پر حسن بن صباح! توکي پنهنجي پيءُ کان اجازت وٺڻي پوندي."

"مون کي ڪنهن کان اجازت وٺڻ

## عورت ۽ مرد

مرد اگر وڻ آهي تـہ عورت ڇانوَ آهي.
مرد اگر صورت آهي تـہ عورت سيرت آهي.
مرد اگر آسمان آهي تـہ عورت ستارا آهن.
مرد اگر مالا آهي تـہ عورت موتي آهي.
مرد اگر ڪتاب آهي تـہ عورت لفظ آهي.
مرد اگر محافظ آهي تـہ عورت تحفظ آهي.
مرد اگر سمندر آهي تـہ عورت پياس آهي.
مرد اگر پيار آهي تـہ عورت محبت آهي.
مرد اگر گل آهي تـہ عورت خوشبو آهي.
مرد اگر سورج آهي تـہ عورت روشني آهي.
مرد اگر دل آهي تـہ عورت ڌڙڪن آهي.
مرد اگر مجنون آهي تـہ عورت ليليٰ آهي.

موڪليندڙ:
امداد علي عاقلاڻي (ٽنڊو الهيار)

جي ضرورت ڪا نہ آهي. منهنجا بزرگ استاد!“ حسن هڪ نڪاتي ڪندي چيو .”مان ڄاڻان ٿو تہ مان اهو درياهہ آهيان جنهن ۾ سيلاب آيل آهي، جنهن جي سامهون ڪجھ بيهي نٿو سگهي. توهان کي منهنجي پيءُ جي باري ۾ بہ خبر آهي تہ هو ڪيترو پرهيزگار ۽ ايماندار آهي. ان جي شهرت ئي سندس عياري ۽ مڪاري آهي. منهنجي فطرت بہ انهيءَ سانچي جي گهڙيل آهي. مون کي جيڪڏهن ڀروسو ۽ يقين آهي تہ اها توهان جي ذات آهي.“

مورخ لکن ٿا تہ عبدالملڪ ابن عطاش کي حسن بن صباح جي مستقبل سان ڪا خاص دلچسپي ڪا نہ هئي. هن کي جيڪڏهن دلچسپي هئي تہ فقط پنهنجي فرقي سان هئي. فرقي جي تبليغ ۽ ترقي سان هئي.

اهو دور گذري چڪو جڏهن اسلام مسلمانن جي اخلاق حسن سان ترقي ڪئي پئي، هاڻي پنجين صدي گذري رهي هئي. فرقي بندي اسلام جي بنيادن کي لوڏائي ڇڏيو هو. اسلام جيڪڏهن ڪا ڪاڌي جي شيءِ هئي تہ ان ۾ زهر جي ملاوٽ ٿي چڪي هئي. اسلام جيڪڏهن لباس هو تہ ان جو گريبان ۽ دامن ڀئي ليڙون ليڙون ٿي چڪا هئا. هن لباس جون فقط ٻانهون وڃي بچيون هيون ۽ انهن ٻانهن ۾ نانگ پلجي رهيا هئا.

عبدالملڪ ابن عطاش بہ انهن نانگن مان هڪ نانگ هو.

حسن بن صباح جي پيءُ جي داستان تہ اڃي چڪي آهي تہ هو شهر جي حاڪم ابو مسلم رازي جي دوستي قائم رکڻ جي ڪري ڪوڙا قسم بہ کائيندو هو تہ هو اهل سنت مان آهي. پر هو اسماعيلي هو بلڪ اسماعيلي فرقہ لاءِ بہ ڪارو داغ هو. جيڪڏهن هن جو ڪو مذهب هو تہ فقط فريب ڏوکو هو جيڪڏهن هن جو ڪو عقيدو هو تہ اهو عياري، مڪر ۽ فريب هو.

تاريخ وري هڪ دلچسپ ڳالهہ پڻ ٻڌائي ٿي. حسن بن صباح پٽ تہ هو علي ابن احمد جو ان حساب سان سندس نالو بہ حسن بہ علي هجڻ کپي ها، پر حسن، حسن بن صباح سڏائڻ پسند ڪيو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ حسن جو پڙ ڏاڏو هو صباح، تاريخ ۾ سندس ڪو رتبو يا ڪردار تہ ڪو بہ ڪو نہ هو پر سندس عياري ۽ مڪاري مشهور هئي، جنهن جي ڪري سندس رسائي بادشاهن جي درٻارن ۾ هئي. حسن کي پڙڏاڏي جي انهيءَ شهرت ايترو تہ متاثر ڪيو جو هن پنهنجو نالو حسن بن علي جي رکڻ جي، حسن بن صباح رکيو. اهو حسن جي فطرت جو هڪ ڏيک هو.

هاڻي هن هڪ دفعو وري ابن عطاش جي شاگردي شروع ڪئي، پر اها شاگردي خفيہ ۽ لڪل هئي. ڇاڪاڻ تہ ابن عطاش هاڻي هن کي هڪ پراسرار رستي تي هلائي رهيو هو. ابن عطاش ڪيس چوندو هو تہ هاڻي هن جي تربيت شهرن يا ڳوٺن ۾ نہ ٿيندي، پر جهنگلن، بيابانن ۽ غارن ۾ ٿيندي.

جيڪڏهن حسن بن صباح جا ماءُ پيءُ سندس تربيت ڏسن ها تہ فورن ابن

عطاش جي شاگرديءَ مان ڪيڍي وٺن ها.
ابن عطاش حسن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ ٽنگ تي بيهاري ڇڏيندو هو جڏهن حسن ڪِرڻ لڳندو هو تہ کيس ڪوڙا هڻندو هو.هو حسن کي ٻہ ٻہ ۽ٽي ٽي ڏينهن بکيو رکندو هو ۽ کيس فقط جَوَ جا ڪي داڻا ڏيندو هو.

پاڻ تي قابو پائڻ لاءِ ابن عطاش کيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪندو هو ۽ سندس اڳيان هڪ نوجوان ۽ خوب صورت ڇوڪريءَ کي بغير لباس جي ويهاريندو هو. ڪمري جي پٽ تي هڪ ننڍو ڪارو گول پائي کيس ان کي نظر رکڻ لاءِ چوندو هو ۽ تاڪيد ڪندو هو تہ ڇوڪريءَ کي هڪ نظر بہ نہ ڏسي.

سحر جي علم جا عامل لکن ٿا تہ تربيت جي انهي مرحلي مان گذرڻ تقريبن ناممڪن هو خاص ڪري نوجواني جي هن عمر ۾! حسن بن صباح جهڙي ڪردار جي لاءِ تہ هن مرحلي کي بلڪل برداشت ڪرڻ جو سوال ئي مشڪل هو. پيو تہ ڇڏيو سندس استاد هن مشق کي اڃا بہ مشڪل بنائي ڇڏيندو هو. حسن کي تاڪيد هئي تہ پٽ تي ڪاري گول کي ڏسڻو آهي ۽ ڇوڪري ڪڏهن سندس ويجهو اچي ويندي هئي تہ وري ڪڏهن سندس هٿ جهليندي هئي. بند ڪمرو ۽ ڪمري ۾ هڪ حسن هو ۽ ٻيو هي حسين ڇوڪري!

پاڻ تي قابو پائڻ جي هيءَ مشق حسن بن صباح ڪان ڪيترائي دفعا ڪرائي وئي ۽ حسين سوئيءَ جي هن ناڪي مان بہ گذري ويو. حسن کي خبر ڪا نہ هئي تہ ڪمري ۾ هڪ ننڍو سوراخ هو جتان سندس استاد ابن عطاش کيس ڏسندو رهندو هو.

"تون سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جي طاقت ۽ صلاحيت رکين ٿو" هڪ ڏينهن عبدالملڪ ابن عطاش کيس شاباس ڏيندي چيو"عورت ۾ ايتري طاقت آهي جو هو هڪ جابر بادشاهہ کي تخت تان لاهي پنهنجي قدمن ۾ ويهاري سگهي ٿي. مون کي خبر نہ آهي تہ امام موافق توکي اهڙي ڪا ڪهاڻي ٻڌائي آهي يا نہ. جوليس سيزر روم ملڪ جو زبردست طاقتور بادشاهہ هو. ان زماني ۾ روم هڪ وڏي جنگي طاقت هئي، جنهن جي خوف کان دنيا ڌڄندي هئي. جوليس سيزر جڏهن مصر تي حملو ڪيو تڏهن قلوپطره مصر جي حڪمران هئي. هن کي خبر ملي تہ روم جي فوج شهر جي ٻاهران پهچي ويئي آهي. قلوپطره سيزر ڏانهن پنهنجو ايلچي موڪليو تہ هو هن سان ملڻ چاهي ٿي. جوليس سيزر ٻڌو هو تہ قلوپطره جي هٿ ۾ ڪو جادو آهي جيڪو هر حملي آور بادشاهہ کي سندس غلام ٿاهي ڇڏيندو آهي. ٻڌائڻ وارن اهو بہ ٻڌايو هو تہ قلوپطره وٽ ڪو جادو هو يا نہ. پر سندس شباب ۽ حسن جو جادو اهڙو هو جيڪو حملي آور بادشاهہ کي سندس آڏو جهڪائي ڇڏي ٿو. سيزر انهن روايتن سبب قلوپطره سان ملڻ لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو هو. هن پڪو پهہ ڪيو هو تہ هو قلو پطره کي ان وقت ڏسندو جڏهن رومي فوج شهر تي قبضو ڪري وٺندي.جوليس سيزرحڪم ڏنو تہ شهر جو ڪٽڙو چاڙهيو

پهتو ته ان مان بگهڙ نڪري آيا. هن مٿان حملو ڪيائون. حسن پاڻ سان تلوار به ساڻ کنئي هئي. بگهڙ حسن جي چوڌاري ڦري هن تي حملو ڪندا رهيا. اوچتو حسن جو پير ان قبر اندر هليو ويو ۽ پٺي پر اندر وڃي ڪريو. قبر ۾ ڏنائين ته هڪ پاسي بلي مٿل حالت ۾ هئي، سمجهي ويو ته بگهڙ ايترا ڪاوڙيل ڇو هئا. جڏهن هو بلي کي کائي رهيا هئا ته تنهن وقت حسن اتي پهتو هو. بگهڙن سمجهيو ته هو سندن شڪار ڪرڻ آيو آهي. حسن يڪدم مٿل بلي قبر جي ٻاهران اڇلائي. بگهڙ جيڪي سندس تمام ويجهو اچي چڪا هئا، پنهنجو شڪار کڻي هليا ويا. بگهڙ ته هليا ويا پر حسن بن صباح تي ايترو ته خوف طاري ٿي ويو جو هو ڏڪڻ لڳو. هن سوچيو ته سڀ ڇڏي ڀڄي وڃي، مگر استاد ناراض نه ٿي وڃي. حسن ڀڄڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو.

حسن ٻڌو هو ته جيڪي الله جا نيڪ ٻانها هوندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو هنن جي قبرن جي توهين ڪري ته ان شخص کي عذاب نازل ٿيندو آهي. هن خيال حسن جي ڊپ ۾ اڃا اضافو ڪري ڇڏيو پر ڇاڪاڻ ته استاد ابن عطاش جي تاڪيد هئي ته هڏيون هر حالت ۾ آڻيون ۽ ڊپ تي قابو پاتٽو آهي. نيٺ هن قبر جي مٽي واري پاسي هڪ سر هٽائي ته ڪيس مردي جون هڏيون نظر آيون. هن ان وقت هڏيون کنيون، تنهن مهل اوچتو روشني غائب ٿي وئي ۽ قبر جي مٿان هڪ پاڇو گذريو. حسن ڊپ مان مٿي نهاريو. مٿان ڪڪر هئا. جن جو پاڇو حسن کي نظر آيو هو. جنهن وقت ڪڪرن جو پاڇو قبرستان گذريو تنهن وقت کنوڻ چمڪي ۽ بادلن جي گجگوڙجي زبردست آواز ٿيو ته حسن جهڙو دلير شخص به پنهنجي جاءِ تي ڊپ وچان شل ٿي بيهي رهيو. ڪيس رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ آيو پئي.

هن علائقي ۾ اوچتو مينهن پوڻ ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ ڪا نئين ڳالهه ڪا نه هئي،پر حسن جي دل ۾ هي خوف ويهي رهيو هو ته هي ڪنهن پهتل بزرگ جي قبر آهي، جنهن جي بيحرمتي تي آسمان پنهنجون بجليون ڪيرائڻ تي لهي آيو هو. هن جي دل ۾ آيو ته هڏيون واپس رکي هليو وڃي،پر سندس استاد جي هي ڳالهه به ڪيس ياد اچي وئي ته جيڪڏهن تون ڊڄي وئين ۽ ناڪام آئين ته پوءِ هي علم سکڻ لاءِ وري نه جاڻ ڪيترا سال لڳي وڃن. حسن بن صباح وڏين مشڪلن سان پنهنجا حوصلا بلند ڪيا. هڏين کي ساڻ ڪري قبر مان ٻاهر نڪتو ۽ ڊوڙ پاتائين، مينهن لڳاتار وسي رهيو هو. اوچتو ڪيس هڪ ماڻهو سامهون بيٺل نظر آيو. هن کي ماڻهوءَ جي شڪل نظر نٿي آئي. هڪ ڊنڊيل پاڇو هو جيڪو سڌو بيٺل هو. هن جو قدم عام انسانن کان وڏو هو. هن ماڻهوءَ پنهنجون ٻئي ٻانهون پنهنجي ڪلهن جي سيڌ ۾ ڊگهيون ڪيون.جڻ هُو حسن کي روڪي رهيو هجي. سامهون بيٺل ماڻهوءَ جو مٿو گول نه هو پر ڊگهو هو. هو بلڪل خاموش بيٺل هو.

حسن بيهي رهيو. خوف ڪنهن مضبوط هٿ وانگي سندس دل کي

اهو علم توکي سيکاريندو ته اها طاقت ڪيئن حاصل ڪبي ۽ ڪيئن استعمال ڪبي. پر هينئر نه. هي طاقت توکي حاصل ٿيندي. تون پنهنجيون هڏيون پيجرائي هي طاقت حاصل ڪندين. دوزخ جي باهه مان گذري تون جنت ۾ داخل ٿيندين.“ ابن عطاش کيس هڏين بابت سبق ڏنو ۽ پوءِ گهر موڪلي ڇڏيو.

*....*....*

اڳيئن ڏينهن حسن بن صباح شهرجي ٻاهران وهندڙ واهه جي ڪناري سان هلي رهيو هو. هن جي دماغ ۾ پنهنجي استاد جا سبق گونججي رهيا هئا. گذريل رات جي طوفاني مينهن ڪري واهه ۾ چاڙهه هئي ۽ هر طرف گپ هئي. حسن شهر کان پري اڪيلائي ۾ استاد جو ڏنل سبق ياد ڪرڻ لاءِ ڪا جاءِ پئي ڳولهي. ڪجهه پري کيس هڪ وڏو پٿر نظر آيس. پٿر تي ويهي هو اڀرندي سج ڏانهن رخ ڪري ويهي رهيو. پنهنجون اکيون بند ڪري، وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ هن اکيون کوليون. هن جي سامهون سج هيٺ ڪپي ها، پر اهو هڪ رنگين ڪپڙو هو جيڪو سج ۽ سندس سامهون اچي ويو هو. هن پنهنجون نظرون مٿي ڪيون. کيس هڪ حسين چهرو نظر آيو. اهو هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جو چهرو هو.

هن جي چهري تي هڪ دلفريب مسڪان هئي. نوجوان ڇوڪري حسن کان فقط هڪ قدم تي بيٺي هئي.

حسن کي لڳو ته هن هيءُ چهرو اڳ به ڪٿي ڏٺو آهي، وري کيس اهو خيال به آيو ته مٿان جادو جو اثر ته نه آهي.

”سچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين؟“ ڇوڪريءَ جي آواز ۾ جهڙوڪ ساز وڄي رهيا هئا.

حسن هاڪار ۾ ڇيو، ”ڪوشش ڪري رهيو آهيان.“

”ڪيترو وقت تنهنجي سامهون بنا لباس جي ويٺي هئس“ ڇوڪريءَ کلندي چيو.

”اوهه.“ حسن کي ياد اچي ويو ”تون آهين. هڪ ڳالهه ته ٻڌائي. ڇا حقيقت ۾ انساني وجود آهين. يا منهنجي استاد جو تخليق ڪيل تصور.“

”تون پاڻ ڏس.“ ڇوڪريءَ پنهنجا ٻئي هٿ حسن ڏانهن وڌايا. ”منهنجا هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڏس ۽ محسوس ڪر ته مان تصور آهيان يا زنده حقيقت.“

حسن هن جي هٿن جو گداز پنهنجي هٿن ۾ محسوس ڪيو.

”تون ڪير آهين؟“ حسن ڪاوڙجي پيو ”جيڪڏهن تون حقيقت آهين ته ڪنهن جي ڌي آهين؟ ڇا تون خراب ڇوڪري آهين جو بنان لباس هڪ نوجوان جي سامهون بند ڪمري ۾ ويٺي هئينءَ.“

”منهنجي عزت محفوظ آهي“، ڇوڪريءَ چيو ”جيڪڏهن مان اهڙي هجان ها ته ابن عطاش ڪڏهن به مون کي منتخب نه ڪري ها. مان ڪنواري آهيان حسن! مون ڏانهن ڪيترائي هٿ وڌيا پر مان ڪنهن جي هٿ به نه آيس.“

”تون ڪنهن جي ڌي آهين؟“ حسن پڇيو.

"منهنجو پيءُ هڪ ڏنار آهي. هو ڏس منهنجون ٻڪريون! ان ٻهتل بزرگ حڪم ڪيو هو. هُو اسان جو پيرومرشد آهي،" ڇوڪري وراڻيو "مان سندس حڪم ٽاري نٿي سگهان. هن مون کي چيو هو تہ "جيڪڏهن هي ماڻهو تو ڏانهن هٿ وڌائي تہ تون مون کي آواز ڏجان." هن مون کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ هو هڪ سوراخ مان ڏسندو رهندو."

"ڇا هاڻي بہ تون منهنجو امتحان وٺڻ آئي آهين؟" حسن پڇيو.

"نہ." ڇوڪري جواب ڏنو" هاڻي مان پنهنجي دل جي ڳالهہ ڇوڻ آئي آهيان. تنهن جي لاءِ آئي آهيان ۽ مان توکي اهو بہ ٻڌائي ڇڏيان تہ مان تو وٽ جسمن جي ڏي وٺ ڪرڻ نہ آئي آهيان. جيڪڏهن تون مون کي قبول ڪرين تہ پوءِ پاڻ هڪٻئي جو ساٿ نڀائينداسين. تون تہ ڪجھہ ڪچين ئي ڪو نہ ٿو. ڪجھہ تہ ڳالهاءِ؟"

ڇوڪريءَ جو حسن اهڙو هو جو حسن ڇئي نٿي سگهيو تہ هو ڪيس دل ۾ جاءِ ڪو نہ ڏيندو پر سندس دل تي ابن عطاش جو قبضو هو. هُو محسوس ڪري رهيو هو تہ سندس دل، هن جي اختيار ۾ ڪو نہ هو پر ڪيس اهو بہ ڊپ هو تہ شايد هي بہ ڪو امتحان نہ هجي. حسن هن امتحان ۾ بہ پورو لهڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

هو پٽر تي ويٺل هو. ڇوڪري سندس قدمن ۾ ويٺي هئي ۽ پنهنجي ڪاڏي حسن جي سٿر تي رکي ڇڏيائين. ڇوڪريءَ جي مٿي تي ڪاري چادر هئي جنهن ۾ سندس ڪير جهڙو ڇهرو ۽ ڇهري تي لهرائيندڙ ريشم جهڙا وار هئا.

"تنهن جو نالو؟" حسن پڇيو.

"فرح،" ڇوڪري وراڻيو"نالو تہ فرحت آهي. پر گهر وارا فرح چوندا آهن، سهيليون فرحي چونديون آهن. جيڪڏهن تون بہ فرحي چوندين تہ مون کي سٺو لڳندو."

"هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ،" حسن پڇيو. "توکي مون ۾ ڇا نظر آيو جو هيڏن دولتمندن ۽ جاگيردارن کي ڇڏي تون مون وٽ آئي آهين؟"

"اهو منهنجي دل جو معاملو آهي،" ڇوڪري چيو"جاگيردارن تہ منهنجي پيءُ کي دولت پيش ڪئي هئي. منهن جو پيءُ ڏنار ضرور آهي پر غيرت مند ۽ عزت وارو آهي. هڪ ٻي بہ ڳالهہ آهي، منهنجي پيءُ امام سان ڳالهايو هو."

"امام ڪير؟"

"هو جيڪو تنهنجو استاد آهي،"ڇوڪري وراڻيو "عبدالملڪ ابن عطاش. هن کي چيو هو تہ هِن ڇوڪريءَ کي نہ وڃائجين. متان دولت جي ڇهڪ ۾ ڪنهن اميرکي نہ ڏيئي ڇڏجان. هن ڇوڪريءَ جو رستو ڪو ٻيو آهي. مان امام جي گهر ويندي رهندي آهيان. انهن چيو آهي تہ مان پنهنجي عزت کي بچائي رکان ۽ پنهنجو جسم فقط پنهنجي مڙس کي ڏيان. مان توکي پنهنجو مڙس ڪرڻ چاهيان ٿي."

"مون توکان پڇيو تہ تون مون ۾ ڪهڙي خوبي ڏٺي آهي؟"

"مون چيو آهي نہ تہ اهو منهنجي دل

جو معاملو آهي. تنهنجي اندر مردانگي آهي، جيڪا مون کي وڻي ٿي. مان ايتري دير تنهن جي سامهون بنان لباس ويٺي رهيس ۽ تو مون ڏي نهاريو بہ نہ. ان جو مطلب تہ تون هڪ مضبوط مرد آهين، جيڪو دلين جي محبت جو مطلب سمجهين ٿو."

فرحي معصوم هئي، هڪ ڏنار جي ڌي هئي، ڪا عالم يا فسلفي ڪا نہ هئي جو دليل ڏئي ٻڌائي ها تہ حسن کيس ڇو وڻي ٿو. هن اهڙي انداز ۾ حسن کي پنهنجي محبت جو يقين ڏياريو جو حسن هن جي محبت کي قبول ڪري ورتو.

"فرحي،" حسن چيو "تون منهنجي دل تي غالب اچي ويئي آهين، پر مان توکي جواب پنهنجي استاد کان پڇي پوءِ ڏيندس."

"سياڻي هتي ايندينءَ؟" فرحي پڇيو.

"ايندس." حسن وراڻيو.

*......*......*

رات جو آخري پهر هو. حسن بن صباح پنهنجي استاد کي ٻڌائي رهيو هو تہ فرحي ملي هئي ۽ هيئن چئي رهي هئي.

"اهڙي ئي ڇوڪري تنهنجي زندگي ۾ اچڻي هئي،" ابن عطاش چيو "پر اجا تنهنجي شادي ڪا نہ ٿيندي. هن ڇئي ڇڏيو آهي تہ هو توکي چاهي ٿي ۽ هو توکي ئي چاهيندي رهندي. ڪير هن جي اڳيان دولت جا ڍير ڇو نہ هڻي پر هو قبول نہ ڪندي. هوءَ هميشہ تنهنجي رهندي."

"پر استاد محترم! ڪو جاگيردار کيس اغوا نہ ڪري وڃي."

"نہ،" ابن عطاش چيو "هن کي ڪو بہ هٿ نٿو لڳائي سگهي. مون هن جي چوڌاري ليڪو پائي ڇڏيو آهي. ڪوبہ شخص ڪيترو جابر ۽ وڏو حاڪم ڇو نہ هجي، ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندو."

"مون سمجهيو تہ هن کي توهان منهنجو امتحان وٺڻ موڪليو هو" حسن چيو.

"نہ حسن،" ابن عطاش چيو "اهو امتحان نہ هو پر اها ڳالهہ دماغ ۾ رکي ڇڏ. خوبصورت عورت مرد جي لاءِ وڏو امتحان هوندي آهي. مان توکي اهو سبق ڏيئي چڪو آهيان. فرحي جهڙي ڇوڪري توکي پنهنجي نشي جي ڄار ۾ ڦاسائي، تنهنجي ڪل بہ لاهي سگهي ٿي. اڳتي هلي مان توکي ٻڌائيندس تہ ٻين کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار ۾ عورت کي ڪهڙي طور ڪيئن استعمال ڪبو آهي."

"تہ ڇا مان فرحي سان ملي سگهان ٿو؟"

"ها،" ابن عطاش چيو "تون هن سان ملي سگهين ٿو. پيار جون ڳالهيون ڪري سگهين ٿو ۽ اهو تنهنجو امتحان هوندو تہ پاڻ کي گناهہ کان بچائڻ جي قابل ٿي سگهين."

"ڇا توهان مون کي پارسا بنائيندا؟"

"نہ،" ابن عطاش چيو " هيئنئر اهڙا سوال نہ پڇ. مان توکي اندران ۽ ٻاهران مضبوط ڪيان پيو. هاڻي پنهنجي گهر وڃ. مان وري توکي چوان ٿو تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي تہ مان توکي ڪهڙي تعليم ۽

سکيا ڏئي رهيو آهيان. مان اڄ توکي ڪو به سبق ڪو نه ڏيندس. مون وٽ اڄ ڪجهه ماڻهو ملڻ لاءِ اچڻ وارا آهن."

جڏهن حسن بن صباح استاد جي گهران نڪري رهيو هو ان مهل چار ماڻهو حويلي ۾ داخل ٿي رهيا هئا.

عبدالملڪ ابن عطاش انهن ماڻهن جي انتظار ۾ هو.

"ڇا هي اهو ڇوڪرو آهي، جنهن کي توهان تيار ڪري رهيا آهيو؟" هڪ ماڻهو پڇيو" اسان ڪيس هتان نڪرندي ڏٺو آهي."

"ها." ابن عطاش چيو"اهو ئي آهي"

"ڇا هي اسان جي مقصد لاءِ تيار ٿي ويندو؟" انهي ماڻهو وري پڇيو.

"مون کي پوري اميد آهي،" ابن عطاش چيو"مون توهان کي اڳ ۾ به ٻڌايو آهي ته هن نوجوان، جنهن جو نالو حسن بن صباح آهي،ان ۾ مون اهڙيون خوبيون ڏٺيون آهن. جيڪي ورلي ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ملنديون آهن. اهڙا ماڻهو يا ته خدا جا پهتل نيڪ ٻانها ٿيندا آهن يا وري مڪمل ابليس ٿيندا آهن. ٻنهي حالتن ۾ هي ماڻهن ۾ مقبول ٿيندا آهن. مقبوليت به اهڙي جو هنن جا مريد سندن اشارن تي نه فقط نچندا آهن پر پنهنجي جان تائين ڏيڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن."

"هي ڇوڪرو ڪهڙي رخ ڏانهن ويندو؟"

"اڃا ڪجهه چئي نٿو سگهجي،" ابن عطاش چيو"مون کي شڪ آهي ته هن ۾ ابليسي صفتون وڌيڪ آهن. جيڪڏهن هي ان رستي تي هلي پيو ته اسان جي لاءِ ڪار آمد ٿيندو."

"ڇا اسان کي تبليغ جو ڪم تيز نه ڪرڻ گهرجي."

"تبليغ ته ٿي رهي آهي،" ابن عطاش چيو"پر اهو ڪم اسان آزادي سان نٿا ڪري سگهون، ڇو ته حڪومت اهل سنت جي آهي ۽ آبادي به سنين جي گهڻي آهي. مان پهريائين به چئي چڪو آهيان ته اسان کي تبليغ ڳوٺن ۾ ڪرڻ گهرجي، اتي پڪڙجڻ جو خطرو گهٽ آهي"

"اسان ڳوٺن ۾ پنهنجي عقيدي جا ماڻهو تبليغ لاءِ موڪلي ڇڏيا آهن." هڪ ماڻهو چيو.

"مقصد تبليغ ڪافي نه آهي." ابن عطاش چيو"حڪومت پنهنجي هٿن ۾ اچڻ گهرجي. حڪومت هٿ اچي ته اسان سني مسلڪ ختم ڪري، ماڻهن کي ٻڌائي سگهون ٿا ته اصل اسلام اسان وٽ آهي. پر حڪومت آساني سان هٿ ڪا نه ايندي. اسان کي مصر جي عبيدين کان مدد وٺڻي پوندي."

"مون کي شڪ آهي،" هڪ ٻئي ماڻهو چيو "مصر جا حڪمران ته عبيدي آهن، پر ٻڌوآهي ته هو باطني فرقي مان آهن."

"نه." ابن عطاش چيو" هو پڪا اسماعيلي آهن ۽ هو اسان جي مدد لاءِ ضرور ايندا.مان انهن کي سلجوقي حڪومت تي حملي لاءِ چوندس،پر ان لاءِ ضروري آهي ته هتي اسان جا ماڻهو تيار هجن ۽ اها تياري پوشيده هجڻ ضروري آهي. مصري حملي آور جڏهن اچن ته اسان جا هٿياربند انهن سان وڃي ملن. هن

تياري لاءِ تمام گهڻو وقت کپي."

*......*......*

ابو مسلم رازي ري شهر جو حاڪم هو. ري شهر ايران جو وڏو شهر هو جيڪو هڪ وڏو تجارتي مرڪز پڻ هو. هي شهر ايترو پکڙجي چڪو هو جو هن جي پکيڙ تقريبن صوبي جي برابر هئي. هيڏي وڏي شهر لاءِ حاڪم به قابل ۽ دانشمند هجڻ ضروري هو. هي سڀ خوبيون مسلم بن رازي ۾ موجود هيون. تاريخ ۾ ڪجهه جاين تي هن کي ري جو سلطان لکيو ويو آهي. اهو صحيح نه آهي. پر اهو صحيح آهي ته هن کي تقريبن سلطان جيترا اختيار حاصل هئا. يعني اهم فيصلا سلطان جي اجازت بغير ڪندو هو. مسلم رازي ڪٽر اهل سنت و جماعت هو.

ان وقت مسلم بن رازي وٽ به سپهه سالار وينا هئا. اتي به ماڻهو بيا به ويٺل هئا. جيڪي فوجي نه ٿي لڳا. هي ٻئي جاسوسي ۽ مخبري جي اداري جا حاڪم هئا.

"پنهنجي مخبرن کي اجا هوشيار ڪري ڇڏيو". ابو مسلم بن رازي چيو" مان توهان کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته هي شهر سعيد بن ابي وقاص فتح ڪيو هو ۽ باه جي پوڄا ڪندڙ ايرانين کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو. سلطنت ڪسري جي تابوت ۾ آخري ڪِلي هتي ئي ٺوڪي وئي هئي. هنن پهرين مجاهدن هتي اسلام جو نُور ڦهلايو هو. هنن جي قبرن جا ڪي نشان ڪونه آهن. پر اسان کي ياد رکڻ کپي ته هت هنن جون هڏيون دفن آهن، جن خدا جي راهه ۾ پنهنجون جانيون ڏنيون. هنن جا روح هتي آهن ۽ اسان کي ڏسي رهيا آهن ۽ يقينن هو بيچين هوندا ته امت رسول صلي الله عليه وسلم کي ڇا ٿي ويو آهي، هو فرقن ۾ ڇو ورهائجي ويا آهن.منهنجا ساٿيو! مان ڪا نئين ڳالهه ڪونه ڪري رهيو آهيان. هي ڳالهه معمولي دماغ وارو ماڻهو به سمجهي سگهي ٿو ته جنهن وقت ملت ۾ اتحاد هو مجاهد تعداد ۾ گهٽ هوندي به وڏين جنگي طاقتن قيصر روم ۽ ڪسريٰ فارس کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو پر اڄ اها ساڳي ملت فرقن ۾ ورهائجي چڪي آهي ۽ خانه جنگي جي حالت ۾ آهي. هن جو فائدو اسلام ۽ سلطنت اسلام جي دشمنن کي ٿيندو."

"اسان کي مصر جي طرفان خبردار رهڻو پوندو." جاسوسي جي اداري جي حاڪم چيو" مصر جا حڪمران چوَرائيندڙ ته اسماعيلي آهن پر حقيقت ۾ هو باطنيه فرقي سان تعلق رکن ٿا ۽ اسماعيلين کي بدنام ڪن پيا. خطرو اهو آهي ته هو ڌوڪي سان اسماعيلين کي پاڻ سان ملائي اسان تي حملو ڪري سگهن ٿا."

"ها." ابو مسلم رازي چيو"توهان جي جاسوسن جون تمام اطلاعون منهنجي سامهون آهن. مصر ۾ اسان جا جاسوس هئڻ تمام ضروري آهن. هن شهر ۾ به هر گهر ۽ هر فرد تي نظر رکو. اسلام جي وحدت کي پيش نظر رکو. قرآن جي هن فرمان کي پنهنجي حڪومت جو بنياد اصول ٺاهي ڇڏيو. ته امت رسول هڪ جماعت آهي. حضور صلي الله علي واله

وسلم آخري نبي هئا. ان کان پوءِ نبوت جو سلسلو ختم ٿي ويو. هي فرقا پوءِ ٺهيا ۽ ٺهندا اچن. هي فرقا نبين نه پر عام انسانن ٺاهيا آهن. جيڪو اسلام جي ابتڙ آهي. هت جيڪڏهن خبر پوي ته ڪو شخص فرقي بندي کي هوا ڏئي رهيو آهي ته مون کي ٻڌايو. مان کيس سڄي عمر قيد خاني ۾ وجهي ڇڏيندس."

❊.....❊.....❊

وقت گذرندو ويو. ابن عطاش، حسن بن صباح جي تربيت جاري رکي.

حسن به خوب صورت جوان نڪتو. عياري ۽ فريب ڪاري ۾ ماهر نڪتو.

فرحي سان سندس ملاقاتون جاري رهيون. فرحي به هڪ دلير ڇوڪري ثابت ٿي. ان جو هڪ سبب هو ته هو ابن عطاش جي مريد هئي ۽ کيس ابن عطاش جي پٽ هئي. هوءَ ابن عطاش جي هر ڳالهه کي آسماني حڪم سمجهندي هئي. ٻيو ته ابن عطاش کيس چئي ڇڪو هو ته حسن بن صباح سندس زندگيءَ جو ساٿي آهي.

حسن بن صباح جو خوف به هاڻي ختم ٿي چڪو هو. هو ڪيترا ڀيرا ابن عطاش جي حڪم تي قبرستان وڃي هڏيون کڻي آيو هو يا وري قبرستان ۾ ويهي ڪو عمل ڪندو هو. هڪ رات قبرستان ۾ ٻن قبرن جي وچ ۾ ويهي ڪو عمل ڪري رهيو هو. ان رات چنڊ به پورو هو. هو پنهنجي عمل ۾ محو هو ته کيس "سي سي" جون آوازون ٻڌڻ ۾ آيون. حسن پنهنجي ذهن کي عمل دوران هڪ نڪتي تي يڪسو ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي. سو کيس جهڙوڪ اها آواز ٻڌڻ ۾ ئي ڪا نه آئي.

جڏهن هن پنهنجي عمل کان پوءِ اکيون کوليون ته ڇرڪي پيو. سندس بلڪل سامهون ٻن قدمن تي هڪ وڏو ڪارو نانگ پنهنجو ڦڻ ڦهلائي ڦوڪاري رهيو هو. استاد کيس ٻڌائي ڇڏيو هو ته قبرستان ۾ نانگ ٿيندا آهن. ڪڏهن نانگ سامهون اچي ته بلڪل حرڪت نه ڪجئين، ڇو ته نانگ بيجان شيءِ تي ڪڏهن به حملو نه ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته کيس ٻي جان مان ڪو خطرو محسوس نه ٿيندو آهي ۽ هو هليو ويندو آهي.

حسن بن صباح جڏهن نانگ کي ڏٺو ته بلڪل بي حس و حرڪت ٿي ويو. نانگ کيس ڏسندو رهيو ۽ ساڄي کاٻي جهومندو رهيو. حسن پنهنجي تلوار پاسي ۾ رکي هئي. سندس دل ۾ خوف پيدا ٿيو پر هن پنهنجا هوش خطا ٿيڻ نه ڏنا.

آخر نانگ واپس هليو ويو. حسن پنهنجو عمل پورو ڪيو ۽ گهر روانو ٿي ويو.

اڳئين صبح جو حسن ابن عطاش وٽ ويو ۽ کيس ٻڌايائين. ته هن عمل پورو ڪري ڇڏيو آهي پوءِ حسن کيس نانگ جي باري ۾ ٻڌايو.

"نانگ ڪڏهن به نانگ کي ڪو نه ڏنگيندو آهي،" ابن عطاش چيو "منهنجي ڳالهه سمجهه. مان توکي انهيءَ منزل تي آڻڻ پئي گهريو. تون پنهنجي منزل جي اڌ رستي تائين اچي چڪو آهين. هاڻي منزل تائين توکي ڪو ٻيو پهچائيندو. منهنجي استادي هتي ختم ٿئي ٿي."

"ڇا مون کي ڪو ٻيو استاد ڳولهڻو

پوندو“ حسن پڇيو ”يا وري توهان مون کي وري ڪنهن ٻئي وٽ موڪليندا؟“

”هن سوال جو جواب توکي خواب ۾ ملندو“ ابن عطاش جواب ڏنو“ گذريل رات جيڪو عمل مون توکي ڪرايو اهو عمل ڪو معمولي عمل ڪونه هو. نانگن جو تو وٽ اچڻ ۽ بغير ڏنگ هڻڻ جي واپس وڃڻ، هن عمل جي ڪاميابيءَ جو ثبوت آهي. جيڪڏهن تون پڇي اچين ها يا نانگ توکي ڏنگي ها، ان جو مطلب ته عمل صحيح ڪو نه ٿيو يا وري ڪنهن ٻئي ڪارڻ سان اهو عمل ناڪام ٿي ويو آهي. پنجن يا ستن ڏينهن ۾ تون هڪ خواب ۾ تون هڪ رستو ڏسندين. اهو رستو مشڪل به ٿي سگهي ٿو ۽ بلڪل آسان به.....منهنجي دعا آهي ته تون خواب ۾ مشڪل ۾ ڏکيو رستو ڏسين. سک، ڏکن مان گذري پوءِ ئي ملندو آهي. دولت آسانيءَ سان ملي ته انسان جو دماغ خراب ٿي ويندو آهي. رت ۾ پگهر وهائي پنهنجون هڏيون ٽوڙائي، پائي پائي گڏ ڪئي وڃي ته ان پيسي جو قدر ٿئي ٿو. جيڪڏهن گلاب جي گل سان ڪنڊا نه هجن ته گلاب جي قدر و قيمت ختم ٿي وڃي. گذريل رات جيڪو عمل تو ڪيو آهي، ان تنهنجي دماغ تي اهڙو اثر ڇڏيو آهي،جو تون هڪ خواب ڏسندين. تون ڪنهن راهه تي وڃي رهيو هوندين. ان رستي کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏجان. جيئن تنهنجي اک کلي هڪ ڪاغذ تي اهو رستو ۽ اشارا منتقل ڪري وٺجان.“

”محترم استاد!“ ڇا اهو خدائي اشارو هوندو؟“ حسن پڇيو.

عبدالملڪ ابن عطاش پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ڪافي دير تائين هن ڪجهه به نه ڪڇيو. ائين لڳو جيئن هو پنهنجي شاگرد جي هن سوال جو جواب ڏيڻ نه پيو چاهيو. آخر هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو پنهنجون نظرون، پنهنجي شاگرد جي چهري تي ڄمائي ڇڏيون.

”استاد محترم جيڪڏهن هي ڪو راز آهي ته بيشڪ اوهان نه ٻڌايو“ حسن چيو.

”ها حسن!“ ابن عطاش چيو ”ڳالهه ته راز جي ئي آهي، پر مان سوچي رهيو آهيان ته هي راز به توکي ڏيئي ڇڏيان. تون هاڻي ان قابل ٿي ويو آهين جو هر راز کي پنهنجي سيني ۾ محفوظ رکي سگهين ٿو.“

”مون اڄ تائين جيڪي به سبق ۽ عمل توکي سيکاريا آهن ۽ گذريل رات وارو عمل پڻ، اهي سڀ خدائي عمل نه هئا. هي ابليسي عمل هئا. هن سان توکي ڪا به پريشاني نه ٿيڻ کپي. ڇا تون پاڻ کي روحاني طور پرسڪون نه ٿو محسوس ڪرين.“

”ها استاد محترم، مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان پيو ته مان پنهنجي اندر اهڙو ته سڪون محسوس پيو ڪيان جهڙوڪ هوا ۾ اڏامي رهيو آهيان. مان اهو به محسوس ڪري رهيو آهيان ته مون ۾ اهڙي طاقت اچي ويئي آهي، جنهن وسيلي مان پهاڙن جو جگر به چيري سگهان ٿو.“

”مان توکي ٻڌايان ٿو“ ابن عطاش

چيو "تنهنجي اندر اهڙيون خوبيون موجود هيون، جنهن جي لاءِ اهڙا ئي شيطاني عمل ضروري هئا، جيڪي توکي سڪون ۽ طاقت ڏيئي سگهيا ٿئي. هي سڀ ابليسي عمل آهن. جن کي اسلام گناهه قرار ڏنو آهي. علم فرعونن جي زماني ۾ به هو پوءِ هن علم کي يهودين پنهنجو ڪيو ۽ هن علم ۾ شهرت حاصل ڪئي. تو هڪ پيرو چيو هو ته تون فرعون ٿيڻ چاهين ٿو. مون تنهنجي اندر ايتري طاقت پيدا ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تون ان غار تائين پهچندين جيڪو توکي خواب ۾ نظر ايندو تڏهن تنهنجو علم مڪمل ٿي ويندو. هاڻي اهو سوچڻ بند ڪري ڇڏ ته هي علم خدائي آهي يا ابليسي."

اهو مصر جو علم هو جنهن کي اڄ ڪارو علم چيو وڃي ٿو. ابن عطاش هن علم تي جيترو عبور رکندو هو سو هن حسن بن صباح جي دماغ ۾ وجهي ڇڏيو هو. هن ڪاري علم سان گڏوگڏ ابن عطاش حسن کي علم نجوم به پڙهائيندو رهندو هو.

چوٿين ڏينهن تي حسن بن صباح هڪ ڪاغذ کڻي ڊوڙندو پنهنجي استاد وٽ آيو. ڪاغذ هن جي اڱيان رکيائين ۽ چيائين، "مون خواب ۾ هي رستو ڏٺو آهي. هي رستو تمام خوفناڪ آهي ۽ اتي پهچڻ مشڪل نظر اچي ٿو."

"مون کي خبر آهي،" ابن عطاش چيو "جيڪڏهن تو هي سفر خير خوبي سان پورو ڪري ورتو ته سمجهه ته توسڄي دنيا فتح ڪري ورتي آهي. سياڻي ٻانگ جي وقت تون پنهنجي سفر تي نڪري وڃ."

*......*......*

اڳئين ڏينهن جڏهن سج اڀريو ان مهل شهر کان گهڻو پري به گهوڙي سوار وڃي رهيا هئا. هڪ تي حسن بن صباح هو ٻئي گهوڙي تي فرحي سوار هئي. گذريل ڏينهن جڏهن حسن، فرحي سان مليو هو ته هن کيس ٻڌايو هو ته هو ڪهڙي سفر تي روانو ٿي رهيو آهي. فرحي چيو ته هوءَ به ساڻس گڏ هلندي، حسن هن کي ڏاڍو روڪيو پر هوءَ ته حسن جي پويان چري ٿي پئي هئي.

"منهنجي زندگي تو سان گڏ آهي حسن،" فرحي چيو هو "مان پويان رهجي ويس ته ڪنهن وڏيري يا امير زادي جي وَر چڙهي ويندس. امام ڪيستائين منهنجي حفاظت ڪندو. تون جنهن سفر تي وڃي رهيو آهين اهو نهايت خطرناڪ آهي. خبر نه آهي ته تون واپس اچي سگهين يا نه. مان توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿي، زندگيءَ ۾ به، موت ۾ به. جي تون نه وٺي هلندين ته مان تنهنجي پويان پويان ايندس. هن شهر ۾ ڪا نه رهندس."

حسن بن صباح ايترو مجبور ٿي ويو جو فرحي کي روڪي نه سگهيو. هو ته پنهنجي گهر وارن کي ٻڌائي آيو هو پر فرحي پنهنجي گهروارن کي بنا ٻڌائڻ جي آئي هئي. سندس گهر وارا اجا ننڊ ۾ هئا. هوءَ پنهنجي پاءُ جو گهوڙو کڻي اچي حسن سان شهر جي ٻاهران ملي. هوءَ جيتري سهڻي هئي، اوتري ئي بهادر به هئي.

حسن کي خواب جي ذري ذري بابت تفصيل محفوظ هئي. هن هڪ ڪاغذ تي

سڀ اشارا بہ نوٽ ڪري ڇڏيا هئا. رستو سڌو هجي ها تہ هو ڳهٽو اڳ پهچي وڃن ها. پر ڪٿي جبل هئا تہ ڪٿي جهنگ، ڪٿي بنجر علائقو هو تہ ڪٿي واري درياهہ.

پهريائين جيڪو درياهہ آيو اهو ايترو گهرو نہ هو پر بيو نهايت اونهو هو جنهن ۾ سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. نيٺ پاٽيءَ جي وهڪري سان گڏ هو ٻئي ڪناري تي پهتا.

حسن پنهنجي ذهن ۾ ڪاغذ جي مدد سان نشانيون ڳولهڻ شروع ڪيون. اڳتي علائقو پهاڙي هو ڪي پهاڙ وڏا هئا تہ ڪي ننڍا. ڪجهہ پهاڙ چوٽين وارا هئا تہ ڪي وري لسا هئا. ڪجهہ جو رنگ صفا ڪارو هو تہ ڪجهہ سليٽي رنگ جا هئا. حسن بن پهاڙن جي وچ ۾ هليو ويو. ٿورو اڳتي هلي هي رستو ڪابي پاسي ڏانهن پئي ويو وري اڳتي ساڄيو رستو ساڄي پاسي مڙيو. پهاڙن ۾ ڪابي ۽ ساڄي ايترا تہ موڙ هئا جو حسن بن صباح کي لڳو تہ هو رستو ڀلجي چڪو آهي. خبر ڪا نہ پئي پوي تہ هو اڳتي وڃي رهيا آهن يا پوئتي يا وري هڪ ئي جاءِ تي ڦري رهيا آهن. حسن پريشان ٿي ويو. هن کي هتان سچ لهڻ ڪان اڳ نڪرڻو هو.

"لڳي ٿو تہ تون خواب وارو رستو ڀلجي چڪو آهين." فرحي چيس.

"مان خواب ۾ بہ ائين ئي ڀٽڪندو رهيو هئس." حسن چيو "رستو ملي ويندو"

ان پهاڙي وروڪڙن ۾ گهمندي کين هڪ ٽڪري نظر آئي جيڪا اڳيان ائين جهڪيل هئي، جنهن بغير ٿنڀن جي ڇت، اها قدرت جو هڪ شاهڪار هئي. اتي پهچي حسن چيو تہ ڪجهہ آرام ڪرڻ کپي.

ٻئي گهوڙن تان لهي آيا ۽ وراندي جهڙي بغير ٿنڀن جي ڇت هيٺان ويهي رهيا. اها ٽڪري غار تہ ڪا نہ هئي پر ٽڪري اندر هڪ کڏ هئي جيڪا زمين کان ڪجهہ هيٺ هئي. حسن اتي ئي ويهي رهيو پر فرحي انهي ٽڪريءَ جي اندر کڏ ۾ ڏسڻ لڳي.

اوچتو سندس رڙ جي آواز آئي.

حسن ڊوڙ پائي فرحي وٽ پهتو.

"حسن هيٺ تہ ڏس." فرحي چيس.

حسن هيٺ ڏٺو هيٺ انساني هڏين جا بہ پڃرا پيل هئا. سندس ڪپڙن جي ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا پرسان پيل هئا. هڪ پڃرو مرد جو هو ۽ بيو عورت جو. سندس مٿي جا وڏا وار کوپڙي جي ويجهو پيل هئا.

حسن ٽپ ڏيئي هيٺ کڏ ۾ هليو آيو. هن مرد جي پاسريائين ۾ هڪ خنجر ڏٺو. پاسي ۾ هڪ تلوار پڻ پيل هئي.

"خبر نہ آهي تہ ڪير هئا." فرحي چيو.

"ڪي اسان جهڙا هوندا." حسن چيو.

"حسن." فرحي چيو "مون کي ڪڏهن ڊپ نہ ٿيو آهي، پر دل تي خوف جي گرفت محسوس ڪري رهي آهيان، اسان هتي نہ ويهنداسين."

"پوءِ جلدي هلڻ کپي." حسن چيو.

ٻئي جڻا گهوڙن تي سوار ٿي پهاڙين جي وچ ۾ هلڻ لڳا.

ٻڍڙ وارا سنڌس ڳالهه ڪي ڏاڍي توجهه سان ٻڌي رهيا هئا. جڏهن ته ٻڌائڻ وارو پوڙهو سيني جي وچ ۾ ليٽيو پيو هو ۽ ابتيون ٻستيون ڳالهيون ڪري رهيو هو. سنڌن ڳالهين ۾ ڪٿي به تسلسل نه هو. ڳالهه ڪندي ڪندي هو خود به پٽڙي تان لهي پئي ويو جيئن رستي تي هلندي مسافر پنهنجي

**ريلوي اسٽيشن تي ليٽيل ڪجهه غريب ماڻهن جي ڪهاڻي**

شيڪسپيئر جا جڳ مشهور تاريخي لفظ آهن ته دنيا هڪ اسٽيج آهي ۽ اسان محض ان جا ناٽڪ ڪندڙ ڪردار. يقينن اسان سڀ ناٽڪ ڪندڙ ڪردار ئي آهيون. هر ڪو پنهنجو پنهنجو ناٽڪ ڪري پنهنجي اصل ماڳ طرف روانو ٿي وڃي ٿو. پر ڪجهه ماڻهو مجبورن ناٽڪ ڪندا آهن. هڪ پوڙهي جي ڪهاڻي جيڪو بي سروپير جون ڳالهيون ڪري وقت گذاري رهيو هو. سنڌس ان وقت گذاري جو انجام هن مختصر پر پراثر ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا. هڪ انوکي پر يادگار تحرير.

# هزارن سالن جي ڏکي رات

رتن سنگهه

سنڌيڪار: نور ٻوزدار



راهہ تان پلجي ڪنهن غلط راهہ تي هلڻ لڳي. هڪڙي ڳالهہ اڌ ۾ ئي ڇڏي، وري ڪنهن ٻي ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪري ٿي ڏنائين. اهڙي طرح رات آهستي آهستي گذري رهي هئي.

هو سڀ جا سڀ ريلوي اسٽيشن جي طرف وچڻ واري بازار جي هڪ دوڪان جي ورانڊي ۾ اچي رات گذارڻ جي لاءِ ليٽي پيا هئا. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن انهن مان سڀ ڪان پوڙهي ماٺهو گلو صاف ڪندي ڪنهن راڄ جي ڳالهہ شروع ڪئي تہ انهي ورانڊي ۾ ليٽيل سڀ جا سڀ ماڻهو اوٻاسيون ڏيڻ لڳا. "هون، پوءِ ڇا ٿيو بابا!"

بس پوءِ ڳالهہ شروع ٿي.

هڪ بادشاهہ هو ان جون ست راڻيون هيون. ستن ئي راڻين لاءِ بادشاهہ ڌار ڌار محل ٺهرايا. هڪ ڪاٺ جو پيو سرن ۽ ڳاري جو ٿيو سنگمرمر جو چوٿون ٽامي جو پنجون چاندي جو ڇهون سون جو ۽ ستون هيرن ۽ جواهرن جو."

"بلڪل ٺيڪ." ڪنهن اوٻاسي ڏني.

" ايتري دولت هوندي بہ بادشاهہ کي اولاد نہ هئي. انهي لاءِ هو ڏاڍو ڏکارو هو. بادشاهہ کي ڪنهن راءِ ڏني تہ جهنگ ۾ هڪ وڻ آهي. انهي وڻ ۾ ست فروٽ لڳل آهن. جيڪڏهن بادشاهہ توهان اهي ست ئي فروٽ لاهي ستن ئي راڻين کي کارايو تہ ستن ئي راڻين کي اولاد ٿي ويندو ليڪن مصيبت اها هئي تہ انهي وڻ تائين پهچڻ ڏاڍو مشڪل هو. رستي ۾ ست دريا ايندا آهن ۽ ستن ديون سان مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ وڻ جي چؤگرد ست نانگن جو پهرو آهي. ليڪن بادشاهہ بہ پنهنجي ارادي جو پڪو هو ۽ پنهنجو لشڪر وٺي روانو ٿيو.

ڳالهہ اڃا ايسائين پهتي هئي تہ پوڙهي کي کنگهہ جو دورو پيو. جڏهن ان جو ساهہ صحيح ٿيو تہ پوڙهو بہ پٽڙيءَ تان لهي ويو. هن هڪ ٻي ڳالهہ شروع ڪري ڏني.

" ڏاڍي پراڻي ڳالهہ آهي. هڪ ڪاريگر هڪ اهڙو ڏندو ٺاهيو جنهن جي اندر هڪ ماڻهو ويهي سگهندو هو. اهڙي طرح اهو ڏندو ماڻهن وانگر ڳالهائيندو هو. هلندو هو. کائيندو ۽ پيئندو بہ هو."

"ٺيڪ_ٺيڪ." تقريبن سڀني گڏجي اوٻاسيون ڏنيون.

پوءِ اڄانڪ اهو ٿيو جو رڪشن ۽ ٽانگن جي ريلي شور مچائيندي رستي تان گذرڻ لڳي. شايد اسٽيشن تي ڪا مسافر ريل گاڏي رڪي هئي. انهي لاءِ پوڙهو ٿوري دير لاءِ رڪيو. پوءِ هن هڪ مڇي جي ڳالهہ شروع ڪري ڏني. جيڪا ايتري وڏي هئي جو انهي جي پٺي تي پورو شهر وسيل هو. جنهن تي ڪيترائي گهر ٺهيل هئا. ڪيترائي فصل هئا. سمنڊ ۾ جنهن طرف اها مڇي ويندي هئي، انهي طرف هي شهر بہ هليو ويندو هو.

"بلڪل ٺيڪ" سڀني اٻاسيون ڏنيون.

اهڙي طرح رات آهستي آهستي گذري رهي هئي. پوڙهو ڳالهيون ڪندو پئي ويو ۽ هو سڀ جا سڀ ڪيس وڏي غور سان ٻڌي رهيا هئا. وري ڪنهن ڳالهہ کي




# فضول خرچ سونارو

او هينري
سنڌيڪاره: بلقيس بانو

جاسوسي دنيا ۾ وڏو نالو ڪيڻ جي خواهش رکندڙ هڪ پڙهاڪو جاسوس جي ڪهاڻي، جيڪو جاسوسي اديبن جو شيدائي هو. هن دنيا جا مشهور جاسوسي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ جاسوس ٿيڻ جو شوق سندس من ۾ هو. هن پنهنجي خواب جي ساڀيا لاءِ هڪ اجنبي شهر ۾ جاسوسيءَ جو دڪان کوليو. هن جو پهريون ئي ڪلائينٽ خطرناڪ ارادا کڻي هن جي سامهون آيو. هن ان ڪلائينٽ کي ڪيئن منهن ڏنو؟ ان ڪيس جي ڪري هن جي زندگيءَ تي ۽ هن جي جاسوسيءَ جي ڌنڌي تي ڪهڙو اثر پيو سو عظيم ڪهاڻيڪار جي هن تخليق ڪيل ڪهاڻي ۾ پاڻ پڙهي معلوم ڪندا.

## ڪتاب پڙهي جاسوسيءَ جو شوق رکندڙ هڪ جاسوس جو احوال

توهان ٿامس ڪيلنگ جو نالو هُوسٽن سٽي ڊائريڪٽري ۾ نہ ڳولي سگهو. سندس نالو ان صورت ۾ ان ڊائريڪٽريءَ ۾ موجود هجي ها جڏهن ڪيلنگ صاحب پنهنجو ڌنڌو ان شهر مان ختم نہ ڪري پنهنجو ڪاروبار ٻئي ڪنهن علائقي ۾ منتقل نہ ڪري ها.

هيءُ ان وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن مسٽر ڪيلنگ اُن هوسٽن شهر ۾ جاسوسيءَ جو هڪ ننڍو دفتر قائم ڪيو هو. هن عام عوام لاءِ پنهنجون خدمتون هڪ جاسوس طور تي پيش ڪيون هيون. هن ڪنهن بہ صورت ۾ اهو چيلينج نہ ڪيو هو تہ هيءُ ڪو پنڪرٽن ايجنسيءَ (هوسٽن شهر ۾ جاسوسيءَ جو ڪم ڪندڙ هڪ وڏي ايجنسي) جو ڪو مقابلي ڪندڙ آهي پر هن پنهنجو ڪم گهٽ جوکم واري لائين تحت ڪنيو هو.



جيڪڏهن ڪنهن فيڪٽريءَ جي مالڪ کي پنهنجي ڪلارڪن جي عادتن جي خفيه ڄاڻ رکڻي هجي يا ڪنهن عورت کي پنهنجي حد کان وڌيڪ چاپلوسي رکندڙ مڙس تي نظر رکڻي هجي ته اهو مسٽر ڪيلنگ ئي هوندو هو جيڪو اهو ڪم ڪٽندو هو. هيءُ خاموش ۽ خيالي دنيا ۾ گم رهندڙ ماڻهو هو. هن جاسوسي دنيا جي مشهور اديبن گيبوريا ۽ ڪونن ڊوئيلا کي تمام بارڪ بينيءَ سان پڙهيو هو. هن کي پڪ هئي ته هيءُ پڪ سان جاسوسي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪڍائيندو. هن ملڪ جي اولهندي علائقي ۾ جاسوسي ادارن ۾ بطور ملازمت طور ڪم به ڪيو هو. پر اهي گهٽ ترقي يافته علائقا هئا. ان ڪري هن فيصلو ڪيو ته هيءُ ملڪ جي اڀرندي پاسي ويندو ۽ جتي هن فيلڊ ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش به موجود هئي.

مسٽر ڪيلنگ ڪافي وقت کان وٺي 900 ڊالر ڪن جمع ڪري ورتا هئا. جيڪي هن هوسٽن ۾ جاسوسيءَ جو دفتر قائم ڪرڻ لاءِ هن دوست جي لاڪر ۾ رکيا هئا. هن نيٺ وڃي هڪ ڊنڊلي گهٽيءَ ۾ ننڍين ڏاڪڻ واري عمارت ۾ ننڍي ڪمري واري آفيس ڪرائي تي ورتي. پنهنجي ڪاروبار جو سائين بورڊ لڳايو. پنهنجو پاڻ کي مشهور مصنف ڪونن ڊائيلز جي جاسوس ڪردار شرلاڪ هومز جي ڪهاڻين ۾ مڪمل طور تي پوري، گراهڪ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

اجا سندس دڪان کي کلئي تي ڏينهن مس ٿيا هئا جو هڪ ڪلائنٽ عورت هن سان ملڻ لاءِ آئي.

اها هڪ جوان عورت هئي. 26 سالن جي لڳي رهي هئي. هوءَ سنهي، ڊگهي قد جي هئي. ڪيس صاف سٺرا ڪپڙا پهريل هئا. هن کي هڪ سنهو ڪارو برقعو پاتل هو جيڪو هن مسٽر ڪيلنگ جي آڇيل ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ مٿي ڪري ڇڏيو. سندس چهرو نرم نازڪ، صاف سٺرو هو. پوريون تيز اکيون هئس. هيءَ ڪجهه منجهيل سنجهيل نظر اچي رهي هئي.

*......*....*

"سر، آئون توهان سان ملڻ آئي آهيان." هن مٺي سريلي پر ڪنهن حد تائين غمگين ڏک ۾ پريل آواز ۾ چيو "چاڪاڻ جو توهان هتي مڪمل طور تي اجنبي آهيو ۽ آئون هتي ڪنهن سان به پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي معاملن تي بحث جو بار نه ٿي کڻي سگهان. مان توهان کي پنهنجي مڙس جي چرپر تي نگاهه رکڻ لاءِ اجوري تي خدمتون حاصل ڪرڻ جي اميد رکان ٿي. اهو جيتوڻيڪ شرم ۽ خواري جو ڪم آهي جو مان ان ڳالهه جو اوهان سان اعتراف ڪري رهي آهيان. مون کي ڊپ آهي ته هاڻي هن کي مون سان ڪو به چاهه نه رهيو آهي. مون سان شادي ڪرڻ کان اڳ هن هڪ جوان جمال عورت سان جوانيءَ ۾ بيبوتوفاڻو پيار ڪيو هو جيڪا پيئنگ گيسٽ طور هن جي گهر ۾ ترسيل هئي. اسان جي شادي کي هاڻي پنج سال ٿي ويا آهن ۽ اسان خوش زندگي گذاري رهيا هئاسون پر اها عورت

جيڪا تازوتازو هتي هوسٽن ۾ اچي رهڻ لڳي آهي ۽ مونکي شڪ آهي تہ هي ان ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. آئون چاهيان ٿي تہ تون هن جي حرڪتن تي تمام گهري نموني نظر رکين ۽ ان جي مڪمل مون کي رپورٽ ڏين. آئون هتي توکي هر ٻئي ڏينهن تي فون ڪري معلوم ڪري وٺندس تہ تو هن جي چرپر جي باري ۾ ڇا ڇا معلوم ڪيو. منهنجو نالو "مسز آر" آهي ۽ منهنجو مڙس هتي هن شهر جو ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن کي هڪ ننڍو سونارڪو دڪان آهي جيڪو ....... گهٽيءَ ۾ آهي. آئون توکي معاوضي طور ٺيڪ ٺاڪ رقم ڏيندس. اڇي ايڊوانس طور هي 20 ڊالر توکي ڏيان پئين."

عورت مسٽر ڪيلنگ کي اها رقم ڏني ۽ مسٽر ڪيلنگ ان رقم کي ائين لاپرواهيءَ سان ورتو ڄڻ اهڙا معاملا روز روز هن سان پيش ايندا هجن ۽ اهڙا ڪيس ڪيس روز ملندا هجن.

هن عورت کي پورو پورو يقين ڏياريو تہ هيءَ هن جي اميدن تي پورو لهندو ۽ وفاداريءَ سان ڪم ڪندو ۽ هن کي چيو تہ هو هن کي شام جو ڇئين وڳي ڀرپور رپورٽ حاصل ڪرڻ لاءِ فون ڪري.

ٻئي ڏينهن تي مسٽر ڪيلنگ پنهنجي ڪار وائي شروع ڪرڻ لاءِ ضروري پڇا ڳاڇائون ڪيون. هن جوهريءَ جي دڪان جو بہ پتو ڪري ورتو ۽ ان ۾ ڏيکاءُ واسطي پنهنجي واچ جي ڪڙي کي صحيح ڪرڻ جو بهانو ڪري اندر گهڙيو. سونارو "مسٽر آر" ...... ظاهري طور تي 35 سالن جو لڳو ٿي. هي خاموش، سنجيده ۽ سخت محنت ڪندڙ شخص هو. جيتوڻيڪ هن جو دڪان ننڍو هو پر ان ۾ بهترين سامان رکيل هيو ۽ ان ۾ مختلف هيرا ۽ جواهر ۽ واچن جي درجہ بندي ٿيل هئي. وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ هن کي اها معلومات ملي تہ مسٽر آر .... بهترين عادتن جو مالڪ آهي. ڪڏهن شراب نہ پيئندڙ ۽ هميشہ پنهنجي سونارڪي بينچ تي ويهي ڪم ڪرڻ ۾ رڌل رهندو آهي.

مسٽر ڪيلنگ ٻئو ڏينهن سوناري جي دڪان جي چوڌاري ڪيترائي ڪلاڪ اجايو رلي پني وقت گذاريو ۽ نيٺ وڃي هن ڏٺو تہ هڪ چمڪيلي پوشاڪ ڀريل جوان عورت، جنهن جا وار ۽ اکيون ڪاريون هيون، سا دڪان ۾ گهڙي مسٽر ڪيلنگ لڪندي دڪان جي دروازي تائين آيو جتان هي ڏسي سگهيو ٿي تہ اندر ڇا ڪجهہ ٿي رهيو هو. جوان عورت اعتماديءَ سان اسٽور جي پوئين حصي کان ڪائونٽر طرف وڌي ۽ پنهنجائپ وچان مسٽر آر سان ڳالهايو. مسٽر آر پنهنجي بينچ تان اٿيو ۽ انهن ڪجهہ منٽن تائين نهايت ئي هلڪي آوازن ۾ گفتگو ڪئي. نيٺ، سوناري هن کي ڪجهہ سڪا حوالي ڪيا جيڪي مسٽر ڪيلنگ انهن سڪن جي جهنڪار جي آوازن وسيلي ٻڌا. ان کان پوءِ اها عورت دڪان کان ٻاهر آئي ۽ تڙ تڪڙ ۾ گهٽيءَ ڏانهن هلي ويئي.

مسٽر ڪيلنگ جي ڪلائينٽ عورت هن جي مقرر ڪيل وقت تي هن

جي آفيس اچي پهتي. هوءَ ڏاڍي بي چين هئي اهو ڄاڻڻ لاءِ ته آيا هن ڪجھ اهو معلوم ڪري ورتو هو جيڪو هن جي شڪ جي تائيد ڪري.

جاسوس هن کي اهو ڪجھ ٻڌايو جيڪو ڪجھ هن ڏٺو هو.

"اهائي اها عورت آهي؟" عورت چيو جڏهن مسٽر ڪلينگ کيس ان جوان عورت جا خدوخال ٻڌايا جيڪا هن سوناري جي اسٽور ۾ گهڙندي ڏٺي هئي، "بي شرم ڍيٽ عورت! ۽ چارلس هن کي هاڻي پئسا به ڏيئي رهيو آهي. اهڙي ڳالهه کي سوچيندي به منهنجي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي آهي."

عورت پنهنجو رومال جوش واري انداز ۾ پنهنجين ڳوڙهن ڀريل آلين اکين کي اگهڻ لاءِ نيڻن تي رکيو.

"مسز آر..." جاسوس چيو "هاڻي تنهنجي ان معاملي ۾ ڪهڙي خواهش آهي. تون هاڻي مون کان ڇا ٿي چاهين ته مان ڪهڙي ڳالهه تي وڌيڪ تحقيقات ڪيان؟"

"آئون چاهيان ٿي ته اهو سڀ ڪجھ مان پنهنجي اکين سان ڏسان، تڏهن وڃي مطمئن ٿيندس ته منهنجو شڪ صحيح هو. مان شاهد ٻڻ چاهيان ٿي ته جيئن آسانيءَ سان طلاق حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي هٿي ملي سگهي. مان هاڻي ڪنهن به صورت ۾ ههڙي دوزخ واري زندگي نه ٿي گذاري سگهان."

هن پوءِ جاسوس کي ڪجھ رقم ڏني.

هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻئي ڏينهن تي هيءَ وري مسٽر ڪيلنگ جي آفيس اچي پهتي ته جيئن هن کان وڌيڪ رپورٽ حاصل ڪري سگهي.

جاسوس هن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو "مان اڄوڪي شام جو ڪو معمولي بهانو ڪري سوناري جي دڪان ۾ گهڙيس. اها جوان عورت اڳ ۾ ئي اتي موجود هئي پر هوءَ اتي گهڻي وقت تائين ته ڪو نه ويٺي. وڃڻ کان اڳ هن سوناري کي چيو "چارلي، جيئن ته تو چيو آهي ته ڪلهوڪي شام اسان ٻئي گهڻ خوشيءَ وارا لمحا گذاري سگهيا سين. ان ڪري تنهنجو مشورو درست آهي ته پاڻ ٻئي اڄ رات جو هتي هن اسٽور ۾ گڏجي عمدي ڪچهري ڪنداسين. جڏهن تون ان بينچ تي پنهنجي هيرن کي مرمت به پيو ڪندين. ان وقت ڪو به مداخلت ڪرڻ وارو موجود نه هوندو." جاسوس ساهي کڻڻ لاءِ بيٺو "اڄ رات جو مسٽر آر....... آئون سمجهان ٿو ته اهو توهان لاءِ هڪ بهترين وقت آهي ته تون انهن ٻنهي....... تنهنجي مڙس ۽ ان جي بيوتوفاڻي عمر ۾ ڪيل پيار واري عورت کي ڏسي سگهين ۽ ان سان تنهنجي ذهن ۾ پيل شڪ يقين ۾ بدلجي ويندو."

"ڪميڻو" عورت چمڪندڙ اکين سان رڙ ڪئي، "هن مونکي ٻڌايو ته هو اڄ رات جي ماني ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري دير سان گهر اچي کائيندو. ته هي آهي ته ان جو اهو رستو جنهن جي ڪري هيءَ مون کان پري ٿي پنهنجو وقت صرف ڪري ٿو."

"مان توهان کي صلاح ڏيندس،"

سوناري ۽ عورت جي پويان ويو. هن يڪدم ئي اهو معلوم ڪري ورتو ته انهن ٻنهي ڄڻن هڪ ريسٽورينٽ ۾ ڪمرو حاصل ڪيو هو. جاسوس ان ريسٽورينٽ اندر هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪجهه شين جي آڻڻ جو آرڊر ڏنو. جڏهن سونارو ۽ اها عورت پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتا ته جاسوس ٻنان وقت وڃائڻ جي، ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ اسٽور واپس اچي پوئين ڪمري ۾ آيو ۽ دروازي تي ٽي دفعا ڪڙڪايو.

ڪجهه منٽن کان پوءِ سونارو ان عورت سان گڏ دڪان ۾ آيو. جاسوس ڏٺو ته دروازي جي چير مان تکي روشني اچي رهي هئي. اتان ڳالهائڻ جا آواز اچي رهيا هئا پر هي انهن لفظن کي بلڪل ئي سمجهي نه سگهيو. هي وري گهٽيءَ طرف ويو ۽ اتان دريءَ منجهان ڏٺو ته مسٽر آر سون جي ڪم ڪندڙ ٽيبل تي ويهي ڪم ڪري رهيو هو ۽ جڏهن ته ڪارن وارن واري عورت هن جي هڪ طرف کان ويٺي هئي ۽ هن سان گفتگو ڪري رهي هئي.

”مان انهن کي ٿورو ٽائيم ڏيان ٿو“ مسٽر ڪيلنگ سوچيو ۽ گهٽيءَ ۾ چهل قدمي ڪئي. پوليس وارو هڪ ڪنڊ کان بيٺل هو.

جاسوس هن کي ٻڌايو ”مسز آر.... اسٽور ۾ لڪيل آهي ۽ منصوبي تي عمدي نموني سان ڪم ٿي رهيو آهي.“

”اسان کي هاڻي واپس ان دڪان ڏانهن وڃڻ گهرجي.“ مسٽر ڪيلنگ چيو“ ته جڏهن اها عورت پنهنجي مڙس کي عورت سان پڪڙڻ لاءِ اتي ته مون کي اتي هئڻ لاءِ تيار هجڻ گهرجي“

پوليس وارو هن سان گڏ واپس دڪان جي پرسان آيو ۽ دڪان جي دريءَ مان اندر ڏٺو ۽ چيو. ”لڳي ٿو ته انهن جو پاڻ ۾ هاڻي ناهه ٿي ويو آهي. اها ئي عورت ڪٿي آهي.“

”ڇا! اها ئي ته ٻي عورت آهي، جيڪا هن سان ويٺل آهي.“ جاسوس چيو.

”مان ان عورت جي باري ۾ پيو پڇان، جيڪا هن سان گڏ شام جو هوٽل ۾ ويٺي هئي.“

”مان به اهوئي ته چوان پيو.“ جاسوس چيو.

”تون شايد منجهي پيو آهين.“ پوليس واري چيو ”توکي خبر آهي ته اها سوناري سان ڳالهيون ڪندڙ عورت مسٽر آر جي ڇا ٿئي....؟“

”اها ئي ته ساڳي عورت آهي جيڪا هن سان شام جي مانيءَ تي ويل هئي.“

”اهائي ته آر ..... جي زال آهي.“ پوليس واري چيو ”مان هن کي پنڌرنهن سالن کان سڃاڻان ٿو.“

”ته پوءِ هوءَ ....؟“ جاسوس سهڪندي حيرت ۾ چيو ”اوهه منهنجا خدا! هوءَ وري ٽيبل جي هيٺ ڪير آهي؟“

مسٽر ڪيلنگ اسٽور جي دروازي کي لت هڻي دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪئي.

مسٽر آر ...... اڳيان آيو ۽ ان کي کوليو. پوليس وارو ۽ جاسوس اندر گهڙيا.

”جلدي ٽيبل جي هيٺان ڏس.“ جاسوس رڙ ڪندي چيو. پوليس واري ڍڪڻ کي مٿي ڪيو ۽ ان مان ڪاري

پوشاڪ، ڪارو برقعو ۽ هڪ عورت جي ڪاري وارن واري وگ کي ٻاهر ڪڍي ڇڪي ورتو.

"ڇا هيءَ تنهنجي زا.......ل، زا.....زال آهي؟" مسٽر ڪيلنگ تعجب وچان ڪاري اکين واري عورت ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو جيڪا سخت حيرت منجهان ڪين ڏسي رهي هئي.

"ها، پڪ سان" سوناري چيو "هاڻي مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو ته توهان منهنجي ٽيبل جي هيٺان ڇا ٿا ڏسڻ گهرو ۽ توهان دروازي تي ائين لت هڻي ڇو اندر داخل ٿيا آهيو؟"

"تنهنجا شوڪيس ڏسڻا هئا."

پوليس واري چيو جنهن کي هاڻي صورتحال سمجهه ۾ اچي ويئي هئي.

*.....*.....*

800 ڊالرن جي قيمت جي لڳ ڀڳ هيرن واريون منڊيون ۽ گهڙيون گم ٿيون ۽ ٻئي ڏينهن تي جاسوس وڏي مشڪل سان اهي پئسا سوناري کي ڀري پنهنجي جان ڇڏرائي ۽ سوناري کي اصل ڳالهه کان آگاهه ڪيو.

هڪ ڪلاڪ کانپوءِ مسٽر ڪيلنگ پنهنجي آفيس ۾ بدمعاش ماڻهن جي فوٽن جو فائل ڏسڻ ۾ مصروف هو.

آخرڪار هن هڪ صفحو کولهي ورتو ۽ پوءِ هن وڌيڪ صفحا ڏسڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ ان کان پوءِ هيءَ پنهنجا وار پٽڻ لڳو.

هڪ لسي ڇهري رکندڙ جوان ماڻهوءَ جي تصوير جي هيٺان سندس باري ۾ جيڪي تفصيل لکيل هئا سي ڪجهه هيءَ هئا:

"جيمز ايچ مگلس عرف سلڪ سمن عرف روئيندڙ بيواهه بنڪوئيٽ عرف جمي اسنيڪ کي عام طرح سان بي پناهه اعتماد حاصل آهي. هي شخص گهرن ۾ ڪاٽ هڻندڙ بدنام ترين ماڻهو آهي. هي اڪثر ڪري عورتن جا جعلي ٻهروپ بدلائي وارداتون ڪندو آهي. هن ڪم جو ماهر آهي. هيءَ ڪافي خطرناڪ ترين شخص آهي. ڪناس سٽي، اوشوش سٽي، نيوآرلين ۽ ملووڪي سٽي جي پوليس کي ڪيترين ئي وارداتن ۾ گهربل آهي."

تنهن کان پوءِ ئي مسٽر ٿامسن ڪيلنگ پنهنجو جاسوسيءَ جو ڌنڌو هوسٽن ۾ بند ڪري ڇڏيو.

*....*....*

## غزل

ايس ارشاد بخاري

چونڊ: عبدالرحيم لاشاري "ماڪنڊ"

پاڪ پويتر پيڻ ماري، جوان سڏائين ٿو.
ڪاري هئي هوءَ ڪاري هئي ڪنڌ ڪٽي ڳالهائين ٿو.
وڙهه ويرن سان، جوان توکي ميان.
ڏسي دشمن کي پنهنجو منهن لڪائين ٿو.
ڪيڏي خوش ٿي، تنهنجي جمڻ تي ادي
جنهن تي اڄ ڪهاڙين جا وار الارين ٿو.
اهڙي ياءَ کان اڪيلي هئي پيڻ پلي،
جنهن ياءَ جي ڳالهه تون "ارشاد" ٻڌائين ٿو.

*........*........*

# اصحاب الڪهف

محبوب سمون

انهن پلارن انسانن جو احوال جن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيل آهي. انهن جو احوال حيرت پريو آهي ۽ جيڪڏهن ان ۾ خدا جي مرضي شامل نہ هجي ها ۽ ان جو ذڪر قرآن شريف ۾ نہ اچي ها تہ ان تي يقين اچڻ مشڪل هجي ها پر خدا تعاليٰ جي آڏو ڪهڙي ڳالهہ مشڪل آهي. ان لاءِ اهي بہ ڳالهيون ممڪن آهن جيڪي انساني ذهن سوچي بہ نہ ٿو سگهي.

## انهن انسانن جو احوال جيڪي قيامت تائين ستل رهندا

**روم** ملڪ جي "افسوس" شهر جو نيڪدل ۽ عادل بادشاهہ جڏهن گذاري ويو تہ "فارس"ملڪ جو هڪڙو بادشاهہ "دقيانوس" نالي سندس شهر تي قابض ٿي ويو ۽ سندس تخت ۽ تاج، اقتدار ۽ خزانن جو مالڪ بڻجي ويو. هن هڪ عاليشان قلعو اڏرايو جنهن جو فاصلو ٽن ميلن تائين هو ۽ منجهس 4000 ٿنيا ۽ مڙيئي چتيون سون جون ٺهرايائين ۽ هڪڙو تخت سونو جوڙايائين، جنهن جي ڊيگهہ ۽ ويڪر 80 وال هئي. ان جي ساڄي ۽ کابي پاسي 80 ڪرسيون ارڪان سلطنت جي لاءِ رکيل هونديون هيون ۽ دربار جي زينت واسطي 50 موچارا ملوڪ ڇوڪرا چونڊيا ويا، جيڪي دربار لڳڻ مهل دقيانوس بادشاهہ جي ساڄي ۽ کابي پاسي بيٺل هوندا هئا. انهن مان ڇهن ڇوڪرن جا نالا هي هئا:

(1)يمليخا (2) مڪسلينا (3) ڪشفوملت (4) ڪشافت يونس (5) مرطوس (6) ڪشطونس

بادشاهہ مڙني اميرن ۾ انهن ڇهن نوجوان ڇوڪرن کان صلاح وٺندو رهندو هو ۽ سندن مشوري کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ڪندو هو. دقيانوس بادشاهہ جي دربار جي ٻين خوبين کان سواءِ هڪڙي خاص خصوصيت هيءَ پڻ هئي تہ هڪڙي ڇوڪري جي هٿ ۾ سوني طشتري هوندي هئي، جنهن ۾ گلاب پريل هوندو هو. ٻئي ڇوڪري جي هٿ ۾ بہ سوني طشتري

هوندي هئي، جيڪا مشڪ سان پريل هوندي هئي ۽ ٽئين چوڪر وٽ هڪڙو ننڍڙو سهڻو پکي هوندو هو جيڪو چڱيءَ طرح پاليل ۽ تاتيل هو ۽ دربار لڳڻ مهل هڪڙي پُجڪار ڏيڻ سان ڇپي تان اٿي اڏامڻ شروع ڪندو هو ۽ پهريائين گلاب جي طشتري ۾ ٽٻي هڻي پوءِ مشڪ واري طشتري ۾ ٽٻي هڻندو هو ۽ پوءِ سڄي دربار جي وينل اميرن، وزيرن، مشيرن ۽ مڙني ماڻهن خادمن، غلامن، نوڪرن، چاڪرن مٿان اڏرندو ويندو هو ۽ مٿن مشڪ ۽ گلاب ڇٽيندو ويندو هو ۽ اهڙي طرح سڄي دربار ۾ هبڪار ٿي ويندي هئي. آخر ۾ اهو سهڻو پکي سرهاڻ پکڙيندو اچي بادشاهه جي ڇٽ (تاج) تي ويهندو هو. جڏهن دربار ۽ڪچهري پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچندي هئي ته اهو سهڻو پکيئڙو شاهي ڇٽ تان اڏامي اچي انهيءَ خوبصورت نوجوان نينگر جي ڇپي تي ويهندو هو. دقيانوس جي دربار جو ڏاڪو ئي ڪجهه عجيب ۽ غريب هو. اهڙي شان و شوڪت جاه و جلال، خوبصورت ۽ نفيس سلطنت ڏسي دقيانوس بادشاهه جو دماغ خراب ٿي ويو ۽ بت پرستي ڇڏي خودپرستي اختيار شروع ڪرڻ ڪيائين ۽ تمام گهڻي مڱي ٿي پيس. ايترو ته هٺ ۽ تڪبر ٿي پيس جو پاڻ کي خدا پانيائين ۽ ڦونڊجي خدا جي دعويٰ ڪيائين ۽ سڄي رعيت تي پنهنجي پوڄاپاٺ جا احڪام صادر ڪرڻ شروع ڪيائين. جيڪو ڪيس سجدو ڪندو هو تنهن جي جان بچي ويندي هئي. اهو سک ۽ سڪون ۾ رهندو هو ۽ جنهن ڪيس جهڪڻ کان انڪار ٿي ڪيو ان کي قتل ٿي ڪيو ويو ۽ جيئري باهه ۾ اڇلايو ٿي ويو.

اهو حال ڏسي اهي ڇهه ئي نوجوان دقيانوس بادشاهه کي ڌڪاريندا هئا ۽ سندس مڱي، هٺ ۽ وڏائي ۽ نٽ ٺانگر کان تهڻ لڳا ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳا ته ”افسوس! جو افسوس شهر جي بادشاهه جو دماغ ايترو خراب ٿي چڪو آهي جو خدائيءَ جي دعويٰ ڪري ويٺو آهي.“

لوڪ (عوام) ڪانسواءِ دقيانوس انهن ڇهن ئي وزيرن کي به چيو ته ”توهان پڻ مون کي سجدو ڪريو نه ته توهان کي قتل ڪرائي ڇڏيندس!“

انهن ڪانئس هڪڙي هفتي جي مهلت گهري. مهلت ته کين ملي ويئي پر ڪانئس سخت نفرت ڪرڻ لڳا.

ڇهه ئي عقلمند وزير دقيانوس جي انهيءَ حرڪت کان ڪڪ اچي ”يمليخا“ جي گهر ۾ هڪڙي اهم ۽ تمام ضروري مشوري واسطي ڪٺا ٿيا.

پهريائين يمليخا پنهنجن خيالن جو اظهار شروع ڪيو ته: ”منهنجا پيارا ساٿيو! آئون گهڻي مدت کان وٺي دقيانوس کي ڌڪار واري اک سان ڏسندو پيو اچان. چاڪاڻ ته هن جهڙو ناشڪرو شخص شايد دنيا ۾ نه هوندو. ارمان جي ڳالهه آهي ته جنهن رب ڪريم مٿس ههڙا احسان ڪيا آهن ۽ کيس اڻکٽ نعمتون عطا ڪيون ۽ اڻ ميو مال ملڪيت، ناڻا ۽ خزانا عطا ڪيا. تنهن کي وساري ويٺو آهي. انهيءَ ذات واحد جي خلاف خدائي دعويٰ ڪري ويٺو آهي. جنهن واحد مٿس هيڏا وڙ ڪيا آهن.“

پاسا سال ۾ هڪڙو پيرو بدلائين ٿا. جو سندن بت کي زمين نہ کائي ۽ بدن سندن گنل ۽ ڪاڙل نہ پائنجن. ان ڪانسواءِ سج کي بہ حڪم مليل آهي تہ اصحاب ڪهف جي ساڄي پاسي پاڇو وجهندي گذري وڃي.

دقيانوس بادشاهہ سال ۾ هڪڙو ڏينهن عيد جو ملهائيندو هئو ۽ ٽي ڏينهن پهريائين انجي تياري ڪندو هو. تنهن ڪري دقيانوس پنهنجن ڇهن ئي وزيرن کي هڪڙو هفتو اڳوات دعوت ڏيئي ڇڏي هئي تہ عيد جي جشن ۾ ساڻس شريڪ ٿين. جڏهن عيد جو ڏينهن آيو تہ نوجوان وزيرن جي ڳولا ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ اهي ٽن ڏينهن کان غائب آهن ۽ سندن ڪو بہ پار پتو معلوم نہ ٿي سگهيو. اهو ٻڌندي دقيانوس تپي باهہ ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ عيد وارو جشن بہ وسري ويس ۽ اتي جو اتي پنهنجي فوج کي حڪم ڏنائين تہ "واروڪريو اسان جي انهن باغين ۾ پاڳيلن جي ڪڍ لڳو ۽ سڀ کان پهريائين پيرو ڪٽڻ واري ٽولي هر طرف موڪلي وڃي. بس! پوءِ تہ سوين پيري افسوس شهر جي چئن ئي طرفن ۾ پکڙجي ويا ۽ نهايت ئي ڳوڙهي ڳولها ڪيائون. خود دقيانوس بہ پنهنجي پلٽڻ وٺي افسوس شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ سخت غيض وغضب ۾ پريل چوڌاري سوارن ۽ پيادن کي ڊوڙائي رهيو هو تہ ڪتان ڪير ڪا خبر آڻي.

ايتري ۾ ڪجهہ گهوڙيسوار ڊوڙندا آيا تہ فلاڻي هنڌ تي جيڪو هتان کان هيترو پري آهي. ڪجهہ پيري (پيرڪٽڻ وارا) انهن جي پيرن جا نشان سڄاڻي سائين جن جي انتظار ۾ بيٺا آهن. دقيانوس اهو ٻڌي سموري فوج کي حملي جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ بہ سندن اڳيان پنهنجو گهوڙو ڊوڙائيندو هلندو رهيو. جڏهن انهيءَ هنڌ پهتا، جتي پيري (پيرڪٽڻ وارا) اڳيئي دقيانوس جي انتظار ۾ بيٺا هئا. اهو هنڌ هو جتي انهن ڇهن ئي نوجوان گهوڙيسوارن کي صبوح ٿيو هو ۽ هو مولا جي عشق ۾ گهوڙن تان لٿا هئا. پوءِ پيري اهي پيرڪٽندي دقيانوس کي لشڪر سوڌو ساڻ ڪري روانا ٿيا ۽ تان جو انهن الله جي پيارن جا پير ڪٽندي ڪٽندي اچي انهيءَ پهاڙ تي پهتا ۽ اتي پير غائب ٿي ويا.

دقيانوس رڙ ڪري پنهنجي پلٽڻ کي چيو تہ منجلوس جبل تي چڙهي ٽڙي پکڙي وڃو ۽ تلاش ڪريو تہ اهي نوجوان ڪٿي لڪل آهن؟

سموري فوج پهاڙ تي چڙهي چوطرف پکڙجي ويئي ۽ تمام تيزيءَ سان هڪ وڏو جتو اچي انهيءَ غار جي منهن تي بيٺو جتي الله جا پيارا ٻانها سک سان ستا پيا هئا. هيءَ خبر پونديئي دقيانوس پنهنجي لشڪر سان اتي اچي پهتو. اُهرو ٿي دقيانوس انهيءَ غار ۾ گهڙي پيو پر جنهن زور ۽ دٻاءَ سان هيءُ داخل ٿيو هو تيئن سندس قدمن ۾ ڪمزوري اچڻ لڳي. هي وائڙو ٿي ويو ۽ منجهي هڪڙي هنڌ بيهي رهيو. هيڏي لشڪر هوندي بہ هيسجي ويو. سندس نظر وڃي پنهنجن ڇهن ئي وزيرن تي پئي، جيڪي ڏنائين تہ ليٽيل هئا ۽ سڀني هڪڙو اوپرو نوجوان بہ ساڻن ليٽيو پيو هو. انهن کي ڏسڻ سان

متانهس اهڙي ته هيبت ۽ حشمت ڇانئجي ويس جو جڻ دقيانوس جي بدن مان ساهه نڪري رهيو هو. تنهن ڪري تڙڪي تڙڪي جهٽ پٽ ٻاهر نڪري آيو. ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجو هوش ۽ حواس سنڀالي ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي چيائين ته منهنجو مقصد ته هنن کي قيد ڪرڻو هو پر ڪين ڪتي ڪنيو ٻيٺي هئي سو پاڻ ئي اچي خود کي قيد ڪيو اٿن. هاڻي مون کي ڪهڙي ضرورت آهي جو هنن کي هروڀرو هتان ڪڍي وري وڃي پاڻ وٽ قيد ڪريان. پوءِ چيائين ته ها ايترو ڪم ضرور ڪريو جو رازن ۽ استن ڪمين ۽ ڪاريگرن کي وٺي هن غار جو منهن بند ڪرايو. جڏهن غار جو ڪڙهه (در) بند ٿي ويو ته پوءِ اطمينان سان دقيانوس دانهن ڪري پنهنجي لشڪر کي چيو ته "هاڻي اصحاب غار کي چئو ته جيڪڏهن اهي سچا آهن ته پنهنجي آسماني خدا کي چون ته جيڪو ڪڙهه (در) مون بند ڪرائي ڇڏيو آهي تنهن کي کولائي ڏيکارين!"

ان کانپوءِ ڪتاب روضته الصفا جي مصنف جي چوڻ موجب ته دقيانوس جو خزانچي انهيءَ مهل اتي موجود هو تنهن جي دل ۾ باري تعاليٰ الهام ڪيو ته هڪڙي چانديءَ جي تختيءَ تي اصحاب ڪهف جا نالا، حسب نسب، ڄمار عهدا، افسوس شهر مان ڀڄڻ جي تاريخ ۽ ستن نوجوانن، ڏراڙ ۽ سندس ڪتي جا احوال مڙني جي تصويرن سان اڪرائي غار جي ڪڙهه (در) تي لٽڪائي ڇڏ ته جيئن انهن جو يادگار رهي. پوءِ خزانچي اصحاب ڪهف جي اسماع مبارڪ جي تختي

نهرائي غار جي منهن تي لڳرائي ڇڏي.

هڪڙو وقت اهڙو به آيو جو "مڪسلينا" نوجوان سيني کان پهرين اک پٽي ۽ هڪل ڪري ڇهن ئي رفيقن کي جاڳايائين. سيئي اکيون مهٽيندا اٿيا. هيڏانهن هي الله جا ٻانها اٿيا، هوڏانهن غار جو ڪڙهه (در) پڇي پور ٿي پيو ۽ اصحاب ڪهف هڪٻئي کي اچرج مان ڏسي رهيا هئا ۽ چوڻ لڳا ته اسان جا لٽا اسان جي لڳن تي جيئن جو تيئن پاتل آهن. نه ميرا ٿيا آهن نه ڦاٽا آهن پر هي اسانجا ننهن ۽ مٿي جا وار ايترا وڏا ڇو ٿي ويا آهن؟ ٿورو لڙي هيڏي هوڏي سج جي پاڇولي ڏانهن ڏٺائون ته خبر پيئن ته صبح ٿي ويو هو. هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته ارمان آهي جو سڄي رات غفلت ۾ وڃائي ڇڏيوسون ۽ پنهنجي خدا جي يادگيري ڪا نه ڪئيسون.

سيئي گڏجي ٻاهر ٿي نڪتا ته پري کان ڪتو پڻ ليلڙاٽيون پائي سندن پيرن ۾ اچي پيو. ان کان پوءِ ڏٺائون ته غار جي ٻاهران جيڪو عاليشان چشمو وهي رهيو هو اهو سڪي ويو هو ۽ جيڪي هزارين ميويدار وڻ هئا، اهي به سڪا پيا هئا ۽ ڪو به وڻ نه بچيو هو. هاڻي ته ڪين هيڪاري وڌيڪ حيرت ٿي ۽ هڪ ئي رات ۾ پاڻي جو چشمو سڪي ويو هو ۽ هزارين ميون سان ٽمٽار وڻ ناس ٿي ويا هئا.

منجهائن هڪڙي عجب مان پڇيو "ڏيو خبر! اسان هن غار ۾ ڪيترو وقت ستا هونداسون؟"

جواب ۾ ڪنهن چيو" 'اسان

پٽلائي ڏنو پر ڪيس سمجهه ۾ ڳالهه ڪا نہ آئي تہ اهي ڪهڙا سڪا هئا. يمليخا کان پڇيائين،" هي پئسا ڪٿا آندا اٿئي؟ ائين پيانئجي ٿو تہ توکي ضرورڪو خزانو هٿ لڳو آهي. سچ ٻڌاءِ هي سڪا ڪٿان مليا اٿئي؟"

اهو ٻڌي يمليخا حيران ٿي ويو ۽ نانوائيءَ کي چيائين. "ڪالهه آئون ڪنهن ٻئي پاسي نڪري ويو هئس. اڄ واپس پنهنجي شهر ۾ آيو آهيان. تون شايد اوپرو ٿو لڳين. شاهي سڪي وٺڻ کان لنوائين ٿو. جلدي ڪر مون کي ماني پچائي ڏي منهنجا دوست منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺا آهن."

تنهن تي نانوائي جهٽ پٽ ان ملڪ جو رواج ۾ آيل سڪو ڪڍي ڏيکاريس تہ هيءُ آهي سڪو رائج الوقت. يمليخا اهو سڪو پنهنجي سڪي سان ڀيٽيو تہ نانوائي وارو سڪو سندس سڪي کان اٺ ڀيرا هلڪو هو ۽ سندس سڪو هن سڪي جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ ڳرو هو.

نانوائي چيس،" هاڻي پنهنجو ڀلو چاهين ٿو تہ ماٺ ۾ اڌ خزانو مونکي آڻي ڏي نہ تہ آئون شور ڪندس ۽ پوءِ سپاهي توکي پڪڙي بادشاهہ جي روبرو پيش ڪندا. اتي سڀ سچيون ڪندين!"

يمليخا پريشان ٿي ويو ۽ ڪيس گهڻو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر نانوائيءَ ڪجهہ بہ نہ ٻڌو.

انهيءَ هل تي ڪيترائي واٽهڙو گڏ ٿي ويا ۽ يمليخا تان ٺٺوليون ۽ چٿرون ڪرڻ شروع ڪيائون.

آخر ۾ نانوائي ويچاري يمليخا کي پڪڙي هڪ وڏي هجوم سان گڏ ڪوتوال ڏانهن وٺي ويو.

نانوائي ڪوتوال کي سڪا ڏيندي چيو"هن جوان کان پڇو تہ هي خزانو ڪٿان هٿ آيو اٿس؟ اسان ڪائنس پڇي پڇي ٿڪا آهيون پر ڪجهہ بہ نہ ٿو ٻڌائي."

ڪوتوال نانوائيءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي يمليخا جي منهن ۾ نهاريو ۽ خزاني متعلق پڇيائينس.

يمليخا جواب ڏنو" ڪوبہ خزانو نہ اٿم. ٽيون ڏينهن دقيانوس جي ڊپ کان پنهنجو باغ وڪيو هئم ۽ اهي ان جا پئسا آهن. مون کي ڪو خزانو هٿ ڪونہ آيو آهي."

ڪوتوال کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪا نہ آئي ۽ يليخا کي سڄو شهر جي قاضي وٽ عدالت ۾ پيش ڪيائين ۽ سموري حقيقت بيان ڪيائين.

قاضي يمليخا کي مخاطب ٿيو"اي نوجوان! تون ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ محسوس نہ ڪر. صاف صاف ٻڌاءِ. رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ هي اڳاٽي زماني جا سڪا توکي ڪٿان هٿ آيا آهن؟"

يمليخا اچرج ۾ پئجي پڇيو "اڳاٽي زماني مان ڇا مراد؟ ٽيو ڏينهن تہ مون پنهنجو باغ وڪڻي اهي ڏوڪڙ ڪمايا آهن."

شهر جي قاضي اتي موجود ماڻهن کان پڇيو"هيءُ نوجوان جنهن باغ خريد ڪرڻ واري جو نالو ڪٺي ٿو تنهن کي توهان مان ڪو سڃاڻي ٿو؟"

سڀني ماڻهن هڪڙوئي جواب ڏنو تہ

سائين! انهيءَ نالي جو ماڻهو سڄي افسوس شهر ۾ ڪونهي.

پوءِ قاضيءَ يمليخا کان پڇيو"يلا ٻڌاءِ! تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ تون ڪٿي ڪم ٿو ڪرين؟"

يمليخا وراڻيو. "منهنجو گهر فلاڻي پاڙي ۾ آهي ۽ آئون دقيانوس بادشاهه جو وزير آهيان."

تنهن تي سيني هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو پر قاضيءَ اندازو لڳايو ته يمليخا بلڪل سچو ۽ سپتيو آهي. ان ڪري فيصلو ڪيائين ته هي مقدمو بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي. بادشاهه نهايت ديندار ۽ پڪو مسلمان هو. پر سندس رعيت ۾ مذهبي جماعت جا ٻه گروهه ٿي پيا هئا. هڪڙي ٽولي جو عقيدو هو ته جسم ۽ جان جو مرڻ کان پوءِ وري ڀيهر جيئرو ٿي اٿڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. هن ٽولي لاءِ بادشاهه ڏاڍو غمگين رهندو هو ۽ هميشه خدا کان دعا گهرندو هو ته "اي منهنجا خالق ۽ ڪائنات جا مالڪ! منهنجي رعيت کي بدعقيدي کان بچاءِ!"

سندس دعا رب پاڪ قبول ڪئي.

شهر جو قاضي "قسطوس" هن عجيب ۽ غريب مقدمي کي بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيو. قاضيءَ پهريائين نانوائي کي پيش ڪيو ان جو بيان ٿيو. ان کانپوءِ ڪوتوال کي پيش ڪيائين. ان کان به بيان ورتو ويو. تنهن کانپوءِ سندس بيان قلمبند ٿيو. آخر ۾ يمليخا جو وارو آيو.

بادشاهه سندس طرف متوجه ٿيو ۽ چيائينس "پٽ ڊڄ نه! اسان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي شريعت کي مڃڻ وارا آهيون ۽ خدا کي وحده لاشريڪ له ڪري مڃون ٿا. اسان جي قانون جي مطابق جنهن ماڻهوءَ کي ڪو خزانو هٿ ايندو ته اهو اڌ خزانو شاهي خزاني ۾ جمع ڪرائيندو ۽ اڌ پاڻ ڪٽندو. تنهنڪري تون ائين ڪر جو ناڻي جو اڌ حصو شاهي خزاني ۾ جمع ڪراءِ ۽ عزت سان آجو ٿي وڃ."

بادشاهه جي جواب ۾ يمليخا وراڻيو" آئون سچ ٿو چوان ته مون وٽ ڪو خزانو ڪونهي ۽ نه منهنجي ڪنهن ساٿيءَ سنگتيءَ کي ڪو خزانو هٿ آيو آهي. اهي سڀ مون تي الزام آهن ۽ سنهن قسم سان چوان ٿو ته اهي الزام مون تي اجايا مڙهيا ويا آهن."

بادشاهه پڇيس، "تون ڪٿي جو رهاڪو آهين؟"

يمليخا وراڻيو "آئون هن ئي شهر "افسوس" جو رهواسي آهيان."

بادشاهه پڇيس، "ڪهڙي محلي ۾ رهين ٿو؟"

يمليخا جواب ڏنو "فلاڻي پاڙي ۾".

بادشاهه پڇيس، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

وراڻيائين "يمليخا."

"پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌاءِ؟"

"افراسينا"

"يلا توکي ڪو سڃاڻي به ٿو يا نه"

يمليخا ڪيترن ئي معزز شخصيت جا نالا ٻڌايا. بادشاهه درٻارين ڏانهن ڏنو. سيني چيو ته اسان کي انهن نالن جي خبر ڪونهي ۽ سڄي شهر جي ماڻهن ۾ هڪڙو به اهڙو ماڻهو ناهي، جيڪو هن جي ڪنيل نالن مان ڪو هجي. پر اهڙا نالا

يمليخا کي سندس گهر ڏسي وجي ٻئي گهر
جي سامهون بيهي رهيو. پوءِ ڪيس سلام
ڪري اتان نڪري ويو.

هاڻي يمليخا کان پڇيو ويو تہ
"تنهنجو گهر ڪهڙو آهي؟"

هن ٻڌايو "هيءُ منهنجو اباڻو اجهو
آهي."

شاهي حڪم سان انهيءُ گهر واري
کي سڏ ڪيو ويو. هڪڙو ٻڍڙو ماڻهو لٺ
ٽيڪيندي ٻاهر نڪتو سندس نہ رڳو مٿي
۽ ڏاڙهيءَ جا وار اڇا هئا پر ڀرون ۽
پنبڻيون پڻ اڇيون ٿي چڪيون هيون ۽
تمام گهڻي تڪليف سان ٿڙندي
ٿاٻڙجندي پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتو.

ڪيس چيو ويو "اي پيرمرد! هي
نوجوان چوي ٿو تہ هيءُ منهنجو گهر
آهي."

انهيءَ ڪراڙي پنهنجا اڇا ڀرون
هٿ سان مٿي ڪري چڱيءَ طرح چتائي
يمليخا ڏانهن ڏٺو ۽ ڪلندي ڪيس چيائين،
"ڪجهہ هوش ڪر! آئون پيڙهين کان هن
گهر جو ڌڻي آهيان. تون ڪير آهين؟
ڪڏهن کان منهنجي گهر جو مالڪ بڻيو
آهين؟"

بادشاهہ ڀاران يمليخا کي ٻڌايو
ويو " هاڻي چو نہ توکي سزا ڏني وڃي. جو
خود تو بادشاهہ سلامت ۽ سڄي خلق کي
سڄي شهر ۾ رلايو آهي."

يمليخا چيو "نہ هيءُ منهنجو گهر
آهي ۽ اڄ ٻيو ڏينهن آهي. رات وچ ۾ تو
منهنجي گهر
تي قبضو ڄمائي ورتو آهي."

اهو ٻڌي ٻڍڙي کي ڏاڍي ٻچان لڳي.
هاڻي تہ بادشاهہ کي يمليخا جي ڪوڙ جي
پڪ ٿي ويئي ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي
ويو "هاڻي ٻڌاءِ تہ توکي ڪهڙي سيکت
ڏيان!"

اهو ٻڌي يمليخا ڪليو ۽ ڪلندي
بادشاهہ کي چيائين، "هن ڪراڙي کي چئو
تہ گهر جي وچ واري دالان ۾ جيڪي پٿر
جا ٻہ ٿنيا آهن، اهي اندران خالي آهن.
هڪڙي ۾ ههڙا سڪا پريل آهن ۽
ٻيو سونين اشرفين سان تمتار آهي."

جنهن تان ان پوڙهي انڪار ڪيو
پر بادشاهہ چيس، "نياءُ ڪرڻ لاءِ مون کي
تهہ تائين وڃڻو آهي، تنهن ڪري اي
پوڙها! توکي اسانجي حڪم جي تعميل
ڪرڻي پوندي"

پوءِ بادشاه سپاهين کي حڪم ڏنو
تہ انهن ٻنهن ٿنين کي ڊاهيو وڃي. انهن
ٻنهي ٿنين کي ٽوڙڻ شروع ڪيائون تہ
هڪڙي مان يمليخا جي سڪن جهڙا
سڪا ۽ ٻئي مان سونيون اشرفيون
نڪتون. ماڻهن جاوات ڦاٽي ويا ۽ يمليخا
جي سچائي سپتيائي، ايمانداري ۽
ديانتداري پڌري ٿي پيئي.

جڏهن ٻڍڙي هيءُ واقعو ڏٺو تہ
بادشاهہ کي چيائين، " ٺورو ترسو. آئون
هڪڙي ٻي ڳالهہ جو جائزو وٺان."

پوءِ پوڙهو لٺ جي ٽيڪ تي
ڪوٺيءَ ۾ گهڙي ويو ۽ هڪڙي صندوق
کولي ٽامي جي هڪڙي سليٽ ڪڍي آيو
جنهن ۾ هيٺين طرح لکيل هو:
"منهنجو پٽ يمليخا، پنهنجي

نندي ياءُ مڪسلينا ۽ ڇئن ٻين نوجوانن سميت پنهنجي وزارت، عيش ۽ آرام، سک ۽ سهنج ڇڏي فلاڻي تاريخ، فلاڻي مهيني فلاڻي ڏينهن. فقط هڪڙي خدا جي محبت ۾ ان جي ڳولا ۾ جبلن ۽ پهاڙن ڏانهن نڪري ويو آهي. اي منهنجي ڪتنب وارؤ ۽ منهنجي ڪڙم وارؤ! جڏهن بہ هيءُ منهنجو نوجوان سپوت "يمليخا" پنهنجي ماڳ موٽي اچي تہ سندس عزت ۽ احترام ڪجو ۽ گهر ۽ ٻار ٻچا سندس حوالي ڪجو."

جڏهن اها عبارت هڪ وڏي عام ميڙ ۾ پڙهي ويئي تہ سڀني خلق جي سامهون اهو پوڙهو الله جي پياري ٻانهي يمليخا جي پيرن ۾ ڪري پيو ۽ معافي ورتائين ۽ بادشاهہ سلامت ۽ سڀني ميڙ کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ "هيءُ ئي اهو منهنجو جدا امجد آهي جيڪو منهنجي حقيقي پڙڏاڏي کي ماءُ جي پيٽ ۾ ڇڏي ويو هو. جنهن کي اڄ پورا 309 ٽي سؤ نو ورهيہ ٿيندا."

سڀئي خلق حيران هئي. ماڻهن کي ڏنديون آڱريون اچي ويون. هيڏانهن يمليخا 309 ورهيہ پنهنجي سمهڻ جو ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ اکين مان آب جاري هئس ۽ اڃا تائين ويچار ۾ هو تہ اسان ست ئي ڄڻا منجلوس غار ۾ رڳو هڪڙي رات ستا آهيون.

بادشاهہ هي نظارو ڏسي غش ٿي ويو. جڏهن سامت ۾ آيو تہ پنهنجو شاهي ڇٽ لاهي يمليخا جي پيرن تي رکيائين ۽ هٿ ٻڌي حضرت يمليخا کي عرض ڪيائين "اي پاڪ انسان! ڇا اهڙو ڪو ڏس ڏانءُ آهي جو مان اوهان سڀني جي، جيڪي اوهان سان 309 ورهيہ انهيءُ غار ۾ ستل هئا، زيارت ڪري سگهان؟"

يمليخا فرمايو "انهيءُ ۾ ڪوشڪ ڪونهي تہ خداوند ڪريم تنهنجي لاءِ ئي اسان کي ننڊ مان سجاڳ ڪيو هجي ۽ قيامت جي منڪرن ۽ محشر کان منهن موڙيندڙن کي ڏيکارڻ واسطي هن توهان وٽ موڪليو هجي. تنهنڪري تون ٻلي اوڏانهن هل، آئون توکي پاڻ سان وٺي هلندس."

بادشاهہ حضرت يمليخا کي پنهنجو خاص سواريءَ واري گهوڙي تي سوار ڪيو ۽ پاڻ ٻئي گهوڙي تي سوار ٿي منجلوس جبل ڏانهن روانو ٿيو.

بادشاهہ ۽ يمليخا هڪڙي وڏي خلق پاڻ سان ڪري پهاڙ تي پڄي ويو. پهاڙ تي پهچندي ئي حضرت يمليخا فرمايو "اي بادشاهہ سلامت! آئون هڪڙي ڳالهہ عرض رکڻ چاهيان ٿو تہ هيڏي وڏي خلق ۽ ان کانسواءِ انهن جي گهوڙن جي سنبن جو آواز جڏهن منهنجن ساٿين جي ڪَن تي پوندو تہ ويچارا گهبرائجي ويندا ۽ هو سمجهندا تہ دقيانوس بادشاهہ ڪين گرفتار ڪرڻ واسطي آيو آهي ۽ هاڻي هو اسانکي قتل ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري آئون توهان کي گذارش ٿو ڪريان تہ توهان پنهنجي ماڻهن سوڌو اتي ئي ترسو ۽ آئون اڪيلو وڃي ٿو پنهنجن رفيقن کي سڄو حال حقيقت ٻڌايان."

بادشاهہ خوشيءَ سان اجازت ڏني.

، يمليخا غار وٽ پهتو جتي سندس ڇهہ ئي ساٿي پنهنجي دوست جي

اوسيئڙي ويٺا هئا. ايتري ۾ يمليخا سندن سامهون اچي بيٺو. يمليخا کين چيو "اي منهنجا رفيقؤ! ڇا توهان ائين ڀانئيو هو ته دقيانوس بادشاهه مون کي گرفتار ڪري ڇڏيو هوندو ۽ افسوس شهر جي ظالمن مون سان گهٽ ڪا نه ڪئي هوندي. نا نا منهنجا دل گهريا دوستو! ائين نه آهي!" پوءِ يمليخا پڇين، "ڀلا ٻڌايو ته توهان هي غار ۾ ڪيترو وقت ستا هوندا؟"

هنن چيو ته پاڻ هڪڙي رات ته هتي ستا آهيو يا پهر اڌ ڪن!"

يمليخا چين، "نا! نا! ائين ناهي. هاڻي زمانو بدلجي ويو آهي! وقت تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. توهان هڪڙي رات نه پر پورا 309 ورهيه هن غار ۾ ستا آهيو. خدا جي قدرت ته ڏسو سڄو جڳ جهان بدلجي چڪو آهي. هاڻي دقيانوس جو نالو نشان نه رهيو آهي. ظلم ۽ ڪفر ڪافور وانگر اڏامي ويو آهي. بت پرستي ختم ٿي چڪي آهي. هر طرف حق جي دين نظر اچي رهيو آهي."

جڏهن يمليخا پنهنجن ساٿين کي سفر جا عجيب ۽ غريب واقعا ٻڌايا ۽ هي پڻ ٻڌايائين ته توهان جي ليکي ته توهان هتي هڪڙي رات يا پهرُ اڌ ڪن ستا هوندا، پر هوڏانهن نه رڳو دقيانوسي دؤر پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو آهي پر ان کانپوءِ 13 بادشاهه تخت تي ويهي پنهنجو وارو وڄائي ويا هليا آهن. هاڻي ته خوش ٿيو جو افسوس شهر تي هينئر هڪڙو مسلمان بادشاهه حڪومت ڪري رهيو آهي. اهو پنهنجي رعيت ۽ سپاهه سوڌو هن غار جي ٻاهران موجود آهي ۽ توهان جي زيارت جو بيحد مشتاق آهي.

مفسرين ۽ مورخين لکن ٿا ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته اصحاب ڪهف، يمليخا کان 309 ورهين جي ڳالهه ٻڌي محبت الاهيءَ ۾ اهڙا ته مستغرق ٿي ويا جو يمليخا سوڌو ڪنهن کي دنيا وما فيها جي سڌ نه رهي. مٿن وجداني ڪيفيت ڇانئجي ويئي ۽ وري وحدت جو واءُ وريو ۽ سندن اکين ۾ اها ساڳي ننڊ اچڻ لڳي ۽ حقيقي محبوب جي ديدار ۾ محو ٿي ويا.

هوڏانهن بادشاهه يمليخا جو انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پيو. تنهنڪري پنهنجي رعيت سوڌو غار ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. پر جيئن جيئن غار جي ويجهو ٿيندا ويا، تيئن تيئن سندن قدم ڪمزور ٿيندا ويا. پر بادشاهه همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ هلندي هلندي ٻنهه غار جي منهن تي پهچي ويو ۽ ڇا ٿو ڏسي ته غار جي ڪڙهه (در) تي هڪڙو ڪتو ٻبر شينهن وانگي اکيون ڦوٽاري ويٺو آهي. پر آهي ماٺ ۾. بادشاهه سان الله تعاليٰ جو فضل ۽ ڪرم شامل حال هو. انهي ڪري اڪيلو ئي اڪيلو پنهنجو پاڻ کي ڏڍ ڏيندو غار جي اندر داخل ٿيو ۽ نهايت ئي ادب ۽ احترام سان اصحاب ڪهف جي قدمن ۾ بيهي رهيو. ڪا ڪل نٿي پئجي سگهيس ته ستل آهن يا جاڳيل! ان کان سواءِ انهن جي جسم ۾ ڪا به چرپر نظر نٿي آيس. جنهنڪري کين مئل ٿي ڀانئيائين. پر انهن جي سهڻي ۽ من موهڻي صورت جي مٺيا ٻڌائي رهي هئي ته اهي زنده هئا.





ائين پئي لڳو ڄڻ ڪنهن نديءَ جو پاڻي ڪنهن غار منجهان تيزيءَ سان گوڙ ۽ شور جو آواز پيدا ڪري لنگهي رهيو هجي. آئون اتي بيٺس. مون ڏٺو ته منهنجي بي جان جسم منهنجي اکين آڏو پيو هو. ڊاڪٽر ۽ نرسون ان جسم کي وري جيئارڻ (Resuscitation) جي ڪوشش ۾ رڌل هيون. مون کي ان مهل ڪو به ڊپ، خوف يا درد وغيره محسوس نه پئي ٿيو. ان وقت مون کي هڪ ابدي سڪون جو احساس پئي ٿيو. هڪ يا ٻن لمحن کان پوءِ مون کي لڳو ڄڻ آئون هوا ۾ مٿي بلند ٿيندي هجان. اتي مون کي چوڌاري اونده محسوس ٿي رهي هئي. اها جڳهه ڪنهن سوڙهيءَ سرنگهه وانگر هئي. اتي مون کي هڪ نور جو تجلو نظر آيو جيڪو وقت گذرڻ سان وڌيڪ روشن ٿيندو پئي ويو. اهو ايترو ته صاف ۽ شفاف هو جو آئون ان جي آرپار سولائيءَ سان ڏسي رهي هئس.

امالڪ مون پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ٻيءَ جاءِ اندر محسوس ڪيو. آئون اتي ڪيئن پهچي ويس، تنهن جو مون کي ڪو پتو ڪو نه آهي. چوطرف سونهري رنگ جي خوبصورت روشني ڦهليل هئي. ان روشني جو مخرج (Source) ڇا هو ۽ ڪٿان آئي پئي تنهن جو ڪو پتو نه پئي پيو. چوطرف هلڪي هلڪي موسيقيءَ جو به آواز اچي رهيو هو. مون ائين پئي محسوس ڪيو ڄڻ آئون ڪنهن نهايت خوبصورت ٻهراڙيءَ منجهه اچي وئي هجان جتي نديون وهنديون هجن. چوڌاري ساوڪ هجي ۽ وڏا وڏا وڻ هوا ۾ لهرائيندا هجن. اها جاءِ جبلن جي وچ ۾ هئي ۽ نهايت ئي حسين ۽ دلفريب هئي. ان دنيا جي ساوڪ وڻ، نديون ۽ جبل وغيره هن زميني دنيا جي ساوڪ، وڻن، ندين ۽ جبلن کان بلڪل مختلف هئا. سڀ کان وڌيڪ حيرت ۾ وجهندڙ اها ڳالهه مون کي نظر آئي ته اتي ڪجهه ماڻهو به موجود هئا. جيڪي چوڌاري گهمي ڦري رهيا هئا. انهن ماڻهن وٽ ڪو جسماني روپ وغيره ڪو نه هو. مون بس اهو ڄاتو ٿي ته اهي ماڻهوان جاءِ تي موجود هئا.

ان جاءِ تي ابدي سڪون ۽ خوشي جو احساس من ۾ اپريو پئي. ڌل محبت سان ٽمٽار پرجي ٿي وئي. مون کي ايئن پئي لڳو ڄڻ آئون پاڻ ان حسين منظرجو ڪو حصو هجان. اهو احساس ڪيترو وقت هليو تنهن جو مون کي ڪو پتو ناهي. ٿي سگهي ٿو ته اهو احساس هڪ لمحي کن جو هجي يا هڪ سال جو تنهن بابت آئون ڪجهه به ٻڌائي نه ٿي سگهان."

هڪ ٻيءَ عورت پنهنجي ان مشاهدي کي هيٺين ريت ٻڌايو آهي. "مون کي ڪنهن شيءِ جي ڇنڇهڻ (Vibration) جو احساس ٿيو. اهو ڇنڇهڻ آهستي آهستي ٿي منهنجي جسم جي چوگرد گڏ ٿيندو ويو ۽ تان جو مون کي لڳو ڄڻ اهو ڇنڇهڻ جو آواز خود منهنجي بدن منجهان اچي رهيو هو. اهو آواز منهنجي بدن جي ڪهڙي حصي منجهان اچي رهيو هو ته تنهن جي مون کي ڪا خبر ناهي ۽ نه ئي ڪو آئون پنهنجي بدن جي ڪنهن عضوي جي نشاندهي ڪري سگهان ٿي، جنهن مان اهو آواز اچي رهيو هو. ان سان گڏوگڏ مون اهو پڻ

محسوس ڪيو ته آئون پنهنجي جسم کان الڳ ٿي وئي هجان. مون اهو ڏٺو ته منهنجو بدن بي جان حالت ۾ منهنجي آڏو پيل هو. آئون ڪجهه دير تائين اتي بيٺل هئس. مون ڏٺو ته ڊاڪٽر ۽ نرسون منهنجي لاش مٿان بيٺا هئا ۽ مون کي پيهر اٿارڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. مون اهو سوچيو پئي ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ آئون ان وقت بستري جي اڳياڙيءَ وٽ بيٺل هئس. مون ڏٺو ته هڪ نرس جلدي سان وڏي پت جي مٿان لٽڪيل ساهه کڻائڻ جو ڪوپو (Oxygen Mask) کڻڻ آئي. مون کي ان مهل ڏاڍي حيرت لڳي جنهن وقت ان نرس جو هٿ منهجي (روح) اندران ائين لنگهي ويو ڄڻ منهنجو ڪو وجود ئي نه هجي پر ڪيس مون بلڪل محسوس نه ڪيو هو.

تنهن کان پوءِ مون مٿي وڃڻ شروع ڪيو. اڳيان هڪ اونداهي ڪاري سرنگهه آئي. اتان گذرڻ بعد مون کي انتهائي روشن نور جو تجلو نظر آيو. اتي بيٺي ڪجهه دير ئي گذري هوندي ته مون وٽ منهنجو ڏاڏو پيءُ ۽ ڀاءُ اچي ويا. انهن سيني جو اڳ ۾ ئي لاڏاڻو ٿيل هو. چوڌار نهايت دلڪش روشني ڦهليل هئي. اتي ماحول انتهائي حسين ۽ من موهيندڙ هو. ان جاءِ تي رنگ نهايت تيز هئا ليڪن اهي هن زميني دنيا جي رنگن کان بنهه الڳ ۽ مختلف چمڪ رکندڙ هئا. آئون انهن رنگن کي پوريءَ ريت لفظن اندر بيان ڪري نه ٿي سگهان. چوطرف ماڻهو نظر آيا پئي. اهي سڀئي خوش باش نظر اچي رهيا هئا. انهن مان ڪجهه ماڻهو جتن جي شڪل ۾ هئا ته ڪي وري اڪيلي حالت ۾ گهمي ڦري رهيا هئا. انهن مان ڪجهه ماڻهن ان جاءِ تي علم جي ڄاڻ پئي حاصل ڪئي.

ٿورو پرتي مون کي هڪ شهر نظر آيو. جنهن ۾ مختلف انداز جون الڳ الڳ عمارتون جڙيل هيون. اهي سڀ روشنيءَ ۾ چمڪي رهيون هيون. انهن جاين اندر ماڻهو به هئا. جيڪي انتهائي مسرور پئي نظر آيا. اتي مونکي آبشار به نظر آيا جنهن جي پاڻيءَ مان ڪرڻا پئي نڪتا. اتي هر ڪا شيءِ روشن هئي. چوطرف مڌرمڌر موسيقي جو آواز آيو پئي. ان وقت مون کي اهو احساس ٿيو ته جيڪڏهن آئون ان شهر ۾ هڪ دفعو اندر داخل ٿي ويس ته پوءِ آئون هميشه لاءِ ان ۾ رهجي ويندس ۽ مون وٽ واپسي جو گس نه هوندو. ايتري ۾ مون هڪ آواز ٻڌو جيڪو مون کي چئي رهيو هو ته "آئون جلدي فيصلو ڪريان ته آيا مون کي هن "نور جي شهر" ۾ رهڻو هو يا وري مون زميني دنيا ڏانهن موٽي وڃڻ چاهيو ٿي." اهو فيصلو منهنجي مٿان ڇڏيل هو."

هڪ پوڙهي ماڻهوءَ ان ڪيفيت کي هنن لفظن ۾ ٻڌايو آهي:

"آئون پنهنجي ڪرسي تي ويٺو هوس. مون جيئڻ ئي اٿڻ چاهيو ته يڪايڪ مون کي ايئن لڳو ڄڻ مون کي ڇاتيءَ ۾ ڪو تيز ڇرو کپي ويو هجي. آئون جهڪيل حالت ۾ ئي ساڪت ٿي ويهي رهس. ٿوريءَ دير بعد درد جو احساس وري منهنجي دل ۾ اڀريو. هن ڀيري لڳو ڄڻ ڪنهن منهنجي دل مٿان مترڪو هڻي

چڙيو هجي. آئون ان وقت اسپتال ۾ داخل هئس. ڊاڪٽر پڇندا آيا ۽ انهن مون کي ٻڌايو تہ مون کي دل جو دورو پيو هو. اهو هڪ عجيب تماشو هو. هڪ طرف آئون بي سڌ حالت ۾ اتي پيل هئس ۽ ٻئي طرف مٿان هوا ۾ لٽڪي پنهنجي لاش کي بہ ڏسي رهيو هئس. تنهن بعد مون کي هڪ گهگهہ اونداهيءَ سرنگهہ منجهان گذاريو ويو. ان سرنگهہ جي انت تي مون کي هڪ انتهائي خوبصورت ۽ دلڪش وادي نظر آئي. ان جاءِ جي حسن کي آئون لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. پر اها دنيا واقعي حقيقتن اتي موجود هئي. مون کي يقين نہ ٿي آيو تہ ڪو آئون "مٿانهين دنيا" منجهہ پهچي ويو هئس. مون کي اتي هڪ ندي پڻ نظر آئي جيڪا نهايت ئي شانت سان وهي رهي هئي. ڪنهن بہ هنڌ ان جي سطح هيٺ مٿي نہ هئي. ايئن پئي لڳو جڻ ان نديءَ ۾ پاڻي نہ پر شفاف شيشو پيل هو. آئون ان نديءَ کي پار ڪري ٻئي ڪپ تي پهتس. اهو هنڌ بہ انتهائي دلڪش ۽ من کي آرام ڏيندڙ هو جنهن جو اوهان ڪو تصور نہ ٿا ڪري سگهو. هن زميني دنيا ۾ مون ڪيترين ئي خوبصورت جڳهيون ڏٺيون آهن، پر ان جاءِ جي سونهن کي انهن مان ڪنهن سان بہ ڀيٽي نہ ٿو سگهجي، چو تہ اها ڀيٽ ڪرڻ هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي. اها جاءِ نهايت شانت، سڪون ۽ فرحت واري هئي. اتي ماڻهو هميشہ آرام جي ڪيفيت ۾ رهيا پئي. اتي ڪو بہ انڌيرو يا اونداهي ڪو نہ هئي ۽ چؤطرف چمڪندڙ روشني ڦهليل هئي."

## 14. منجهيل روحن جي دنيا (The Realm of Bewildered Spirits)

گهٽن ئي موت جي ڪيفيت جو لقاءُ ڏسندڙن ٻڌايو آهي تہ ڪنهن جڳهہ تي انهن کي اهڙا روح بہ نظر آيا آهن جن لاءِ ايئن لڳو ٿي تہ اتي اٽڪي پيا هئا. انهن جي چهرن تي پريشانيءَ جو احساس نظر اچي رهيو هو. اهي منجهيل روح گهٽن ماڻهن کي نظر آيا اهن. موت جو مشاهدو ڪندڙ سيئي ماڻهو انهن منجهيل روحن بابت هيٺين ڳالهين تي متفق نظر اچن ٿا.

ائين لڳو ٿي تہ جڻ اهي منجهيل روح پنهنجي زميني دنيا جي ڪشش کي وساري نہ سگهيا هئا ۽ اتي واپس وڃڻ جي شديد آرزو ۾ مبتلا هئا، ڇاڪاڻ جو هيٺين دنيا منجهہ انهن جون اهڙيون ڪافي ڳالهيون ۽ ڪم هئا، جن جي ڪاڻ انهن روحن واپس زميني دنيا ۾ وڃڻ چاهيو ٿي.

ٻي ڳالهہ ان منجهيل روحن بابت .اها محسوس ڪئي وئي تہ اهي روح پنهنجي چال چلت ۽ ڪرت ۾ انتهائي سست ۽ بيزار پئي لڳا. جڏهن تہ انهن جي ڀيٽ ۾ ٻيا روح انتهائي خوش باش ۽ مسرور حالت منجهہ هئا.

ٽئين ڳالهہ انهن روحن بابت اها محسوس ڪئي وئي تہ اهي منجهيل روح ان حالت ۾ ايستائين رهندا جيستائين هو پنهنجي زميني دنيا سان لاڳاپيل خواهش کي ختم نہ ٿا ڪن.

هڪ عورت جي ٻڌايل ڳالهہ کي

هيٺ بيان ڪجي ٿو. اها عورت طبي موت واري حالت ۾ سانده پندرهن منٽ ڪن رهي هئي:

"انهن بيچين روحن کي مون واقعي اتي ڏٺو هو پر ڪٿي ڏٺو اهو مون کي ياد ڪونهي. آئون جڏهن موت جي ڪيفيت دوران اڳتي ويس ته مون کي هڪ اهڙي جاءِ نظر آئي جتي جي روشني ڪافي جهڪي هئي، جڏهن ته ان جي پيٺ ۾ چوطرف موجود روشني تمام تيز ۽ چمڪندڙ هئي. اتي موجود روحن جا روپ زميني ماڻهن جي شڪل جي وڌيڪ ويجهو هئا. پر اهي هن دنيا جي ماڻهن جي شڪل جي وڌيڪ ويجهو هئا. ليڪن اهي هن دنيا جي ماڻهن وانگر هوبهو به نه هئا. انهن روحن جا ڪنڌ هيٺ جهڪيل هئا. اهي نهايت مايوس ۽ اداس پئي نظر آيا. اهي آهستي آهستي جهٽڪن جي شڪل ۾ پنڌ ڪري هلي رهيا هئا. مون کي انهن جا پير بلڪل نظر نه پئي آيا. ائين پئي لڳو ڄڻ سندن ڪا منزل نه هجي ۽ نه ڪو انهن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ اتي موجود هو ۽ نه اهي ڪنهن جي پٺيان ويا پئي. آئون جنهن وقت سندن ڀرسان لنگهيس تنهن وقت به انهن مان ڪنهن به ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن نه ڏٺو. مون کي لڳو ڄڻ اهي ان وقت به اهو سوچيندا هجن ته هاڻ سندن سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو هو ۽ هو هتي موت بعد پڇتا هئا. پوءِ اهي ڇو اڃان به هن بي يقينيءَ جي عالم ۾ هئا ۽ سندن برو وقت ختم ڇو نه ٿو ٿئي ۽ هو اتي ڇا ڪري رهيا هئا؟ انهن جون حرڪتون بي يقيني جي عالم واريون هيون. انهن کي ڪا خبر نه پئي ته هو ڇا ڪن يا ڪيڏانهن وڃن يا هو ڪير آهن وغيره. ايئن پئي لڳو ڄڻ هو مسلسل پنڌ جي حالت ۾ هجن. مون انهن کي ڪٿي به بيٺل يا ويٺل حالت ۾ نه ڏٺو. انهن جي هلڻ جو رخ ڪنهن هڪ پاسي نه هو. هو گهڙيءَ گهڙيءَ رخ بدلائي ٻئي پاسي ويا پئي. ائين پئي لڳو ڄڻ کين ڪا خبر نه هجي ته هو ڇو پنڌ جي حالت ۾ آهن ۽ کين ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ ڇا لاءِ پنڌ پيا ڪن؟ ۽ نه ئي مون کي خبر هئي ته آخر سندن ان لڳاتار پنڌ ڪرڻ جو مقصد ڇا هو؟

اهي منجهيل ۽ پريشان روح پنهنجي اردگرد جي دنيا کان بلڪل لاتعلق نظر اچي رهيا هئا. انهن کي نه روحاني دنيا جي ڪا سڌ هئي ۽ نه ڪو جسماني دنيا جي باري ۾ پتو هو. ايئن پئي لڳو ڄڻ اهي ٻنهي دنيائن جي وچ ۾ اٽڪي پيا هجن. ان سبب ڪري هو نه روحاني دنيا ۾ رهيا هئا ۽ نه ئي وري جسماني دنيا منجهه هئا. مون کي ايئن لڳو ڄڻ هو اڌ هيڏانهن هجن ۽ اڌ هوڏانهن. اهي شايد جسماني دنيا سان ڪنهن رابطي ۾ هئا يا وري ڪا شيءِ کين جسماني دنيا سان ڳنڍي ويٺي هئي. ڇاڪاڻ جو انهن مان هر روح جو "جسم" هيٺين طرف جهڪيل هو ۽ هو سيئي هيٺ نهاري رهيا هئا. لڳو ٿي ڄڻ هو زميني دنيا کي هيٺ ڳوليندا هجن. اهي شايد اڃا تائين پنهنجي باري ۾ ڪو فيصلو نه ڪري سگهيا هئا ته هو ڇا ڪن؟ اهي تمام منجهيل ۽ وائڙيءَ حالت ۾ هئا. انهن کي ڪا خبر نه هئي ته اهي ڪير

آهن ۽ ڇا لاءِ اتي آيا آهن؟ ايئن پئي لڳو چڻ هو پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويٺا هجن."

ڪجهه ٻين ماڻهن اهو ٻڌايو آهي ته ڪين ايئن لڳو ته اهي منجهيل روح هيئين دنيا جي ماڻهن سان رابطي جي ناڪام ڪوشش ۾ لڳل هئا. هڪڙو ماڻهو جيڪو هڪ کان وڌيڪ دفعا ان موت جي مشاهدي واري ڪيفيت مان گذري چڪو آهي. سو ٻڌائي ٿو ته هڪڙي دفعي جڏهن هو ان روح جي حالت ۾ هو ته هن ڏٺو ته هڪ روڊ تي هڪ زنده ماڻهو وڃي رهيو هو ۽ سندس مٿان هڪ روح پڻ هلي رهيو هو. اهو روح ان زنده ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ لڳو پيو هو. جڏهن ته اهو زنده ماڻهو ان روح جي موجودگيءَ کان بلڪل بي خبر هو. مون ڏٺو ته اهو روح بيچين ۽ منجهيل روحن واري ٽولي سان واسطو رکندڙ هو. مون کي ان وقت اهو ادارڪ ٿيو ته اهو روح ان زنده ماڻهوءَ جي ماءُ جو هو ۽ اهو اڃان تائين پنهنجي ماءُ واريءَ حيثيت کي وساري نه سگهيو هو ۽ پنهنجي پٽ سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو."

هڪ عورت ان واقعي کي هيئين ريت ٻڌايو آهي:

"مون انهن بي چين ۽ منجهيل روحن کي جسماني دنيا (زميني دنيا) جي ماڻهن سان رابطي لاءِ ڪوشش ڪندي ڏٺو آهي، پر انهن زنده ماڻهن کي سندن موجودگيءَ جو ڪو پتو ڪو نه هوندو آهي، ڇو جو زنده انسان ڪين روحاني حالت ۾ ڏسي نه ٿا سگهن. ان ڪري انهن ڪين محسوس ئي نه ٿي ڪيو. انهن روحن جون رابطي جون سڀ ڪوششون ناڪام پئي ويون. ڇاڪاڻ جو روحاني دنيا ۽ جسماني دنيا جي ماڻهن ۾ عام رواجي حالتن ۾ رابطو ٿيڻ نهايت مشڪل بلڪل ناممڪن آهي."

جڏهن ان عورت کان اهو پڇيو ويو ته آخرانهن منجهيل ۽ پريشان روحن زنده ماڻهن سان ڇا ٿي چوڻ چاهيو ته ان عورت وراڻيو:

"مون اتي هڪ عورت جو منجهيل ۽ بي چين روح ڏٺو جيڪو ڪوشش ۾ لڳو پيو هو ته هڪ گهر جي اندر رهيل ماڻهن ۽ هڪ پوڙهي مائيءَ سان رابطي ۾ اچي. آئون سمجهي ويس ته اهو روح ان ماڻهن جي ماءُ جو هو ۽ گهر ۾ موجود پوڙهي مائي ان روح جي ماءُ هئي. ان عورت جي روح جي اها ڀرپور ڪوشش هئي ته هو ڪنهن نموني پنهنجن ٻارن ۽ ماءُ سان رابطي ۾ اچي سگهي يا انهن سان ڳالهائي سگهي، پر سڀ بي سود هو ڇاڪاڻ جو اهي ماڻهو ۽ پوڙهي مائي ان عورت جي روح کان بلڪل بي خبر هئا. اهي ماڻهو بدستور ان گهر جي اڱڻ ۾ ويٺل هئا ۽ اها پوڙهي عورت رڌڻي ۾ پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي پئي هئي. انهن کي ڪا سڌ نه هئي ته ڪو ان عورت جو روح سندن چوڌاري ڦيرا پائي انهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو.

مون اهو به محسوس ڪيو ته ان عورت جي روح پنهنجي ٻارن ۽ ماءُ کي اهو چوڻ پئي چاهيو ته اهي پنهنجي زندگي

جي راهن کي بدلين ۽ نوان رستا اپنائين. ان عورت کين ٻڌائڻ چاهيو پئي ته اصل ۾ صحيح رستو ڪهڙو هو جنهن تي هلي هو خوشيون ماڻي سگهيا ٿي ورنه اهي به ان عورت جي روح وانگر منجهيل پريشان ۽ بيچين هوندا. ان عورت جي روح انهن کي اهو چوڻ پئي چاهيو ته "اهي ڪم ڪاريون نه ڪريو جيڪي مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيا هئا. چاڪاڻ جو انهن خراب ڪمن جو نتيجو آئون هن مٿانهين دنيا ۾ ڀوڳي رهي آهيان ۽ هتي بي چين، پريشان ۽ سڪون کان محروم روح جي حالت ۾ آهيان. ٻين ماڻهن کي سندن ڪمن ۾ ساٿ ڏيو ۽ انهن جي مدد ڪريو. جيڪڏهن توهان اهي ڪم ڪيا ته پوءِ مٿانهين دنيا ۾ به توهان خوش باش ۽ سڪون سان هوندا."

آئون نه ٿي چاهيان ته ايئن لڳي جڻ آئون ڪو مذهبي واعظ ڪندي هجان. پر مون کي لڳو ته ان عورت اهو پيغام پنهنجي پويان رهجي ويلن کي ڏيڻ گهريو پئي. ائين پئي لڳو جڻ سندس زميني دنيا واري گهر ۾ ڪنهن جي دل ۾ پيار ۽ محبت نه هئي ۽ ان عورت ائين چاهيو پئي ته اهي دنيا جي ماڻهن سان محبت ۽ پيار سکي وٺن. گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهو ٿي ان عورت جي روح جي ڳالهين مان لڳو. ان عورت جو روح ۽ ان جو سندس پوين سان رابطي جون ڪوششون مون کي زندگيءَ ڀر ياد رهنديون."

## 15. قدرتي بچاءُ
## (Super Natural Rescue)

ڪن ماڻهن اهو به ٻڌايو آهي ته اهي جڏهن موت جي بلڪل نزديڪ پهچي ويا هئا ۽ سندن موت اٽل هو ته ان وقت ڪين ڪن غيبي قوتن جي وچ ۾ اچڻ تي ان موت کان بچاءُ ٿيو هو. جيڪڏهن اهي غيبي قوتون ان مهل سندن لاءِ وچ ۾ نه اچن ها ته سندن موت برحق هو. ڪن حالتن ۾ ته اهي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي بچڻ کان بلڪل مايوس ٿي ويا هئا ۽ موت لاءِ ذهني طور تيارٿي ويا هئا. آخري مهل کان بس ڪجهه لمحا پهرين هنن ڪو آواز ٻڌو يا ڪين نور جو تجلو نظر آيو جنهن ڪين ان يقيني موت کان بچائي ورتو. اهڙن غيبي مدد جي واقعن ماڻهن جي مٿان ايترو ته گهرو اثر ڇڏيو آهي جو سندن زندگي بلڪل ئي بدلجي وئي آهي. بقول اهڙن ماڻهن جي ته ڪين اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هئي ته سندن زندگي ڪنهن مقصد ڪاڻ بچائي وئي هئي. گهڻو ڪري اهو ڏٺو ويو آهي انهن واقعن کان پوءِ اهڙن ماڻهن جو لاڙو مذهبن ڏانهن وڌيڪ ٿيو آهي.

اهڙي قسم جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪيٿرين مارشل پنهنجي ڪتاب "پيٽر نالي هڪ ماڻهو" (A man called Petter) ۾ ڪيو آهي. اها عورت لکي ٿي ته ٻالپڻ دوران هڪ دفعي پيٽر نالي ماڻهو ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي چڙهيل هو. اتي انتهائي گهرو ڪوهيڙو هو جنهن جي ڪري ڪيس اڳيان ڪجهه به نظر نه ٿي آيو. پيٽر ان جاءِ تان ذري گهٽ ڪرڻ وارو هو جو ڪيس ڪرڻ کان هڪ يا ٻه لمحا پهرين، پٺيان هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو

ڪيس اڳيان وچڻ کان روڪي رهيو هو. بعد ۾ پيٽر کي پتو پيو تہ جيڪڏهن ڪيس اهو آواز اڳتي وڃڻ کان بروقت نہ روڪي ها تہ پيٽر جو موت ان جبل تان ڪرڻ ڪري لازمي هو. ان واقعي پيٽر جي پوريءَ زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو ۽ هو ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ مذهبي عالم بڻجي ويو.

هڪ ماڻهو پنهنجي ان تجربي کي هيٺئين نموني بيان ڪيو آهي. هي ماڻهو هڪ ڪارخاني اندر حادثي جو شڪار ٿي ويو هو جتي چوڌاري نهايت گرم ٻاڦ اٿي رهي هئي ۽ هيٺ زمين تي نهايت تيزيءَ سان گرم تيزاب وهي رهيو هو:

"اتي شديد تپش هئي. مون رڙيون پئي ڪيون تہ مون کي هتان ڪڍو ڇاڪاڻ جو اتي جي شديد گرمي ۽ تيزاب جي اٿندڙ ٻاڦ مون کي ذري گهٽ ماريو ٿي. پر اتي ڪو بہ موجود ڪو نہ هو جو منهنجي مدد ڪري سگهي. آئون هڪ ڪنڊ ۾ اوڪڙو ويهي، پنهنجو ڪنڌ گوڏن ۾ لڪائي ويٺو هئس تہ جيئن آئون ان گرم ٻاڦ ۽ تيزاب جي موتمار ٻاڦ جي اثر کان بچي سگهان. رب پناهہ ڏئي.... اتي ايتري تہ شديد تپش هئي جو منهنجي بدن تي پيل ڪپڙا جڻ ٻاهہ بڻجي ويا هئا. ان وقت مون ايئن ڀانيو تہ موت مون کان گهڻو پري نہ هو ۽ آئون ڪجهہ دير کان پوءِ يقيني طور مري ويندس. مون پنهنجي جيون بچائڻ لاءِ وڌيڪ هٿ پير هڻڻ ڇڏي ڏنا ۽ نراس ٿي موت جو انتظار ڪرڻ لڳس. تپش ايتري تہ وڌي وئي هئي جو آئون پوريءَ ريت اکيون کولي بہ نہ ٿي سگهيس ۽ سارو وقت اکيون بند ڪري هيٺ ويٺو هوس. ان حالت ۾ مون کي اوچتو ايئن لڳو جڻ منهنجي چوگرد تيز روشني پکڙجي وئي هجي. ان وقت مون کي انجيل جي هڪ آيت "بيشڪ آئون هميشہ توهان سان گڏ آهيان" ٻڌڻ ۾ آئي. آئون ان آيت کي بلڪل وساري نہ ٿو سگهان. ڇاڪاڻ جو ننڍي هوندي کان وٺي هن عمر تائين مون گرجا ۾ ان آيت کي هزارين دفعا ٻڌو آهي. مون پنهنجو منهن ان آواز جي طرف ڪيو. مون کي ايئن لڳو جڻ ڪو مون کي ان آواز طرف وڃڻ لاءِ اتساهي رهيو هو. منهنجيون اکيون جيتوڻيڪ اجان بہ بند هيون، پر تنهن هوندي بہ مون ان روشنيءَ کي نهايت چٽي نموني ڏٺو پئي. اهو ڪيئن ممڪن هو آئو ان جي باري ۾ ڪجهہ بہ چئي نہ ٿو سگهان. مون ان آواز ڏانهن هلڻ شروع ڪيو ۽ مون کي پنهنجي زندگي جو وڏي ۾ وڏي حيرت جو ان وقت جهٽڪو لڳو جنهن مهل مون کي ان پاسي ٻاهر نڪرڻ لاءِ راهہ نظر آئي. ان سڄي جاءِ تي اهو ئي واحد رستو ٻاهر نڪرڻ جو هو جنهن ڏانهن منهنجي غيبي رهنمائي ڪئي وئي هئي. جڏهن آئون اهر نڪتس تہ منهنجو پورو بت لهسيل هو پر اکيون معجزاتي نموني بلڪل محفوظ هيون. اتي جيڪا گرمي ۽ تپش هئي تنهن ۾ انهن کي ضرور لهسڻ وڃڻ گهرجي ها، جو تہ اکيون نهايت نازڪ هونديون آهن."

جڏهن ان ماڻهوءَ کان وڌيڪ پڇيو ويو تہ ان واقعي سندس مٿان ڪهڙو اثر ڇڏيو آهي تہ هن وراڻيو:

"آئون ڪو دلير شخص نہ آهيان ۽ نہ ئي ڪو آئون پنهنجو پاڻ کي تيس مار

خان سمجهان ٿي پر جڏهن آئون ان حادثي واري واقعي کان پوءِ آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ويس تہ هين ماڻهن جو مون کي چيو تہ آئون نهايت پرسڪون ۽ پراعتماد لڳي رهيو هئس. جڻ ان واقعي مون کي بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو هجي. حقيقت ۾ منهنجو ان بدلاءُ ۾ ڪو هٿ نہ هو. ان غيبي مدد واري واقعي منهنجي طبيعت جي سياءُ کي بلڪل ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. آئون هاڻ موت کان ڪو نہ ٿو ڊڄان. ان غيبي مدد مون کي بي انتها سڪون جو احساس، سهڻ جي شڪتي ۽ من جي طاقت ڏني آهي.

آئون ڄاڻان ٿو تہ اهو غيبي آوازحضرت عيسيٰ عليہ السلام جن جو هو جنهن مون کي ان موت واري جاءِ منجهان اچي ڪڍيو هو. آئون سمجهان ٿو تہ منهنجي حياتي ڪنهن مقصد ڪاڻ بچائي وئي آهي. اهو مقصد ڪهڙو آهي، تنهن جي هن مهل مون کي ڪا خبر ناهي. ان حادثي کان پهرين آئون پنهنجو پاڻ کي پالڻهار جي ويجهو ايترو نہ پائيندو هئس جيترو هاڻ آئون پنهنجي پاڻ کي سندس ويجهو محسوس ڪريان ٿو. هاڻ آئون اهو سمجهان تہ جيڪڏهن ڏکئي وقت ۾ پالڻهار کي سچي دل سان ياد ڪجي ٿو تہ هو ضرور ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ اچي ٿو."

هن ماڻهوءَ کان جڏهن وڌيڪ اهو پڇيو ويو تہ اهو غيبي آواز ڪهڙي قسم جو هو تہ هن ٻڌايو:

"اهو آواز ڪنهن انساني آواز وانگيان نہ هو. ايئن پئي لڳو جڻ اهو گونججي رهيو هجي. ان آواز جي غيبي هجڻ ۾ مون کي ڪوشڪ نہ آهي. ڇو تہ ان موت واري جڳهہ کان بچڻ جو واحد رستو صرف ان ئي پاسي هو جتان مون کي اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. جيڪڏهن اهو آواز منهنجي کابي يا ساڄي پاسي کان اچي ها ۽ آئون ان طرف وڌي وڃان ها تہ پوءِ يقينن منهنجو موت واقع ٿي وڃي ها. جيڪڏهن آئون اهو الاهي آواز پنهنجي ڪنن سان خود نہ ٻڌان ،ها تہ آئون جيڪر ڪڏهن بہ ان ڪنڊ مان اٿي ان رستي جي طرف نہ وڌان ها. ان آواز جو لهجو هڪ حڪم ڏيڻ وانگر هو پر ان سان گڏوگڏ ان حڪم ۾ پنهنجائپ بہ هئي جنهن جي پوئواري ڪرڻ جڻ منهنجي مٿان لازم هئي."

اها روشني جيڪا ڪيس اتي نظر آئي هئي، تنهن باري ۾ اهو ماڻهو هيٺين ريت ٻڌائي ٿو:

"اها روشني زميني دنيا جي روشنيءَ کان بلڪل مختلف هئي. مون اهڙي روشنيءَ کي پنهنجي پوريءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ناهي ڏٺو. اها روشني ايڏي تہ تيز هئي جو جڻ آئون سج ڏانهن نهاري رهيو هئس. آئون جنهن جڳهہ تي ڦاٿل هئس اتي گهگهہ اونداهي هئي، پر تنهن هوندي بہ مون ان روشنيءَ کي ڇتي نموني ڏٺو پئي ۽ ان جي پويان هلندو بچڻ واري رستي کان ٻاهر نڪري آيو هئس. جيتوڻيڪ اها روشني تمام تيز هئي پر تنهن هوندي بہ ان منهنجي اکين کي ڏکايو ڪو نہ پئي ۽ نہ وري اها روشني اکين کي چڀي رهي هئي. ان روشني جو ڪو خاص رنگ وغيره ڪو نہ هو. بس اها تمام

چمڪندڙ ۽ روشن هئي.“

هڪ ٻئي موت جي مشاهدي ڪندڙ ماڻهوءَ ان ڪيفيت کي هيٺئين طرح بيان ڪيو آهي:

”اهو ٻين مهاڀاري لڙائي جو زمانو هو ۽ آئون ان وقت پيادل فوج ۾ سپاهي هئس. ان دوران مون کي هڪ اهڙو عجيب تجربو ٿيو جنهن کي آئون زندگيءَ ڀر وساري نہ ٿو سگهان. هڪ دفعي اسان هڪ عمارت منجهہ اندر هئاسين تہ اسان کي دشمن جو هڪ جهاز گولين ۽ بم وسائيندو اسان ڏانهن ايندو نظر آيو. زمين تي گولين جي نشانن جي رخ مان اها ڳالهہ پڌري پٽ صاف هئي تہ ڪجهہ لمحن اندر اهي گوليون اسان جي جسمن مان آرپار ٿيل هونديون ڇو تہ اسان بہ انهيءَ ساڳئي رخ جي زد ۾ هئاسين جنهن طرف گولين جو وسڪارو ٿي رهيو هو. مون کي پنهنجو موت بلڪل سامهون نظر اچڻ لڳو ۽ آئون ان وقت نهايت ڏڄي ويو هئس.

مون کي ان خوف ۽ هراس واري حالت ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿي آيو. امالڪ ان مهل مون کي ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ ڪو انتهائي آرام ۽ سڪون ڏيندڙ وجود مون سان گڏ بيٺل هوءِ اهو مون کي نهايت نهايت شفيق آواز ۾ چئي رهيو هو تہ ”تون نہ گهبراءِ.... آئون توسان گڏ آهيان. تنهنجي مرڻ جو وقت اڃان نہ آيو آهي.“ ان آواز جي ٻڌڻ کانپوءِ مون کي پنهنجي اندر بي انتها اطمينان محسوس ٿيڻ لڳو ۽ بعد ۾ آئون معجزاتي نموني انهن گولين جي بک ٿيڻ کان بچي ويس. ان ڏينهن کان پوءِ مون کي هاڻ ڪڏهن بہ موت کان ڊپ يا خوف محسوس نہ ٿيندو آهي.“

آخر ۾ هتي هڪ عورت جي تجربي بابت ٻڌايو وڃي ٿو جيڪا سخت بيمار هئي ۽ موت جي ڪنڌيءَ تي پهتل هئي. ان عورت جي بيان ۾ خاص ڳالهہ اها آهي تہ هن عورت کي غيبي طاقتن رهنمائي ڪئي تہ هو ڪهڙي نموني تندرست ٿي سگهي ٿي:

”ڊاڪٽر منهنجي بچڻ جي اميد هاري ويٺا هئا. انهن مون کي ٻڌايو تہ آئون مرڻ جي بلڪل ويجهو آهيان. مون کي ان وقت اهو محسوس ٿيو ڄڻ زندگي منهنجي بدن مان ٻاهر نڪري وئي هجي. مون پنهنجي چوطرف جي آوازن کي چٽي ريت پئي ٻڌو جيتوڻيڪ مون کي نظر ڪجهہ بہ ڪين ٿي آيو. ان وقت منهنجي من ۾ اها آس پڙڪي تہ ڪاش آئون وڌيڪ زنده رهي سگهان تہ جيئن پنهنجي ٻچڙن کي بهتر نموني پالي وڏو ڪري سگهان. ان وقت مون کي هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو نهايت ئي پيارو ۽ دل کي سرور ڏيندڙ هو. آئون ان وقت پوري هوش حواس ۾ هئس. ائين هرگز ڪو نہ هو جو منهنجا ڪن وڄي رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ آئون چوطرف جي ماڻهن جا آواز بہ صاف صاف ٻڌي رهي هئس. پر اهو غيبي آواز ٻين سڀني انساني آوازن مٿان غالب هو ۽ آئون کيس نهايت چٽي نموني ٻڌي رهي هئس. ان آواز مون کي چيو تہ جيڪڏهن آئون وڌيڪ زنده رهڻ جي خواهشمند آهيان تہ پوءِ مون کي ڏکيا ڏکيا ساهہ کڻڻ گهرجن ۽ ائين ڪرڻ سان آئون زندهہ بچي ويندس. مون ان

غيبي آواز جي هدايت تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. مون پيهر آواز ٻڌو جيڪو مون کي اجا بہ وڌيڪ ڏکيا ڏکيا ساهہ کڻڻ لاءِ همٿائي رهيو هو ۽ مون اجان بہ وڌيڪ ڏکيا ڏکيا ساهہ کڻڻ شروع ڪيا ۽ ترت مون پنهنجو پاڻ کي جسم اندر محسوس ڪيو ۽ مون اکيون کولي ڇڏيون. اتي موجود سيئي ڊاڪٽر نهايت اچرج منجهہ پئجي ويا. ڇاڪاڻ جو اهي سڀ منهنجي بچڻ جي اميد لاهي ويٺا هئا ۽ منهنجي مرڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. انهن کي اهو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪو آئون اهڙي معجزاتي نموني بچي سگهان ٿي. سندس ردعمل قدرتي هو ڇاڪاڻ جو اهو قدرتي آواز رڳو مون کي ئي ٻڌڻ ۾ آيو هو ۽ ڪمري ۾ موجود ٻيا ماڻهو ان آواز جي ٻڌڻ کان بلڪل لاعلم هئا."

16 . واپس اچي ٻين ماڻهن کي پنهنجي تجربي بابت ٻڌائڻ

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جيڪي ماڻهو موت کان پوءِ واريءَ ڪيفيت جي مشاهدن مان گذرن ٿا ۽ وري واپس دنيا ۾ موٽي اچن ٿا تن کي سندس ان مشاهدي جي حقيقي هجڻ ۾ ذرو بہ شڪ نہ هوندو آهي. اهڙن ماڻهن ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جي سچائيءَ ۽ ڪردار مٿان آڱر کڻڻ ممڪن نہ آهي، پر تنهن هوندي بہ هو جڏهن دنيا منجهہ اچي ٻين ماڻهن کي سندن ان حيرت ڀرئي لقاءَ بابت ٻڌائڻ چاهين ٿا تہ ڪين جاڻ ٿئي ٿي تہ دنيا اهڙين ڳالهين جي ٻڌڻ لاءِ اجا تيار نہ آهي. گهڻن کي تہ اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿي آهي تہ انهيءَ لقائن جي ٻڌائڻ دوران ماڻهو ڪين اهڙين نظرين ۽ نگاهن سان ڏسي رهيا هئا ڄڻ لقاءَ ٻڌائيندڙ ماڻهو پاڳل يا چريا هجن. ماڻهن جي اهڙي رد عمل ڪري موت جي واقعن جو مشاهدو ڪندڙ ماڻهو يا تہ چپ چاپ ٿي وڃن ٿا ۽ ماڻهن کي سندسن تجربي بابت نہ ٿا ٻڌائين يا وري هو صرف تمام ويجهن دوستن يا مٽن مائٽن کي ان تجربي ۾ شريڪ ڪن ٿا.

هڪ ماڻهو چوي ٿو:

"جيتوڻيڪ موت کان پوءِ واريءَ ڪيفيت جو ٻڌائڻ انتهائي دلچسپ آهي، پر آئون ماڻهن کي ان بابت ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ ان لقاءَ جي ٻڌڻ دوران ماڻهو مون کي ائين گهوريندا آهن ڄڻ آئون پاڳل يا چريو انسان هجان."

هڪ ٻيو ماڻهو ٻڌائي ٿو:

"مون ان لقاءَ بابت ماڻهن کي ڪافي وقت تائين ڪجهہ نہ ٻڌايو. آئون انهن لقائن بابت ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪجهہ بہ ٻڌائڻ لاءِ هرگز راضي نہ هئس. مون کي لڳو ٿي تہ ماڻهو انهن لقائن جون ڳالهيون ٻڌي منهنجي مٿان چٿرون ڪندا، ڇاڪاڻ جو آئون نہ ٿو سمجهان تہ ماڻهو انهن ڳالهين کي ٻڌي مون کي سچو سمجهندا بلڪ مون کي خدشو هو تہ الٽو اهي مون کي چوندا، "اڙي يار... هاڻ ڇڏ انهن ڊاڙن ٻٽاڪن کي... آخر تنهنجي انهن هٽراڏو گهڙيل قصن ٻڌائڻ جو مقصد ڇا آهي؟.

مون ڪافي دفعا سوچيو تہ آئون گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي خاندان وارن کي ان لقاءَ بابت ٻڌايان. اهو سوچي مون ڪين اهي سڀ ڳالهيون ٻڌايون جيڪي مون کي

طبي موت دوران نظر آيون هيون. مون پنهنجي خاندان کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ کي موت جي بعد جي لقائن بابت نه ٻڌايو آهي."

ڪجهه ماڻهن ٻين کي به انهن لقائن جي باري ۾ همراز ڪرڻ چاهيو ٿي، پر انهن ٻڌندڙن کين ايڏو ته رنجايو ۽ سندن مذاق اڏايو جو انهن اهو فيصلو ڪري ورتو ته هاڻ انهن لقائن بابت ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪجهه نه ڏسيندا. ڪجهه ماڻهن جي اهڙي قسم جي رد عل بابت ٻڌو:

مون صرف هڪ فرد کي پنهنجي ان موت جي مشاهدي بابت ٻڌايو آهي. جيڪا منهنجي ماءُ آهي. پر هن به منهنجي انهن ڳالهين تي ذرو به ويساهه نه ڪيو ڇو ته آئون ننڍيءَ ڄمار جو آهيان. پنهنجي ماءُ جي اهڙي رد عمل کي ڏسندي مون ان لقائن کي ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ کي نه ٻڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

مون پنهنجي گرجا جي پادريءَ کي پنهنجي ان موت جي مشاهدي بابت ٻڌايو. هن اها ڳالهه ٻڌي مون کي چيو ته اهو صرف منهنجي دماغ جو سوداءُ هو. سندس ان قسم جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ مون ان ڳالهه جو قسم کنيو آهي ته آئون آئنده ڪنهن به ماڻهوءَ کي انهن لقائن بابت ڪجهه به نه ٻڌائيندس.

آئون پنهنجي ڪاليج ۾ ڏاڍي مقبول آهيان. هرڪو مون کي پائيندو ۽ پيار ڪندو آهي. جڏهن مون کي ان موت جي مشاهدي جو نظارو ٿيو ته مون ماڻهن کي ان بابت ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون کي هر هنڌ چريو ۽ پاڳل سمجهي مذاق اڏايو ويو. ماڻهو منهنجيون ڳالهيون ٻڌي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳندا هئا ۽ آئون ڪاليج اندر هڪ قسم جي کل ٺٺجي وئي هئس. اهو حال ڏسي مون اهو سوچي ڇڏيو آهي ته هاڻ آئون ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجي ان عجيب لقائن بابت ڪجهه به نه ٻڌائيندس.

مون جڏهن پنهنجي اسپتال جي نرسن کي پنهنجي ان لقاءَ جي ڏسڻ بابت ٻڌايو ته انهن مون کي مشورو ڏنو ته آئون آرام ڪريان ڇو ته انهن ڳالهين صرف منهنجي دماغي خلل کي ٻئي ظاهر ڪيو.

هڪ ماڻهو هينئنءَ ريت چوي ٿو: "توهان کي جلد ئي پتو پئجي ويندو ته ماڻهو انهن لقائن کي ٻڌي ان مٿان ايترو آسانيءَ سان يقين نه ٿا ڪن، جيترو سولو توهان سمجهو ٿا. توهان مٿان اهو سمجهو ته ان دلچسپ لقائن کي ٻڌي هر ڪو ماڻهو انهن ڳالهين مٿان انڌو ايمان آڻي ڇڏيندو. اها توهان جي وڏي ڀل آهي."

انهن لقائن ڏسڻ وارن جو خيال هوندو آهي ته ان موت کان پوءِ واريءَ ڪيفيت جو مشاهدو صرف ان ماڻهوءَ کي نصيب ٿيو آهي ۽ دنيا جي ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ان جي ڄاڻ نه آهي. جڏهن اهڙن مريضن کي خبرپوي ٿي ته انهيءَ عجيب ۽ حيرت انگيز لقاءَ کي ڏسڻ وارو صرف اهو مريض ڪو نه آهي،

# خواجہ لياقت علي ”پنجتني“

سندس نالو لياقت علي آهي. پاڻ شهر ڪڍڻ ضلعي بدين جا رهاڪو آهن. سندس تخلص پنجتني آهي. پاڻ هن وقت ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ سنڌي اخبار ۾ فرائض انجام ڏيئي رهيا آهن. پاڻ بنيادي طور شاعر آهن. پاڻ 1970ع کان وٺي شاعري ڪري رهيا آهن. سندس شاعري پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ته جڻ ماڻهو ڪنهن پوساٽيل ماحول مان آزاد ٿيو هجي. سندس شاعري سمنڊ جي ڇولين جيان روح کي معطر ڪندڙ آهي. سندس شاعريءَ ۾ روزمره جي مشاهدن جو طرز عمل نظر ايندو ۽ جيڪو ڪجهه بيان ٿيل هوندو آهي. ان مان اسان کي ائين معلوم ٿيندو آهي ته اهو اسان جي اندر جو پنهنجو آواز آهي. هيل تائين پاڻ سنڌ ۾ ڪافي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. ان جو اندازو ان ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته هر شاعريءَ جي محفل ۾ سندس شرڪت کي اوليت ڏني ويندي آهي. پاڻ ڪافي عرصي کان وٺي شاعري ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري سنڌ جي عظيم، چوٽي جي شاعرن سان تعلق رهيو آهي.

هيل تائين سندس ڇپيل شاعريءَ جو تعداد هزارن ۾ آهن. پاڻ مشڪل سان شاعريءَ جي ڪنهن صنف کي ڇڏيو آهي. پاڻ حمد، نعت، نوحا، قصيدا، غزل، رباعيون، نظم، بيت ۽ مزاحيہ شاعري ڪري چڪا آهن. سندس شاعري اڪثر سنڌي اخبارن ۽ رسالن ڇپجندي رهندي آهي. جنهن مان سندس ذوق ۽ مقبوليت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. پاڻ سيني کان مٿي نوحا لکيا آهن. ان کان علاوه انقلابي شاعري بہ تحرير ڪئي آهي. جنهن ۾ سماج ۾ پيدا ٿيل برائين خلاف ۽ انقلابي نظرين جي پرچار لاءِ بہ قلم استعمال ڪيو آهي. هيئر موجوده وقت ۾ نوحن جي ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ رڌل آهن ۽ سنت مارڪيٽ ۾ ڪتاب آڻڻ جو ارادو اٿن. منهنجي دعا آهي تہ شل اهڙو پلور شاعر اسان کي پنهنجي معطر ڪندڙ شاعريءَ سان لطف اندوز ڪندو رهي. (آمين)

فيصل ميمڻ (حيدرآباد)

# غزل

میر محمد نوتکاڻي

جڏهن پيِ اسان کان هلي شام ويندي
پرين زندگي جي رلي شام ويندي
قسم سان سگهي تو جڏهن وار چوڙيا
زماني جيان هي جلي شام ويندي
اوهان پيِ اسان کي ڇڏي ڏور ويندا
رهي يار باقي ٿلهي شام ويندي
ڪٽي نيڻ مرڪي نهاريو اسان ڏي
اسان جي بہ گذري پلي شام ويندي
اوهان سان گذاريل گهڙين جي او سائين
ڪڏهن ”مير“ کي پيِ ملي شام ويندي.

# غزل

سرمد چانڊيو

لهر ۾ جو نهر جي دل آ پرين
تنهنجو گهر ٿي شهر جي دل آ پرين.
ڪيترو مان پاڻ کي وانجهو رکان،
پنهنجي توسان ٿهر جي دل آ پرين.
خواب نيڻن جو مقدر ٿا ٿين
آرسيلي سحر جي دل آ پرين
پيار آهي زندگيءَ جو سوم رس
نفرتن ۾ زهر جي دل آ پرين
درد جو لائو بہ لائو آ مگر
عاشقن وٽ بحر جي دل آ پرين
رات سان ٿي ڏينهن جو آ مرتبو
پهر سان هر پهر جي دل آ پرين
غور صحرا جي پٽن تي ڪو ڪري
ذرڙا ذرڙا ڏهر جي دل آ پرين
تو تہ هن کي هر گهڙي چيياٽيو،
پوءِ بہ ”سرمد“ ڏهر جي دل آ پرين.

# وائي

مايا ساگر اوڏ

چپن تي لاليءَ جيان
نيڻن ۾ ڪجل جيان
توکي پاتو مون پرين
ٽڏڙن ٽڏڙن ساهن ۾
گيت ۽ غزل جيان
توکي پاتو مون پرين
ڪوڙ تڪليفون هيون
هڪ تاج محل جيان
توکي پاتو مون پرين
مون نظر جا تو عيب ڍڪيا
جسم تي ململ جيان
توکي پاتو مون پرين
تون منزل هئين مٺا
هر ڏکي منزل جيان
توکي پاتو مون پرين
سينڌ پئي منهنجي نڪري
وارن ۾ بڪل جيان
توکي پاتو مون پرين
”ساگر اوڏ“ اڄ مرڪي
شرابيءَ پل جيان
توکي پاتو مون پرين
توکي پاتو مون پرين

## غزل

اداسي جکراڻي رسالدار

پٽر دليون، پٽر ماڻهو
اهڙا مليا اڪثر ماڻهو
لفظن سان ڪي هٽندا آهن
مرڪي،مرڪي خنجر ماڻهو
ڪوڙو ڪير آ ،ڪير سچو آ
سڀ ٿي ويندا ظاهر ماڻهو
پيار ڪيو آ ،پيار ڪنداسين
پل پيا ڪوٺين ڪافر ماڻهو
هر دم ،هر پل رهندا آهن
اڪثر دل ۾ دلبر ماڻهو
ڪي ڪي ماڪيءَ مصريءَ وانگر
ڪي لڳندا،هن توهر ماڻهو
ڇا لئہ اڪثر چونديندا ،هن
ڪوڙا ڪوڙا رهبر ماڻهو
نٽ پاڻن تي ڪاڻيندا، هن
راتيون اڪثر بي گهر ماڻهو
جکراڻي آ اڳ ۾ ڏتريل
تڙپائن ٿا ويتر ماڻهو

## غزل

وفا طالب مهر

خوابن جهڙا پرين،
حجابن جهڙا پرين.

تو ۾ ڪيڏو هڳاءُ آ،
گلابن جهڙو پرين.

ورق تنهنجا نيڻ،
ڪتابن جهڙا پرين.

اماس اڇٽي ناهي،
الماسن جهڙا پرين.

ساٿ سلامت رهندو
دعائن جهڙا پرين.

نيڻ تنهنجا منظر،
نگاهن جهڙا پرين.

طالب تنهنجو آهي،
وفائن جهڙا پرين.

## هائيڪا

ذوالفقار تالپر

انسان پيو ٻري
سامراج ڪيترو
ٿهر پيو ڪري

من ۾ اٿئي مير
تڏهن اچڻ ۾
ڪئي اٿي دير

چڱائي حاصلا
بد نيت ماڻهوءَ وٽ
گِلا ئي گِلا

سنڌين جو مرڪ
ميلن ملاکڙن ۾
ٽوپي ۽ اجرڪ

جڻ وڳو ساز
منجهند جو ڪمري ۾
ٻالڪ جو آواز

ڪنوٽن ڪيا ڪيل
وقت ويو لنگهي
هو نہ آيو هيل

## غزل

ناملوم شاعر

سمنڊ پهچي، پي ويجان مان، سو سراب، آءٌ آهيان
اهڙو تاسو جهڙو ڪاچو جي جناب، آءٌ آهيان

جنهنجو شمار جنهنجو چا پٽهارئي خدا آهي،
شاعريءَ جو سوڀ سنڌيءَ جو ڪتاب، آءٌ آهيان

رات اوندهہ مينهن، اوتر، هانوَ- لڙ ڪڙ ڪڙ ۾،
پو بہ چمندو وِچ ڪرنڊڙ جو شباب، آءٌ آهيان

ڪين قسمت ڪي مجان ٿو آءٌ پاڻ ڏوهي آهيان
جي مقدر ڪي مجان ٿو چو خراب آءٌ آهيان

ٻيٽ هڪ تي، هيرَ جهوُٽو جنهنجي پاند ۾ خوشبو
خواب ۾ ٻيو خواب تنهن ۾ ٽيو بہ خواب، آءٌ آهيان

ڪربلا کان ڄامشورو شهر شهر محشر آ،
ارتقا جو شور هندو انقلاب، آءٌ آهيان

سِج ۾ نہ تہ ٻج ۾ ئي جرڪ جاچجو منهنجي،
عرش تي نہ تہ فرش تي پر آب تاب، آءٌ آهيان"

رات ٿيو استاد ڏايو ڏات، ذات جو جهيڙو
جيت آخر گيت جي ٿي، ڪامياب، آءٌ آهيان

# غزل

## عزيز ڪوسو

پرين جي چير جو چمڪو
صبح جي پهر جهڙو آ.

سکي جي سونهن جو جلوو
سنڌو جي لهر جهڙو آ.

سجو چنچل بدن هُنجو
غزل ۾ بهر جهڙو آ!

چٽان ٿو روز پن پن ٿي،
وڇوڙو قهر جهڙو آ

ڏنو هن درد هر مون کي
قاتل ڪنهن زهر جهڙو آ

# غزل

## نامعلوم شاعر

بچپن جي ڪل آيل ڪي آ، جوين جو تون شاهد،
سونهن، سڪ جي پاڪر ۾ جو آءِ الا بي چين!

جام جواني، مٺي مستاني، پيءِ هيءِ جي جيءِ جاني!
چنگ وڄايون، چپڙا آهن چاهه سوا بي چين.

پيريءَ ڪي پاٽي ئي سمجهو پاٽي پڻ بي چين،
جوين بيشڪ باهه بخاري آڳ ـ الا بي چين.

# غزل

## نامعلوم شاعر

سڏي سِڪ ڍڪي دل، سَري ڪا نہ ٿي،
رنيي ڦر لڇي ڳِئون، چري ڪا نہ ٿي،

رئڻ سان نہ ٿي پيڙ پگهري ڏئم،
تہ پاٽيءَ ۾ پٿري ڳري ڪا نہ ٿي.

ڳسي ڪو تہ چو ڦيرڪيهون ڪري،
اهو ڪم بہ دنيا ڪري ڪا نہ ٿي.

محبت مري ڪا نہ ٿي، شڪريو
مصيبت بہ مولا مري ڪا نہ ٿي.

وِسائينس، دونهون ۾ ڏپ ٿي ڪري،
ٻري دل ٿي، چمني ٻري ڪا نہ ٿي.

وڏي ويڪري، ٿي پوي ٿي مگر،
ندي سمنڊ ۾ وئي وري ڪا نہ ٿي.

مٿان برف هيٺيان جوالو ڏڳي،
لِنيي ٿو چڏين دل ٺري ڪا نہ ٿي.

*........*........*



هڪ عورت جي ڪهاڻي جا گھر ۾ رهندي بہ پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ (اهي سنڌي جيڪي پرديس وڃي روزگار ڪمائين ٿا ۽ سنڌن زالون هندوستان ۾ رهن ٿيون) ڪان زماني جي وهنوار ۾ وڏيڪ رسيل ثابت ٿئي ٿي ۽ هن ڪان گوءِ ڪٽي وڃي ٿي. هڪ ٻي عورت جي ڪهاڻي جيڪا سنڌورڪي پتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ رستي تان ڀٽڪي وڃي ٿي ۽ پڇتاءَ لاءِ آپگهات جو سوچي ٿي. هڪ ٽين عورت جي ڪهاڻي جيڪا ٿانءَ ڌون ۾ پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ جي بي عزتي ڪنديءَ امئج وڃائي وهي ٿي. ناول جي نائڪا جيڪا سنڌورڪين جي زالن جي حالت ڏسي سوچي ٿي پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

# پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

حصو پهريون

گوبند خوشحالاڻي

**انهن عورتن جي ڪهاڻي جن جا گھروارا روزگار جي ڪري ڪين اڪيلو ڇڏي پرديس هليا وڃن ٿا**



## دروازي

وٽ لڳل بلب جو ٻٽڻ دٻائي نند در کلڻ جي انتظار ۾ بيهي رهي ٿو. هو ڪڏهن پنهنجي ڏسٽي آڱر ڏسي رهيو آهي تہ ڪڏهن بيل جو اوندهہ ۾ چمڪندڙ ٻٽڻ. اندران ڪنهن جي آهٽ ٻڌي هو اتسڪتا وچان پنهنجو ساڄو هٿ در ڏانهن وڌائي ٿو. در کلڻ ۾ ڪي گهڙيون وڌيڪ لڳي وڃن ٿيون تہ هو هٿ پري ڪري ٿو ڇڏي خير

آشا در کولي هن کي ڏسي مشڪي ٿي. در هڪ سوڙهي لابيءَ ۾ کليو آهي. پريان ڪاهي پاسي کان هڪ روم جو درکليل آهي، جنهن مان فلوريسنٽ ٽيوب جي روشني ٻاهر لابيءَ ۾ اچي رهي آهي ۽ ان روشنيءَ جا ترورا سوڙهي لابيءَ جي ديوارن تان موٽ کائي ٻاهر نند جي چهري تي پون ٿا. هو مشڪي ٿو ۽ محسوس ٿو ڪري تہ آشا فائدي ۾ آهي جو هوءَ ڪيس چڱيءَ طرح ڏسي رهي آهي. هُن جي پٺي روشنيءَ طرف آهي.

آشا چوي ٿي، "هلي آءَ، اڄ مون کي تنهنجو ئي انتظار هئو."

نند اندر داخل ٿئي ٿو سندس مشڪ ويڪري ٿي وڃي ٿي. "مون دير توريئي ڪئي آهي."

آشا در اندران بند ڪندي چوي ٿي،" مون ائين ڪٿي چيو."

نند ڪيس ڪلهن کان پڪڙي ڀاڪر پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر آشا پاڻ ڇڏائي هن روشنيءَ واري روم جي کليل در ڏانهن اشارو ڪري ٿي. نند چپ ڪري آشا کي اڳيان هلڻ ڏئي ٿو ۽ پاڻ سندس پٺيان وڃي ٿو. سامهون لابيءَ جي ڇيڙي تي هڪ بيڊروم آهي، جنهن جو در بند آهي، مٿان روشندان مان بتيءَ جي هلڪي روشني اچي رهي آهي. کليل روم جي سامهون هڪ بيڊروم پيو بہ آهي جنهن جو در بند آهي ۽ بتيون گل آهن.

هو اڃان ڪاهي پاسي واري روم جي در وٽ پهچن ٿا تہ ٻڌن ٿا اندر ڪوئي بلڪل گنڀير آواز ۾ چئي رهيو آهي، "هڪ ڊالر منهنجو بہ." هڪ زناني ٽهڪ جو وڏو آواز اچي ٿو پوءِ سڀ گڏجي کلن ٿا. مردانا ۽ زنانا ٽهڪ، هڪ وٽندڙ مسرڻ. "مسٽر ناروانٽي هي سائگان نہ آهي. انڊيا آهي انڊيا." ڪوئي چئي رهيو آهي.

"اوهہ، آءِ ايم ساري! روپيو منهنجو."

آواز ۾ اهائي گنڀيرتا آهي، پر هن دفعي ڪجهہ گهگهو. آشا اندر داخل ٿيندي پڙ پڙ ڪندي چوي ٿي جيئن صرف نند ئي ٻڌي سگهي. "مئي ڪي سڀ پيا چون تہ ايترو نہ پي."

ٻئي اندر داخل ٿين ٿا. اندر فرش تي هڪ وڏو نئون فراس وڇايل آهي. فراس تي هڪ پاسي ڪنڊ ۾ ڪجهہ گاديلا رکيل آهن جن تي ٽي عورتون ۽ چار پرش گول ٺاهي ويٺا آهن. هو سڀ پاڻ ۾ تاس راند ڪري رهيا آهن.

آشا چوي ٿي، "ڊئڊي، هي نند..."

پريان پيٽ سان ٽيڪ ڏيئي ويٺل هڪ شخص سڌو ٿي پاڻ سنواريندي چوي ٿو "اوهہ! ڪم آن ماءِ بواءِ. اسان توکي ايڪسپيڪٽ پئي ڪيو." پيءُ جي بلڪل پنهنجائپ ۽ حجت ڀريي ڳالهائڻ تي نند جو حوصلو وڌيو. آشا اتي بيهي رهي ٿي. هو جيتوڻيڪ سياويڪ نموني

ڇڏيو آهي. فلوريسنٽ ٽيوب جي سفيد روشنيءَ ۾ ساڙهيءَ جي ڳوڙهي ڪلر آشا جي اڻ ڏٺيل بدن جي حصن کي وڌيڪ سفيد بڻائي ڇڏيو آهي. نند آهستي آهستي بيئر پي رهيو آهي. سندس اکين مان فرحت جو احساس بکي رهيو آهي. آشا جي نظر ۾ نزاڪت آهي. هوءَ نينا جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ويٺي آهي.

ڪملا چوي ٿي، "روٽي لڳايون؟"

لعلچند هڪ سرسري نظر هر ڪنهن جي گلاس تي وجهي ويجي ٿو. گهڻو ڪري سڀ خالي ٿي چڪا آهن. بوتل ۾ ته هونئن به ڪجهه ڪو نه رهيو آهي. نند ڦڙتيءَ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ تڪڙو تڪڙو گلاس خالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

لعلچند، آسناڻي ۽ نارواڻيءَ ڏانهن منهن ڪري پڇي ٿو. "روٽي ڪٿي اچي نه؟"

"پلي." نارواڻي چوي ٿو.

روٽي کائڻ کان ترت پوءِ نارواڻي ننڊ اچڻ جي پڌرائي ڪري ٿو. هو هت ئي رهڻ وارو آهي. آڏواڻي ۽ سندس پتني ساڳئيءَ بلڊنگ ۾ مٿي رهندا آهن. آڏواڻي چوي ٿو "نارواڻي هل مٿي اسان سان گڏ. هت هڪ روم گروجن ويلاري ويٺا آهن. مٿي سکيو سمهندين."

"نه يار اهڙي ڪهڙي تڪليف آهي. ان بهاني لعلچند سان به گهڙيون وڌيڪ گذاريبيون." آسناڻي ۽ نينا پڻ وڃڻ جو اعلان ڪن ٿا. لعلچند آشا کي چوي ٿو. "پٽ تون ڪار ڪٿي هنن کي ڇڏي اچ. ساڳي ئي بلڊنگ ۾ ته رهن ٿا." رات جو اڪيلي نه موٽي ان لاءِ نند کي پڻ ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ چويس ٿو.

چاريئي ڄڻا اچي ڪار ۾ وهن ٿا. آشا ڊرائيور ٿي ڪري. نند چوي ٿو. "نينا پاپي سريش جو ڪهڙو حال آهي. ويجهي ڪا چٺي آئي اٿس؟"

نينا، "چٺي ته هفتي ۾ هڪ دفعو ايندي ئي آهي. هي مسٽر آسناڻي تازو ئي چار هفتا ٿيا ته اتان ئي آيا آهن. اسان جي بلڊنگ ۾ ئي فلئٽ اٿن. اتي پڻ هنن سان گڏ نئروبيءَ ۾ آهن."

نند آسناڻيءَ ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿو. "اتي توهان ڪهڙو ڌنڌو ڪندا آهيو؟"

"مون کي اتي ريڊي ميڊ گارمينٽس جو ڪم آهي. گورنمينٽ ڪانٽرئڪٽس سٺا ملندا آهن"

"گورنمينٽ ڪانٽرئڪٽس؟"

"ها، آفيس بواءِ جون ڊريسون، پوليس يونيفارم وغيره. گهڻو ئي ڪم آهي."

"پوءِ ته ڪاروبار تمام سٺو هلندو هوندو"

"ها! پر بقاءُ ڪونهي، پنهنجي ديش جهڙو هڳاءُ پيو ڪٿي ملندو؟"

"سريش جي سروس ڪيئن آهي؟"

"سٺي اٿس، سکيو ويٺو آهي. محنتي ماڻهو آهي، وري سيٺيون پڻ قدر ڪرڻ وارا اٿس. ترقي ڪندو."

"ها، اڃان ته پهرين ٽرپ اٿس."

ڪار اچي هڪ ڇهه ماڙ بلڊنگ وٽ بيهي ٿي. نينا ۽ آسناڻي ڪار مان لهي هنن کي مٿي اچڻ جي آڇ ڪن ٿا. جا هو شڪر گذاريءَ سان موٽائن ٿا. آشا ڪار ڦيرائي واپس هلڻ لڳي ٿي. ڪجهه اڳيان

ڪافيءِ جوڪوپ ٺاهي ڏي تہ جيئن
اوجاڳو ڇڱيءِ طرح ڪري سگهي."

"ڏاڍو سٺو." چئي نند ڍگهو ساهہ ٿو
کڻي.

"جو ڪافيءِ ۾ دلچسپي ڪونهي؟"

"مون ائين ڪٿي چيو؟"

"پوءِ ڍگهو ساهہ کڻڻ جو مطلب؟"

نند مشڪي چيو "خير ڇڏ هاڻ،
منهنجي ڏيان ۾هڪ رنگين ڳالهہ آئي
هئي."

"اڇا!ڪهڙي؟" آشا جڻ ڪجهہ بہ
نہ سمجهندي چوي ٿي.

نندڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چوي
ٿو "اڄ تہ ٻڌايانءِ."

"نہ بابا!" آشا پاڻ ڇڏائيندي چوي
ٿي، "ممي اڃان جاڳي رهي آهي. اچي نہ
وڃي." نند يڪدم ڪيس ڇڏي ٿو ڏئي.
ڪافيءِ جو ڪوپ وٺي پيئڻ ٿو لڳي.
مشڪي چوي ٿو "سڄي رات اوجاڳو
ڪرائڻو هئڻ تہ گهرايئہ ڇو؟"

"بس! هڪ رات جي اوجاڳي ۾
ٿڪجي پئين؟"

"هنن بيسود ڪم لاءِ تہ ضرور
ٿڪجندس. تولاءِ تہ ڪيتريون بہ راتيون
اوجاڳو ڪري سگهان ٿو."

"تہ هيءَ مون لاءِ نہ آهي؟"

"سچ! جي چئين تہ هيءَ تولاءِ آهي
تہ پوءِ مون کي ڪو افسوس نہ ٿيندو."

"ائين ٿي سمجهہ."

ڪافي خلاص ڪري ڪوپ پليٽ
رنڌڻي جي پليٽ فارم تي رکي ٻئي ٻاهر
اچن ٿا. آشا رنڌڻي جو در بند ڪري ٿي تہ
نند بلڪل آهستي چوي ٿو. "پوءِ
ڪيستائين انتظار ڪيان؟"

آشا بہ اوترو ئي آهستي چوي ٿي،
"ڀائي هت گهر ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪيئن
ٿو ڪرين؟"

"ان ۾ ڇاهي؟ چئہ تہ نہ ايندس."

"پر هو ڀائي صاحب"

"اهو تہ هونئن ئي پڙهڻ ۾ مشغول
آهي ۽ پوءِ بہ هوندو"

"ڇڱو ڏسان ٿي."

نند سياويڪ لحظي ۾ چوي ٿو
"ڇڱو مون کي ڪو ڪتاب تہ ڏي"

آشا کيس هڪ ناول ڏئي وڃي ٿي.
نند چپ چاپ پت کي ٽيڪ ڏيئي
ناول پڙهي رهيو آهي. رکي رکي ڀائيءَ
ڏانهن پڻ نهاري رهيو آهي. پهرين تہ هو
بلڪل ٺيڪ طرح پڙهي رهيو هئو پر پوءِ
آهستي آهستي کيس جهپڪيون اچڻ
لڳن ٿيون. رات جا اڍائي ٿي چڪا آهن.
ڀائي صاحب نند ڏانهن شوڪي نهاري
رهيو آهي. هن کي خار لڳي رهيا آهن تہ
سندس مٿان هي جاسوس ڇو وهاريو ويو
آهي. نند محسوس ڪري ٿو تہ هن کي ننڊ
اچي رهي آهي. ناول بند ڪري وڏي
سندس اڳيان اچي ٿو. "توهان جيڪڏهن
ڪجهہ آرام ڪرڻ چاهيو تہ ڀلي ڪري
وڃو. مان تيسين پڙهندس." ڀائيءَ جي
نظرن ۾ شڪر گذاريءَ جو احساس آهي.
کيس نند جي چهري تي قياس جا پاڇا نظر
اچي رهيا آهن. ڪجهہ شرمسار ٿئي ٿو پر
سمهڻ جي لالچ نٿو ڇڏي سگهي. هو اٿي
باٿ روم مان اٿي پاڻي پي سمهي ٿو پوي.
نند گرنٿ صاحب پڙهڻ شروع ٿو ڪري
ڪيتريون مصراعون ۽ دوها کيس سمجهہ

پنهنجي مرضيءَ سان، تہ سون ڪجهہ سستو ملي سگهي ٿو. هڪ ٻئي ڄڻي وٽان توکي پنجاهہ تولا پڻ ملي سگهن ٿا. پر سامهون ڪان غرض ڏيکاري وٺڻ وينديون تہ بازاري اگهہ کان ڪو خاص فائدو نہ ٿيندءِ.“

”ٺيڪ آهي يلا. ڏس جيترو ٿي سگهي جلد وٺي ڏج.“

”مان ڏسان ٿو.“

”پوڳ انڪل ٻين وڳي تائين پهچي ويندو. لبرٽي ۾ پنجين واري شو جون ٽڪيٽون آهن مون وٽ.“

”نہ يار هاڻ ڇهين وڳي ڪنهن سان اپائنٽمينٽ آهي.“

”بزنيز؟“

”بزنيز ۽ سوشل گڏ.“

”اهڙو ڪجهہ آهي ڇا جو تون اڪيلوئي وڃين؟“

”سچ اهڙي ئي آهي. ورنہ توکي پاڻ سان وٺي هلان. هڪ سهڻيءَ سان ملڻو آهي. توکي گڏ ڏسي حجاب ڪندي. فارين ايندي ويندي رهندي آهي. ڪجهہ ٻہ ڪٽي ايندي آهي تہ منهنجي معرفت ٺي نيڪال ڪندي آهي.“

”ڪير؟ مان بہ تہ ٻڌان.“

”مالتي، جا ڪجهہ وقت اڳ جي ڄڃڻہ ڪري اجان بہ مشهور فلم ڊانسر آهي. ان سان منهنجي واقفيت هڪ دوست ڪرائي هئي.. اڄ مهالڪشمي ڪلب ۾ ملڻي آهي.“

”هٿ لڳائڻ ڏيندي اٿيئي؟“

”اجان اوستائين نہ پهتا آهيون.“

”تہ پوءِ هيئن ڪر، هي ٻئي ٽڪيٽون تون کڻي وڃ. ديوانند جي پڪچر آهي، خوش ٿي ويندءِ شايد اوندهہ ۾....“ هو حرف ڪاٽي ٿو وڃي. ائين هنن جي ڳالهين جو سلسلو جاري آهي.

چانهہ پي ناروانٽي ۽ آڏواڻي سگريٽ ڇڪي رهيا آهن. ننداجان چانهہ پي رهيو آهي.

ناروانٽي چوي ٿو ”نند لعل ڪڏهن ڪئبريٽ ڏٺي اٿيئي؟“

نند ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ٿو ڪري.

”ڪڏهن ڪنهن ڪلب وغيره ۾ بہ نہ ويو آهين.“

”نڪو!“

آڏواڻي، ”ڪمال آهي، يار ڪهڙي سوسائٽيءَ ۾ ٿو رهين ان جي شايد توکي ڄاڻ نہ آهي.“

نند صرف مشڪي ٿو.

ناروانٽي، ”ڇنڇر ڏينهن ريگل هوٽل ۾ اسٽرپٽيز جو پروگرام آهي. مان تنهنجي لاءِ بہ سيٽ بڪ ڪرايان ٿو. اسان ٽيئي هلنداسين. ڪيئن هلبو نہ؟“

”ٺيڪ آهي، ڏسون هڪ دفعو اها بہ دنيا.“ ڇئي نند چانهہ جو پيالو هيٺ رکي ٿو. وري آهستي سان چوي ٿو. ”پر اهڙا پروگرام تہ چوري ڇپي هلندا هوندا نہ. ڪو رسڪ تہ ڪونهي لڳي ٿو هنن پاسي وارن جي ڳالهين مان توهان کي ڪا پريرٽا ملي آهي.“ هو رومال ڪڍي چپ اگهہ ٿو. آڏواڻي ڪو جواب ڪو نہ ٿو ڏئي، مشڪي رهيو آهي.

نارورانٽي چوي ٿو ”رسڪ ڪوئي ڪونهي. هنن جو سڀ بندوبست ٺيل هوندو آهي.“

تي زور سان هڪ مئي ٿو ڏئي. نينا پاڻ ڇڏائي ٿي وڃي. آسناٿي وسميءَ ۾ پئجي ٿو وڃي. هوءَ لابيءَ ۾ وڃي ٻاهريون دربند ٿي ڪري. آهستي آهستي وري اندر اچي ٿي ته آسناٿي ڪيس ڪمر ڪان پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. نينا پنهنجو سرير ڍلو ڇڏي هن جي هٿن ۾ سؤنپي ٿي.

پنهي مان ڪير به بتي ٺارڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. شايد سمڪ نه رهي اٿن.

آسناٿي جڏهن نئروبيءَ مان آيو ته ترت ئي سريش جي آنڊل بدڙي ڏيڻ لاءِ نينا وٽ ويو هئو. هن کي ڏسي اکن ڇڪن ٿي پيو. هن کي خبر هئي ته نينا اڪيلي رهندي آهي. هڪ دفعو واقفيت ٿي ته پوءِ روز ڪنهن ڪنهن بهاني هڪ به دفعو هن وٽ ويندو رهندو هئو. نئروبيءَ ۾ سريش جون اهڙيون ڳالهيون، حقيقي ۽ خيالي ڪندو هئو جيئن نينا کي وڻن. آهستي آهستي هنن جي واقفيت دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. اڄ پهريون دفعو هئو جو هو نينا کي پاڻ سان ٻاهر وٺي هلڻ لاءِ ميجائي سگهيو.

*.....*.....*

هال ۾ هلڪي روشني آهي. ٽيبل ڪجهه پري پري رکيل آهن. هنن جو ٽيبل اسٽيج کان چوٿين لائين جي وچ ۾ آهي. اسٽيج تي ڪجهه وڌيڪ روشني آهي. ڪاٻي ڪنڌ کان بئنڊ وارا آهن. هلڪو ميوزڪ هلي رهيو آهي. اسٽيج تي ڪيترائي جوڙا بال روم ڊانس ڪري رهيا آهن. لڳي ٿو ڊانس ڪندڙن مان ڪيترا بي دليو نچي رهيا آهن. هال ۾ حالانڪ اڄ وچ قائم آهي پر فرش تي پيل ٿلهي قالين جي ڪري آواز ڪو نه ٿو ٿئي. حاضرنين ۾ ڳالهائڻ بلڪل گهٽ آهي. ناروائي ۽ آڏواٽي سگريٽ ڇڪي رهيا آهن. رکي رکي ٽيبل تي پيل گلاسن مان بيئر پي رهيا آهن يا مڪسڊ گِرل مان گوشت جا ٽڪرا ڪانٽن سان کائي رهيا آهن. نند سگريٽ ڪانسواءِ هر ڳالهه ۾ سندن ساٿ ڏئي رهيو آهي.

هال ۾ تاڙين جو ٺهڪو پئجي وڃي ٿو. سنگيت جي ڌن بند ٿي وڃي ٿي. ڊانس ڪندڙ پڻ تاڙيون وڄائي رهيا آهن. آهستي آهستي هرڪو اچي پنهنجي ٽيبل تي ويهي ٿو. هڪ سمارٽ جوان اسٽيج تي اڳيان وڌي اچي ٿو. "ليڊيز ائنڊ جينٽلمين، نائو اسٽارٽس ڪئبريٽ، مس چايا ان لئٽن اميريڪن فنڪشن." هو پاسيرو ٿي وڃي ٿو. اسٽيج تي روشني جهڪي ٿي وڃي ٿي. ڳاڙهي، سائي، پيلي، رنگا برنگي روشنيءَ جا ترورا اسٽيج تي ڦرڻ لڳن ٿا. سنگيت بلڪل هلڪو ٿي وڃي ٿو. صرف ڊرم جو آواز بئنڊ جي سامهون واري پاسي کان مِس چايا ڊوڙندي اچي ٿي. اسٽيج جي وچ تي اچي منهن ٻانهن ۾ ڪري ويهي رهي ٿي. سنگيت جو ردم ڪجهه تيز ٿئي ٿو. هوءَ ڦڙتيءَ سان ٻانهن مان منهن ڪڍي حاضرنين ڏانهن ڪري ٿي. اسٽيج جي وچ تي ويهي ڪمر لوڏائيندي رهي ٿي. سنگيت جي لئه ڪمر جي لوڏ جو بلڪل پوريءَ طرح ساٿ ڏيئي رهي آهي.

نند کي چايا جو چهرو ڪٿي اڳ ڏٺل محسوس ٿي رهيو آهي. هن جو سياويڪ ڊانس ۾ چاهه وڌي ٿو. روشني ايتري آهي جو اسٽيج جي هرشيءَ ڏسي سگهجي ٿي.

جذبات ڏکايا."

"ائين نہ چئہ، توکي خبر نہ آهي، مون کي اڄ ڪيتري خوشي ٿي آهي. هڪ تہ توسان اوچتي ملاقات، وري تون ڪوشش ڪري مون سان ملڻ لاءِ ڪهي آيو آهين. ڇا تو سان ٻہ گهڙيون ويهي ڳالهيون بہ نٿي ڪري سگهان؟"

"تہ پوءِ سپاٽي گهر اچين ٿي؟"

"ٺيڪ آهي پلا، پنهنجي هُن کي بہ سڏائجَ."

نند مشڪي چوي ٿو" روئڻ ڪونہ ايندو؟"

هو بہ مشڪي چوي ٿي،"ڇا ڪبو؟ جذبات تي ڪنٽرول تہ ڪرڻو پوندو."

نند ڪيس ائڊريس لکي ٿو ڏئي.

"سپاٽي منجهند جو ڪانو اُتي."

نمو ڪيس هڪ ويڪري مشڪ ڏئي ٿي. هو اتي ڪڙو ٿئي ٿو. نمو هن کي هيٺ اسٽيج تائين ڇڏڻ اچي ٿي.

نند جي اسٽيج پار ڪرڻ کان ترت پوءِ وري بئنڊ چالو ٿي وڃي ٿي. ڪجهہ جوڙا اتي ڊانس ڪرڻ لڳن ٿا. ڪيترن کي باترتيب ڊانس نہ اچي رهي آهي، پر مڙيئي هٿ پير هلائي جهومي رهيا آهن.

ناروانٽي چوي ٿو "يار هل تہ پاڻ بہ ڪجهہ هٿ پير هلايون."

"ڪنهن سان؟" آڏواٽي پڇي ٿو.

"اسٽيج تي هل تہ ڪير نہ ڪير ملي ويندو."

"ڇڏ يار مشڪري هڪ تہ اسان جي عمر جون ڪي عورتون آهن ڪونہ ٻيو ڇڙن جو اڳيان وڃڻ غلط سمجهيو ويندو."

ناروانٽيءَ جو ڌيان اسٽيج طرف آهي. چوي ٿو. "هو ڏس، هن اڇي ڪوٽ واري جوان کي.گهڙي گهڙيءَ ساڳي ڇوڪريءَ کي پڪڙي ٿو اچي، پرهوءَ پڇي وڃي ٻين سان ڊانس ٿي ڪري. ڇوريءَ جي پٺيان بہ ٽي ٻيا بہ جوان آهن."

"يار ڇوري آهي بہ واهہ جي.... اڙي هو ڇوڪرو تہ سينگاپور واري جهمٽمل وڇاڻيءَ جو پٽ آهي."

"تون سڃاڻيس؟"

"چڱيءَ طرح. سينگاپور ۾ تہ اسان جي چڱي اڄ وڃ هوندي هئي. سٺو شريف ڪٽنب آهي. هوءَ ڇوڪري هن جي جوءِ آهي."

ڇوڪري هڪ جوان سان ڊانس ۾ محو هئي تہ هڪ دفعو وري هو ڇوڪرو هٿ کان ڪيس ڇڪي پاڻ وٽ وٺي ٿو اچي. ڇوڪريءَ کي سٺو نٿو لڳي. ڪڙيءَ واري چمپل جي ٺڪ ٺڪ ڪري خارن ۾ اڳيان وڌي ٿي تہ ڪِري ٿي پوي. هو ڇوڪرو هٿ ڏيئي ڪيس اٿاري ٿو. ڇوڪري بئلنس سنڀالي پڙ ڪري ڇوڪري کي چماٽ ٿي ٺڪاءَ ڪري. هال ۾ هلڪو گوڙمچي وڃي ٿو. ڇوڪري ترت ٻاهر نڪري وڃي ٿي ۽ ڇوڪرو بہ ڪنڌ جهڪائي هن جي پٺيان هليو وڃي ٿو.

ناروانٽي مشڪي چوي ٿو"ڇا تہ چماٽ هڻڻ جي اسٽائيل آهي. ڇوريءَ مڙس کي هڻين آهي. هن گڏهہ کي بہ سمجهڻ کپندو هئو تہ ڏارين جي سامهون هن نموني لٽڪ لٽڪ نہ ڪبي آهي. گهر وڃي فهمائش ڪريس ها."

"ڪجهہ بہ چئہ يار هي نيڪ نہ ٿيو. ڇوڪريءَ کي بہ سمجهڻ کپندو هئو تہ ڪيئن ٿي مڙس جي سامهون ڏارين سان هن نموني مٽڪ ڪري ڊانس ڪري. هڪ دفعو ٿي آيس تہ وري وڃڻ نہ کپندو هئس."

"پر يار هو ڇورا جو هر هر پٺيان پيا پونس."

"سو بہ جڏهن ڇوري لفٽ ڏيندي هوندن تڏهن نہ. ورنہ ڀي ڪنهن ڇوريءَ جي پٺيان ڇو ڪو نہ هئا؟"

"صحيح ڳالهہ آهي. جيڪڏهن سمجهي پئي تہ مڙس تنگدل آهي ۽ ڳالهہ نہ ٿي وڻيس تہ استيج ڇڏي هلي وڃي ها."

آڏواڻي ٿڌو ساهہ کڻي چوي ٿو "يار ڇوري ڇڙواڳ قسم جي آهي. اهڙيون ڳالهيون اتي بہ ٿينديون هيون. هن مائٽيءَ کانپوءِ جهمٽمل جي عزت آبروءَ کي ڪجهہ ڌڪ تہ لڳو هئو. سڀ پيا چون تہ هيءَ مائٽي جهمٽمل پئسو ڏسي ڪئي آهي ۽ ڇوڪريءَ جو ڪميون نظر انداز ڪيون آهن. باقي ڇوڪرو تہ لاڪيٽو آهي."

"ڇوا اتي بہ ڇوري مڙس کي ڇماٽون هڻندي هئي ڇا؟"

آڏواڻي مشڪي چوي ٿو "نہ اهڙي ڪا ڳالهہ تہ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ آئي هئي."

"جهمٽمل ڇا ڪندو آهي؟"

"ٽيڪسٽائيلس جي دلالي ڪندو آهي. پئسي ٽڪي سامهون واري پارٽي هن کان سو دفعا وڏي."

نند استيج تان هيٺ لهي ڏسي ٿو تہ نينا ۽ آسناڻي وڃي چڪا آهن. هو اچي پنهنجي ٽيبل وٽ ويهي ٿو رهي. هنن ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي. هن واقع کان پوءِ استيج تي ڪجهہ هلڪو گوڙ ڇانئجي وڃي ٿو. ماڻهو ٻن ٻن، ٽن ٽن جي گروپن ۾ ڪجهہ ڳالهائي رهيا آهن. بحث ڪري رهيا آهن. آڏواڻي ۽ نارواڻيءَ جو ڌيان نند ڏانهن وڃي ٿو تہ اتي هلڻ لڳن ٿا. ٽيئي ٻاهر اچن ٿا.

آڏواڻي ڪار هلائي رهيو آهي. ٽيئي اڳيان ويٺا آهن.

نارواڻي مشڪي چوي ٿو "نند لعل ڪيئن ڏٺئہ نہ ناٽڪ؟ سچ پچ مِس ڪرڻ جهڙو نہ هئو" آڏواڻيءَ ڏانهن مخاطب ٿي کلي چوي ٿو "آڏواڻي يار ڇمات هڻڻ جو انداز اڃان بہ مون کان نٿو وسري لڳي ٿو ڇوڪريءَ کي ڪافي پريڪٽس آهي."

آڏواڻي چوي ٿو "ڇڏيو يار وڃي سڪ ۾ پون. پنهنجو ڇا وڃي؟"

نارواڻي، "نند، لعل،هوءَ ڇايا تو سان ڪاليج ۾ گڏ هئي؟"

"جي! فرسٽ ايئر تائين گڏ هئي. پوءِ مان تہ ڪاليج ڇڏي ويس جو ميڊيڪل ۾ داخلا ملي ويئي. هوءَ ڊرامن وغيره ۾ پارٽ وٺندي هئي. ان ڪري وڌيڪ واقفيت هئي."

آڏواڻي، "هاڻ خبر اٿئي ڪئبريٽ ڪلاڪارن جي فرسٽ رئنڪ ۾ آهي"

نارواڻي، "خير سو تہ هوندو ئي. هڪ تہ خوبصورت ۽ سڊول آهي وري آرٽ پڻ اٿس. هڪ سيڪنڊ بہ بور ڪو نہ ڪيائين."

نند هنن جي ڳالهين مان بور ٿيڻ لڳي ٿو. آڏواڻي چوي ٿو "نند لعل،

ضرور چوڪرن ۾ ڪي گڻ ڏٺا هوندائون، هنن جي پيءُ جي چڱي رائي رسائي هوندي.“

”اڙي ائين نہ آهي. توکي اڃان دنياداريءَ جي خبر نہ آهي ڪملا. ڪيترائي اهڙا فراخدل سيٺيون پيا آهن جي پنهنجن ملازمن جي ٻارن جي ڀلائيءَ لاءِ قرض تہ ڇا پر اِئين ئي خرچ پيا ڪن.“

”چڱو جي توهان کي اميد آهي تہ ڀلي ڳالهہ ڪيوس.“

لعلچند جڻ ٻڌي نہ رهيو آ هي.

”آشا بہ تہ اسان جو اڪيلو اولاد آهي. هيڏي ساري ملڪيت ڪنهن جي؟ ان جي ئي نہ. هونئن بہ مون شانتيءَ جي شاديءَ جو سمورو خرچ پنهنجي ذمي واري ڇڏيو آهي.“

”ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪسر نہ رکندا تہ توهان کي ڪو چڱو چوڪرو ملي سگهي ٿو.“

”پر شان مان وارو بہ تہ هجي نہ؟ تون چئين ٿي پاٽس نند جهڙو ئي آهي. نند سٺو چوڪرو آهي. پاٽس بہ پڙهيل لکيل آهي. سٺي نوڪريءَ ۾ آهي. ماني مڇيءَ وارا آهن. اهڙو گهر ملڻ مشڪل آهي.“

”آشا لاءِ سولو ملي ويو اٿو.“

”اها ئي ڳالهہ آهي. تون سمجهين ٿي تہ هو سولائيءَ سان ڪنهن بہ قرباني ڪرڻ ڪانسواءِ آشا سان شادي ڪري اسان جي سموري ملڪيت جو وارث ٿئي.“

”ملڪيت ملڪيت ڪري اڇي ڦاٽا آهيو. هو ڪو توهان کان گهري ٿو ڇا ڪجهہ؟“ ڪملا چڙي وئي ٿي.

لعلچند صبر سان چوي ٿو ”ڪملا ائين نہ آهي. هو گهري نہ گهري. هن جي من ۾ ضرور ائين هوندو تہ هيءَ سموري ملڪيت سندس ئي ٿيڻي آهي. ڏٺي وائٺي ڳالهہ آهي. آشا ئي تہ اسان جو واحد اولاد آهي.“

”سمجهو ڇا ..... پڪ ئي پڪ هو توهان جي ڳالهہ نہ مڃيندو. پوءِ توهان ڇا ڪندا؟“

”ڇا ڪندس؟“

”اهو ئي تہ پڇان ٿي. ڳالهہ ڪري ناڪاري جواب ٻڌجي، ان کان تہ نہ ڪرڻ ئي بهتر.“

”ڇا ڪندس، اهو بہ سوچي ڇڏيو اٿم.“

”مان بہ تہ ٻڌان.“

”آشا لاءِ رشتو پوءِ مون کي قبول نہ آهي.“

”متان ڪٿي دماغ خراب ٿيو اٿوَ.“ ڪملا جوش ۾ ڳاڙهي ٿي وڃي ٿي. لعل چند اکيون ڦوٽاري ڏانهس نهاري ٿو.

”خبر اٿو ڳالهہ ڪيتري حد تائين پهچي چڪي آهي.“

”ڪهڙي؟“ لعلچند کهري آواز ۾ چئي ٿو.

”هنن ٻنهي جي سنبنڌ جي ئي ڪهڙي؟“

”ان لاءِ بہ تہ تون ئي جوابدار آهين. مان پرديس ۾ ٿو ڌڪا کان ڪنهن جي آسري؟ هت تہ تون ويٺين آهين. ڳالهہ کي اڳتي وڌڻ ئي ڇو ڏنو ٿو؟ مون کي چٺي بہ نہ لکيہ ان باري ۾ ڪڏهن. ٽي سال جهوني ڳالهہ آهي. اڳئين دفعي آيس تڏهن بہ

ڏينهن وڌيڪ اظهار ڪندي پئي ويئي.
نند کي ائين تہ هن لاءِ ڪافي همدردي هئي ۽ هن کي وڻندي بہ هئي، پر ڪيس هن جي بي باڪي ۽ ضرورت کان وڌيڪ چنچلتا هر دم اکرندي هئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ان وقت هو پيار محبت جي چڪر ۾ اٽڪي پنهنجي ڪئريئر کي ڌهرم رسائڻ جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نہ هئو.

ڊرامي واري واقع کان پوءِ ٻنهي جو اڪيلائيءَ ۾ گڏجڻ ٿيو. نند کي ڪا شڪايت ڪونہ هئي پر نموءَ ان ڳالهہ جي اوٽ ۾ پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو هئو.

"نمو مون کي تنهنجي جذبات جو پورو پورو قدر آهي، پر هي وقت اسان جي اپياس جو آهي. اسان کي ڪجهہ ٻڻجڻو آهي."

"پوءِ ڇا، هونئن نہ ٻڻجي سگهنداسين ڇا؟"

"نہ بہ ۽ ها بہ.پر اجايو رسڪ ڇو کڻون."

"نيڪ آهي، مان تہ زندگيءَ پر انتظار ڪري سگهان ٿي. صرف آئت هجيم......"

نند کيس وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو هئو "زندگي تمام وڏي ڳ آهي. صرف ڪجهہ سالن لاءِ بہ ائين نٿو چئي سگهجي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟"

نند کي اِهو وشواس هئو تہ جيڪڏهن هو ڪيس سڌيءَ طرح چوندو تہ سندس دل ۾ هن لاءِ اهڙي ڪا جڳهہ نہ آهي جنهن کي پيار چئجي تہ هوءَ ضرور ان لاءِ ڪارڻ پڇندي ۽ ڪارڻ ٻڌائڻ جي همٿ هن ۾ نہ هئي. ڪجهہ بي ترتيب خيال هئا. امپريشنس هئا.

نموءَ لاءِ ان ڏينهن واري ڳالهہ ٻولهہ ڪافي هئي. باقي سڄي ٽرم ۾ هن وري ان باري ۾ نند سان نہ ڳالهايو هئو ۽ نہ ئي ڪانئس ڪو سبب پڇيو هئو.

نند پاس ٿيو. ميڊيڪل ڪاليج ۾ آيو. نموءَ جو ڪلاس ڪو نہ آيو. ميڊيڪل لاءِ داخلا نہ مليس. ساڳئي ئي ڪاليج ۾ سائنس جي ڊگريءَ لاءِ پڙهائي چالو رکيائين.

آشا ڪافيءَ جي ٽري کڻي روم ۾ داخل ٿئي ٿي. نمو مخزن ڏسي رهي آهي. بلڪل گنڀير آهي. نند پنهنجن خيالن ۾ گم سم آهي. ڪن پلڪ لاءِ آشا وائڙي ٿي وڃي ٿي. ڪافي ٽپائيءَ تي رکندي چوي ٿي، "ڇو ڇا ڳالهہ آهي؟"

نمو مشڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ترت ئي هڪ ويڪري مشڪ سندس منهن تي ڦهلجي وڃي ٿي. سندس چهرو ٻهڪي اٿي ٿو. "مان آئي آهيان توسان ڳالهيون ڪرڻ ۽ هت اچ تہ تون گم." هوءَ بلڪل حجاٽتي نموني چوي ٿي.

نند پڻ پاڻ سنڀالي چڪو آهي. چوي ٿو "ڪيئن مٽي جو سور لهي ويو؟"

"ها ائين نيڪ آهي. رنڌڻي ۾ ويس تہ مميءَ چيو روٽيءَ ۾ اڃان دير آهي. مون چيو مانس تيسين ڀلا ڪجهہ ڪافي ڏيو تہ سستي لهي."

"بلڪل سٺو ڪم ڪيو اٿيئي."

ٽيئي ڄڻا ڪافي پيئڻ لڳن ٿا.

(بقايا آئنده شماري ۾ پڙهندا)

٭......٭......٭

## "ڪرزما" ڊائجسٽ جي خريداريءَ جي لاءِ
## ——هيٺين سان لهه وچڙ ۾ اچو:——

ڪراچي: راشد مسعود: 021-2750379، 0300-2118454

اتر وارا ضلعا: امر اياز مهر، سنڌيڪا اڪيڊمي، زونل آفيس، سکر. فون نمبر: 071-5628368، 0301-3433848

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، ٿرپارڪر ضلعا ۽ ڪوٽڙي فاروق ٻهائي 0222-617313 0300-3017413، 0321 - 3041291

ٿر ضلعو: ڪشور ڪمار، ٿر ڪتاب گهرمٺي، فون نمبر: 0232-261968

بدين (شهر): عبدالغفور پيپر ايجنسي، بدين، فون نمبر: 0297-861652

نواب شاهه ضلعو: ريحان برادرس، فون نمبر: 0244-360098

دادو ضلعو: سليم نيوز ايجنسي، دادو، فون نمبر: 0254-611315، 0301-3494392

ميرپور خاص: اقبال نيوز ايجنسي، ميرپور خاص، فون نمبر: 0233-872245، 0300-3312403

سانگهڙ ضلعو: عزيز منگي، سانگهڙ فون نمبر: 0235-542182، 0333-2913588

ٺٽو ضلعو: ندو ميچارو سجاول، فون نمبر: 0301-3317259

خيرپور ضلعو: تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس، فون نمبر: 0243-554293

سکر ضلعو: ملڪ محمد اسحاق، الفتح بڪ اسٽال، فون نمبر: 071-5613548

لاڙڪاڻو: فيض محمد چچڙو، رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.

شهدادڪوٽ: عبدالڪريم شيخ، ڪرن نيوز ايجنسي، فون نمبر: 074-4013435

شڪارپور، مرتضيٰ ابڙو.

پنو عاقل: لالچند عرف لالو، سني بڪ اسٽال، پنو عاقل، فون نمبر: 071-5691989

سئي گٽس علائقو (خيرپور ميرس): مير حسن ويسر، 0300-3138087، 0243-614201، 0243-614065

جيڪب آباد: علي مردان، جمالي نيوز ايجنسي، جيڪب آباد.

روهڙي (شهر): محمد علي شيخ، ريلوي اسٽيشن.

ڪشمور: گلزار حسين شيخ، نيوز پيپر سپلائر، فون نمبر: 0722-577773

نوشهروفيروز: غلام مرتضيٰ ڪنڊ، فون نمبر: 0333-7092392، 0300-3990825

ڪنڌڪوٽ: شملا پرنس، نيوز ايجنسي، ڪنڌڪوٽ، فون نمبر: 0722-573102

گمبٽ، راڻي پور، ڪنب، ڪوٽڏيجي، سوبوديرو: غلام قاسم گوپانگ، روشن علي ملڪ نيوز پيپر ايجنٽ، فون نمبر: 0243-640626، 0243-640243

ٺئون ديرو: سڪندر علي ٻرڙو، اخبارفروش، ٺئون ديرو.

رتوديرو: الطاف پرويز پٺو، رتوديرو

ڪنڊيارو: قائم خاني نيوز ايجنسي، ڪنڊيارو